سنڌي ٻوليءَ ۾

# انگن جو ادبي ڪارج

ڊاڪٽر غلام قادر رسومرو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

# سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن جو ادبي ڪارج

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ
1424ھ / 2003ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (78)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن جو ادبي ڪارج

تحقيق ۽ ترتيب: ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

ڇاپو: پهريون

سال: 1424 هجري/ 2003ع

تعداد: 500

قيمت: 200 رپيا، 20 ڊالر، 12 پائونڊ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Catalogue Reference**
Soomro, Ghulam Kadir
Sindhi Language
Literary function of Numerals in Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 969-8194-21-5

## Literary function of Numerals in Sindhi Language

By: Dr. Ghulam Kadir Soomro
Edition: First, 2003
Quantity: 500
Printed by: Sindhi Adabi Board Press, Jamshoro
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad 71000 Sindh, Pakistan
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
Tel 0221-9240050-53
Fax 0221-9240051
E-mail. sindhila@yahoo.com, sindhila1@hotmail.com
Price: Rs. 200/=, $ 20.₤ 12

# ارپــنا

پنھنجي محترم اُستاد، سائين ڏنل بخش ساند مرحوم
جي نالي
جيڪو لکندو رھڻ لاءِ ھميشه تاڪيد ڪندو رھندو ھو.

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ● ناشر پاران | 7 |
| ● پنهنجي پچار | 9 |
| ● مقدمو | 17 |
| ● باب پهريون | 115 |
| ● باب ٻيو | 337 |
| ● باب ٽيون | 431 |
| ● انگريزيءَ ۾ تعارف | III |

# ناشر پاران

ڊاڪٽر غلام قادر سومري جو هي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن جو ادبي ڪارج" هڪ نئين ۽ دلچسپ موضوع تي لکيل آهي، جنهن سان ڊاڪٽر صاحب پنهنجي تحقيقي مطالعي جي روشنيءَ ۾ خوب نڀايو آهي. اسان هي علمي ۽ تحقيقي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي شاگردن، استادن، ليکڪن، عالمن، محققن ۽ عام ماڻهن آڏو پيش ڪندي نهايت خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ٻولي ۽ انساني ترقيءَ سان لاڳاپيل هر موضوع تي علمي ڪتاب مهيا ڪري ڏيڻ جي ڪوشش ۾ سهڪار ڪندي ڊاڪٽر غلام قادر سومري سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن جي ڪارج ۽ استعمال بابت هي علمي ڪتاب ٻن حصن ۾ تيار ڪري ڏنو آهي. ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ مهاڳ طور، موضوع ۽ ڪتاب جو متن سمجهائڻ لاءِ جامع معلومات مهيا ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ ٻيو حصو متن (text) تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ٽي باب آهن. پهرئين باب ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن تي آڌاريل پهاڪن ۽ اصطلاحن جي تشريح ڪري موضوع جي مددي مواد طور نثر توڙي نظم ۾ مثال ڏئي، سمجهاڻي ڏني وئي آهي. ٻئي باب ۾ گهٽي تعداد وارن انگن، توڙي هيٺ ڪان مٿي ۽ مٿي ڪان هيٺ استعمال ٿيندڙ انگن جي استعمال سان گڏ اڻپورن انگن جي استعمال ۽ انهن جي ڪارج بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني وئي آهي. هن حصي جو ٽيون باب اڻپورن انگن تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ مثال ۽ حوالا ڏئي موضوع سان نڀايو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هي ڪتاب هڪ انوکي ۽ نئين موضوع تي آڌاريل آهي ۽ يقينن هن ڪتاب جي اشاعت، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ اوسر واري ڏس ۾ هڪ اهم قدم ثابت ٿيندي. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن، محاورن،

لهجن، اصطلاحن، چوڻين ۽ پهاڪن جي معنيٰ، استعمال ۽ انهن جي سماج تي پوندڙ اثرن جو بهتر نموني جائزو وٺڻ لاءِ هڪ رٿا جوڙي رهي آهي ته جيئن هن اهم موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ علمي مواد مهيا ڪرڻ سان گڏ انهن جي استعمال کي هٿي ملي سگهي. اسان جي ڪوشش آهي ته انساني سماج جي مختلف موضوعن ۽ مامرن تي علمي ۽ تحقيقي ڪتاب پڙهندڙن کي ميسر ڪري ڏيون. هي ڪتاب به ان سلسلي جي هڪ ڪوشش آهي.

اسان ڊاڪٽر غلام قادر سومري جا ٿورائتا آهيون، جنهن صاحب هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ اسان سان مڪمل سهڪار ڪيو ۽ پروفن پڙهڻ ۽ سڌارڻ جو سمورو ڪم به پنهنجي ذمي ڪنيو.

اسان کي اُميد آهي ته هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙن ۽ محققن لاءِ اهم مددي ۽ حوالاجاتي مواد طور ڪم ايندو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ هڪ مثبت واڌارو ثابت ٿيندو.

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو
چيئرمئن

10 اپريل، 2003ع
حيدرآباد- سنڌ

# پنهنجي پچار

سنڌي زبان پنجن هزارن سالن کان وڌيڪ قديم هئڻ جي ناتي، وقت جي وارياسن تان پنهنجو سفر جاري رکندي، هزارين انقلابن سان مُنهان مُنهن ٿيندي، ڌارين جي هوَسيندڙ نظرن کان پاند ڇڏائي، پاڻ کي سلامت رکندي آئي آهي، ۽ اڄ دنيا جي شاهوڪار ۽ ترقي يافته زبانن ۾، اڳي کان اڳري، صَف اول ۾ قطاري نظر اچي ٿي.

اسان جي دعويٰ آهي ته 'سنڌي' انيڪ خُوبين سان سنواريل سينگاريل هڪ وسيع زبان آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اکيچار خصلتن مان ڪهڙيون ڳڻائي ڪهڙيون ڳڻائجن!

سنڌي زبان کي اهو اعجاز حاصل آهي ته ان ۾ هر موضوع تي جهجهو مواد ملي ٿو. سچ ته 'وکر' ونڌيو پيو آهي. ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي ته وکريل وکر کي هڪ جاءِ ڪري، چند ڇاڻ ڪري متروڪ، نظر انداز ۽ ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي.

سونهاري سنڌي ٻوليءَ جي وسعتن تي تحقيق ڪندي، هڪ انوکو موضوع سوال بنجي ذهن تي ايريو ته سنڌي ٻوليءَ ۾، انگن جي استعمال جي اهميت ڪهڙي آهي؟ انگن ۾ ڪهڙو اسرار سمايل آهي؟ انگن جي اسرار کي سمجهڻ ۽ زندگيءَ جي وهنوار ۾ انگن جي اهميت ۽ ڪارج کي کولي ظاهر ڪرڻ لاءِ مختلف ڪتابن، خاص ڪري سنڌي شاعريءَ جي شهپارن جي اڀياس کي هٿ ۾ کنيو ويو. انهيءَ ڏس ۾، مهينن جي لڳاتار ڪوشش ۽ رت ولوڙ کان پوءِ، ڪوڙ سارن ڪتابن جي تنقيدي مطالعي جي نتيجي ۾، جن جو وچور، هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهي، انگن تي آڌاريل ۽ انهن سان لاڳاپيل لفظن، فقرن، محاورن، اصطلاحن، پهاڪن، چوٽين وغيره جو چڱو موچارو مواد ڪٺو ٿي ويو.

انهيءَ دوران سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرمئن ۽ محقق ڊاڪٽر نواز علي "شوق" هڪ ملاقات ۾، تحقيق جي حوالي سان ڪنهن

اڳ ۾ نہ لکيل، نئين ۽ انوکي موضوع تي لکڻ جي فرمائش ڪئي، سندن خواهش جي تڪميل لاءِ، مٿي ذڪر ڪيل موضوع تي پنهنجي ميڙ چونڊ ڪي چندي چائي، سوڊي سنواري ڪتابي صورت ۾ آئي، "سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن جو ادبي ڪارج" جي عنوان هيٺ، مُسودو تيار ڪري، تاريخ 26 جنوري 1995ع تي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي حوالي ڪري ڇڏيم. مسودي کي مڪمل طرح ڪمپوز ڪرائي، اڳوڻي چيئرمئن ڊاڪٽر "شوق" صاحب پراڊڪشن برانچ کي، اشاعت لاءِ ڏياري موڪليو، ۽ مون کي معاوضو ڏنو ويو. ٻنده جو هيءُ ڪتاب اشاعت واري "لائيڊ" ۾ پهرئين نمبر تي هو، جنهن جي ڇپائيءَ لاءِ 15 ڏينهن جو عرصو ڪافي هو. انهيءَ وچ ۾، ڊاڪٽر غلام علي الانا، اداري جي سربراهہ جي حيثيت ۾ چارج سنڀالي ورتي.

منهنجي طرفان بار بار يادگيري ڏيارڻ تي، 4 سالن جي طويل مدمت کان پوءِ 5 نومبر 1999ع تي هڪ خط رستي مون کي اطلاع ڏنو ويو تہ "ماهر" جي راءِ ۽ تجويز مطابق، مسودي کي وڌيڪ سڌاري ۽ وڌائي لکڻ جي ڪافي گنجائش آهي. مون کي حڪم ٿيو تہ مسودي تي نظرثاني ڪري، اشاعت لاءِ تيار ڪتاب جي ڇير ڦاڙ ڪري، نئين سر لکيو وڃي تہ جيئن سالن کان روڪيل ڪتاب کي جامع بنايو وڃي.

آءٌ اڳواٽ منظور ٿيل ۽ ڪمپوز ڪيل مسودي تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئڻ سبب ٻڌ- تڙ ۾ پئجي ويس، ڇاڪاڻ تہ پنهنجي شروع ڪيل التوا ۾ پيل ادبي رڌائن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ انتهائي مصروف هُيس ۽ وقت ڪڍي نہ ٿي سگهيس. وڏي ڳالهہ تہ مسودي جي نظرثانيءَ وارو ڪم منهنجي لاءِ لازمي نہ هو. پوءِ بہ تعاون جي جذبي هيٺ ۽ سنڌي ادب جي وسيع تر مفاد جي پيش نظر، نئين سونپيل ڪم طور مون ڪتاب جي نظرثانيءَ جو ڪم هٿ ۾ کنيو ۽ ان کي لڳي ويس. ڪتاب جي ڇير ڦاڙ ڪري، وسيع بنائي، ضرورت مطابق مڪمل بنائي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمئن کي 3 فيبروري 2001ع تي پيش ڪري ڇڏيم.

ڪتاب کي اداري پاران ڪمپوز ڪرائڻ دوران پروف ريڊنگ جو ڪم پڻ منهنجي حوالي ٿيو. مواد ڪمپوز ڪري قسطن ۾ موڪليو ويندو رهيو، ۽ مون کي انتظار ڪندي ڪيئي مهينا گذري ويا. اُن ڪم ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر يا انتظاميا جون،خبر ناهي ڪهڙيون مجبوريون هيون. بهرحال، اداري جي موجوده چيئرمئن ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي جي اچڻ بعد ڪم نيٺ وڃي پورو ٿيو.

مقصد هي ته جيئن دير تيئن خير! مڙيئي جُڙيءَ کي جَسُ! دير يا سوير ڪتاب شايع ٿي وڃي ته وڏي ڳالهه آهي ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو "آئت" ٿي سگهي ٿو!

## ڪتاب جي باري ۾

بنده جو "سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن جو ادبي ڪارج" جي موضوع تي لکيل هي ڪتاب، ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، جن مان پهريون حصو، ڪتاب جو مقدمو يا "مهاڳ" آهي، جيڪو ڪتاب جي "متن" کي سمجهڻ لاءِ ڪُنجيءَ جو ڪم ڏئي ٿو ۽ ڪتاب جو ٻيو حصو "متن" (text) تي آڌاريل آهي جيڪو وري ٽن بابن ۾ تقسيم ڪيل آهي.

**باب پهريون:**

ڪتاب "موضوع" تي مڪمل ڄاڻ ڏئي ٿو. باب پهرئين ۾، انگن، هڪ کان ڏهه ڪرب Billion (1,000,000,000,000) تائين سَڏِ ڏنل آهي. انگن تي آڌاريل اصطلاحن ۽ پهاڪن جي سمجهاڻين لاءِ، پراءِ طور، نثر توڙي نظم (قديم توڙي عروضي شاعري) مان، موضوع جي مناسبت سان، گهڻا سارا مثال ڏيئي انهن جي تشريح ۽ وضاحت ڪئي وئي آهي.

شاهه لطيف کان علاوه، قاضي قادن، شاهه ڪريم، سچل سرمست، سامي، سانگي، حاجي محمود خادم لاڙڪائوي، بلبل، مخلص، احسن، خالدي ٺٽوي، نور عباسي، سومري سودائي، طالب المولىٰ، عارف المولىٰ، تاجل بيوس، نثار بزمي، ابراهيم منشي ۽ بردي سنڌي،

وغيره جي شاعريءَ مان پڻ حوالا ورتا ويا آهن.

ڪتاب کي تفصيلي بنائڻ جي مقصد سان سمجهاڻيون ۽ تشريحون ڏنيون ويون آهن. ڪتاب کي موضوع تي بنيادي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ پڙهندڙن جي آسانيءَ واسطي، هن انوکي موضوع جي مڪمل اپٽار ڪيل آهي ۽ پڙهندڙن جي جوشيلي انداز ۾ رهنمائي ڪرڻ، سنڌ شناسيءَ لاءِ ڪين، اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻي آهي ته "سنڌي" دنيا جي تمام آڳاٽين يعني پنج هزار سال قديم ۽ شاهوڪار ٻولين مان هڪ، صف اول ۾ شمار ٿيندڙ ٻولي آهي، جنهن ۾ مختلف موضوعن ۽ عنوانن تي جهجهو ادبي سرمايو موجود آهي.

موجوده انوکي موضوع تي تحرير ڪيل، هن ڪتاب ۾ ڏنل قيمتي ڄاڻ مان، محقق، ليکڪ ۽ شاگرد لاڀ پرائي سگهن ٿا.

**باب پهريون:**

هي باب ٻن فصلن ۾ ورهايل آهي، جيڪي هيٺين طرح وڌيڪ تقسيم ٿيل آهن؛

**(الف) انگن جو ورجاءُ**

**(ب) انگن جو گڏيل استعمال**

(۱) اڪيچار يا جهجهي تعداد وارن انگن جو لاڳيتو استعمال

(۲) هيٺيان ڪان مٿي واري ترتيب ۾ انگن جو گڏيل استعمال

(۳) مٿان ڪان هيٺ واري ترتيب ۾ انگن جو گڏيل استعمال

**باب ٻيون:**

ڪتاب جو ٻيون باب "اڻپورن" انگن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ مناسب حد تائين گهڻا سارا مثال ۽ حوالا ڏنل آهن.

**ببليوگرافي**

آخر ۾ مدد ورتل مواد/ ڪتابن جا نالا ڏنل آهن.

**انگريزي تعارف**

انگريزيءَ ۾ ڪتاب جو تعارف پڻ ڏنل آهي، جنهن کي ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ آندو ويو آهي.

## سرچشما

هن ڪتاب جي تياريءَ جو بنياد هيٺين سرچشمن تي آهي:

(١) زندگي جو عميق تجربو (Life-long experience) موضوع تي ذاتي مشاهدو ۽ وسيع مطالعو.

(٢) ذاتي سهيڙ / ميڙ چونڊ جو فائيل (ونڊيل وکر ڪي سهيڙي، سموهي، سنواري، سينگاري پيش ڪرڻ).

(٣) ڏاهن، سگهڙن، وڏاڪن، عاقلن جي ڏاهپ، زندگيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل، بزرگن ۽ عمر رسيده سچاڻ خواتين سان ڪيل ڪچهرين مان ورتل چاڻ.

(۴) **زباني روايتن تي مبني روايتي ادب**

(۵) **سنڌي لوڪ ادب**

سنڌي لوڪ ادب اسڪيم هيٺ شايع ٿيل ڪتاب

(٦) **موضوع تي شايع ٿيل مواد:** سنڌي اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين، فقرن، عاقلاڻن قولن ۽ سنواريل ادب تي شايع ٿيل ڪتاب: اي هئنڊ بوڪ آف سنڌي پراوربس، سنڌي ٻوليءَ جي سونهن، گلشڪر، گلقند، سنڌي ڪتمتڙا، سنڌي ورجيسي ٻولي وغيره.

(٧) **ٻاراڻو ادب:** ٻاراڻين آکاڻين، ٻاراڻين ڪهاڻين، ٻاراڻن ٻولن، نصيحت ڀرين نقلن، ٽوٽڪن، ٻاراڻين ٽڪ بندين وغيره تي ڇپايل ڪتاب.

(٨) **حوالاتي مواد**

موضوع سان لاڳاپيل گهڻو تڻو استعمال ٿيندڙ حوالن وارو مواد.

(٩) **لغات:**

(١) پرمانند ميوارام English-Sindhi/Sindhi-English Dictionary .

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" (پنج جلد).

(٣) چئمبرس ڊڪشنري.

(۴) ويبسٽرس ڊڪشنري.

(۵) فيروز سنس انگلش – اردو ڊڪشنري.

**امتيازي خصوصيتون** (Salient Features)

ڪتاب جون ڪي نمايان خاصيتون هن ريت آهن:

(۱) ڪتاب ۾، موضوع سان لاڳاپيل گهڻو سارو مواد يعني انگن تي آڌاريل لفظن، فقرن، اصطلاحن، پهاڪن ۽ آيل مثالن ۽ حوالن سان پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين "لغت" (Lexicon) جو ڪم ڏيئي سگهي ٿو.

(۲) موضوع جي لحاظ کان بنده جو هي ڪتاب انوکو ۽ تحقيقي ادب ۾ پهرين ڀرپور ڪوشش آهي.

(۳) ڪتاب تي مڪمل طرح نظرثاني ڪري نئين سر ترتيب ڏيئي، سڌاري وڌائي، وس آهر کُهربل معيار مطابق، صحيح صورت ۾ رکي جامع بنايو ويو آهي.

(۴) تحقيق جي جديد لاڙن جي روشنيءَ ۾، ڪتاب جي نظرثاني ڪيل مواد کي، مثالن سان وڌائي ڦير ڦار ڪري زياده معلوماتي، درست ۽ لاياڻتو بنايو ويو آهي ته جيئن پڙهندڙ، موضوع جي اهميت کي پوري طرح سمجهي سگهي.

(۵) "مواد" جي داخلائن کي، ڪوشش ڪري الف-ب وار (Alphabetized) ۽ انگن کي نمبروار (Numerical order) ۾ رکيو ويو آهي.

(٦) معلومات کي جنس وار / درجيوار رکيو ويو آهي. مواد ۾ ڏنل مثالن سان پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ ليکڪ ۽ شاعر جو نالو ڏنو ويو آهي.

(۸) ڪوشش ڪري، لفظن، فقرن، پهاڪن اصطلاحن وغيره کي سمجهائڻ لاءِ هير ڦير يا اٽڪل بازيءَ (Elusive) وارين معنائن کان پاسو ڪيو ويو آهي.

(۹) مطلب کي سمجهڻ لاءِ ڏنل مثالن جون ڦبندڙ نموني ڦڙتائيءَ سان سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن.

پوڪ: زبان، خيالن جي اظهار جو ذريعو هوندي آهي ۽ رابطي يا تعلق جو مکيه وسيلو سمجهي ويندي آهي، جڏهن ته انهي حوالي سان، مادري

زبان جي اهميت سڀ کان اعليٰ آهي. انهيءَ ڪري ٿي مادري زبان پڙهڻ پڙهائڻ جي نسبت سان اظهار ۽ تعليم جو ڪامياب ذريعو آهي.

سنجيده ليکڪن ۽ عالمن / اديبن جي راءِ مطابق، تحقيق هڪ جاکوڙي پورهيو آهي. مون پنهنجي هن ادبي رٿا تي شاهه لطيف جي ڏسيل واٽ وٺندي "محبت پائي من ۾" رندا روڙيا آهن. البت اها ڳالهه ادبي پارکن جي وس ۾ آهي تہ هن پرت جي پورهيئي جي پاڻ پرک ڪن. ڪتاب ۾ غلطين کي گهٽائڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي ويئي آهي. پوءِ بہ انسان خطا جو گهر آهي. گهٽتائين ۽ غلطين جي امڪان کي رد ڪري نٿو سگهجي. صحتمند صلاحن ۽ اصلاحي اشارن کي خوشيءَ سان قبول ڪيو ويندو ۽ ايندڙ ڇاپي ۾، انهن کي ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويندو. اميد اٿم تہ منهنجي هن نماڻي پيشڪش کي عالم، اديب ۽ محقق قدر جي نگاهہ سان ڏسندا ۽ منهنجو مان مٿاهون ڪندا.

**ٿورا نہ ٿورا:**

ڪتاب جي اشاعت لاءِ آءٌ اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق، پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڪتاب کي نئين سر لکي جامع بنائڻ جي حوالي سان، پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي (موجوده چيئرمين) جو احسانمند آهيان، جنهن منهنجي ڪتاب کي شايع ڪرايو.

اڳوڻي سيڪريٽري ۽ ڊائريڪٽر پراڊڪشن ۽ پبليڪيشن ۽ ڪمپوزنگ سيڪشن جو سندن تعاون لاءِ پڻ ٿورائتو آهيان.

ڊاڪٽر غ. ق. سومرو

گهر نمبر: A-30/100،
عبدالله ٽائون، هائوسز،
قاسم آباد، حيدرآباد
30 مارچ 2003ع

# مقدمو

## مقدمو:

"انگ" گهڻ - پاسائون لفظ آهي، جنهن جون ڪيتريون ئي معنائون آهن؛ (١) ڳاڻاٽي جا انگ، (٢) انساني جسم جا حصا/ عضوا، (٣) تقدير/قسمت، (۴) راند جا انگ (حرفتون/ انڪلون) ۽ (۵) انگي نشان.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، لفظ "انگ" جي معنيٰ هن طرح ڏني آهي؛

"عدد، اکر، ڏنگي ليڪ، انگڙي، اگهه، نرخ، نشاني، چٽُ، داغ، ڏنڀ، ڏڪ، عضوو، جسم، بدن، اوگهڙ، عضوتناسل، داءُ (مَلَهه وغيره جو)، لِڄڻ، افعال، ازل جو لکيو" (١)

آلدرام لي شاهاڻيءَ، لفظ "انگ" جي هيءَ وصف ڏني آهي؛

"عدد، انگي ليڪ يا نشان، قسمت جو لکيو، بدن، عضوو، ڪپڙي ۾ پيل چهڪ يا گهاري، "ڏار". (٢)

## ڳاڻاٽي جا انگ

## اسم عدد

مرزا قليچ بيگ، ڳاڻاٽي جي انگن بابت هيءَ راءِ ڏني آهي؛

"اسم عدد ڳاڻيٽي جي لفظن کي چوندا آهن. اهي ٻن قسمن جا آهن؛ هڪڙا شماري، جي ڳڻڻ جي ڪم ايندا آهن، جيئن تہ هڪ، ٻہ، ٽي، چار وغيره، ۽ ٻيا قطاري، جي گهڻن ۾ هرهڪ جي جاءِ ڏيکارين ٿا. جيئن تہ پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون". (٣)

(٢) اڀورا / تقسيمي/ ڀاڱن ۾ ورهايل (Farctional) جهڙوڪ اٺوڪ، $\frac{1}{8}$

چوٿاڻ يا سوائي $\frac{1}{4}$ ، اڌ $\frac{1}{2}$، مُنو $\frac{3}{4}$ ، سوا هڪ $1\frac{1}{4}$ ، ڏيڍ $1\frac{1}{2}$ ،
پوڻا ٻه $1\frac{3}{4}$ ، سوا ٻه $2\frac{1}{4}$ ، اڍائي $2\frac{1}{2}$ ، پوڻا ٽي $2\frac{3}{4}$ سوائي $3\frac{1}{4}$
ساڍا ٽي $3\frac{1}{2}$ وغيره. انگن جي فرق کي تفصيلي سمجهڻ لاءِ، وري هن طرح تقسيم ڪيو ويو آهي.

## عدد شماري

**ٻڙي:**

"ٻڙي" حسابي انگن جي ڳاڻاٽي يا شمار ۾ ڪم ايندڙ هڪ انگ (Number) يا نشان(Symbol) آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ڪجهه به نه!" انگريزي ۾ "ٻڙيءَ" کي "زيرو" (Zero) يا "ناٽ" (Nought) چيو ويندو آهي.

**پرمانند ميوارام** جي "سنڌي - انگلش ڊڪشنري" ۾ "ٻڙيءَ" جي معنيٰ صِفر (cipher) يعني ٽِڪو ۽ نقطو (a dot) ڄاڻايل آهي. (۴)

**فيروز سنز لاهور** وارن جي انگلش - اردو ڊڪشنريءَ ۾ "زيرو" جي معنيٰ؛ "صفر، ٻڙي، خالي، ندارد، لاشيءِ ...... سڀ کان هيٺيون نقطو، زوال جي مُنتها، حد عدم " ۽ "ناٽ" جي معنيٰ : ڪجهه به نه، بي حقيقت، تڇ، لاشيءِ، صفر......." (۵) ڄاڻايل آهي.

**چيمبرس ڊڪشنري** ۾ "زيرو" جي هيءَ وصف ڏنل آهي:

"ٻُڙي؛ ڪجهه به نه؛ ڪانٽي يا پئماني تي ڏنل پهريون انگ جنهن کان ڳڻپ وغيره شروع ڪئي ويندي آهي، جيئن ٿرما ميٽر يا هوا ماپ وغيره تي ڄاڻيل انگن جي ڳڻپ؛ نتيجي ۾ ننڍو نقطو (انگ) (٦)

**"ويبسٽرس نيو ورلڊ ڊڪشنري آف امريڪن لئنگئيج"** ۾ "ٻڙي" جي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي:

(١) "0" جو نشان، صفر يا ٽِڪو، ڪجهه به نه
(٢) پٺماني تي جاثايل درجيوار انگن مان اهو "0" نشان انگ يا نقطو جتان ڳڻپ شروع ڪئي وڃي." (٣) ڪجهه به نه (٤) ننڍو نقطو. (٧)

"ڪنسائيز آڪسفورڊ ڊڪشنري آف ڪرينٽ انگلش" ۾ ٻڙيءَ جي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي:
(١) حسابي انگ "0"، ڪجهه به نه؛ صفر يا ٽِڪو؛ ڪوبه تعداد يا ڳاڻيٽو، نه، ڪي ڪين يا خالي. ڪنهن پٺماني تي شروع ٿيڻ جو ٽِڪو يا نقطو يا سَنڌو جتان هاڪاري يا ناڪاري انگن جي تعداد جي ڳڻپ شروع ڪئي وڃي. برف پد جي حرارت جو درجو معلوم ڪيو وڃي يا ٿرماميٽر جي پٺماني تي انتهائي درجه حرارت جو ڪاٿو ڪيو وڃي. گرمي پد جتي ذرن جي تحرڪ مان پيدا ٿيل گرمي جنهن ۾ سگهه نه هجي. (٨) ....

مٿي ڄاڻايل وصفن جي روشني ۾ اها ڳالهه معلوم ٿئي ٿي ته ٻَڙيءَ جي معنيٰ "ڪجهه به نه!" ۽ اهو ته "ٻڙيءَ" جو اڪيلي طرح ڪو ملهه يا قيمت ناهي هوندي، پر انهيءَ ڳالهه کان به انڪار ڪري نه ٿو سگهجي ته "ٻڙي" ڳاڻيٽي جي انگن مان هڪ اهم نشان يا انگ آهي. "ٻڙي" انگ جا رنگ ئي نرالا آهن. ٻَڙيءَ جا وڏا ڪارج آهن. ٻين انگن سان گڏجي استعمال ٿيڻ سبب، ڳاڻاٽي جي حساب ڪتاب ۾، ان جي اهميت وڌي وڃي ٿي؛ مثال طور هڪ (01) جو انگ ئي ڪٿي وٺو. ملهه /بها/ قيمت جي لحاظ کان، هڪ (01) جو انگ ذري گهٽ ٻڙيءَ جهڙو يا ٻَڙي کان ٿورو مٿي آهي، پر ان (هڪ) جي آڏو ٻڙي ملائڻ يا شامل ڪرڻ سان، اهو وڌيو "ڏهه" ٿيو پوي. اهڙيءَ طرح هڪ (01) کي آڏو به ٻڙيون ملائڻ سان عدد "هڪ سئو" (100) بنجيو پوي. ساڳئي نموني ڪنهن به انگ ۾ ٻڙيون ملائڻ سان تعداد جو ڪاٿو هزارن، لکن، ڪروڙن، اربن ۽ کربن تائين وڃيو پهچي.

ڏسو تہ "ٻڙيءَ" ۾ ڪهڙو نہ اسرار سمايل آهي! مطلب هي تہ حسابي ٻڙيءَ جو حساب ئي نرالو آهي. "ڪجهہ بہ نہ" منجهان "گهڻو ڪجهہ" ٿيو پوي.

هڪ هاريءَ کان پڇيائون: ڏي خبر فصل ڪيئن ٿيو اٿئي!
جواب ڏنائين: شڪر آ! رڳو ٻهڪي (ٻڙي) جي ضرورت آهي.

"فصل" ۾ آيل اکر "ص" مٿان ٻهڪو يا ٻڙي ڏجي تہ لفظ "فضل" ٺهي پوندو. بس هر ڪم ۾ فضل جو ڦيرو گهرجي!

## انگن جي وڇوڙ (حسابي انگ)

### عدد شماري

### (هڪ کان ڏهن تائين)

ڪوڙا: ايڪو /هڪو - ايڪ / هِڪ
ٻڪو - ٻہ
ٽِڪو- ٽي
چوڪو - چار
پنجو - پنج
ڇڪو- ڇهہ / ڇَہ
ستو - ست
اٺو - اٺ
نائون - نو
ڏهو - ڏهہ

تعداد: هڪ کان پدم تائين:

1. هڪ کان نوَ (01 کان 09)
2. ڏهہ: ڏهو / ڏَهہ - دهو (ڏهہ گڏ)
3. سؤ: صد/ سيڪڙو - هڪ سؤ گڏيل
4. صدي: صد / يا سؤ ورهين جو عرصو

5. هزار : سهس - ڏهہ سؤ ڳڻ
6. لک: هڪ سؤ هزار
7. ڪروڙ: هڪ سؤ لکن جو جوڙ (Ten Millions)
8. ارب - هڪ سؤ ڪروڙ
9. ڪرب: هڪ سؤ ارب
10. نيل - هڪ سؤ ڪرب
11. پدم - هڪ سؤ نيل

**سيئي ڳڻ (هڪ جاء ڏيڪاريل عدد):**

**مرزا قليچ بيگ** "سنڌي وياڪرڻ" (ڀاڱو ٻيون) ۾ لکي ٿو:

"زور ڏيکارڻ لاء يا سيئي کي ڳڻي ڏيکارڻ لاء، عدد جي پٺيان "ئي" وجهندا آهن، جيئن تہ چارئي، پنج ئي، ڏهہ ئي وغيره (۹)

**ٻئي (ٻيئي): ٻہ- ئي، مثالي جملاء-**

(۱) ٻئي اکيون ڇٽ ! (ٻنهہ انڌو)

(۲) ٻئي ڀٽ! (ٻہ ڳڻ)

**ٽيئي: ٽي - ئي:**

ٽيئي ٽِڙ ڏهي ويس! (ٽيئي انڪلون ختم ٿي ويس!)

**چارئي: چار-ئي**

- **چارئي پلؤ (پلاند):** چارئي پلو ڇڪ ۾: هر طرح گنهگار

چارئي پلؤ ڇڪ ۾، ڀَچي ڀارئَ وِٺ!
اِن اهڙي احتياط سين، ڦٽ پُڇاڻان ڦٽ.

(شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو) (۱۰)

- **چار ڏِسيون (طرف):** چوڌاري

چارئي ڏسيون ڳولا ڪيائين پر وڃائجي ويل همراهہ هٿ نہ آيو. (جملو)

- **چار يار:**

چارئي يار سچي سردار، مُرسل ميرَ مدني جا:

(۱) حضرت صديق اڪبر (۲) حضرت عمر فاروق (۳) حضرت عثمان غني

جنهن جي زباني انساني زندگي کي ستن مرحلن Seven Stages Of Human Life ۾ ورهايل ڏيکاريو ويو آهي. الجيل مطابق، انسان جي سراسري عمر ٧٠ سال ليکي ويندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ، انساني حياتيءَ کي انگن جي مدد سان هيٺين مرحلن STAGES ۾ ورهايو ويو آهي. البت نبي ڪريم ﷺ جي "عمر" جي نسبت سان هڪ مسلمان جي سراسري عمر ٦٣ ورهيه آهي. ـ ورهين جي ورچ ڏهاڪن ۾، مثال:

(الف): عمر ٿيندس ڏهه ته چڙهندس وهه.

عمر ٿيندس ويهه ته تڪيندو پرائي ڏيءَ،
عمر ٿيندس ٽيهه ته ڪڍندو ڪيهه،
عمر ٿيندس چاليهه ته ويندو ٽالهيءَ پاڇيءَ،
عمر ٿيندس پنجاهه ته ڪندو ٿڌو ساهه،
عمر ٿيندس سٺ ته ڪندو هٿ ۾ لٺ،
عمر ٿيندس ستر ته پوندس عقل ۾ ڪتر،
عمر ٿيندس اسي ته ٿيندو مت ڪسي،
عمر ٿيندس نوي ته ڪانگ جيان لنوي،
عمر ٿيندس سئو ته جيئڻ جي خوشي نه مرڻ جو پئو،

هڪ سگهڙ سياڻي عمر جي ورهاست ٿوري ڦير ڦار سان هن ريت ڪئي آهي:

(ب): عمر ٿيندس ڏهه، ته چڙهندس وهه،

عمر ٿيندس ويهه، ته تڪيندو پرائي ڏيءَ،
عمر ٿيندس ٽيهه، ته لٿي لڄ ليهه،
عمر ٿيندس چاليهه، ته ساريندو اڳين مالي،
عمر ٿيندس پنجاهه، ته تاڙيندو گهر جا متجا،
عمر ٿيندس سٺ، ته ڪندو هٿ ۾ لٺ،
عمر ٿيندس ستر، ته ٿيو ستر پاهتر،
عمر ٿيندس اسي، ته ٿيندو مت ڪسي،
عمر ٿيندس نوي، ته ڪچي ڪونه چوي،
عمر ٿيندس سئو ته نه سڄڻ کي آسرو نه دشمن کي پئو (١٥)

(ب) چاليھہ، آٺ اٺ، اسي، سٺر، ٻارھَ، چوڏھہ سڪان ساري
ڪڙو ھَڻ لاءِ ڪؤ دل ڪان آهي ھت ھُت ھو الحق
(آخوند گل محمد گل "هالائي) (١٦)
سمجهاڻي: (١) ۴٠ ابدال (٢) ٨ غوث زمين جا (٣) ٨ غوث آسمان جا (۴) ٨٠ قطب (۵) ٧٠ اوتاد (٦) ١٢ امام (٧) ١۴ معصوم

(پ): ڀھڳڻ جا ٻول:

سئو وجائجي، ساهُ نہ وڃائجي،
هزار وڃائجي، حُب نہ وڃائجي،
لک وڃائجي، لحاظ نہ وڃائجي،
ڪروڙ وڃائجي، قرب نہ وڃائجي،
نيل وڃائجي، نياز نہ وڃائجي،
پدم وڃائجي، پريت نہ وڃائجي،
ارب وڃائجي، ايمان نہ وڃائجي.

(راضي فقير رند) (١٧)

## سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن جي ادبي اهميت:

**سنڌي لوڪ شاعري ۾ انگن جو استعمال:** انهيءَ سلسلي ۾ سنڌي شاعري جي صنف "ڏوهيڙن" جو جائزو ورتو ويو آهي:

**سنڌي ڏوهيڙن جا قسم:** "عام ڏوهيڙو، هنر، پرولي، ڳجهارت (ڏٺ، سُرائتي، درائو)، ڏور، سينگار، ڏهس-" (١٨)

مٿي ذڪر ڪيل صنفن ۾ اسان کي گهڻو تڻو هنر ۽ سينگار جي شاعري ۾، انگن تي آڌاريل ڪافي مثال ملن ٿا.

هنر واري شاعري ۾، ڳجهارتون سمايل هونديون آهن، جن ۾، شاعر / سگهڙ لفظ ۾ لِڪَ ڪندا آهن يا هيٺن ڪٿي چئجي تہ "مام" (راز) کي ڍڪي رکندا آهن ۽ معنيٰ لاءِ لفظن جي حرڪات جي مٽ سٽ ڪرڻي پوندي اٿن. ساڳيو لفظ /ساڳيا لفظ جدا جدا معنائن سان، هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ڪم ايندو آهي / ايندا آهن. "انگن" تان هنر جي

ٽي - 3

ٽِڪ ٽِڪ ٽن ٽنگن تي
ڪاٺ ڪلهي تي، ٽوپ مٿي تي

(پيٽي؛ ديڳڙو)- (٢۴)

اٺ (8) نو (9)

آٺ ڪاٺ نائين نوڙي، جيڪو نہ ڀڃي، تنهنجي آکهہ ٽوڙهي
(پيٽي؛ ڪٺ)- (٢۵)

سو (100)

هـيـــڏڙو هـيـــڏڙو پـاڻ،
جنهن کي سئو سين جو ساڻ (پيٽي؛ چاهو)-(٢٦)

**مدد قطاري: ڳڻڻ/ ڳڻپ/ پرولي:**

سسئي ساماڻي سَج ۾، ٽوڙهي ٽي ٽوڙهي
ٻيءِ رات ٻالڪي ٽي، ٽئين رات ٽوڙهي،
چوٿين رات چڳون ٿيس، پنجين رات پوڙهي،
اڇن ۾ "احمد" چوي ڪارن وڪوڙي،
ڇهين رات ڇوري، ڪنهن قبولي ڪينڪي.

(پيٽي؛ ڪنيي)- (٢٧)

گرميءَ ڪان وسائل (خشڪ) زمين تي جڏهن مينهن وسندو آهي. تہ زمين "اٻار/ اوبر" ڄڏيندي آهي ۽ ڪنيون ابري پونديون آهن. ڪنين جو پوڙ ڏاڍو مزيدار /سوادي ٿيندو آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي ڪافيون انگن تي آڌاريل موجود آهن. مثال طور؛ پيرو مل مهر چند جي ١٩١١ع ۾ ڏنل، ڪنهن زماني ۾ برک ۽ ان دؤر ۾ قتل جهوني شهر "لاڏيون" سان لاڳاپيل انگن جي مدد سان جوڙيل، هي مزاحيہ ڪافي ڏجي ٿي؛

لاڏين ۾ ڪاردار حڪم هلي ٿو سج ۾

(۱) ٻہ گهر ٻانين، ٻہ لهاڻن جا،
پويان ٽورا گهر، مهاڻن جا،
جملي ٽيھہ بسيار، حُڪم هلي ٿو....
(۲) آدم شماريءَ موجب ماڙهون
ٻٽيھہ سينڌون، چٽيھہ ڏاڙهيون،
ٻار ٻاويھہ شمار، حڪم .... الخ (۲۸)

## ٻاراڻيون تُڪبنديون:

ٻاراڻا ٻول ۽ ٻي معنيٰ تُڪبنديون، ٻڌڻ ۽ ورجائڻ ۾ ڏاڍيون دلچسپ هونديون آهن. مثال طور:

آرچڪ مِرچڪ ڏاڏا ڏرچڪ... الخ (۲۹)

ٻاراڻن ٻولن ۾ آيل ڪيتريون ئي تڪبنديون مختلف انگن تي / تان جوڙيل هونديون آهن. مثال:

**ٽيھہ: ۳۰**

اچي ڪيي ليھہ، ياٿر منهنجا ٽيھہ،
ٽيھن ئي ڪتوريون .... الخ

(- اچو ڪيو : اچو وڪو) (۳۰)

**پنجونجاھہ - ٻہ سئو (۵۵- ۲۰۰)**

پنجونجهاھہ پنجونجاھہ
ٻن سون جون ڪڙيون پاءِ .... الخ (۳۱)

## عدد قطاري ORDINALS، مثال:

**پهريون / اول، ٻيو، ٽيون، چوٿون، پنجون، اٺون وغيره**

سنڌي شاعري مان ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

**پهريون/اول**

(۱) اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي

(شاھہ: سُرڪلياڻ) (۳۲)

(۲) سي پهرين لنگهندا پور، جنين حُب حُسنين جي

(ميين عيسيٰ) (۳۳)

"سهڻي" جي حوالي سان انگن کي بيت ۾ هن طرح ڏنو آهي، مثال:

هڪڙي ڪاري رات هُئي، پيا ڪڪر هُئا ڪارا،
ٻيون ٽم ٽم مينهن جا، ويتر وسڪارا،
چوٿون چِڪڻ گپ جا، من ۾ مونجهارا،
پنجون درياءَ پيٽ ۾ واڳون ويهارا،
ڇهون ڇولين تي، ڇِنا ڪپر ڪنارا،
ستون سوز فراق تي وهلو ڪيا وارا،
اٺون جنهن کي عشق جا اندر اوٻارا،
نائون سَسَ نِٽان ٿيون، مُنيءَ جا مارا،
ڏهون جنهن کي ڏم جو ڪُنيو ڪِپارا،
يارهون تنهن کي ياد هُئا، خواريءَ جا ڪارا .... الخ

(محمد صالح سنڌي) (۴۱)

رشيد احمد لاشاري پنهنجي "لطيف باغ جو سير" ۾ شاهه لطيف جي "اٺ ويري اوٺاري ويري، ويري ٽيڙم ڏير"، واري خيال کي هن ريت منظوم ڪيو آهي:

اٺ عَدو، اوٺارَ ويري، ٽيون هُئا غدار ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پياري جا پير،
سج ٿيو پنجون عدو، جنهن جي لهڻ سان ٿي اوير،
ٿيو ڇپر ويري ڇهون، جنهن ۾ سنوان ڏسجن نہ سير،
چنڊ ويري هو ستون، جنهن ۾ نہ تاباني هُئي،
وير واهيري جي ڇپرن ۾ پريشاني هُئي. (۴۲)

شاهه جي سر معذوري ۾ آيل عدد قطاري جي بيت کي پڻ رشيد احمد لاشاري "لطيفي باغ جو سير" ۾ منظوم ڪيو ويو آهي.

جي ويا وڄي ڇُڪا، ڳهوٺن تي ڀهرين ڳهور ڏس .... الخ (۴۳)

(١) ٻهرين رات پيغمبر پاڪ،
سڏڪون سڏ ڪري غمناڪ،
دل ڏکن ڪئي چوري چاڪ،
مل محمد ﷺ لاهه فراق،
ســيد ســڻ فريــاد فقــيــر
ماڙ سکهو ڪر مُحمد ﷺ مير

(٢) ٽيجهيءَ رات ٻڌي هي ٻانهون،
عرض ڪريان تو عاجز آهون ... الخ

(٢) توکي سور سڏيان ٽيجهيءَ رات،
پاڻي پانڌ ڪڇيءَ پريات ... الخ

(٤) چوٿين رات چوان هي حال،
سائين سڻ تون منهنجون سوال ... الخ

(٥) پنجين رات وسيلا وير،
دانهن ڪري تو دامنگير ... الخ

(٦) ڇهين رات رسول خدا،
دانهون منهنجون دل سان لاءِ... الخ

(٧) ستين رات سچا سردار،
غور اسان جو ڪر غمخوار ... الخ

(٨) اٺين رات عرضي آئي،
پيش وڌي تم پنهنجي پاڻي ... الخ

(٩) نائين رات لنگهين لنگپال،
سڻ فريادون سکهو بدحال ... الخ (٣٤)

سکهڙ "ساهو" انسان جي هيٺين "ڏهن ويرين" جو ذڪر ڪيو آهي؛- ڏهه، ويري، ڏ. ڏهه دشمن (١- نفس، ٢- شيطان، ٣- زال،٤- پُٽ، ٥ - پيٽ، ٦- اڃَ ٧- شهوت، ٨- تڪبر، ٩- ننڊ، ١٠- ڏمر)

جيئن ته:

ڏهن ويرين وچ ۾ آيو آ انسان،
پهريون ويري پنهنجو نفس نحس نادان،
ٻيو ويري تنهن سين شامل آ شيطان،
ٽيون ويري ويرو محبت زال زيان،
چوٿون ويري ٿا چون بيٽو (پٽ) بي فرمان،
پنجون ويري پيٽ آ جو نت نت گهري نانُ،
ڇهون ويري آ اڄ جو لئي پاڻيءَ پريشان،
ستون ويري شهوت آ جنهن ڪيا هزارين حيران،
اٺون ويري آڪرو تڪبر تولان،
نائون ويري ننڊ آ غفلت جو گذران،
ڏهون ويري ڏمر آ جهل وڏو جولان،
انهن ڏهن ويرين وچ مان جو ڪٽي جنگ جوان،
آءُ سر ڪريان قربان، تنهن سورهه تان "ساهو" چوي
جامع سنڌي لغات (جلد ٽيون) تان ورتل. (۴۵)

ايڪهه - چوويهه
پالڏي آريسر:

ايڪيهين عرض آءُ ڪريان منجهه رتول،
باباڻن جا ٻرٻر هنئين منجهه هول،
ٻاوهين ٻاجهه ٻريا ٻاجهيندڙ ٻاهون،
قبولين قادر ! سي منهنجون آهون،
چويهين چمر، چر چر تا چنڪار ڪن،
ساوا ملڪ، منهنجا ٿا گلذار ڪن. (۴٦)
(ڪتاب: هفتا ڏينهن راتيون ۽ مهينا - صفحو ۳۵۲)

# ڳاڻاٽي جا انگ ۽ انهن جي اهميت
## IMPORTANCE OF CALCULATING FIGURES

"انگ" "انگڻ" فعــل تان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ڳڻــڻ / شمــار ڪــرڻ "يا سامان تي نشان لڳائڻ To mark goods / To number /To affix a number آهي.
' حساب ڪتاب انگن (Figures) ۾ ڪيو ويندو آهي. جنهن تان "انگن جي حساب" کي "انگي حساب" (ARITHMETIC) چيو ويندو آهي. حسابن ۾ جيڪي رقمون ڏنيون وينديون آهن تن کي حسابي رقمون (Sums)چيو ويندو آهي.

ڪاروباري زندگيءَ ۾، حساب ڪتاب رکڻ لاءِ، ڳڻپ/عدد شماري (Numeration) بنيادي حيثيت رکي ٿي. انگن جي وسيلي، عام رواجي شين کان سواءِ، "بي بها" شين / ملڪيتن جي قيمت پڻ ڪٿي سگهجي ٿي. انگن کي ضرورت مطابق، صحيح طرح استعمال ڪرڻ ۾ هڪ علم (Science of collecting, classifying and using statistics) آهي جنهن کي علم اعداد و شمار / فن اعداد و شمار چئجي ٿو. هن علم جي مدد سان، انگن اکرن/ اعداد و شمار کي منشا مطابق گڏ ڪرڻ، درجيوار بنائڻ ۽ استعمال ڪري سگهجي ٿي.

شُماريات جو لفظ ارڙهين صديءَ جي وچ واري دور کان استعمال ٿيڻ لڳو. شروعاتي دؤر ۾شماريات جو مقصد افرادي قوت، ملڪ جي قدرتي وسيلن جو اندازو ۽ زمين جي ورهاست ٿي رهيو آهي.

"شماريات" انگريزي Statistics لاطيني لفظ STATUS يا اطالوي لفظ STATISTA يا جرمن لفظ (STATISTIK) تان ورتل آهي. انهن سڀني لفظن جي معنيٰ مجموعي طرح "سياسي رياست" آهي.

دنيا ۾ دولت ۽ آدمشماري جو پراڻو تخمينو ٣٠٠٠ قبل مسيح ۾ ڪيو ويو هو. رومز ٻيو (Romes-II) ٿي هو جنهن ١٤٠٠ ق. م

سڄي ملڪ جي زمين جي پيمائش ڪرائي، آدم شماري، تهذيب جي ابتدائي دؤر کان هلندي اچي ۽ مختلف شعبن ۾ "انگ/ اکر" گڏ ٿيندا رهيا آهن، موجوده دؤر ۾، شماريات کي ٽيڪسن نافذ ڪرڻ، جنگ جي منصوبہ بندي ڪرڻ، زمين جي ورچ ۽ حڪومت جي آمدني ۽ خرچ مطابق بجيٽ بنائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو، علم معيشت جو انحصار، شماريات جي تصديق ٿيل قانونن تي آهي.

بنيادي طرح نو (٩) - ١، ٢، ٣، ۴، ۵، ٦، ٧، ٨، ٩ انگ (digits) اهم آهن، جن جي وسيلي، اسان انگن جي ڪنهن بہ عدد يا تعداد - سون، هزارن، لکن، ڪروڙن، پدمن - کي گهرج مطابق جوڙي ضرب ڪري، ڪٽي ۽ ونڊي سگهون ٿا. انهيءَ تان، حسابن جا ماهر (Mathematicians) چون ٿا تہ انگن ۾ جادو سمايل آهي. برابر، ڏٺو وڃي تہ انگن ۾ وڏي حڪمت آهي. انهيءَ ڪري انگن جي ضرورت مطابق استعمال ۽ انهن جي گهربل تڪڙن ۽ صحيح نتيجن کي جادو سان ڀيٽيو ويو آهي. دنيا جي ساري ڏيتي ليٽي، انگن جي محتاج آهي. انگ ٻوليءَ جي جان آهن. انگ ايترو قديم آهن، جيتريون آڳاٽيون ٻوليون خود هزارين سال پُراڻيون آهن.

اوائلي زماني (Primitive times) کان شين جي مٽا سٽا ٿيندي هئي. انساني شعور ترقي ڪئي تہ ڏيتي ليتي کي آسان بنائڻ لاءِ انگ ايجاد ٿيا. بعد ۾ حساب ڪتاب کي سولي بنائڻ لاءِ "ڪوڙا" وجود ۾ آيا. انهن ڪوڙن کي تعليمي ادارن ۾ مروج ڪيو ويو. ٻاراڻي درجي کان پنجين درجي تائين، ٻارن کي ڪوڙا اڄ بہ برزبان (ياد) ڪرايا ويندا آهن. مثال:

(i) هڪ ڏونَ ڏون

ٻہ ڏون چار ... الخ.

(ii) ايڪ تِڪان ٽي،

ٻہ تڪان ڇهہ... الخ.

ٻارڙا ٻيارڙا، ڪلاس ۾ گڏجي ڪورس (Chorus) جي انداز ۾ ڪوڙا پڪا ڪندا آهن. اهو ڏيک انوکو ۽ دلڪش ڏسڻ وٽان هوندو

اندروني، بيروني يا عالمي سطح تي ملڪن جي وچ ۾ ٿيندڙ واپار جو دارومدار انگن جي پورتاميل تي هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو "انگن کي هڪ عالمي زبان جي حيثيت حاصل آهي، ۽ اهڙي طرح دور ديسن ڏانهن مال روانو ڪندڙ واپارين کي موڪليل / وڪرو ڪيل شين جي قيمت مليو وڃي. انگن ڏيتي ليتي ۾ وڏي سهوليت پيدا ڪري ڇڏي آهي. انگن جي ماهرن "علم حساب" (Arithmatic) يا "علم رياضي" (Mathematics) ايجاد ڪئي، جنهن جي مدد سان دنيا جو ڪاروبار سولائيءَ سان، يقيني طرح هلي رهيو آهي. انهيءَ کان سواءِ تاريخي واقعن کي انگن ۾ محفوظ ڪيو ويندو آهي. سڪن ۽ ڪرنسي نوٽن تي پڻ قيمت / ملهه کي اکرن سان گڏ انگن ۾ پڻ لکيو ويندو آهي. مري ويلن جي تاريخ وفات کي "ڪَتبن" تي لکڻ / اڪيرڻ ۽ عمارتن جي "پيڙهه واري پٿر" تي پڻ تاريخ ۽ سن کي انگن ۾ به درج ڪيو ويندو آهي.

"انگن" وسيلي شديد احساسات / جذبات جو ڀرپور اظهار ڪري سگهجي ٿو. مثال:

دردن ڪئي ڏوم ڏام دل ناتوان تي
صدما هزار منهنجي، رسيا آهن جان تي.

(مير عبدالحسين خان سانگي) (۴۸)

اسلامي قصن ۾، واقعن (Situations) کي بيان ڪرڻ لاءِ انگن جي مدد سان مثال طور: معراج مصطفيٰ ﷺ جو واقعو بيان ڪندي، عوامي شاعر فقير علي بخش جمالي چوي ٿو:

هئا پنجاهه ڏاڪا پورا تنهن کي، جنهن تي ڪاريگرن ڪمايو...
پند ڏاڪي ڏاڪي وچ ۾ هو ستر ورهيه ڪان سوايو..
ڏئي واحد وڏائي تنهن کي چوڏهين طبقي چايو..
پنجويهه هزار ورهيه آدم ڪان اڳي موٽي هو هيو آيو..
هليو گهوڙو گهوٽ رسول جو جنهن پير اڳي پايو... الخ (۴۹)

ڪنهن انساني تصوير (Portrait) يا جانور جي ڏيکاريندڙ بدني

بناوت کي انگن جي وسيلي اظهار ڪري سگهجي ٿو. مثال طور؛ " ڪافرن" ۽ "حضرت علي عليہ السلام" واري مقابلي کي بيان ڪرڻ لاءِ فقير علي بخش جمالي پنهنجي طويل بيتن ۾ آيل انگن جي مدد ورتي، ڪافرن جي جسماني بيهڪ جو اظهار، شاعرائي وڏاءَ کان ڪم وٺندي هن طرح ڪيو آهي؛

ٻہ سو گز قد قارون جو، ڪاف وڏو ڪستان
ستر گز سينو تنهنجو، ڪارن جو ڪپتان.. (٥٠)

روزمره جي ڪاروباري گفتگو ۾ پڻ اسان انگن تي آڌاريل اصطلاح/فقرا ڪم آڻي، نقطهٔ نظر جو اظهار ڪندا آهيون. سرڪاري آفيس ۾، پٽيوالن جي هلت چلت جو نقشو انگن جي استعمال سان هن ريت چٽيو ويو آهي. مثال طور؛

جنهن کي مليو ڪجهہ سي ڪُرسي ٽا ڏين،
ٻين کي ٻہ تيلها ڏئي، ٽا ڪورٽ مان ڪين،
چوويهہ ڏئي چڙهون، اکيون ابتيون ڪن،
اجايا ڏئي آسرا، خارج مُدو ڪن
ٻئي ڏينهن پون، تہ رکي رڪارڊ ويو،
(محمد صالح سنڌي)-(٥١)

**انگن تي آڌاريل مرکب لفظن جو استعمال؛**

انگن جي مدد سان مرڪب لفظن ٺاهڻ سگهڙ پائي ۽ زبانداني جو اعليٰ فن آهي. هڪ انوکو مثال پيش ڪجي ٿو؛

ٻارنهن تالي ٻانيٺي، تيرهن تالي تاڪ،
سورهن تالي سڪٽي آرڙهن تالي اڪ،
نوَ تالي نوري چون، ڪارهن تالي ڪاڪ،
ڏائڻ ڏهہ ويهون چون، چوڏهن لهي چراڪ،
سيني سنڌي ساک، هڪڙي ڏئي هٽري،
(آخوند پيارو ڪوهستاني)

ٻارنهن تالي ٻانيٺي (ٻانيڻ جي زال) ١٢
تيرهن تالي تاک (تکندڙ) ١٣
سورهن تالي سِکٽي (پڙهيل ڇوڪري) ١٦
ارڙهن تالي آک (اک ملائيندڙ) ١٨
ڪارهن تالي ڪاک (ڪاري رنگ واري) ١١
ڏائڻ ڏهه ويهون (جادوگرڻ) ١٠×٢٠=٢٠٠
چوڏهن ويهون چراک (چراخ عورت جو قسم) ١٤×٢٠=٢٨٠
هتري (ڏائڻ جو خطرناڪ قسم) ٥٦٠

وڏيڪ ٻڌايائين تہ ٥٦٠ کي سيائن جي قول موجب "٧٠" سان ونڊيو تہ "٨" جو انگ ايندو. يعني عورت گهٽ ۾ گهٽ ٨ تالن واري ضرور هوندي- (٥٢)

## The Abjad System

ابجد: "ابجد" ڳڻپ جو هڪ طريقو آهي جنهن ۾ عربي الف - ب جي اکرن جو انگن ۾ "ملهہ" مقرر ڪيل هوندو آهي. ابجد جي حساب ۾ انگن جو ڀرپور استعمال ملي ٿو. پرمانند ميوارام لکي ٿو:

"ابجد"، عربي زبان جي الف - ب مطابق، اکرن وسيلي انگن جي ڳاڻاٽي جو هڪ طريقو (٥٣)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" (حصہ اول) ۾ "ابجد" جو حساب هن ريت سمجهايو آهي:

١. اَبَجد: ذ. ٿ [ع] ڳاڻيٽي جي ترتيب موجب عربي الف ب مان نهيل اٺ لفظ (آبجد< ا= ا+ ب =٢ + ج = ٣ + د = ٤، هـوز:<' ه = ٥ + و = ٦ + ز = ٧، حَطي: 'ح = ٨+ ط = ٩ + ي = ١٠، ڪَلمن:<'ڪ = ٢٠ + ل = ٣٠ + م = ٤٠ + ن = ٥٠، سعفص: 'س= ٦٠+ع= ٧٠+ ف= ٨٠' ، ص= ٩٠، قرشت: 'ق=١٠٠ + رَ = ٢٠٠ + ش = ٣٠٠ + ت = ٤٠٠، ثخذ: 'ث = ٥٠٠ + خ = ٦٠٠ + ذ= ٧٠٠ + ضظغ: <ض = ٨٠٠ + ظ = ٩٠٠- غ = ١٠٠٠).

- ابجد خوان : ذ. صفت. الف – ب سکندڙ. سکيڙات – نَو آموز – آلهڙ (۵۴)

"فيروز اللغات اردو (جديد) ۾. "ابجد" جو ذڪر هن طرح ڪيل آهي:

ابجد: اهي اٺ لفظ جيڪي عربي زبان جي "جمل" واري حساب سان، ۲۸ اکرن تي ترتيب ڏنا ويا آهن- ابجد، هوز، حُطي، ڪلمَن، سَعفص، قرشت، ثخذ، ضظغ. عربيءَ ۾ ۲۸، فارسي ۾ پ، چ گ ۽ ژ وڌائي ۳۲ ڇڏ ڪيا ويا. اڙدو ۾ ٽ، ڊ،ڙ ملائي ڪل ٿيا ۳۵.

مشرقي شاعرن هنن اکرن جا عدد به مقرر ڪري ڇڏيا آهن ته جيئن ٿورن لفظن لکڻ سان ڪنهن واقعي يا ڪنهن جنم ورتل جو سال پيدائش معلوم ٿي وڃي. (۵۵)

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل". پنهنجي ڪتاب "رهنمائي شاعري" (ياڳو نمبون) ۾ "ابجد" جي حوالي سان، " تاريخ ماده" جي ڄاڻ ڪرائيندي لکي ٿو:

**ابجد تاريخ ماده:** تاريخ جي لغوي معنيٰ آهي ڪنهن به واقعي جو وقت ڏيکارڻ. شاعرن جي اصطلاح ۾ تاريخ ان کي چون ٿا جو ڪو سِٽ، فقرو، عبارت، مصرع يا بيت اهڙو تجويز ڪجي جو ان جي مڪتوبي حرفن جي عددن سان، جمل جي حساب رستي، سن ۽ سال ڪنهن واقعي جهڙوڪ موت، جم، خوشي يا ڪنهن عمارت يا تصنيف جي ختم ڪرڻ جو نڪري اچي. مڪتوبي حرفن جي قيد ان ڪري آهي جو جيڪي لفظ لکڻ ۾ نٿا اچن تن جي عددن جو حساب نه ڪيو ويندو آهي ۽ جيڪي لفظ لکيا ته وڃن ٿا مگر پڙهڻ ۾ نٿا اچن تن جو حساب ڪيو ويندو آهي، حرفن جا اعداد ابجد جي حساب تي مقرر ٿيل آهن، جي هيٺئين ريت آهن:

ظ ض غ
٨٠٠ ٩٠٠ ١٠٠٠

متين ترتيب ۾ خالص فارسي اکر ناهن شامل جن جو مُلهه هن ريت آهي:

"ب = پ = ٢ ـ ر = ژ = ٧

چ = ج = ٣ ـ گ = ک = ٢٠" (٥٧)

**واحد بخش شيخ،** پنهنجي گرامر بهڪ "سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو" ۾ ابجد جي ڄاڻ هن نموني ڏني آهي:

عربي حروف، خاص طرح، تعداد ظاهر ڪرڻ لاءِ به استعمال ڪيا ويندا آهن، ڇاڪاڻ جو عربيءَ جي هر هڪ حرف جو "ملهه" مقررڪيل آهي. تاريخي واقعات يا ولادت ۽ وفات جا سَن ڳهڻو ، ىري عربي "الف، ب" جي حرفن ۾ لکيا ويندا. آهن جنهن کي "ابجد" جو حساب چئبو آهي.

عربي حرفن جو جدا جدا ملهه هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

**ابجد:** ا ـ ١
ب ـ ٢
ج ـ ٣
د ـ ٤

**هَوز:**
هه ـ ٥
و ـ ٦
ز ـ ٧

**حُطي:**
ح ـ ٨
ط ـ ٩
ي ـ ١٠

**ڪَلمن:**
ڪ ـ ٢٠
ل ـ ٣٠
م ـ ٤٠
ن ـ ٥٠

**سَعفص:**
س ـ ٦٠
ع ـ ٧٠
ف ـ ٨٠
ص ـ ٩٠

**قَرشت:**

**ثَخذ:**
ث ـ ٥٠٠
خ ـ ٦٠٠
ذ ـ ٧٠٠

| | |
|---|---|
| قرشت: | ضظغ: |
| ق - ۱۰۰ | ض - ۸۰۰ |
| ر - ۲۰۰ | ظ - ۹۰۰ |
| ش - ۳۰۰ | غ - ۱۰۰۰ |
| ت - ۴۰۰ | .............. (۵۸) |

**اهميت:** "ابجد" واقع نگاريءَ جو هڪ آسان طريقو آهي. "تاريخ ماده" جي حوالي سان فارسي گرامر ۾ "ابجد" جي اهميت هن ريت بيان ڪيل آهي:

"**ابجد واقعات جي ترتيب (تاريخ)** Chronograms of events جو اهو سولو طريقو آهي جنهن جي مدد سان تاريخي مادو امڙي ته آساني سان ڪڍيو وڃي ٿو جو اهو سولائي سان ياد ٿي وڃي ٿو. ڪڏهن ته واقعات کي ڪنهن فقري يا جملي ۾ امڙي ته ڪاريگري سان ترتيب ڏيو جو فقري يا جملي ۾ ڪم آيل اکرن جي انگي مُلهه منجهان، واقعي جي تاريخ يا واقع پيش اچڻ جي جاءِ ۽ وقت جي خبر پوي. مثال طور فارسي زبان جي معروف شاعر "جامي" جي وفات جي تاريخ، هجري سن ۾ هيئين طرح ڪڍي وڃي ٿي:

دوُد از خراسان بر آمد

دونهون (ڏک سبب پيدا ٿيل آهُنِ جو) خراسان مان اُسريو." (۵۹)

ڪنهن خاص واقعي، مثال طور ڪنهن جي جمڻ، وفات، ڪنهن علمي ادبي ڪارنامي جي تڪميل جي "تاريخ" ابجد جي اکرن جي مقرر ڪيل "ملهه" وسيلي ڳاڻائي، ڪڍندا آهيون.

**ڪلام پاڪ** جي هر سوره، سواءِ "سورة توبه" جي "بسم الله الرحمٰن الرحيم" (شروع الله جي نالي سان جيڪو نهايت رحم وارو ۽ ٻاجهارو آهي) جي الفاظ بابرڪات سان شروع ڪيل هوندي آهي. ابجد مطابق، مٿين لفظن لاءِ "786" جو تعداد ڳاڻايو ويندو آهي.

اسان اڪثر پنهنجي خطن ۽ ڪاروباري لکپڙهه ۾، مٿان ئي مٿان، برڪت طور "786" لکندا آهيون.

سنڌي ڪلاسيڪل توڙي عروضي شاعرن، پنهنجي شاعري ۾ ڪٿپ جي انگن وسيلي اظهار جا انوکا اسلوب ۽ البيلا انداز وضع ڪيا آهن.

سنڌي بيتن تي مشتمل "ٽيهه ڏينهن" جي عنوان هيٺ فقير نواب ولي محمد لغاري ۽ محمود فقير ڪتياڻ وغيره بيت چيا آهن. انهيءَ کان علاوه "ٽيهه راتيون" "ٽيهه اکريون" (سيهه حرفيون) پڻ چيون اٿن. شاعريءَ جي مٿين نمونن توڙي ٻين بيتن ۾ "عدد شماري" ۽ "عدد قطاري" ۾ انگن جي استعمال جا گهڻا مثال ملن ٿا.

"ابجد" جي حساب مطابق تاريخ مادو ڪڍڻ عربن جي ايجاد آهي، ان بعد فارسي وارن ان فن ۾ ڪمال حاصل ڪيو. سنڌي شاعرن، عربي - فارسي جي شاعرن جي تقليد ۾، واقع نگاريءَ (تاريخ ماده) ۾ ڀرپور ڪامياب طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪي مثال هن ريت آهن:

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، شاهه لطيف جي رسالي جي "مقدمي" ۾ ڄاڻايو آهي تہ سيد عبداللطيف ڀٽائي جو والد صاحب "سيد حبيب شاهه باخدا آدمي هو ۽ جڏهن گذر ڪري ويو، تڏهن سندس وفات جي تاريخ "الموت جسره" يوصل الحبيب الي القاء الحبيب" لکيائون......

موت آهي هڪ پُل جنهن تان هڪڙو دوست لنگهي وڃي ٻئي دوست کي ملي ٿو. اتي "لطيف" لفظ "ايهام" آهي. پهرين حبيب ۾ شاهه حبيب ڏي اشارو آهي ۽ ٻئي جي معنيٰ 'دوست' يعني "خدا" آهي" (٦٠)

سنڌ جي باڪمال صوفي ساعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وفات جي تاريخ، ابجد جي حساب سان، غلام محمد شاهواڻي، مؤلف "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاهه جو رسالو" جي مقدمي ۾ هن طرح ڄاڻائي آهي:

"ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، سن ١١٦٧ هجري مطابق

١٧٥۴ع ۾ ڀلاري ڀٽ ڏٺي جو قبو ٺهرايو. قبي جي دروازي تي ڪيترائي فارسي بيت اُڪريل آهن جن مان، ابجد جي حساب سان، سنڌس وفات جي تاريخ ملي ٿي. محمد "پناهه رَجا" جا ٺاهيل ٻه بيت هيٺ ڏجن ٿا:

(١) گفت اين رجا مريد سِنِ ارتحال پير،
گرديده محوِ عشق، وجود لطيف- مير
(٢) زدِ نعره در فراق دگر کرد سينه چاک،
شد، محو در مراقبه، جسم لطيف پاک.

جيڪا مسجد، قبي جي اُتر طرف آهي، تنهن جي ڀٽ تي جيڪي بيت نقش ٿيل آهن، تن مان پوين ٻن لفظن "رضوان حق" مان شاهه جي وفات جي تاريخ ملي ٿي.......

گفت ملهم غيب، سال رحلتش "رضوان حق،" (٦١)
اها صفر مهيني جي ١۴ تاريخ سن ١١٦٥هه / ١٧٥٢ع آهي

آخوند گل محمد "گل" هالائي عروضي شاعرن مان صاحب ديوان شاعر هو. سنڌس شاعري ۾، ڪلام جون لفظي ۽ معنوي خوبيون پنهنجي ڪمال تي نظر اچن ٿيون. "ديوان گل" جي ديباچي ۾ گل جي شاعري مان "صنعت لف و نشر" جو مثال ڏيندي، ابجد مطابق "ملهم" ڏيکاريو ويو آهي:

١- الف، بي، جيم، دال، هي پنج حرف
هڪ، ٻه، ٽي، چار پوين ٿيو پنج.

پهريائين الف - بي- جيم - دال ۽ هي، اهي پنج حرف آندا اٿس، پوءِ نمبر وار ابجد جي حساب موجب انهن حرفن جا عدد ڏنا اٿس، يعني الف =١، بي = ٢، جيم = ٣، د =۴، هه = ۵. انهيءَ کي چئبو آهي صنعت لف و نشر" (٦٢)

حافظ محمد "احسن" جي شاعري تي شايع ٿيل "ديوان احسن" جي تاريخ ماده، "ديوان احسن" ۾ ميان در محمد قريشي ٻوبڪائي ڀاران هن طرح ڄاڻايل آهي:

**قطعہ تاريخ از ميان در محمد صاحب بوبڪائي**

عجب آهہ بنجي ويو ديوان احسن
ٿيو سو بلاشڪ آهي مثل گلشن
مصنف کي صد آ فرين چوندو بيشڪ
ڪندو جيڪو ديوان احسن جو درشن
پڇيم ان جو هاتف ڪنا سال هجري
چيائين "سخندان سردار احسن"
١٣٤٩هہ
وري "خوب نسخہ وہ احسن ٿيو بس"
١٩٣١ع
ٻڌايو هي هاتف عجب عيسوي سن - (٦٣)

نوٽ: هجري سنہ ١٣٤٩هہ جي مطابق ١٩٣٠ع ۽ ١٩٣١ع ٻئي سنہ هئا.

**ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"، "ديوان واصف"** جي تڪميل جي تاريخ هن طرح ڪڍي آهي:

**تاريخ "ديوان واصف" از مصنف**

بنايو تو ديوان هي واصف عجيب،
جو رنگين مضامين سان رشڪ چمن،
ڪيم جو رمي فڪر تاريخ جو،
چيو دل تہ لکہ **جان شعر و سخن.**

١٣٤٠هہ- (٦٤)

**احمد خان "آصف" مصرائي، مخدوم محمد زمان** طالب المولى جي "لغات مُخففات سندي" جا تاريخي مادا، هن طرح ڪڍيا آهن:

"(١) "در مُخففات"" ١٤٠٥هہ
(٢) "روشن لغات" ١٩٨٦ع" (٦٥)

## ڏهائي شرستو Decimal System

ڏهائي سرشتو پڻ انگن جو تِکسات آهي. هن نظام ۾ "ٻڙي" (0) کي وڏي اهميت حاصل آهي.

**هينري سيسل وائيلڊ** Henry Cecil Wyld پنهنجي ترتيب ڏنل "دي يونيورسل ڊڪشنري آف انگلش لئنگوئيج ۾" لکي ٿو:

"**ڏهائي نظام:** (انگي حساب) ڏهن جي تعداد يا 10/1 حصي تي جوڙيل هوندو آهن ۽ ڏهن جي سمائيندڙ انگن وسيلي جوڙيا آهن.

(الف) اهو طريقو ڏهائي انگن، ٻڙي کان وٺي 09 تائين، واري ترتيب موجب لکيو ويندو آسي.

(ب) ڏهائي حساب جيڪي ڏهائي انگن تي قائم ڪيل هجن.

(ث) ڏهائي اپورو انگ جنهن جو ڇيد (ظاهر نہ هجي ۽ اهو ڏهن يا ڏهن جي سگهہ تائين وڌايل هجي).

(ج) ڏهائي نشان يا "ٽِبڪو جيڪو ڏهائي سرشتي ۾ اڻپوري انگ سان لکيو وڃي" (٦٦)

پاڪستان ۾، ١٩٥٨ع ۾، ڏهائي سرشتو رائج ٿيو جنهن سبب ڳڻپ، حساب ڪتاب، ماپ تور وغيره ۾ سهوليت پيدا ٿي پيئي آهي.

نوٽ: اڻپور ڏهائي انگن ۾ انگريزي ڊيسيمل نشاني "." آهي جڏهن تہ سنڌي ۾ "٠" جي نشاني ڪم ايندي آهي.

## تعويذ نويسي ۽ انگ

مَلا ۽ پنڊت ابوجهن ۽ سادن ماڻهن خاص ڪري ڦلهڙي اعتقاد وارين عورتن کي جنن ڀوتن جي چڪرن ۾ ڦاسائي، کين ذهني مريض بنائي، دعا تعويذ ۽ انتر منتر جادو جنتر ذريعي علاج ڪندا آهن. ملن موراڻن ۽ پابي پنڊتن جي تعويذن ۽ "شُومنترن" جي تِکسات ۾، اکرن ۽ انگن جو استعمال ٿيندو آهي. تعويذات تي لکيل ڪتابن ۾ " ابجد" جي طرز تي تعويذن لکڻ جا نمونا ڇاپايل هوندا آهن، جن جي تفصيل ۾ وڃڻ جي هتي ضرورت نہ آهي.

## انگ وديا (انساني جسم جي حصن يا عضون جو علم)

لفظ "انگ" جي هڪ معنيٰ "جسم جو حصو يا عضوو" پڻ آهي. "انگ" (جمع، گ تي زبر) جي معنيٰ بدن جا عضوا (Parts of Body) جسم جي حصن/ عضون جي تشريح واري علم کي "انگ وديا" يا "علم البدن" (Anatcmy) وغيره چيو ويندو آهي.

سنڌي شاعرن، انساني جسم جي حوالي سان انگن (انگ، واحد- تصغير، انگڙو) انگڙن جو ڀرپور انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي. **شاهه عبداللطيف ڀٽائي** انگ / اگ کي هن طرح استعمال ڪيو آهي؛

ڪاتي جا قريب جي، سا هڏ ڇيري ڇم
عاشقن پنهنجو اگ الله ڪارڻ ڏيو. (٦٧)

"**ڪاهوڙي**" يعني جوڳي فقيرن جي جسم /انگن تي ليهون ليڙون، ڦاٽل لٽڙا هوندا آهن جنهن جو ذڪر لاکيڻي لطيف، هن ريت ڪيو آهي؛

ڪاهوڙين اُهڃاڻ، انگ نہ سَڄي اگڙي (٦٨)

انساني انگن / لڱن تان مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ فرمائي ٿو؛

(١) انگ انگ ۾ آهي سوز سمايو،
سَنڌ سَنڌ ۾ تنهنجو سڏ،
اڄ تہ ڳڌاريون ڳڏ!

(مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ - وائي) (٦٩)

(٢) نار اچي انگ انگ، ويل وقت نہ آهيان

(طالب المولیٰ - بيت) (٧٠)

(٢) نار نمالي تڙ تي ويٺي، پنهنجا ويڙهي وار،
انگ انگ مان اُيرن پيا ٿا، جوڀن جا جنسار.

(نثار بزمي) (٧١)

(٣) انگ انگ اُمنگ آهہ، نئون ڇنگ تہ ڇوريو

(استاد بخاري - غزل) (٧٢)

(۵) اندلٹ جھڙا تنھنجا انگ، آگر جھڙا تنھنجا آر
(غلام حسين رنگريز) (۷۳)
(٦) بلبل ٻولي الڏه انگڙا،
جيئن بادل ٻوند برس
(غلام حسين جهتيال)-(۷۴)
(۷) ان جا ورن وَساڙان وِترا، الٖهم جهڙس انگ
(سليمان چارڻ)-(۷۵)
(۸) سُونهن سِيهل اڳري، اڊرلھ جهڙس انگ
(شيخ ابراهيم ٻيلائي)-(۷٦)

## تاريخي واقعا:

انگن (عضون) سان لاڳاپيل ڪيترائي تاريخي واقعا اسان سيني جي مطالعي هيٺ ايندا رهن ٿا. حضرت عيسيٰ (Jesus Christ) يعني يسوع مسيح جو مثال اسان جي آڏو آهي جنهن کي صليب تي چاڙهيو ويو هو، Crucified: Chirst Fixed To the Cross

عظيم صوفي "منصور حلاج" کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو سچ ڳالهائڻ تان، سزا طور سوريءَ /سوليءَ/ ڦاسيءَ تي چاڙهي، سندس انگ انگ وڍيو ويو. پر هو مرڻ گهڙي تائين، سچ ڳالهائيندو رهيو ۽ بلند آواز سان "اناالحق" وارو نينهن جو نعرو هڻندو رهيو. سندس هر عمل اسلامي شريعت مطابق "ڪفر بڪڻ" جي برابر هو. ڪانئس جڏهن انهيءَ سِر وڃائڻ واري نعري هڻڻ جو سبب پڇيو ويو ته جواب ڏنائين:

مَن نه مي گويم، يار گويد بگو!

سچ جي انهيءَ اهڙي انداز تان، لاکيڻو لطيف چوي ٿو:

سوري آهي سينگار اصل عاشقن جو!

سچل سرمست پڻ ساڳي ڳالهه ڪئي آهي:

(۱) ناز نياز سان هڪ واري، چاڙهن سوليءَ تي منصور
(ڪافي: سرمستي)- (۷۷)

مخدوم بلاول جهڙي عالم تي ڪوڙا بهتان هڻي ڪيس گهاڻي ۾ وجهي، پيڙي ماريو ويو. جهوڪ واري صوفي شاهه عنايت کي سازش هيٺ شهيد ڪيو ويو. سچارن جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن!

الڱ (مذڪر؛ واحد-عضوو) - الڱ (مذڪر؛ جمع؛ تصغيري صورتون؛ انگڙو- انگڙا) معنيٰ عضوا

حضرت شاهه لطيف جي جواني واري عرصي جو ذڪر ڪندي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، شاهه جي رسالي جي "مقدمي" ۾ مجاز جي مهميزن جو احوال ڏيندي لکيو آهي؛

"هاڻ تہ ميڪاري ڏينهن جا ڏينهن، مجنون وانگي سر پٽ پيان جهاڳڻ لڳو. عاشق شيدائيءَ وانگي محبوب جي فراق ۾ بيٺو جهرندو ويندو هو ۽ سندس نينهن جا لعرا رُڃن ۾ پڙادو ڪندا هئا. ڳالهہ ٿا ڪن تہ "هڪڙي ڀيري، برپٽ ۾، هڪ واري جي دڙي تي وهندي، عشق مٿس اهڙو غلبو ڪيو، ۽ محبوب جي صورت ۾ اهڙو محو ٿي ويو، جو غشيءَ ۾ اچي ويو... ٽي ڏينهن برابر اهڙي حالت ۾ رهيو. جهولن جي جهوٽن ڪان، واريءَ جا تهہ مٿانئس وري ويا. شاهه حبيب کهنيائي ڳولا ڪئي پر پتو نہ پيس، نيٺ هڪ ايل پنهوار، جنهن جي نظر، انهيءَ دڙي وٽان لنگهندي شاهه تي چڙهي هئي، تنهن اچي سائس اها ڳالهہ ڪئي. شاهه حبيب گهڻي اڪير سان انهي ڏس ڏي ڊڙيو. جڏهن اتي پهتو تڏهن ڏٺائين تہ شاهه جو سارو ڏڙ واري ۽ دز ۾ دٻجي ويو آهي، باقي سندس چادر جي ڪنڊ ٻاهر پيئي ڦڙڪي. سهي سڃاتائين تہ سندس ڳولا جو مقصد اتي ٿي آهي، مگر گمان ٿيس تہ شايد مري ويو آهي. نهايت رقت انگيز آواز ۾ پڪاري چيائين؛

"لڳي لڳي واءُ ويا انگڙا لتجي!"

شاهه عبداللطيف، انهيءَ دردناڪ دانهن تي، بيخوديءَ جي حالت مان چرڪ ماري اٿيو ۽ وهلو وراڻي ڏنائين؛

پيئي ڪئي پساهہ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.! (٧٨)

## ٻَڙي- ٻُڙي

لفظ ’ٻڙي‘ کي شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندو آهي. شاهه ۽ سچل جي شاعري کي ترتيب ڏيندڙن عالمن مان ڊاڪٽر گربخشاڻي، غلام محمد شاهواڻي، غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، عثمان علي انصاري، لفظ ”ٻڙي“ جي صورتخطي ۾ ”ٻَ“ مٿان ”زبر“ ڏيئي ٻڙي ڪري لکيو آهي، جڏهن ته ڪن عالمن ”ٻُ“ تي پيش ڏيئي ٻُڙي“ ڪري ڄاڻايو آهي. پر مانند ميوارام ۽ مرزا قليچ بيگ لفظ ٻڙي تي ڪا ”زبر“ يا ”پيش“ ساهي ڏنو.

ڪجهه ٻه هجي پر لفظ ”ٻڙي“ جو واسطو ٿڌو ٺٿو زناني سماج سان آهي، ڇاڪاڻ ته عورتون پنهنجي ساهيڙين، سنگين ۽ سڪين سڏ ڪرڻ وقت ”اڙي، اي، ادي“ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪنديون آهن.

ٻُڙي لفظ جي معنيٰ آهي ”ڪجهه به نه“. ڀاڻ کي گهٽ ڀانئڻ واري احساس سبب سنڌي، عورت کي مختلف نالن سان سڏيو ويو آهي، مثال طور ٻُڙي، جوءِ، زال، زائفان (ضعيف)، وينگس، هاري (هارايل/ مست هاري وهندڙ) وغيره.

سنڌي عورت سيئن پارين عظيم آهي جيڪا گهر ڀاتين سان خاص ڪري، پنهنجي ”جيون ساٿي“ يعني ”مڙس“ سان محبت ڪندي آهي ۽ کيس ”مَجازي خدا“ سمجهي ٿي ۽ سندس خدمت کي عين عبادت ڄاڻي ٿي. اولاد کي ”ڪُک“ ۾ سانڍي، جنم ڏيئي پالي وڏو ڪري ٿي. ماءُ جي ممتا، رت جي ڳانڍاپي جي حوالي سان، پاڪيزه محبت جو هڪ لازوال جذبو آهي. مٽن مائٽن ۽ سرتين سهيلين، پاڙي ۽ ويڙهي وارن سان، سندس هلت چلت سُهائيندڙ ۽ بزرگن جو احترام سندس انيڪ خوبين ۾ شامل آهن.

سنڌي عورت پنهنجي فطرت ۾ ”وفا جي پُتلي“ ٻنهي سَهپ واري هوندي آهي. مڙس تان گهوريو گهوريو ويندي آهي. مڙس جي سَڏ تي

اڪيون پير ڪري، نيٽ جي لکڻ وانگر ورلندي ۽ سندس آڏو پاڻ پٿاري، وار وچائي ڇڏيندي آهي. سندس محبت جو معيار ئي نرالو آهي. مڙس ڪٽي ڪهڙو به آهنڊ هجي، پر هيءَ سندس پيرن تي پنبڻيون ڌري، ٻيلپائي ٻنجي، سندس خدمت ڪندي آهي. سارو ڏينهن ڍور وانگر ڳرندي مرندي رهندي آهي، پر شڪايت نه ڪندي آهي. گنگي ڳانءِ وانگر، وات مان ٻڙڪ ٻاهر نه نڪرندي اٿس. سندس ايمان آهي ته:

”ڍول تنهن جي ڍار، هيئاهيون هلن جيءُ- (شاهہ)

شاهہ لطيف سنڌي عورت جي اعليٰ ترين آدرشن کان متاثر ٿيندي، ڪيس پنهنجي آفاقي شاعري ۾، ڳائي، ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

شاهہ سائين پنهنجي سورمين جي جامع ڪردار کان اثرانداز ٿي مارئي جي سانيهہ لاءِ سڪ، ليلان جو پڇتاءُ، مومل جا ورلاپ، سسئي جا سور، نوريءَ جو نياز وغيره کي دل کولي بيان ڪيو آهي.

سنڌ ۾ مرد حضرات يعني اسان جا ڀوتار، وڏيرا وڏاڪ، ڌهڪاري، ڌهيسر اجائي مردائي فوقيت، يعني پاڻ پڏائڻ، پاڻ مَهائڻ واري شديد احساس سبب، غير ضروري احساس برتري (Superiority) ۾ متبلا آهن جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪتو آهي جو اهي، ويچاري عورت کي تڇ، خسيس، ٻڙي (ٻنهہ ڪجهہ به نہ)، حقير، پُرتقصير سمجهن ٿا.

سنڌي سماج ۾ عورت کي ”گنگي ڳانءِ“ سمجهي مٿس ڏاڍ ڌمڪاءُ ڪيو ويو ته ۽ ڪانئس بچاءُ جو حق کسي شڪ جي آڌار تي ڪيس ”ڪارو ڪاري“ جي نالي ۾ ماريو ويو ٿو.

انهيءَ ڪري ئي سنڌي عورت (حد کان وڌيڪ ماري، هنيل ماريل) لهڪاريل، نِبَلُ، هيسايل، ميسَ مُٺل، رهي ٿي ۽ هميشہ احساس محرومي جو شڪار بڻيل هوندي آهي.

سنڌي عورت، مردن جي فوقيت جي دٻاءُ هيٺ پاڻ کي گهٽ، ڪمتر، ڪين جهڙي، ڏٻري، نمائي، نِڌر، آيري وغيره سمجهندي آهي.

عورت جي مختلف نالن جي استعمال جا مثال:
آئي/ آي:
لنگهي ڪالهه قطار، تون آئي اڄ نهارين !
(شاهه: سر: ديسي) (٧٩)
اڌر:
اڌر، نڌر، آيري، ڳمن ڪمائي
(شاهه: سرُ: سسئي آبري) (٨٠)
**بانهي:** ٻيلياڻي (ٻيلپو ڪندڙ) / نوڪرياڻي/گولي، مثال:
(١) بانهي ڪري پانهنجي، اهي صاحب سڏيندا
(سچل سرمست: ڪافي- سر سسئي) (٨١)
(٢) بانهن جي آءُ بانهي آهيان، ساري سب ڄمار
(سچل سرمست: ڪافي – سر سسئي) (٨٢)
**ٻڙي (واحد)- ٻڙيون (جمع):**
**ڊاڪٽر ڪريخشاڻي وانگر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "جامع سنڌي لغات" (جلد اول) ۾ لفظ "ٻڙي" ۾ "ب" تي**
زير ڏيندي لکي ٿو:
"**ٻِڙي:** ج: ٻِڙيون: حرف ندا (خاص طرح زالون ڳالهائڻ ۾، يا سڏ وقت ڪم آڻين: لئي!- اڙي!- ادي!) (٨٣) جڏهن تہ مرد کي ٻڙا ڪري سڏيو ويندو آهي.)
(١) غفلت يار گنوايو، ٻِڙي جيڏيون!
ڪِنءِ ڪريان آئون! ڪُہ ٿئو؟
(شاهه: سرُ- سسئي آبري- وائي) (٨۴)
(٢) ڳِلا ڪا مَ ڪري، لکئو تان نہ ٽري،
ٻَڙي! جيڏيون ! منهن جي وڃ! شهر ڀنڀور ۾.
(شاهه: ڪوهياري – وائي) (٨٥)
(ب) اهي، ٻِڙيون! ياروچا، اڄ اڱڻ منهنجي ايندا
(سچل سرمست: ڪافي – سر- سسئي) (٨٦)

**ڀوري:** بيوقوف، نادان، مثال:

(١) ڀوريءَ ڀي نہ تاتِ، جيڪا سا جتن جي !

(شاهہ: سُر حسيني)- (٨٧)

(٢) واري، ورائي، تـو پهـچـا نہ ڪِئا،
ڀوريءَ رنجائي، هُندَ نہ ڀيون، هيتري

(شاهہ: سر- حسيني)- (٨٨)

**ٺُڪي:** ٺڪل/هنيل ماريل/چڪنا چور، مثال:

اهي اميدان آهن اسان کي هڪُ ٺُڪيءَ سان ٿيندا!

(سچل سرمست: ڪافي)-(٨٩)

**چُڪي:** چڪنا چور/ ماريل، مثال:

چُڪيءَ کي چِٽي ڪا جاڳائي جيڏيون!

(شاهہ: سُر- سسئي آبري)- (٩٠)

**ڇوري:** جنهن جو ڪو اوهي واهي نہ هجي، يتيم، مثال:

متان، ڇوريءَ ڇڏيون، پريتڻي پچارَ

(شاهہ: سُر- معذوري)- (٩١)

**رُلي:** ڏولايل / رولاڪن جي روليل، مثال:

رُليءَ ڀائينءَ راند، ڀانيءَ عشق ڀروچ جو!

(شاهہ: سر - حسيني)- (٩٢)

**ضعيفہ:** رائفان/عورت، مثال:

پُنيءَ هوت پنهونءَ جي، هيءَ ويندي ويچاري،
ضعيفہ زاري، ڪنـدي در دوستـن جي.

(سچل سرمست: سسئي)- (٩٣)

**ڪمتر:** گهٽ نسل جي/ هيچ، مثال:

ڀَري ڀڙاڏا ڪريءَ اوري نہ آهي،
ڪمتر ڪا ڪاهي، پهچي هن پنيءَ کي

(شاهہ – سر معذوري)- (٩٤)

**ڪميڻي:** گهٽ نسل جي/ هيچ/ ٿيلهيل، مثال:

(۱) تان ڪا ڪِجاهُ وَرَ ڪميڻي تي ڪيچيا!

(شاهہ: سر - حسيني)- (۹۵)

(۲) نڪين ٿيان سگ ۾ نڪين سگهڻي،

آهيان ڪميڻي، ذات ٻروچي نہ جُڙان

(شاهہ: سر- حسيني)- (۹٦)

(۳) ڪُهي ڪميڻي هلئيا، پانيڻ ڪري ٻيرا،

ڪل نہ پيير ڪا.

(شاهہ: وائي - سر- حسيني)-(۹۷)

(۴) ڪُهي ڪميڻيءَ هلئيا، ڪهل ڪيائون ڪانَ

(شاهہ: سر- ديسي) (۹۸)

(۵) ڪميڻي ڪيچين لَءِ ، ٻورج پراهين!

(شاهہ: سر - ديسي) (۹۹)

(٦) سرڪشي سردار، مون ڪميڻيءَ ڪيهي؟

جيس ! جيسيس! وو! جيڏيون،

(شاهہ: سر- ديسي) (۱۰۰)

(۷) آتڻ اورانگهي وئا، ڪري ڪميڻي ڪئين؟

(شاهہ: سر - حسيني) (۱۰۱)

**ڪلي:** (عورت) واحد / ڪليون (جمع)، مثال:

ڪليون ڪين ڪچن ويچاريون ورن ري

(شاهہ: سر- سارنگ) (۱۰۲)

**گولي:** ٻانهي / نوڪرياڻي/ڪينرڪ، مثال:

گولي ٿيان گلبوءِ، جي مون نهو پاڻ سين!

(شاهہ – سر- ديسي) (۱۰۳)

اهو اٿم آسرو، گولي، گڏ پي گڏيندا.

(سچل سرمست- ڪافي- سر سسئي) (۱۰۴)

**لولي:** بي لڄي / بي شرمي، مثال:

تو ساماڻي سسئي! مرڻ ڪئو مُردار،
ڪِيرَ سين ڪوهيار، لولي! تو لڄائيو.

(شاھ: سُر- معذوري) (١٠٥)

**مَنُي: مَنُل:** ڏکين حالتن جي ستايل/ هنيل ماريل، مثال:

(١) جيڪس مُني مار، جيڪس ميڙ مُنيءَ کي!

(شاھ: سُر- معذوري) (١٠٦)

(٢) مَني هوڏ م ڪر، مُني محبوبن سان

(چنڊراہ سامي) (١٠٧)

(٣) مُني کي ماري، وَڃَ مَ منهنجا سپرين،

(سچل سرمست) (١٠٨)

**مُٺي:** هنيل ماريل، مثال:

(١) ايندو، اٿم آسرو، آسر هڏ نہ لاهي- تيندو مُٺي جو مهماڻ

(سچل سرمست) (١٠٩)

(٢) آسر وندي وو آهيان، واڳ مُٺي ڏي واريو- لالچ نہ ٿي لاهيان

(سچل سرمست - ڪافي) (١١٠)

**نماڻي:** نهٺي، نِوڙت واري، مثال:

(١) مون نماڻيءَ جي نجهري پيرو ڪج پنار!

(شاھ: سر ديسي) (١١١)

(٢) آءٌ نماڻي عيبن هاڻي، پاڻ پرينءَ پرچايو.

(سچل سرمست - سسئي) (١١٢)

(٣) اهو اٿم آسرو، نال نماڻي نيندين !

(سچل سرمست: سسئي- ڪافي) (١١٣)

**وڍيل:** ڪٺل، برباد ٿيل، مثال:

وڍيل تي وايون ڪري، ڪُٺل ڪوڪاري!

(شاھ - سر معذوري) (١١٤)

**هاري**؛ جمع: هاريون: هارايل، ٿڪل، ٿڪي ماندي، ڇڪنا ڇوڙ، مثال؛

(١) مَـرُ تـہ موچاري ٿيين، جيئڻ آڏو جت
هاريا ڪر همت، تہ ڏيئي دم دوست لهين!

(شاهہ: سر - معذوري) (١١٥)

(٢) ڪهڙو سگ سياڪو؟ هاريا مون، هوتن سين!

(شاهہ: سُر - سسئي آبري) (١١٦)

(٣) السفر قِطمعة مِن النار، هاريا موتُ هِتا

(شاهہ: سر - ديسي) (١١٧)

(۴) منجهہ رهي مليرَ، هاريا مون ڪوهہ ڪئو ؟

(شاهہ: سر- مارئي) (١١٨)

(۵) هاريا سو پاٿئي هار، تا آءٌ ڇام چنيسر آوڙان!

(سچل سرمست- ڪافي) (١١٩)

(٦) هاري ا مهڙا هوت تون، ٿي ويجها وسارين

(سچل سرمست - ڪافي) (١٢٠)

(٧) هاريون! هوتيالين جي، آيل! ويڙهي منجهہ وسان

(سچل سرمست - ڪافي) (١٢١)

(٨) هاريا توسان هوہ جي، ميان، ڪي جي قول ڪيائون
- پرين اهي سب پاري

(سچل سرمست - ڪافي) (١٢٢)

# سنڌي سينگار شاعري ۾ سراپا نگاري

سنڌي سينگار شاعري جي لوڪ شاعرن، ڪلاسيڪل شاعرن، توڙي عروضي شاعرن، "عورت" جي ڏج مج، ۽ سونهن سوڀيا جي واکاڻ ڀرپور انداز ۾ ڪئي آهي. عورت، ڪائنات جي سڀ کان سهڻي مخلوق ۽ قدرت جو حسين شاهڪار آهي. عورت جي انگن / عضون ۽ سندس موهيندڙ اندازن جي ساراهه ڪي شاعري جي اصطلاح ۾ "سراپا" يا "سراپا نگاري" سڏيو ويندو آهي.

انساني "انگ اندام" جو ذڪر سنڌي لوڪ شاعرن ڀرپور انداز ۾ ڪيو آهي. بيتن / ڏوهيڙن جي هن شاعريءَ ۾ ڏهس (ڏهس نامو) پڻ شامل آهي. "ڏهس" سنڌي سينگار شاعري ۾ اهم صنف طور مقبول ٿي رهيو آهي. "ڏهس "سگهڙپائي جو فن آهي جنهن لاءِ چيو ويو آهي؛

(۱) سهڻي جا سينگار، چيا هِن، ڏاهن منجهه ڏهس

(قائم الدين سهتو) (۱۲۳)

(۲) سگهڙ سالڪ سُريتا، آ ڏاهنِ جاڻَ ڏهس

(غلام حسين جهتيال) (۱۲۴)

(۳) ڏاها لکن ڏهس ڪي، مون ڪهڙو جاڻ جتي؟

(عبدالعزيز چانڊيو) (۱۲۵)

انساني عضون جي ساراهه ۾ سنوارايل ڪلاسيڪل توڙي عروضي شاعري مان ڪي مثال هن ريت آهن؛

(۱) تنهنجو وجود باغ سيو جسم تيو چمن
"گل" تنهن ۾ لک هزار، ٽڙيا رنگ لعل سرخ

(خليفو گل محمد "گل" هالائي) (۱۲۶)

(۲) انگ ڀيوت بنائي آيو، بيک ٿي وڻجارو

(سچل سرمست) (۱۲۷)

(۳) دلبر ديهه بدر جان، اٽس اطلس جهڙا انگ

("سينگار" جو سرواڻ شاعر "جلال ڪتي") (۱۲۸)

(۴) مکڻان موچارا، آهن انگ عجيبن جا
(سگهڙ ڪنيار) (۱۲۹)

(۵) جهڙا گل گلاب جا، تهڙا انگ عجيبن!
(سگهڙ حليم) (۱۳۰)

(٦) انگ اندام عجيبن سندا، هِن صاف صفا سيمين ميان
(غلام محمد ڪتي) (۱۳۱)

(۷) مِٺا محبوب موچارا گل اندام
سمن رو، ياسيمن - بُو ياسيمن فام.
(فضل محمد ماتم- غزل) (۱۳۲)

(۸) سجڻ يار جو نقش قامت نہ پُڇ،
ٿئي جو نشان- قيامت نہ پُڇ!
(محمد بخش "واصف") (۱۳۳)

(۹) غم هجران سندو ڪو رنگ ناهي،
بچيل زخمن کان ڪوئي انگ ناهي.
(پير شاهنواز عارف المولي) (۱۳۴)

(۱۰) آهن مثل انار جي، عجبين جا انگ!
(مير محمد "ميرل" جويو) (۱۳۵)

## اصطلاح

انگن (بدن جي عضون) تان ڪيترائي اصطلاح مشهور آهن جن مان ڪي مثال هن ريت آهن:

(۱) **انگ اکر:** Facts and Figures مثال: ملڪيت جا انگ اکر ڳڏ پيو ڪري

(۲) **انگ اگهاڙو:** جنهن ڪي بدن تي پورا ڪپڙا نہ هجن

**مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي:**

انگ اگهاڙا، هتَ ئلا، جهڙا چٽيا ماءَ -(۱۳٦)

**تاجل بيوس:**

انگ اگهاڙا پارڙا، پيتن سان پاهڻ. - (۱۳۷)

ادل سومرو؛

جي نہ هُجي ها ڪوري جڳ ۾، انگ اگهاڙو هجي آدم ـ(۱۳۸)

(۳) **انگين اگهاڙا - پيٽ بکيا:** مسڪينن جا پار انگين اگهاڙا (ill-clad ۽ پيٽ بکيا ill-fed) هوندا آهن. غريب ويچارا ٿوري ڪمائي مان پنهنجو ۽ گهر ڀاتين جو انگ ڍڪين يا پيٽ ڀرين! اها صورتحال هن طرح هوندي آهي؛

(۱) انگ اگهاڙا پيٽ بکيا، تن وٽ ڪوئي شور نہ آهي

(زخمي چانڊيو خان چانڊيو)- (۱۳۹)

(۲) انگ اگهاڙا پيٽ بکيا، مور نہ جن مڪان

(غلام نبي عاجز)- (۱۴۰)

(۴) **انگہ انگڃڻ يا انگڃيو وڃڻ:** انگن/عضون ۾ ڪهاءُ يا وڍ ٿيندا محسوس ڪرڻ، مثال؛

سڱي وائي وڃڻ جي، منهنجا انگڃيو وڃن انگ

(ابراهيم منشي)- (۱۴۱)

(۵) **انگن انگہ چاڙهڻ:** يعني انگ / اگن (جسم) کي انگن / انگهن (ڦاهي/سوري/ڦاسي) تي چاڙهڻ يعني موت جي سزا ڏيڻ يا ٽنگي مارڻ (To hang) يا ٽنگجي مرڻ يا ڦاسيءَ تي چڙهڻ. شاهہ لطيف جي چوائي؛

(۱) هوت هلندن ڪنڌئو، جن انگن چاڙهئو انگ

(سر- سسئي آبري) (۱۴۲)

(۲) ساموندڙيڪو سک آهي گندر گاڏئون

انگن چاڙهي اگ، وڻو وڻجارو اوهري!

(سر- ساموندي) (۱۴۳)

(۳) جيڪا ڪندي ٻسنگ، مون جنءَ ڀاروچن سين

انگن چاڙهي انگ، رؤندي سَا رت ڦڙا

(سر- حسيني) (۱۴۴)

(١٧) انگ ريکک: حفاظت ڪندڙ / رکوالو Body Guard
(١٨) انگ سان لائڻ: جسم سان لائڻ، ڀري ڀاڪر ۾ ڪرڻ، ڀاڪر پائڻ.
(١٩) انگ سنگت: ساهه سنئون: جدا نه ٿيندڙ، سدائين گڏ Inseparrably to-gether
(٢٠) انگ وڍائڻ: ڦاسيءَ تي چڙهڻ، ٽنگجڻ. مثال:
(١) ويا وڍائي انگڙا، مانجهي مرد مٽيرا!
(پير شاهنواز عارف المولي) (١٤٨)
(٢) عاشق پنهنجا انگڙا، وَر ڏيو وڍائين!
(پير شاهنواز عارف المولي) (١٤٩)
(٢١) انگيل: ڪُنل يا ضبح ڪيل جانور جي کل لاهي ٽڪرا ٽڪرا يا ٻيرا ٻوٽيون ڪيل گوشت.

متفرقه:

انگ ڀنگ ڪرڻ: داڙِ ڦاڙ ڪرڻ، ڳَڙٻڙ ڪرڻ، ڊاهه ڊوهه ڪري ڇڏڻ، خراب ڪرڻ.

نوٽ: خاص انگن (بدن جي خاص عضون) تان / تي هزليات جو گهڻو سارو مواد موجود آهي جنهن جو ذڪر هتي ڀنهه ضروري نه آهي.

سراپا نگاري:جسم جي انگن/عضون (The whole body/The figure) سر تا پا يعني مٿي کان پيرن تائين تعريف ڪرڻ.

سنڌي شاعرن کي "سراپا" /سراپا نويسي/ سراپا نگاري جي فن ۾ فارسي شاعرن وانگر ڪمال حاصل رهيو آهي. سنڌي لوڪ شاعري توڙي، موزون شاعريءَ ۾، "سراپا" جا عمدا مثال موجود آهن.

سراپا جو گهڻو تڻو واسطو "عورت" جي انگن / عضون سان لاڳاپيل لطافتن، نزاڪتن ۽ دلربائين سان هوندو آهي، عورت فطرت جو انمول تحفو آهي. سندس انگ انگ ۾، بهارن جي هَبڪار سرجيل هوندي آهي. سندس مست جوانيءَ جي سون ساريکي سونهن جي ڦولار جا چنجيا!

سندس انداز دلربائي ۾ سموهيل لفظن جي حرف حرف مان

ڇاڪاڻ ۾ گلن جي تازگي ملي ٿي. سندس رفتار، رشڪ بهار کان مائٽي ويٺن ٿا. سندس لبن جا گلاب ٽڙن ٿا تہ فضا ۾ سڳنڌ سمائجيو وڃي. سندس ڏندن جا موتي چمڪن تہ "وڄ" ڪنڌ نوايو ڇڏي.

## سنڌي غزل رنگ:

"عورت" جنهن کي سنڌي ۾ "ٻڙي" (ڪجهہ بہ نہ) پڻ سڏيو ويو آهي، سا، سراپا (سرتا پا يعني چوٽيءَ کان پيرن تائين) سونهن آهي. سچ تہ عورت "حسن مجسم" آهي. "غزل" جي شاعري ۾ محبوبن جي مذڪورن، البيلن جي اندازن، هوشربا غمزن جو ڀرپور انداز ملي ٿو جنهن جو واسطو عورت جي انگن سان هوندو آهي. سنڌي غزل ۾ سراپا جو ڀرپور رنگ موجود آهي.

سنڌي غزل نگار، هدايت علي نجفي "تارڪ" عورت جي دلڪش انگن (عضون) جي مختلف رنگن جي ڇلڪندڙ مستي جي حوالي سان، ڪيس "گلبدن" ڄاڻائيندي، هن طرح تعريف ڪئي آهي:

چشم گل، لب گل، دهن گل، خال گل، رخسار گل،
دست گل، انگشت گل، پا گل، بدن گل، وار گل (١٥٠)

مطلب تہ عورت جي اٿاهہ سونهن سوڀيا ۽ دلڪشيءَ کي، مڪمل طرح لفظن ۾ سمائي نہ ٿو سگهجي. شاعري جي غزل واري صنف ۾ "عورت" کي "پيڪر حسن" ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

سنڌي موزون شاعري جي اڪثر شاعرن، فارسي غزل جي تقليد ڪندي، روايتي انداز ۾ عربي فارسي لفظن، فقرن اصطلاحن کي ڀرپور انداز ۾ ڪم آندو آهي.

سنڌي "غزل" ۾ پڻ روايتي لفاظي ڪجهہ هن طرح هوندي آهي:

## شاعرانہ لفاظي

عروضي شاعري ۾ خاص ڪري غزل گوئي/ غزل نگاري/غزل نويسي ۾، ڪي خاص لفظ ۽ محاورا ڪم آندا وڃن ٿا جن جي استعمال کان سواءِ "غزل" لکي نہ ٿو سگهجي. غزل نگار جي انهي خاص

ڪم ايندڙ "لغت" مان ڪي مثال هن ريت آهن؛

**عـاشـُق:**

عاشق اِلدوهہ گين، عاشقِ بي خود، عاشق جانباز، عاشق دِلگير، عاشق ديوانہ، عاشق رسوا، عاشق سرمست، عاشق مستانہ، عاشق مهجور، عاشق ناتوان، عاشق ناشاد، طالب ديدار، مشتاق وغيره.

**معشوق/ محبوب:**

آتشين رُخ، آتشين مزاج، بُتِ بي پير (جنهن جو ڪو پير يا مرشد نہ هجي)، جانِ آرزو، جان تمنا، جانِ جان، جان جانان، چندِ آفتاب، چند ماهتاب، دلبر، دلربا، رشڪِ بهاران (جنهن تي بهارن کي ريس اچي)، رشڪ چمن، سيمين، سيمي بدن، شعلہ روُ، شوخ و شنگ، شيرين لب (مٺن چپن وارو)، صنم، قرة العين (اکين جو ٺار)، ڪافر ادا، گل اندام، گل بدن، گل بہ دامان، گلروء، گلفام، ماهہ لقا، ماهرو، محبوب، معشوق، مهہ جبين (جنهنجي پيشاني چنڊ جهڙي هجي)، ماهلقا، مهرو، ناز پرور، نازنين، نجيب وغيره

**رقيب؛** رقيب روسِيهہ (ڪارَ منهنون رقيب يا ڪَـرُ يا ڪارو ڪبرّ). مثال؛

ڪَرُ، مَر ڪامي پچي، آئون ويندي در دوستن جي!

(شاهہ- سارنگ)-(١٥١)

**پيرمغان:** "پير مُغان" جي لفظي معنيٰ باهہ جو پوڄاري، آتش پرستن جو پيشوا / مخدوم/ شراب پيارينڌڙ /معشوق (mistress)، شراب جي محفل ۾ پياڪن (شراب پيئندڙ) کي شراب پيارينڌڙ عورت.

"شاهہ لطيف ڀٽائي، انهي مفهوم لاء "موکي" (شراب چکائيندڙ /شراب پيارينڌڙ) جو لفظ ڪم آندو آهي. جڏهن تہ 'پياڪن' کي "متارا" سڏيو آهي. 'موکي' جي شراب جا مٽ ضرب المثل بڻجي ويا هئا ۽ موکي يا متارا هڪ ٻئي سان لاڳاپيل رهيا.

واعظ، شيخ، مُحتسب.

**انساني انگ:** (جيڪي عورت کي سراپا حسن يا سونهن سوڀيا جو شاهڪار بنائين ٿا) سي مختصر طرح هن طرح آهن؛

**ابرو:** (ڀرون)- ابروي خمدار، سيف ابرو (تلوار جهڙا ڀرون)

**جبين:** (نرڙ / پيشاني) جبين ناز

**چشم:** چشم غزالان، چشم گريان (روئندڙ اک)، چشم نرگس (نرگس گل جهڙيون اکيون)، نرگس مخمور

**دل:** دل مضطر، دلِ ناتوان (ڪمزور دل)، دل بي تاب، دل بي قابو (بيوس دل)

**رُخ:** منهن) - رُخ تابان، رخ روشن، رخ زيبا (سهڻو منهن)

**رُو:** (منهن)- روءِ زيبا، رويِ تابان

**زلف:** وار/ پٽون/ گيسو، مثال؛

ات ڳرو گوڳي جي ڳرندي، ڪين ڊال،

سخت آ، زلف- صنم واري بلا (١٥٢)

گوگو؛ جوڳين جو مُرشد- (هدايت علي نجفي "تارڪ")

زلف پيچان (ور وڪڙ يا کهنڊيدار وار)، زلف پريشان (وِکريل وار)، زلف زنجير، زلف عنبر بيز (عنبر/مشڪ ڇنڊيندڙ وار)، زلف گِرهه گير، زلف مُشڪين (ڪارا ڪارا وار) وغيره.

**عارض:** (ڳل / ڳِٽا) - عارض گلگون،

**غبغب:** ڪاڏي/ ڪاڏيءَ جو چڪهه

**سينه:** (اُرهه / سينو / ڇاتي)- سينهٔ بريان

**لب:** (چپ)- لَبِ احمرين (ڳاڙها چپ)، لبِ شيرين (مٺا چپ)

**مژه / مژگان:** (سنڌ صورتخطي؛ مُژگان / مِيگان)؛ ڀنبڻيون

## متفرق

- اهل جَفا، اهل چمن، اهل دِل، اهل وفا
- حسن جهان سوز، حُسن سدا بهارَ، حُسن مُجسم

• راز دل، راز نِهان (من انــدر جـون ڳـالـهيون/ ڳجهيون ڳالهيون)، راز ونياز (عشق جون ڳجهيون ڳالهيون / قرب جي ڪچهري)
• جام و سَبو (پيالو شراب جو)
• چاڪِ گريبان (چيهاڙيون ٿيل دامن)
• زهي قسمت، زهي نصيب (داد يا شاباس ڏيڻ جا لفظ)
• سوز و گداز - سوز پنهان (لڪل ساڙ يا سڙڻ واري حالت)
• شراب ناب، شراب خانہ خراب، شمع پروانہ، شمر و سخن
• عاشق خانہ خراب، عاشق نِادار، عاشق نامُراد
• فصلِ بهار، فصل گُل (بهار)
• نِگهت خوشبو/سرهاڻ/ هڳاءُ

سراپا نگاريءَ ۾ محبوب جي انگن (بدن جي حسن) يعني عضون ڪي بيان ڪرڻ لاءِ، تشبيهن کان ڪم ورتو ويو آهي.هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا جيڪي حاجي محمود "خادم" لاڙڪاڻوي جي ڪتاب "رياضت البلاغت" تان کنيا ويا آهن:

## تشبيهات

**قد:** سَروُ، صنوبر، شمشاد، سرو آزاد، سروحبي، سروناز، طوبيٰ، شاخِ طوبيٰ، شاخ گل، قامت قيامت، نخل يا کجي، تير.

**وار-** رات، اڌ رات، ڪاري يا اونداهي رات، ظلمات، هندو، مسڪر عنبر، دام، دار يا سوُري، شام، ڪڪر، ڪمبو، سوداءُ

**زلف:** سنبل، ريحان، ڪمند، زنجير، تانگ، سوري، مشڪ، شام، رات، عمردراز، حبش چابڪ، چهبڪ، وچون، عنبر، رسو، لام، ميم، نوَن، چوگان، صليب، کارو ڪڪر، ڪنڊي، دام، هندو، ڪافر، خطا، ختن، تاتار، چين، ڪاڪل.

**منُه:** چنڊ، سج، شمع، چراغ يا ڏيو، مصحف، گل، شملو، مشعل، طور، تجلو، لالہ، ارغوان، صبح، باغ، گلش، گلزار، چمن، بهشت، ارم.

**خال:** هندو، شيدي، مشڪدانہ، داڻا، هَرمرو، نقطو، حجر اسود، صوف جو ٻج.

**پيشاني:** آئينو، چاندي، لوح محفوظ، چنڊ، هِلال، بَدر، سج، قمر، مشتري، زهر، سهيل.
**ڪمر:** وار ڪان سنهي، ميم، نقطو، ڪجهه به نه، عنقا، عدم.
**ابرو:** هِلال يا پهرين تاريخ جو چنڊ، محراب، ڪمان، قوس، قزح، تلوار، خنجر، ڪمند، طاق، نون، ڪنجي، عيد جو چنڊ، ذوالفقار.
**چشم:** بادام، نرگس، ترڪ، هندو، خوني، دونالي، زهره، ساغر، جام، بابل، هاروت، جادوگر، سامري، ساحر، پيالو، ڪٽورو، هرڻ، غزال، صاد، عين، ظر، بيمار، خماري، نشيلي، شرميلي، ڦهري، دام، پاسي.
**مزگان:** خنجر، تير، تيغ، ترار، ڀالو، نيزو، ڪنڊو، سئي، باز جو چنبو، ڪان، ٺڪو، ڦر، ڏنگ، نيش، نشتر.
**نڪ:** الف، مکري، شاخ.
**لب:** برگ گل، آبِ حيات، خرمو، پستا ڪوثر، مسيحا، ماکي، مصري، شڪر، قند، نبات، لعل، ياقوت، عقيق، مرجان، شفق، سهيل، باهه، تاندا.
**خط:** بنفشه، هندو، ريحان، زمرد، غبار، ماڪوڙيون، زنگبار، چنڊ جو هالو، حبش، عنبر، مشڪ، جدول، زنگاري.
**دهان:** غنچه، پستا، منڊي، جو هر فرد، نقطه، موهوم، عدم، سپ، قطرو، موتن جي دٻلي، مرجان جي دٻلي، ياقوت جي دٻلي، ميم، ماڪوڙي جي اک، نمڪدان.
**ڏند:** موتي در، ڳڙا، الماس، هيرا، تارا، ڏاڙهون جا داڻا، ڪتيون، موتن جي لڙهه، ياسمين يا نسترن جي مکري، يس.
**ڪاڏي:** صوف، شفتالو، چاندي، ٻهي، بهشتي صوف، سمر قندي صوف، زنخ جو کوهه، چاهه بابل، چاهه ڪنمان، پاڻي جو ڪُنُ، طوق.
**ٻانهه، هٿ:** چاندي، مرجان جو چنبو، شفق، الله جو لفظ، قسمت.
**ناخن:** هلال يا نئون چنڊ.
**ڳچي:** ڪونج جي ڳچي، هنج جي ڳچي، ڪنيي. (١٥٣)

# سنڌي ڪلاسيڪل شاعري ۾ سينگار رنگ

سنڌي شاعرن، موزون شاعري ۾ ڪم آندل روايتي لفاظي کان علاوه، سراپا نگاريءَ ۾، سنڌي لفظ ۽ اصطلاح پڻ ڪم آندا آهن. مثال طور "محبوب" لاءِ، اکين جو ٺار، ٺاڪر نيڻ ٺار، منٺار، منو مٺيار، من جو مٺيو، چاڳلو، پٽول (پٽ / ريشم جهڙو)، پيارو/ پيارل، پرين، ساجن، سپرين، سهڻو، من موهڻو، منَ موهن، سونهن جي سرڪار، سڄڻ وغيره.

محبوبن جا انداز ئي نرالا هوندا آهن. البيلن جي "اک جي اٽي، ڏاڍي دل کي وٽي"، "اک جي پُجڙي، جهڙي نانگڻ بچڙي"، "چشمن جي چيٽڪ"، "ڏند دلبند؛ زلف جي بند ڪمند وڏا"، "عشق جو ارو سور ۽ پرو"، "ڪهڻ لاءِ ڪُنڌيون، ڪاريون ڪڪوريل، ڪجليون تبر جون تجليون" وغيره.

سنڌي ڪلاسيڪل شاعري ۾، عورت جي حسن جي هاڪ بي باڪ انداز ۾ بيان ڪئي ويئي آهي. شاهه لطيف جي شاعري مان ڪي مثال هن ريت آهن؛

شاهه لطيف سر "مومل راڻي" ۾ ڪامٺي، "مومل" جي ڪاڪ تڙ" واري رنگ محل جو نظارو، سندس جوت جمال، ڏچ مچ، (Glamour) ۽ سون ورني سونهن، لال لبيس، هار سينگار، واسيل وارن، ڪجلين ڪنارين، البيلن اندازن جو نقش هن طرح چٽيو آهي؛

گجر کي گجميل جيون، تارن ۾ تبرون (١٥۴)
مومل کي مجاز جا، اکين ۾ الماس (١٥٥)
مومل کي مجاز جا، اکين ۾ انبور (١٥٦)

## سنڌي لوڪ رس واري سينگار شاعري

سنڌي لوڪ شاعري، سگهڙ پائي جي شاعري آهي جنهن کي پنهنجا انوکا انداز ۽ نمونا آهن، جن مان "سينگار" ۽ "ڏهس" وڏي اهميت رکن ٿا. انهيءَ کان علاوه، زالن جا گيچ / لاڏا / سهرا، عورتاڻي لفاظي ۾ رچيل، سنڌي لوڪ شاعري جا عمدا مثال پيش ڪن ٿا؛

سنڌي سينگار شاعري ۾، تشبيهن ۽ استعارن جي مدد سان، سهڻن جي "سورنهن سينگارن" جي حوالي سان، عورت جي انگن يعني جسم جي حصن / عضون سان لاڳاپيل شاعري ۾، جنهن تہ اڳي ذڪر ڪري آيا آهيون، "سراپا" - سر / متو/ چوٽيءَ کان وٺي "پا" يعني پيرن تائين، لفظن ۽ چوڻ فقرن ۾ چٽيو ويندو آهي. پٽول پدمڻي جي رنگ ڍنگ، رفتار گفتار، ڳاهہ ڳوهہ ۽ ڏچ مچ جو ذڪر موهيندڙ انداز ۾ ڪيل هوندو آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب، "وينجهار" ۾، سينگار جي معنيٰ هن ريت ڄاڻائي آهي؛

"سينگار (سنسڪرت، شرنگار) جي معنيٰ آهي؛

"ڳاهہ ڳوهہ، سجاوٽ، سونهن وغيره" (١٥٧)

سنڌي سينگار شاعري جي سرواڻ شاعر، "جلال ڪنيءَ" جو هيٺيون سينگار بيت، نموني طور پيش ڪجي ٿو؛

جڻ آپ ۾ آبر بهارَ، تَئَن تو ڪيس قريب جا،
اَليهر جان آڏلي پيا، بدن ڍُريا تي ڍارَ،
مُنهن مثل مِرڳهہ جي، آ موتيئڙن موچار،
هَنجهہ پکي بہ لوڏ لِڪي ويا، گينور سڀ گرفتار،
شمس شعاع ٿي نہ ڪري، ويو گڏجي منجهہ غبارَ،
سٽي بولي ٻاجهہَ پرٺي جي، ڪري ڪوئل ناڪوڪارَ،
ساٿيهہَ ۾ سنسار، تنهن کان جانب وڏ جلال چوي. (١٥٨)

**سونهن ۽ سينگار جي حوالي سان عورت جا نالا:**

سنڌي شاعرن "عورت" جي انگن جي تعريف ڪندي، ڪيس مختلف نالن سان سڏيو آهي. ڪي مثال پيش آهن:

**پدمڻي:**

(۱) پشم برابر پدمڻي، ويتر پائي ويس

(محمود خان شر) (۱۵۹)

(۲) پلڪان پلپل پدمڻي، ابرو سيف سنهارا

(سگهڙ : ڪنيار) (۱٦۰)

**ڪامڻ / ڪامڻي:** جادو ڪندڙ / ساحره. مثال:

ڪامڻ جون "قادر" چئي، آهن اکيون آب پريون

(سگهڙ: قادر بخش) (۱٦۱)

ڪامڻ ڳچي ڪونج جي، جيئن آهو اکياري

(سگهڙ: صابر موچي) (۱٦۲)

ڪنول قول ڪامڻي، ڪيس ڪڪر ڪارا

(سگهڙ: ڪنيار) (۱٦۳)

**گجو / گجوءِ:** گجر ذات جي عورت مثال طور "مومل": اصطلاح ۾ "گجري" معنيٰ سهڻي عورت، جيئن:

گفتگو ٻڌي گجريءَ جو ڪئي ڪوئل بس ڪوڪر

(سگهڙ: انڙ) (۱٦۴)

**ڳوري:** گوري / عورت، مثال:

جب ڳوري ڳهنا ڪري، زيور ذاتيون ذات

(ڪبير شاهه ڀيلائي) (۱٦۵)

**منڌ:**

پرين جي پاراس، هيءَ منڌ نه ماڙهن جهڙي

(گمنام شاعر) (۱٦٦)

**مهري:**

هيءَ مِهري موچاري، هن کئون هاٿي هلڻ سکيا

(صابر موچي) (١٦٧)

**ناو / ناوي:**

صورت جنهن جي سڦري هئي، ناز پري سا نار

(ڀيڙو چانڊيو) (١٦٨)

**نازنين:** ناز انداز واري عورت/ ناز پرور، مثال:

نين نہ نرگس نازنين، وجهن دام ڏيارا

(سُگهڙ: ڪنيار) (١٦٩)

**وينگس:**

(١) پوتر پيا پٽڪن، وينگس سندي ويس تي!

(سگهڙ: لونگ) (١٧٠)

(٢) چور چنبن ۾ مُشڪ مَليا، سي وينگس ونيو وار ونگين

(سگهڙ: لونگ) (١٧١)

## سهڻن جا سينگار ۽ البيلا انداز

مجازي محبوب جي حسن جي معيار جي حوالي سان "**جلال ڪتي**" پهريون شاعر هو جنهن سنڌيءَ ۾ "سينگار شاعريءَ" جو بنياد وڌو. اها پڻ حقيقت آهي تہ **شاهہ لطيف** "سهڻن جي سينگار" ڪي جهجهي لفت سان سينگار رس ۾ رچي، انوکي انداز ۾ پيش ڪيو جنهن کان متاثر ٿي، شاهہ عنايت جهڙن برک شاعرن ۽ پين ڪهڻن سارن، شاهہ لطيف جي ڪهڙيل واٽ ورتي. **پتالي ڪهوٽ**، محبوب جي ناز و ادا جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

**خوش رفتاري** (ٺلڻ ٺلڪڻ ۽ مَلڻ جو موهيندڙ انداز)، مثال:

(١) ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،

يُون پڻ "بسم الله" چئي، راهہ چُمي ٿي رِندُ

اِيئن ڪهڙي ادب سين، ولي حورُن حيرت هنڌ
سائين جو سوگند، ساجن سيڻان سهڻو
(سر بروو سنڌي- فصل پهريو) (١٧٢)

مون "شاهه عنات" سهڻين سدا موهڻين جي سونهن جي حوالي سان، گلبدن گجرين جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي؛

(٢) گلبدن جون گجريون اِرم اوڏيائون،
چوٽا تيل قليل مان، واسينگ ويڙهيائون،
انهيءَ پر عنات چئي، راڻو رانيائون،
سو موني ڪيئن پاهون، جو گل گجر کي گڏئو! (١٧٣)

**سگهڙ رنگ،** سگهڙن جي شاعري، مثال؛

(٣) مور مثل محبوب جي، ٽورَ سنڌو تِلڪار!
(سگهڙ: مهدي) (١٧٤)

(۴) هاٿي، هنج حيران ٿيا، ڏِرڪڻ سندي ڊارَ
(ڪبير شاهه هيلائي) (١٧٥)

(۵) سَونهڻا سُونهڻا سُپرين، سونهڻا قدم سنداءِ
(مِينهن فقير مگڻهار) (١٧٦)

(٦) هلڻ چلڻ حبيب جو، ڪَرِ ڏِرڪڻ ڊيلن ڊارَ
(موسو مَنڌير لاشاري) (١٧٧)

(٧) هلڻ ڏسي حبيب جو ڪتِ ڪنير ڪوَائي
(عبدالرحمان مهيسر) (١٧٨)

(٨) جڏ پرين نڪتا پاڻ، تڏِ حورون هنڌ لڄائيون
(سگهڙ: هوندن) (١٧٩)

حسن لاجواب: (سونهن سَنوار)، مثال؛

(١) ملَڪ فلڪ قربان ٿيا، ٻَڏي سهڻي جا سينگر
(سگهڙ: جمال) (١٨٠)

(٢) جنهن کي سُونهن ڏني سبحان،
تنهن سان ماهه مُقابل ڇا لڳي!
(يوسف ڪتي) (١٨١)

(٣) بُت بخمل بادام جان، بِلور جان تہ بَدن

(گل بهار سومرو) (١٨٢)

(٤) مشڪ ختن جو، چا هي عنبر، هوتن وڏ هيڪار چوان

(پير ڪمال سائين نوشهري فيروز وارو) (١٨٣)

(٥) چا هي وِلڪ وِجن جي، دلبر جي ديدار

(ڪبير شاهہ بيلائي) (١٨٤)

(٦) مِٺي ماڪيءَ ساھ، تنهن جي سونهن ڏسڻ ۾ سپرين

(شيخ سائينداد) (١٨٥)

**"گهوٽ ڪنوار" جي حوالي سان، عورت جي روپ جا ڪي نالا:**

**اربيلي:** البيلي

**البيلي:** البيلاين واري / نازنين

**بَنري:** ڪنوار/ لاڏِي / لاڏلي /لاڏِڪي/لاڏلَ

**پٽول:** پٽ ريشم جهڙي

**سهاڳڻ:** سهاڳ واري/ جنهن جو سهاڳ يا مڙس سلامت هجي

**ڪنوار:** تازي پرڻيل عورت، مثال

(١) سنهڙي سيتڻ ڪنوار، محلي مومل آڻ

لوڏي لاڏ منجهان، لاڏلَ بانهن وراھ (ڳيچ) (١٨٦)

(٢) سنهڙي لعل ڪنوار تون ، اوري تہ نهار! (ڳيچ) (١٨٧)

**ڪيسري:** لاڏيءَ جو لايو ٽيو، سجايو،

ڪيسريءَ جو لايو ٽيو سجايو،

البيلو لاڏو آيو. (ڳيچ) (١٨٨)

**لاڏڪي:** البيلي / لاڏ ڪوڏ واري/لاڏ واري / موهيندڙ انداز واري

**لاڏلي:** البيلي /ناز واري، مثال:

منهنجي پَٽَ جهڙي لاڏليءَ کي، شل ڪوسو واءُ نہ لڳي!

(ڳيچ) (١٨٩)

**لاڏي:** لاڏواري /نازنين، مثال:

(١) لاڏي بائي پائي، پائي موتين هار
هارَ جيڏل جو جنسار! (ڳيچ) (١٩٠)

(٢) لاڏيءَ جي وڏڙي ڄمار، ٻَنرو ڪنوار ڪٽي گهر آيو (ڳيچ) (١٩١)

**لاڏيلي:** لاڏ ڪوڏ واري

**ونهيل:** وَنَلَ / ٻَنريَ /ڪَنوار

**سنڌي سراپا:** اڄ ڪي "سراپا" سهڻل جا، سنڌيءَ ۾ سٽجن (گل بهار سومرو ) (١٩٢)

انساني انگن (خاص ڪري عورت جي بدن جي عضون) جي حوالي سان، سنڌي شاعرن، سگهڙن پنهنجي شاعري (ڪلاسيڪل، عروضيءَ لوڪ شاعري) ۾ مجازي سونهن جو ڀرپور ذڪر ڪري پاڻ موڪيو آهي. هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا جيڪي "گهوٽ ڪنوار" سان لاڳاپيل، سهرن / لاڏن / ڳيچن تان ورتل آهن:

**اک:** (واحد) / **اکيون** (جمع): چشم، عين، نيڻ، مثال:

- اکيون رب رکيون!
- اکيون ادل جون پرن مشعلا، ڪجل هي رنگ لايو (ڳيچ) (١٩٣)

**چشم:**

- چشمن جا چالا، ائين جيئن ترني تجليدار! ـ (سگهڙ: محمد) (١٩٤)

**عين:**

- مَنهن مک مه جبين، آهن اڻجهل عين عجيب جا ـــ (جلال) (١٩٥)

**نيڻ:**

- ڪَنول نيڻ قريب جا، ڏسڻ صورت سال ـــ (ڪبير شاهه ٻيلائي) (١٩٦)

**پروڻ:** پرون جاڙا

- ڀيرا ڀونئرَ پرَون تي، آئي چاسنگر ڪي چس (غلام سرور شيخ) (١٩٧)

**پيشاني:** نرڙ/ نراڙ، مثال:

- پيشاني پرينءَ سنڌي، جڻ چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪار (سگهڙ مهدي) (١٩٨)

چپ: لب

● ريتا چپ چيروان، مرگان خوب خدنگ (جلال) (١٩٩)

پيرا: پٽ پتونئڙا، مثال؛

پير پٽونئڙي پرين جا، جئن چانسکر چمڪن

(عبدالرحمان مهيسر)(٢٠٠)

چپ/ لب

● چپ چتونئڙا!

● لئون لئون سينڌ صفا گهٽو، لب لاکيءَ کان وڌ لال

(سليمان چارڻ)(٢٠١)

● لبن لالي لال، ڪا جا سرخي سجڻين !

(ڪبير شاهه ٻيلائي) (٢٠٢)

● جئن ڪهنبو رنگ ڪلي پوي، تهڙي لالائي لبن

(ملار لاشاري)(٢٠٣)

چيلهه:

چيلهه سنهي چيتائي، بدن ٻَت بهار

چيلهه چيلائي جهڙي (دريا خان) (٢٠٤)

چَپر: ڀنبڻ / اکين جا ڇپر، مثال؛

● ڇَلن ڇپر وسن ڪکر، جيئن تجلا طورَ تين

(گل بهار سومرو) (٢٠٥)

ڏند:

● تنهن جا ڏند دلبند لا، هو جمالو! (سنڌي لوڪ گيت)

● ڏوڏر ڏاڙهون ڏندڙا، موتين جيئن مهار

(حاجي منتار علي شيخ) (٢٠٦)

● سون برابر سنگ، موتي ڏند "مريد" چئي (مريد جت) (٢٠٧)

● ڏندن ڏيکاءُ عجيب جو، موتين ڳوپ قطار (سگهڙ محمد) (٢٠٨)

● جئن سهڻا موتي سپَ ۾، تهڙي ڏِتِ ڏندن (ملار لاشاري) (٢٠٩)

● ڏند "ادل" جا مالڪ موتي، سُرخي جوڙ بنايو، مومل ساڻ ملايو... (ڳيچ) (٢١٠)

سينو: ڇاتي / اُرهہ. مثال:
● جيئن اِشرنگ آسمان ۾، تيئن سينو سُپرين (ٻيو بالادي) (٢١١)
مُنهن: مُک/ مکڙو:
● منهن تہ مِرگهين سهڻو، ٻي ڇيلهہ ڇيلاٽي ڇين
(سگهڙ ڏاتو ڏتي) (٢١٢)
● مک منور محبوب جو، چندر کان چهرو چاس
(حاجي نظام الدين عالماڻي) (٢١٣)
وار: ڀند/ زلف/ ڪاڪل/ ڪيس. مثال:
● وارَ وسيهَر ترنگ تليهر، ڏرها زلفن دام (طالب ماڇي) (٢١٤)
● ڀندَ ڀونر بشيهر سُنبل سنهڙا، ليٽن لال بدن (سگهڙ: محمد) (٢١٥)
● زلف زوراور زور زياده، ونگَ ڏسيو ورڪن
(روشن علي ڪوري) (٢١٦)
● قوس ابرو ڪاڪل ڪُنيڙا، واسينگ هڪ هڪ وار
(مينهن وَسايو مگڻهار) (٢١٧)
● ڪاڪل ڪنيڙا، ڀندڙا نديڙا، نرڙ مٿي نروار
(وريام شيخ فقير) (٢١٨)
● ڏسي ڪيس قريب جا، نانگ نہ ٿين نروار (ارباب علي ناريجو) (٢١٩)
هٿ / هٿڙا:
● مينديءَ رتا هٿڙا، جيئن ريشمي رومال هجن (گل بهار سومرو) (٢٢٠)
انگ: تقدير
"انگ" لفظ جي هڪ معنيٰ هيءَ بہ آهي: اِرادت (رب جي رضا)، ارادت جو اکر (لکيل تقدير)، ازل جو انگ، ازلي انگ، اصل جو انگ، الستي انگ، انگ ۾ لکيو، ايرادو (رب جو رايو)، قسمت، قسمت جو لکيو ڪرم (ڪريم جو ڪرم) لوح قلم، لوح محفوظ، نصيب وغيره.

سگهو ٿيج ساڻ، ٽڪيءَ ساڻ تر ۾،
لکيو انگ ايئن هو، ازل کان امر ۾.

(مخدوم غلام حسين "شيدا") (٢٢١)

اصل منهنجي انگ ۾
وو لکيو قلم خمير ۾
لوڙيم پنهنجو ڪمايو!

("منثار" فقير راڄڙ) (٢٢٢)

انگ اڳيئي لکيو، ميان الا،
ڪاڪيون ڪيچ ڏٺين سان

(صديق) (٢٢٣)

**ازل جو انگ:** ازلي انگ، نصيب. مثال:

(١) رُئاري "ڍٽ" ۾ راتي ڪي، سڏائي ڪاڪ جي ڪنڌ ۾
هلائي قرب جي ڪاتي، ڪُهايو ڪنهن؟ ازل جي انگ

(ماستر وريل داس) (٢٢٤)

(٢) "حافظ" اِنهي خيال کي تاريم کهڻو ئي پر،
لکيو ازل جو انگ، سو تاري نہ تو سگهان.

(حيات شاهہ "حافظ") (٢٢٥)

(٣) بنائي قيس کي چريو، رُلايو ڪنهن؟ ازل جي انگ
جبل فرهاد کان زوريءَ ٽڪايو ڪنهن؟ ازل جي انگ

(حيات شاهہ" حافظ") (٢٢٦)

**ازل کان:**

(١) ازل کان اباڻن سان اڙيوم انگ انگ،
ڇڏي ننگ ناآئيس نينهن نانگي!

(عبدالفتاح "عبد" ٻلورائي) (٢٢٧)

(٣) طريقا اسان جا ازل کان ئي بگڙيل،
ڪندو ڪير هاڻي، سڌارا اسان جا.

(رشيد احمد لاشاري) (٢٢٨)

(٣) عشق جو جذبو، روز ازل کان الا،
مست و مست ملنگ ... الا.

(رشيد احمد لاشاري) (٢٢٩)

**ازل ۾:**

(١) راضي رهي يا رنج ڪو، واحد جي آهه وس،
پرندو ڪڏهن نہ ٽرندو، وهيو جو ازل ۾ انگ.

(محمد موسيٰ "راز") (٢٣٠)

**ازلي انگ:** ازل جو انگ، تقدير، مثال:

(١) انگ ازلي آهه قادر، ٿو پري ۽ ناٽري،
جي ڪري ڪو هون، مُون توڻي ڪري ڪو هيڻ هون

(آخوند گل محمد "گل" هالائي) (٢٣١)

(٢) پرت سان "پرتاب" پيارا، انگ ازلي هو لکيو
چو نہ ماڻن سي مزا، دلبر سندي ديدار جا

(پرتاب فقير) (٢٣٢)

(٣) ڪين مٽائڻ سان مٽي... الا!
عشق جو ازلي انگ.... الا!!
منهنجي شوق جي شهر ۾.

(رشيد احمد لاشاري) (٢٣٣)

**اصل جو انگ:**

ڪونهي ڏوهہ ڏيرن جو، اهو هو اصل جو انگ

(راضي فقير رند) (٢٣٤)

**اصل انگ:**

وچان، آءُ نہ ورندي، ويندي سرتين سيڻن
انگ اسماعيل چئي، اصل لکيو هو ايئن

(الحاج محمد اسماعيل "قاسم" پلي) (٢٣٥)

**الست جو انگ / الستي انگ:** تقدير، لوح محفوظ. مثال:

(١) سامهر ڪيئن وساري، جنهن جو انگ لکيو الست ۾

(راضي فقير رند) (٢٣٦)

(٢) پرت ۾ پارين پَتِ جو پَهہ ڪري،
انگ جو ان لاءِ لکيو، منجهہ الست

(خليفو محمد قاسم) (٢٣٧)

**الست/الستي:**

(١) لبالب، لب تي آ جام- الستي،
خوشا! اين شيوه رندي و مستي!

(فيض بخشاپوري) (٢٣٨)

(٢) تو تہ راڻن جو پرا راءِ ڏئين،
منهنجو آهہ الستي تو سان انگ.

(پير شاهنواز "عارف المولي") (٢٣٩)

**انگ لکجڻ / انگ ۾ لکجڻ:** تقدير يا قسمت ۾ هجڻ. مثال:

(١) اصل لکئو انگ ۾، ٿيندو تان پ ادا
مومل سهي پسندا. (شاهہ- سر مومل راڻو) (٢٤٠)

(٢) انگ اڳيئي لکيا، پاڙڻ پوءِ پيار

(مخدوم غلام محمد ٻگائي) (٢٤١)

(٣) منهنجو اڙانگن سان لکيو انگ ڙي اديون!

(راضي فقير رند) (٢٤٢)

**اکر ارادت جو:** تقدير، مثال:

اکر ارادت جو، ڏريائين ڏو توم

(شاهہ: سر- حسيني) (٢٤٣)

**اَمُر:** اَمر / حڪم الاهي يعني تقدير، مثال:

جي اَمرَ هٿئو اڏ ڪري، سي ڪاغذ لکان ڪيءَ؟

(شاهہ: سر- مارئي) (١٤٣)

**ايرادو:** رضا الاهي: قسمت، مثال:

(١) ڪِهہ ڪي ڏيان ڏوهہ؟ مون سين ايرادي ايءَ ڪئو

(شاهہ: سر- ڪوهياري) (٢٤٥)

(٢) ڪاري هَن ڪوٺ ۾، ايرادي آندي

(صوفي بايزيد) (٢٤٦)

**روز ازل:** ازل واري ڏينهن کان / ميثاق کان وٺي

(۱) روز ازل کؤن، تنهنجڙي آهيان،
غير نہ مون کي ڀائين، وو!
(سچل سرمست: ڪافي-سر سسئي) (۲۴۷)

(۲) روز ازل کؤون چاڙهيئي اسان تي،
بارُ برهہ جو ڀاري!
(سچل سرمست ڪافي - سر سسئي) (۲۴۸)

**ڪرم جي چٺي:** تقدير جو لکيو / لوح محفوظ. مثال:
سيڪو پانهجي ڪرم جي چٺي تو لوڙي
(قول: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي) (۲۴۹)

**ڪرم جو ڪاڍو:** تقدير جي ڇڪ. مثال:
اي ڪرم جو ڪاڍو، نا تہ ڀٽر ڪيرُ ڀنڌ ڪري؟
(شاهہ: سر- ڪوهياري) (۲۵۰)

**قسمت:** تقدير / نصيب. مثال:
(۱) قسمت قيد ڪياس، نہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ؟
(شاهہ: سُر- مارئي) (۲۵۱)

(۲) قسمت ڪو جو قلم وهايو، پري اوهان کؤن پيئي!
(سچل- سر- مارئي: ڪافي) (۲۵۲)

(۳) ڪانہ هلي تدبير، قسمت قيد الماء سان
(سچل : هير رانجهو) (۲۵۳)

**ڪرمن جو احسان:**
(۱) وس پنهنجي ڪان آئون ويئي آهيان،
هاٿي ڪرم نصيب ايئين ڪئي آهيان!
(منٺار فقير راڄڙ) (۲۵۴)

(۲) قسمت آندي آهيان ڪوٽ ۾،
وو مُنڌيس منجهہ محلن،
سانڻ اَمر، ڪهڙي ڪرم ڀچاڻا.
(منٺار فقير راڄڙ) (۲۵۵)

(٣) ڪرم لکئي جي ڪوٽ ۾، ووه مُئي کي ڦاسايو
منجهہ قيدن ارادي ڪنهن آندي
(منٺار فقير راڄڙ) (٢٥٦)
(۴) ڪارُون عشق ڪري تو ڪيڏيون،
ڪرم لکيو منهنجي؛ جيڪس جيڏيون،
سورن جو سامان، ڪنهن سان ڙي آءٌ ڪين ڪيان ٿي.
(محمد عالم ميمڻ) (٢٥٧)
(١) هي بہ احسان آهي ڪرمن جو،
مان رُلان سَرءِ جي پنن وانگر!
(نثار بزمي) (٢٥٨)
**ڪرم ڪٽڻ:** نصيب لوڙ؛ (٢٥٩) قسمت جو لکيو پورو ڪرڻ

**لِکئو:** تقدير جو لکئو/ قسمت، مثال:
(١) لکئو جو نراڙ، سو انگ ڪياڙيءَ نہ ٿيئي،
پارئو ويئي پار، جيڪس لالن لکئو لوح ۾.
(شاهہ: سر- معذوري) (٢٦٠)
(٢) لکئي منجهان لِکَ، ذرو ضايع نہ ٿي
(شاهہ: سر- معذوري) (٢٦١)
(٣) لِکئو چِنڊيءَ رات، جيڏيون!
لکئي ڪيڙو ڏارِ. (ڳيچ) (٢٦٢)
(۴) لاڏي کي جا لکڙي، سنهيءَ سينڌ ڪنوار
رتڙي راڄ مَان ماڻي آيو مومل (٢٦٣)
**لوح / لوح قلم:** تقدير جو لکيو/ لوح محفوظ/ نصيب، مثال:
(١) جتي جيتريون، لکئون لوح قلم ۾،
تتي تيتريون، گهڙيون گهارڻ آئيون.
(شاهہ: سر- معذوري) (٢٦۴)

(۲) اَياليءَ اَهڪَ، لکيا لوح قلم جا.

(حسن بخش شاهہ ڍُنڙي وارو) (۲٦٥)

(۳) لکيا لوح قلم ۾، مَنيءَ جا سَورَ سرس

(نشان علي) (۲٦٦)

(۴) لکيو لوڙيم لوح جو، آنديس هت انجام آمُ،

انهين گهاريم ڏينهن اجايا.

(حافظ عبدالله ڪلهوڙو) (۲٦٧)

(۵) جا نہ لِکي هني لوح ۾، سامون ڳالهہ ڏسين تو

(گهرام فقير جتوئي) (۲٦٨)

(٦) وو، جيڪي آهي لکيو لوح ۾، سو ڀاڙڻ مون پيٽڙو

(منٺار فقير راجڙ) (۲٦٩)

(۷) لکيون لوح قلم جون ڳالهيون سڀ پريون،

'حسن بخش' وريون، قضا ڪرين تو ڪهڙا.

(حسن بخش شاهہ ڍُنڙي وارو) (۲۷۰)

## ميثاق:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" ۾ لکي ٿو: "ميثاق: ذ (ع.و ثق) انجام جي پڪائي - قول قرار جي سچائي- وعده وفائي (آصفيہ) انجام - قول پرتگيا- وعدو- پرڻ - وچن - ٻول- اقرار- سخن (ڪناية) روحن جو خدا تعاليٰ سان ڪيل انجام (تہ تون اسان جو رب آهين ۽ اسين تنهنجا فرمانبردار ٻانها ٿي رهنداسين" (۲۷۱)

"ميثاق" يعني روزازل / الست کان وٺي، الله تعاليٰ سان روحن جي ڪيل وعده، جنهن ڏينهن تقدير لکي ويئي، جو ذڪر ڪندي سلطان الاوليا خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو فرمائي ٿو:

(۱) "پل پل پوءِ پچار، مُلڪ ۾ ميثاق جي،

ڪک پن ڪن اقرار، اسين ٻانها، تون ڌڻي.! (۲۷۲)

(۲) انگ اڳهين لکيو، منهنجو ميثاقا،

(شاهہ- سر ديسي) (۲۷۳)

**انگ اڙائڻ:** ناتو جوڙڻ / مائٽي ڪرڻ.

آءٌ ڪيچين جي ڪڍ ڪاهيان ٿي،
منهنجو لکئي انگ اڙايو.

(صوفي بايزيد) (۲۷۴)

**انگ اڙجڻ:** ناتو ٿي وڃڻ/ ڳانڍاپو ٿي وڃڻ. مثال:

(۱) اديون انگ اڙيو، ميڻاڻون ميهارسان. (راضي فقير رند) (۲۷۵)

(۲) انگ الستي اڙيو، جف القلم ۾ جڙيو

(پير ڪمال سائين، سُر: جوڳ) (۲۷٦)

**انگ پڄڻ:** قسمت جو لکيو پورو ٿيڻ. مثال:

انگ پاڙيندي هيءَ، ٽڪو ٽوڙي پاهنجو

(قصو: سسئي پنهون) (۲۷۷)

**انگ وهائڻ:** قسمت جو لکڻ. مثال:

ڪوڙيائون قناتون ڪربلا ۾، آڳي انگ وهايو

(فقير علي بخش جمالي) (۲۷۸)

**لکئي جون ليهون لوڙڻ:** قسمت جو لکيو ڀوڳڻ. مثال:

لکئي جون ليهون آءٌ لوڙي ڏينديس لوڪ ۾.

(راضي فقير رند) (۲۷۹)

**لکيو پرجڻ/ پڄڻ:** تقدير پوري ٿيڻ. مثال:

لکيو پري، پر نہ ٽري!

(قول: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي) (۲۸۰)

اسان تقدير يا قسمت تي يقين رکون ٿا. قسمت کي آزمائڻ جا بہ ڪيترائي طريقا آهن. مثال طور:

ڪنهن راند ۾ هڪ جيترائيءَ جي حالت ۾، آخري فيصلي ڪرڻ لاءِ انگن تي / تان "ڪٽا" يا "ڦڪا" پڻ ڪڍيا ويندا آهن. جيڪي ڌرين کي قبولنا پوندا آهن. چوندا آهن تہ:

ڪٽي پيئي ڪيٽي ويئي! انهيءَ تان اصطلاح آهي:

"**پُکي پوڻ**": تسمت ۾ لکيل آڏو اچڻ.

انگريزن جي دؤر ۾ سڪن تي هڪ پاسي پوري يعنڻي پوري رنگ جي برطانيه جي راڻي جي تصوير ۽ ٻئي پاسي انگ ۽ "اکر" درج هوندا هئا. راند ۾ آڳ/وارو ڏيڻ وٺڻ لاءِ سڪو مٿي اڇلايو ويندو هو، پوءِ (واريل) "اکر" يا پوري" وارو پاسو سنئون پوڻ جي حالت ۾، فيصلو ڪيو ويندو هو. موجوده دؤر ۾ وري سڪن جي هڪ پاسي انگ ۽ ٻئي پاسي اکر / عبارت مطابق فيصلو ڪيو ويندو آهي.

راند ۾ وارو وٺڻ لاءِ "اکرپوري" (Toss) وسيلي فيصلو ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ ٻڻ انگ موجود هوندا آهن. جج جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ درخواستن مان پُکي رستي گهربل تعداد ڪڍيو ويندو آهي. تقدير پنهنجي جاءِ تي پر هيءَ به حقيقت آهي ته تقدير کي سنوارڻ لاءِ تدبير کان ڪم وٺڻو پوي ٿو.

## مَلهه ۽ ملاکڙا:

**انگڌ**: ملهه جا انگ TRICKS OF THE GAME - MALH

ڪنهن به راند، خاص ڪري پهلواني ۽ زور آزمائي جي راند جهڙوڪ: "ملهه"، جا ڪي انگ ٿيندا آهن. "ملهه" جو مقابلو ڪٽڻ لاءِ پهلوانن، ملهن کي ڪرتب ڏيکارڻا پوندا آهن، جن کي ملهه ۽ ملاکڙي (ملهه جا لاڳيتا مقابلا) جي اصطلاح ۾ "مقابلي جا انگ" (Tricks of the match) سڏيو ويندو آهي. رانديگرن جي انهن اٽڪلن مان جانو/جانئو، آڙي، آندرين، ٻاهرين، ڦِرَتِي، وارو، گهمائڻ وغيره، ڪي ملهه جا مشهور انگ آهن.

اهو پهلوان جيڪو "ملهه وڙهڻ" وقت گهڻا سارا داءَ هٿي ۽ حرفتون ۽ اٽڪلون ڪري پنهنجي مد مقابل کي دسي وجهي ۽ اهڙي طرح فائينل ڪٽي "سرسي" حاصل ڪري، تنهن کي پهرئين جوڙ جو ملهه سڏيو ويندو آهي.

"ملهه" جي ڪنهن به مقابلي ۾ ٻه رائونڊ ٿيندا آهن. جيڪو

پهلوان لاڪيتو ۽ رانديون کٽي يا پوئين راند کٽي ته ان کي ”ڪامياب“ ڄاڻايو ويندو آهي. اهڙي رانديگر کي ”ملهه - ڪلهيرو“ يا ملهن (پهلوانن) جهڙو ڪلهور رکندڙ يعني بهادر سڏيو ويندو آهي. انگن واري پهلوانن کي ”پلوڙ ملهه“ چيو ويندو آهي.

## متفرقه

**انگ:** (انگڻ = نشان ڪرڻ - مارڪو (جمع)، مارڪا لڳائڻ (To mark)

**عقل جا انگ Points of wisdom:**

عشق جَني سان ڪئي آهي اورَ،
انگ عقل جا سي ڪيئن سِڪندا.

(حفيظ تيوڻو ”لعلو“) (٢٨١)

**انگ ڪيڻ:** سامان تي نشان ڪرڻ يا مارڪو لڳائڻ

**انگ لڳڻي:** انگن جا نشان ڪرڻ وارو اوزار

**انگارڻ:** نشان يا خاڪو ڪيڻ

## حسابي انگ:

موضوع کي گهٽ پاسن کان جاچي ڏسڻ ۽ مٿي ڏنل تفصيلي بحث ۽ تحقيقي چند ڇاڻ کان پوءِ، معلوم ٿئي ٿو ته ڪاروباري زندگي ۽ روزاني ڪار وهنوار، حساب ڪتاب، ڏيتي ليتي ۽ ٻين مالياتي معاملن ۾ حسابي انگن جو ڪارج هڪ نمايان حيثيت رکي ٿو.

انگن جي ڪاروباري اهميت پنهنجي جاءِ تي، پر ڏٺو وڃي ته انگن جو علم ادب (literature) ۽ لسانيات (linguistics) سان گهٽو ۽ گهاٽو تعلق آهي. انگن سان لاڳاپيل ۽ انگن تي آڌاريل لفظن، فقرن، اصطلاحن، پهاڪن وغيره جي گهٽي ساري ”وکر“ کي، سهيڙي، ترتيب ڏيئي، موضوع جي وسعت مطابق، تفصيلوار طريقي سان، وس آهر پرپور انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي ۽ اهو سارو مواد، مقالي جي ”متن“ ۾ ڏنو ويو آهي.

مقالي ۾ شامل ڪيل مواد، نثر توڻي نظم، خاص ڪري سنڌي

ڪلاسيڪل توڙي عروضي شاعري جي ڪلام (Poetry)، لوڪ ادب اسڪير هيٺ شايع ٿيل ڪتابن، مختلف لغتن (dictionaries)، ذاتي مشاهدن ۽ سگهڙن سان ٿيل قرب ڀرين ڪچهرين وغيره تان ورتو ويو آهي.

ادب ۾ انگن جو صحيح استعمال، ٻوليءَ ۾ اصطلاحي زور پيدا ڪري، عبارت کي بامقصد ۽ معنيٰ خيز بڻائي ٿو. انهيءَ حقيقت کي ذهن ۾ رکندي، مقالي ۾ انگن جي ادبي ڪارج کي نمايان ڪرڻ لاءِ، مقالي کي هڪ جائزي طور پيش ڪيو ويو آهي. جنهن کي بنده جي پاران، هڪ پرخلوص نمائي ڪوشش سمجهيو وڃي.

پنهنجي نوجوانن کي، پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ڪرڻ ۽ ڪين وڌ ۾ وڌ ڄاڻ ڏيڻ لاءِ، تحقيق جو شوق جاڳائڻ لاءِ، منهنجي هن تحقيقي مقالي کي، فقط هڪ محبت سان ڪيل محنت سمجهيو وڃي. اميد آهي ته اسان جو "نئون ٽرت" انهي مان ڪجهه نه ڪجهه لاڀ پرائيندو.

**غ ۰ ق ۰ س**

**بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر**

(١) (مرتب) "جامع سنڌي لغات" (جلد اول)- سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي - حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون ١٩٦٠ع - ص ٢٦٧

**SHAHANEY, ANANDRAM.T**

(2) The Sindhi- English Dictionary-School & College Book Stall, opp: Gazdar House, Girgaun Road, near Dhobi Talao, Bombay-2-Fifth Edition. P-27.

**قليچ بيگ مرزا مرحوم**

(٣) "سنڌي ويا ڪرڻ" (ڀاڱو ٻيون)- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- ٻيو ايڊيشن ١٩٧١ع- ص - ١٣٧

**پرمانند ميوارام**

(٤) (مرتب) "سنڌي- انگلش ڊڪشنري" - ناشر: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٻيو ڇاپو ١٩٧٦ع- ص ٦٦

(٥) **فيروز سنز لاهور**- انگلش- اردو ڊڪشنري، ص-٩٠٨

**A.M.MACDONALD B.A OBE(OXON)**

(6) Editor: Chambers Twentieth Century Dictonary-W & R Chambers Ltd. II Thistle Street Edinburg EH2 IGD. Lastest Re-print 1982 P_1589

Zero, Zero, n.a cipher: nothing: the point.

**DAVID B. GURALNIK**

(7) Editor in Chief: Webster's New World Dictionary Of The American Language-Warner Books: A Waner Communications, Company 1984-P.695

Ze.ro 1. the symbol o:cipher;naught 2. the point, marked o, from which quantities are reckoned on a graduated scale 3. nothing 4. the lowest point.

**J.B. Sykes**

(8) (Editor) The Concise Oxford Dictionary Of Current English-Oxford at the Clarendon Press seventh Edition 1982-P.1253

"Ze'ro. (pl.) & 1. figure o, nought, cipher; no quantity or number, nil; starting-point of scale from

which positive for negative quantity is reckoned; temperature of freezing-point of water or other point selected to graduate thermometer-scale from (absolute zero-temperature at which the particles whose motion constitutes heat would have least possible energy.

**قليچ بيگ، مرزا مرحوم**

(٩) "سنڌي ويا ڪرڻ" (ڀاڱو ٻيون) - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. ٻيو ايڊيشن ١٩٧١ع ص-١٣٩

**سنڌي، عبدالمجيد ميمڻ**

(١٠) (مرتب ۽ شارح) "ڪريم جو ڪلام"- سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميہ ڪاليج، سکر سنڌ. ڇاپو پهريون، ١٩٦٢ع، ص-٢٢٢

**سنڌيلو، عبدالڪريم**

(١١) "وينجهار" - ڇپائيندڙ: الله بخش عباسي - ڇاپو چوٿون ١٩٦٠ع - ص ٢١٩.

**قليچ، بيگ، مرزا، مرحوم**

(١٢) "سنڌي ويا ڪرڻ" (ڀاڱو ٻيون) - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - ٻيو ايڊيشن ١٩٧١ع ص ١٣٩

(١٣) ايضاً - ص ١٣٩

**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**

(١٤) (مؤلف) "رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عُرف شاهہ جو رسالو" - آر - ايچ - احمد ائنڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد-ڇاپو ٻيو ٦٠-١٩٦١ع ص ٨٠٣

(١٥) "**ڪچڪول**" (ذاتي ميڙ چونڊ) تان ورتل.

**هالائي، "گل"، گل محمد، آخوند**

(١٦) (مصنف) "ديوان گل" - سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد. سال ١٩٢٣ع جو ڪتاب ٦-ايڊيشن I - ص - ١٠٥

**ٽالپر، الهہ بخش خان**

(١٧) (مرتب) "راضيءَ جو رمزون عرف راضي فقير جو خيالي خزانو" - ڇپائيندڙ: مير جان محمد خان ٽالپر، حيدرآباد سنڌ.

دفعو ڇپيو، ١٩٦٢ع-ص٧

**موسوي، عبدالحسين شاهہ ۽ عباسي، محمد ابراهيم**

(١٨) (گلچين) "سڳنڌ" - تاج محل پريس، شاهي بازار، حيدرآباد.
ڇاپو ستون ١٩٥٩ع ، ص - ٣٤

(١٩) ايضاً - ص- ٤٠

**دادن فقير**

(٢٠) (مصنف) "هڻ ڪڻ" - انقلاب پريس لاڙڪاڻو ، ص - ٢٥

**موسوي، عبدالحسين شاهہ ۽ عباسي، محمد ابراهيم**

(٢١) (گلچين) "سڳنڌ" - تاج محل پريس شاهي بازار، حيدرآباد،
ڇاپو ستون ١٩٥٩ع- ص ص، ٩٥-٩٦

(٢٢) ايضاً (دادن فقير) - ص ٩٥

(٢٣) ايضاً ص - ٩٨

(٢٤) ايضاً ص - ٩٠

(٢٥) ايضاً ص - ٩٠

(٢٦) ايضاً ص- ٨٩

(٢٧) ايضاً ص - ٩١

(٢٨) **ڪچڪول**، (ذاتي ميڙ چونڊ) تان ورتل.

**موسوي عبدالحسين شاهہ ۽ عباسي محمد ابراهيم**

(٢٩) (گلچين) "سڳنڌ" - تاج محل پريس شاهي بازار - حيدرآباد -
ڇاپو ستون ١٩٥٩ع- ص - ١٣٣

(٣٠) ايضاً ص - ١٣٣

(٣١) ايضاً ص - ١٢٥

**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(٣٢) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد، ڇاپو ڇهون ١٣٩٩ھ/١٩٧٩ع - ص - ٨٣

**لاشاري، رشيد احمد**
(۴۲) "لطيف باغ جو سير" - ڇپائيندڙ: آر - ايچ- احمد ائنڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد، ڇاپو ٻيون ۱۹٦۵ع، ص_۳۱
(۴۳) ايضاً- ص - ۳۸
(۴۴) **ڪچڪول** (ذاتي ميڙ چُونڊ) تان ورتل
**بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر**
(۴۵) (مرتب) "جامع سنڌي لغات" (جلد ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد- ڇاپو پهريون ۱۹٦۰ع/۱۴۰۴ھ- ص_۱۲۴۷
(۴٦) "هفتا ڏينهن راتيون ۽ مهينا" ص_۳۵۲
**سنڌيلو، عبدالڪريم**
(۴۷) "وينجهار"- چوٿون ڇاپو ۱۹٦٦ع، ص - ۱۱۸
**"سانگي"، عبدالحسين خان، مير، هز هائنيس**
(۴۸) "ديوان سانگي" (حصہ اول) - مسلم ادبي پريس حيدرآباد سنڌ ۱۹۵۲ع ص - ۱۱۰
**جمالي، علي بخش، فقير**
(۴۹) "درد علي شاهہ" آر- ايچ - احمد ائنڊ برادرس، شاهي بازار حيدرآباد، ٻوڻمو پهريون ٦۲_۱۹٦۱ع- ص ص ۲۰_۲۱
(۵۰) ايضاً - ص - ۲۴
**سنڌي، محمد صالح**
(۵۱) "نڙ ۽ بيت" - نويد بڪ ڊپو، گاڏي کاتو، حيدرآباد، ۱۹۸۸ع- ص ۱۰
(۵۲) **ڪچڪول** (ذاتي ميڙ چونڊ) تان ورتل
**پرمانند ميوا رام**
(۵۳) سنڌي - انگلش ڊڪشنري- ناشر: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌيونيورسٽي ڄامشورو، ٻيو ڇاپو، ۱۹۷٦ع - ص ۱
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(۵۴) (مرتب) "جامع سنڌي لغات" (جلد اول)- سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي - حيدرآباد سنڌ- ڇاپو پهريون ۱۹٦۰ع- ص ۹۳

(٥٥) فيروز اللغات اردو (جديد) - فيروز سنز، لاهور. ص - ٦٠
**"خليل"، محمد ابراهيم، شيخ، ڊاڪٽر**
(٥٦) "رهنمائي شاعري" (ڀاڱو ٽيون)- جميعت الشعراء سنڌ جو ڇپايل ڪتاب، دفعو پهريون ١٣٦٧هه / ١٩٤٨ع-ص-ص:٢٣٦-٢٣٧
(57) A Modern Text-Book Of Persian Grammar And Composition. Book-II Topic:Abjad System-PP270-271
**شيخ، واحد بخش**
(٥٨) "سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو" (ڀاڱو پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو پهريون ١٩٨٦ع- ص ص: ١٤-١٥
(59) A Modern Text-Book of Persian Grammar And Compostion. Book-II Topic: Making Chronograms Of Events.P-271.
**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٦٠) (مهتمر) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - ناشر: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد. ڇاپو ٻيو ١٣٩٣ هه/١٩٧٩ع ص-٥
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(٦١) (مرتب) "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاهه جو رسالو" - ناشر: آر - ايچ - احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد پاڪ ٦٠-١٩٦١ع-ص ص ٢٤-٢٥
**هالائي "گل"، گل محمد، آخوند**
(٦٢) "ديوان گل" (بمع معنيٰ)- سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد سال ١٩٣٢ع جو ڪتاب - ٦- ايڊيشن I - ديباچو (محمد صديق ميمڻ) - ص ١٠
**"احسن"، محمد، حافظ**
(٦٣) "ديوان احسن سنڌي" - ڇپايل: ويڙهو مل ڪنڊ مل پبلشر بڪ سلير، لاڙڪاڻو، سنڌ ١٩٣٢ع ص - ١٦٨
**"خليل"، محمد ابراهيم، شيخ، ڊاڪٽر**
(٦٤) "رهنمائي شاعري" (ڀاڱو ٽيون) - "جمعيت الشعراء سنڌ" جو ڇپايل ڪتاب ١٩٤٨ع -دفعو پهريون ١٣٦٧هه / ١٩٤٨ع - ص ٢٤٠

**طالب المولي، محمد زمان، مخدوم**

(٦٥) "لغات سنڌي مُخففات" - مصنف: مخدوم محمد زمان طالب المولي - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ. ڇاپو پهريون ١٩٩١ع - ص ١٣٠ (تاريخ مادہ: مصرالي، "آصف"، احمد خان)

**WYLD, HENRY CECIL**

(66) The Universal Dictionary of English Language-Words Worth Edition, Reprint (First printed 1932) - P. 282

1. (arith.) Based on the number 10 or proceeding by multiples of 10: decimal notation, the system of notation based on the ten digits, b decimal artithmeic,.that basod on decimal notation: a decimal fraction, one whose denominator (not expressed) is ten or a power of ten: d decimal point, a dot used to indicate a decimal fraction.

**شاهواڻي، غلام محمد، محمد ابراهيم**

(٦٧) (مؤلف): "رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهہ جو رسالو" - ڇپائيندڙ: آر - ايچ- احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد. ڇاپو ڀيو ٦٠- ١٩٦١ع - (سُر: ڪلياڻ) ص - ٧٢

(٦٨) ايضا - ص ١٠٦٦

**"طالب المولي"، محمد زمان، مخدوم**

(٦٩) "ڇپر ۾ ڇڙيون" (بيت ۽ ڪافيون) مرتب: ڊاڪٽر اسد الله شاهہ بيخود حسيني) ڇاپو ١٩٧١ع، ص - ٢٣٠

(٧٠) ايضاً - ص ٢٠٩

**ڪرامي، غلام محمد**

(٧١) (ايڊيٽر) "ٽماهي مهراڻ حيدرآباد: ٨ شاعر نمبر ١٩٦٩ع"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (شاعر: نثار بزمي)- ص ٦٩٤

**بيدار، عمر الدين،**

(٧٢) ماهوار "اديون" ڪراچي، فيبروري ١٩٨٦ع شاعر: استاد بخاري) ص نامي ڏنل

**"ڪرامي" غلام محمد**

(٧٣) (ايڊيٽر) "ٽماهي مهراڻ حيدرآباد: شاعر نمبر ١٩٦٩ع" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - (شاعر: غلام حسين رنگريز) ص ٧٢٠

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٧٤) (تحقيق ۽ تصنيف) "سِنڌي سينگار شاعري" - سنڌي ادبي بورڊ
چام شورو / حيدرآباد، پهريون ڇاپو ١٤٠٦هه/
١٩٨٦ع - (شاعر: غلام حسين جهتيال) - ص ٢٦٨

(٧٥) ايضاً- (شاعر: سليمان چارڻ)- ص - ١٢٧

(٧٦) ايضاً - (شاعر: شيخ ابراهيم ٻيلائي)- ص - ١٩٩

**انصاري، عثمان علي**

(٧٧) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ،
حيدرآباد ١٤٠١هه- ص ١٨٤

**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(٧٨) (مهتمم: "شاهه جو رسالو" (ٽن جُلدن ۾) - شاهه عبداللطيف
ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد، ڇاپو ٻيو
١٣٩٩هه/ ١٩٧٩ع ، ڇاپو ٻيو - ص ص - ١٢-١٣

(٧٩) ايضاً، (سر: ديسي)- ص - ٣٢٩

(٨٠) ايضاً (سر: سسئي آبري)- ص - ٢٩٩

**انصاري، عثمان علي**

(٨١) مرتب: "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ،
حيدرآباد ڇاپو ٻيو ١٤٠١هه/ ١٩٨٢ع- ص - ١٧٦

(٨٢) ايضاً ص - ١٨٨

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٨٣) (مرتب)" جامع سنڌي لغات" (جلد اول) سنڌي ادبي بورڊ،
ڪراچي/ حيدرآباد - جلد پهريون، ١٩٦٠ع/١٩٧٩ع- ص- ٤٨٣

**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(٨٤) (مهتمم) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهه عبداللطيف
ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڪميٽي، حيدرآباد ١٣٩٩هه /
١٩٧٩ع ص-٢٨٩

(٨٥) ايضاً - ص ٣٤٣

**انصاري، عثمان علي**

(٨٦) (مرتب)؛ "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٤٠١هه- ص ١٧٦

**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(٨٧) (مهتمر) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڪميٽي، حيدرآباد ١٣٩٩هه/ ١٩٧٩ع- (سر حُسيني)- ص - ٣٥٥

(٨٨) ايضاً -(سر حسيني)- ص ٣٦٦

**انصاري عثمان علي**

(٨٩) (مرتب)؛ "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، ٻيو ڇاپو ١٩٨٢/١٤٠١ع - ص ٤١٢

**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(٩٠) (مهتمر) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ ١٣٩٩هه / ١٩٧٩ع - (سُر، سسئي آبري)- ص ٢٩١

(٩١) ايضاً- (سر معذوري) - ص ٣١٥

(٩٢) ايضاً - (سُر حسيني)- ص ٣٦٠

**انصاري عثمان علي**

(٩٣) (مرتب)؛ "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، ٻيو ڇاپو ١٩٨٢/١٤٠١ع - ص ١٥٦

**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(٩٤) (مهتمر) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ ١٣٩٩هه / ١٩٧٩ع- (سُر معذوري)- ص ٣٢١

(٩٥) ايضاً - (سر حسيني)- ص ٣٧١

(٩٦) ايضاً - (سر حسيني)- ص ٣٧٥

(٩٧) ايضاً - (سر حسيني)- ص ٣٧٦

(٩٨) ايضاً - (سر ديسي)- ص ٣٢٩
(٩٩) ايضاً - (سر ديسي)- ص ٣٢٨
(١٠٠) ايضاً - (سر ديسي)- ص ٣٢٧
(١٠١) ايضاً - (سر حسيني)- ص ٣٦٦
**شاهواڻي غلام محمد، محمد ابراهيم**
(١٠٢) (مؤلف)، "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاهه جو رسالو" - ڇپائيندڙ؛ آر - ايچ - احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد. ڇاپو پيو ٦٠- ١٩٦١ع (سُر سارنگ)- ص ٩٧٧
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر**
(١٠٣) (مهتمم)؛ "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد ١٣٩٩هه / ١٩٧٩ع-(سُر؛ ديسي)-ص ٣٢٨
**انصاري، عثمان علي**
(١٠٤) (مرتب)؛ "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٤٠١هه. ص- ١٧٦
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(١٠٥) (مهتمم)"شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)-شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد، ١٣٩٩هه / ١٩٧٩ع (سر معذوري) - ص ٣١٥
(١٠٦) ايضاً -(سر معذوري) ص ٣١٧
**ڪوڙومل چندن مل، راءِ بهادر، سرڪواسي**
(١٠٧) (اصل گڏ ڪيل) "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ" ڇپائيندڙ؛ ڪوڙومل سندر ساهتيه منڊل سڌار سڀا، ڪاهي روڊ، حيدرآباد- جلد پيو ١٩٣٦ع- ص -١٦١
**انصاري، عثمان علي**
(١٠٨) (مرتب)؛ "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٤٠١هه- ص- ١٣٦

(١٠٩) ايضاً - ص - ٣١٦
(١١٠) ايضاً - ص - ٣٠٩
**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(١١١) (مهتمر)"شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)-شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد، ١٣٩٩هہ / ١٩٧٩ع - (سر:ديسي)- ص ٣٢٢
**انصاري، عثمان علي**
(١١٢) (مرتب)، "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٤٠١هہ- ص ١٥٣
(١١٣) ايضاً - ص - ١٥٢
**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(١١٤) (مهتمر)"شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)-شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد، ١٣٩٩هہ / ١٩٧٩ع- (سر، معذوري) - ص ٣١٩
(١١٥) ايضاً - (سر، معذوري)- ص ٣١٤
(١١٦) ايضاً - (سر، سسئي آبري)- ص ٣٠٧
(١١٧) ايضاً - (سر، ديسي)- ص ٣٢٥
(١١٨) ايضاً - (سر، مارئي)- ص ٥٦٠
**انصاري، عثمان علي**
(١١٩) (مرتب)، "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٤٠١هہ- ص ٣٢٠
(١٢٠) ايضاً- ص ٣٠٨
(١٢١) ايضاً- ص ١٥١
(١٢٢) ايضاً- ص ١١٣
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(١٢٣) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌي سينگار شاعري"- سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/حيدرآباد، پهريون ڇاپو

١٤٠٦هہ / ١٩٨٦ع (سگهڙ: قائم الدين سهتو) ص-٢٦٧
(١٢٤) ايضاً (سگهڙ، غلام حسين جهتيال) ص ٢٦٨
(١٢٥) ايضاً (سگهڙ عبدالعزيز چانڊيو) ص ٢٧٠
**هالائي"گل"، گل محمد آخوند**
(١٢٦) (مصنف)"ديوان گل" - سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد
سال ١٩٢٣ع جو ڪتاب - ٦. ايڊيشن - I ص - ٥١
**انصاري، عثمان علي**
(١٢٧) (مرتب): "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي
بورڊ، حيدرآباد- ١٤٠١هہ- ص ٣١٢
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(١٢٨) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌي سينگار شاعري" سنڌي ادبي بورڊ،
ڄام شورو / حيدرآباد، پهريون ڇاپو ١٤٠٦هہ / ١٩٨٦ع
(شاعر: جلال ڪٽي) ص - ١٠٣
جلال ڪٽي (شاهہ لطيف جو وڏو معاصر، رهواسي ڳوٺ موندر ضلعو دادو) "سينگار شاعري" (هنر، ڏهس نامو ۽ سينگار) جو سرواڻ شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌيءَ ۾ هنر واري شاعري جو باڪمال شاعر هو جنهن جي شاعريءَ ۾ ملوڪيت ۽ سگهڙ پائي جو پرپور رنگ ملي ٿو. بيتن جي پڇاڙيءَ ۾، جانب جي جلوي جو ذڪر، "جانب وڏ جلال چئي" جي لفظن سان ڪري ٿو. مثال:
(١) انهيءَ ڪان اپر، جانب وڏ "جلال" چئي - ص (١١٠)
(٢) جوڙ چڱي ٻہ جنسار، آهن جانب وڏ "جلال" چئي (ص ١١١)
(١٢٩) ايضاً - سگهڙ : ڪنيار - ص ١٤٩
(١٣٠) ايضاً سگهڙ: حليم - ص ١٥٥
(١٣١) ايضاً - سگهڙ: غلام محمد ڪٽي- ص ١٦٥
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر:**
(١٣٢) (مؤلف) "سي رنگ" - مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد،
دفعو پهريون - ١٩٦٨ع (شاعر فضل محمد "ماتم") ص٢١٥

(١٣٣) ايضاً (شاعر: محمد بخش "واصف") ص -٢١٥

**لغاري، اکبر علي ڊاڪٽر**

(١٣٤) (مرتب)"ڪشتي منجهه ڪٿا: ڪلام پير شاهنواز عارف المولئي" ياران درگاهه پير حسن بخش شاهه جيلاني ڏنڙو شريف؛ زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد ١٩٩٤ع ص - ٦٣

(١٣٥) ذاتي ڊائري تان ورتل

**دائود پوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، شمس العلماء**

(١٣٦) مؤلف و ناشر: "ڪلام گرهوڙي"- سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي جي مطبوعات جو ٻيون عدد- دفعو پهريون- ١٢٧٦هه / ١٩٥٦ع - ص ١١٧

**"بيوس" تاجل**

(١٣٧) "جڏهن ڀُونءِ ٻئي" (شاعري) - سنگر پبليڪيشن ڪراچي، ص - ٥٥

**سومرو، ادل**

(١٣٨) "چنڊ پشمر گولو" (ٻارن لاءِ شاعري)- سنڌ گرئجوئيٽس ائسوسيئشن سکر، ڇاپو پهريون ١٩٧٩ع - ص ناهي ڏنل.

(١٣٩) "ڪچڪول (ذاتي ميڙ چونڊ) تان ڪنيل

**غلام نبي "عاجز"**

(١٤٠) ڪچڪول (ذاتي ميڙ چونڊ) تان ورتل.

**منشي محمد ابراهيم**

(١٤١)"گوندر ويندا گذري" - پريم نگر پبليڪيشن حيدرآباد- ڇاپو پهريون ١٩٨٥ع - ص ١١١

**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(١٤٢) (مهتمم)"شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ- ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه / ١٩٧٩ع - (سر: سسئي آبري)- ص ٢٩٧

(١٤٣) ايضاً - (سر: ساموندي)- ص ١٣٥

(١٤٤) ايضاً - (سر: حسيني)- ص ٢٦٥

**لاشاري، رشيد احمد**

(١٤٥) "لطيف باغ جو سير" ڇپائيندڙ: آر - ايڇ- احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد. ڇاپو ٻيون- ١٩٦٥ع ص - ٤٣

**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(١٤٦) (مهتمم) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ- ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه /١٩٧٩ع- (سُر، مومل راڻو)- ص- ٥٣٧

**سنڌي، محمد صالح**

(١٤٧) "نئڙ ۽ ٻيت" - نويد بڪ ڊيپو، گاڏي کاتو، حيدرآباد - ص ٤٥

**لغاري، اڪبر علي ڊاڪٽر**

(١٤٨) (مرتب)"ڪشتي منجهه ڪنا: (ڪلام پير شاهنواز عارف المولي)- زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد ١٩٩٤ع، ص - ٢٨٩

(١٤٩) ايضاً - ص ٢٩٠

**شوق، نواز علي، ڊاڪٽر**

(١٥٠) (مرتب)"ديوان تارڪ" - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/ حيدرآباد - ڇاپو پهريون ١٤٠٩هه / ١٩٨٩ع ص - ٢٠٣

**شاهواڻي، غلام محمد، محمد ابراهيم**

(١٥١) (مؤلف)، "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاهه جو رسالو" - آر- ايڇ- احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار حيدرآباد. ڇاپو ٻيو ٦٠-١٩٦١ع - ص ٩٧٧

**شوق، نواز علي، ڊاڪٽر**

(١٥٢) (مرتب)"ديوان تارڪ". سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو/ حيدرآباد. ڇاپو پهريون ١٤٠٩هه/١٩٨٩ع-ص ٣٦

**ٽونيو "خادم"، ميان محمود، حاجي**

(١٥٣) "رياض البلاغت (حصه اول): مسمي ميزان فصاحت" - ڇپائيندڙ: قاضي الهڏنو الهه ورايو، تاجر ڪتب، لاڙڪاڻو سنڌ- ڇاپو اول ١٩٢٦ع - ص ص ١٨- ١٩- ٢٠- ٢١

**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(١٥٤) (مهتمر)، "شاھ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد - ڇاپو پهريو ١٣٩٩ھ / ١٩٧٩ع - ص ٥٢١
(١٥٥) ايضاً- ص ٥٣٢
(١٥٦) ايضاً - ص ٥٣٢
**سنڌيلو، عبدالڪريم:**
(١٥٧) (سوڏيندڙ ۽ سنواريندڙ)، "وينجهار"، چوٿون ڇاپو ١٩٦١ع ص - ١٨٢
(١٥٨) ايضاً - ص ص ١٨٢-١٨٣
**بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر**
(١٥٩) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌي سينگار شاعري" - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ- ڇاپو پهريون ١٤٠٦ھ / ١٩٨٦ع (سگهڙ، محمود خان شر) ص ٢٧٦
(١٦٠) ايضاً - (سگهڙ ، ڪنيار) ص- ١٤٨
(١٦١) ايضاً - (سگهڙ، قادر بخش) ص - ٢٢٥
(١٦٢) ايضاً - (سگهڙ، صابر موچي) ص - ١٤١
(١٦٣) ايضاً - (سگهڙ، ڪنيار)- ص - ١٤٨
(١٦٤) ايضاً - (سگهڙ، انڙ) - ص - ١٥٢
(١٦٥) ايضاً - (شاعر، ڪبير شاھ ڀيلائي)، ص - ١٣٣
(١٦٦) ايضاً - (گمنام سگهڙ)- ص ١٧٧
(١٦٧) ايضاً - (سگهڙ، صابر موچي) ص - ١٤١
(١٦٨) ايضاً - (سگهڙ، ڀيڙو چانڊيو) ص- ١٦٦
(١٦٩) ايضاً - (سگهڙ، ڪنيار) ص ١٤٨
(١٧٠) ايضاً - (سگهڙ، لوُنگ) ص- ١٣٩
(١٧١) ايضاً - ص - ١٣٩
**قاسمي، غلام مصطفيٰ**
(١٧٢) "شاھ جو رسالو" (ڪلام شاھ عبداللطيف ڀٽائي سنڌي معنيٰ

سان) ٻاڱو ڀهريون / ٻاڱو ڀيو. پبلشرس: بشير احمد اينڊ سنس، جهونا مارڪيٽ ڪراچي - ١٩٥١ع (سر: بروو سنڌي) فصل - ڀيو - ص- ٤٣٠

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(١٧٣) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌي سينگار شاعري" - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد ١٤٠٦هه / ١٩٨٦ع. پهريون ڇاپو - (شاعر: مين شاهه عِناتِ رضوي)-ص ٣٧

(١٧٤) ايضاً - (سگهڙ: مهدي) - ص ١٩٥

(١٧٥) ايضاً - (شاعر: ڪبير شاهه ٻيلائي) ص - ٢٠١

(١٧٦) ايضاً - (مينهن فقير مگڻهار) ص - ٢٠٦

(١٧٧) ايضاً - (موسو منڌير لاشاري) ص- ٢٢٢

(١٧٨) ايضاً - (عبدالرحمان مهيسر) ص - ٢٥١

(١٧٩) ايضاً - (سگهڙ: هوندن) ص- ١٤٧

(١٨٠) ايضاً - (سگهڙ: جمال) ص- ١٥٦

(١٨١) ايضاً - ( سگهڙ: يوسف ڪٽي) ص- ١٥٨

(١٨٢) ايضاً- ( گل بهار سومرو) ص- ٢٥٢

(١٨٣) ايضاً - (شاعر: پير ڪمال سائين نوشهري فيروز وارو) ص- ٢٨٤

(١٨٤) ايضاً - (ڪبير شاهه ٻيلائي) ص--٢٠٠

(١٨٥) ايضاً - (شيخ سائينداد) ص- ٢٠٧

(١٨٦) (مرتب) "ڳيچ" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ - ڇاپو پهريون ١٩٦٢ع ص - ٤٨

(١٨٧) ايضاً - ڳيچ - ص ٣٧٦

(١٨٨) ايضاً - ڳيچ- ص ٣٧٠

(١٨٩) ايضاً - ڳيچ ص ٥٧

(١٩٠) ايضاً - ڳيچ ص ٢٥٤

(١٩١) ايضاً -ڳيچ ص ٣٦٩

(١٩٢) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌ سينگار شاعري" - سنڌي ادبي بورڊ
چامر شورو / حيدرآباد ١۴٠٦هه ١٩٨٦ع - پهريون ڇاپو -
(گل بهار سومرو) - ص ٢٥٢
(١٩٣) "ڳيچ- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ ڇاپو پهريون ١٩٦٣ع ص - ٣٣٦
(١٩۴) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌي سينگار شاعري" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد
١۴٠٦هه / ١٩٨٦ع پهريون ڇاپو - سگهڙ محمد - ص ١٨٦
(١٩٥) ايضاً - (جلال) ص ١١٣
(١٩٦) ايضاً - (ڪبير شاهه پيلائي) ص ١٣۴
(١٩٧) ايضاً- (غلام سرور شيخ) ص- ٢٧٦
(١٩٨) ايضاً - (سگهڙ: مهدي) ص - ١٩٥
(١٩٩) ايضاً - (جلال) ص - ١٠۴
(٢٠٠) ايضاً - (عبدالرحمان مهيسر) ص - ٢٥١
(٢٠١) ايضاً - (سليمان چارڻ) ص - ١٢٨
(٢٠٢) ايضاً - (ڪبير شاهه پيلائي) ص - ١٣۴
(٢٠٣) ايضاً- (ملار لاشاري) ص - ٢١٩
(٢٠۴) ايضاً- (دريا خان) ص- ١٩۴
(٢٠٥) ايضا- (گل بهار سومرو) ص- ٢٥٢
(٢٠٦) ايضاً- (حاجي منثار علي) ص- ٢٥٨
(٢٠٧) ايضاً - (مريد جت) ص- ٢٦١
(٢٠٨) ايضاً- (سگهڙ: محمد) ص - ١٨٦
(٢٠٩) ايضاً- (ملار لاشاري) ص- ٢١٩
(٢١٠) (تحقيق ۽ تصنيف) "ڳيچ"-سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ،
ڇاپو پهريون ١٩٦٣ع ص-٣٣٦
(٢١١) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌي سينگار شاعري" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/
حيدرآباد، پهريون ڇاپو ١۴٠٦هه/١٩٨٦ع، (ڀدو بالادي) ص - ١٩٢
(٢١٢) ايضاً- (سگهڙ: ذاتو ڪتي)- ص- ١٢١

(٢١٣) ايضاً- (حاجي نظام الدين عالمالي) ص- ٢٧٢
(٢١٤) ايضاً (طالب ماچي) ص- ٢٧٤
(٢١٥) ايضاً - (سڪهڙ، محمد) ص- ١٨٧
(٢١٦) ايضاً - (سڪهڙ، روشن ڪوري) ص - ٢٧٥
(٢١٧) ايضاً - (مينهن وسايو مڱڻهار) ص- ٢٣٣
(٢١٨) ايضاً -(وريام شيخ" فقير") ص- ٢٥٤
(٢١٩) ايضاً - (ارباب علي ناريجو) ص- ٢٥٧
(٢٢٠) ايضاً- (گل بهار سومرو) ص-٢٥٣
(٢٢١) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون)-سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، حيدرآباد- ڇاپو پهريون ١٤٠٥هه/١٩٨٥ع- ص ٣٥٢
راڄڙ، فقير، منٺار
(٢٢٢) "ڪلام" منٺار فقير راڄڙ، (رسالو خدائي (I))- ناشر، سجاده نشين، درگاهه منٺار فقير راڄڙ. ڪاٺي راڄڙ، تعلقو کپرو ضلع سانگهڙ، نيون ڇاپو ١٩٩٩ع
صديق
(٢٢٣) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل
(٢٢٤) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل
"حافظ"، حيات شاهه
(٢٢٥) "ديوان حافظ" - آفتاب پرنٽنگ پريس - حيدرآباد. ڇاپو ٻيو ١٩٥٠ع ص - ١١٣
(٢٢٦) ايضاً- ص ٨٥
"ڪرامي"، غلام محمد
(٢٢٧) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ" حيدرآبد، شاعر نمبر ١٩٦٩ع - شاعر، عبدالفتاح عبد بلوراڻي - ص ٦٢٦
(٢٢٨) ايضاً - (شاعر، رشيد احمد لاشاري) - ص ٧١
(٢٢٩) ايضاً - (شاعر، رشيد احمد لاشاري) - ص ٧٠
(٢٣٠) ايضاً - (شاعر، محمد موسيٰ "راز") ص - ٣٠٦

**ڪوبخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(٢٤٠) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)-شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد-ڇاپو پيو- (سر: مومل راڻو) ص- ٥٢٣

**مخدوم غلام محمد بگاڻي**

(٢٤١) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل

**سمون، محمد قاسم**

(٢٤٢) (مرتب): "راضي فقير رند جو رسالو" (حصو پيو) ڇپائيندڙ: ماستر محمد قاسم سمون ١٩٨٣ع-ص٧

**ڪوبخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر**

(٢٤٣) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پيو (سُر: حسيني) ١٣٩٩هہ / ١٩٧٩ع ص- ٣٦٦

**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**

(٢٤٤) "رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو" عرف "شاهہ جو رسالو" - آر - ايچ احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد ڏهون ڇاپو ٦٠-١٩٦١ع - ص - ٧٨١

**ڪوبخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر**

(٢٤٥) (مهتمر)"شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد ڇاپو پيو ١٣٩٩هہ/١٩٧٩ع- (سر: ڪوهياري) ص-٣٤٤

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٢٤٦) (مرتب): "ڪافيون" (جلد پهريون)- سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو / حيدرآباد - ڏهو پهريون ١٤٠٥هہ/١٩٨٥ع- (شاعر صوفي بايزيد) - ص - ١٨٦

**انصاري، عثمان علي**

(٢٤٧) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام"- سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ڇاپو پيو ١٤٠١هہ/١٩٨٢ع- ص١٧٤

(٢٤٨) ايضاً- ص ١٧٢

**دائود پوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر شمس العلماء**
(٢٤٩) (مؤلف ۽ ناشر) "ڪلام گرهوڙي"- سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي جي مطبوعات جو ٻيو عدد- دفعو پهريون ١٣٧٦هه/١٩٥٦ع - ص ٢٢٤

**ڪوبخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٢٥٠) (مهتمر) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد ڇاپو ٻيو - ١٣٩٩هه/١٩٧٩ع ص - ٣٤٣

**قاسمي، غلام مصطفيٰ**
(٢٥١) "شاهه جو رسالو" (ڪلام شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ معنيٰ سان) - پلبشرس؛ بشير احمد اينڊسنس، جهونا مارڪيٽ ڪراچي، ١٩٥١ع ص-٦٦١

**انصاري، عثمان علي**
(٢٥٢) (مرتب)؛ سچل سرمست جو سنڌي ڪلام- سنڌي ادبي بورڊ ڄامر شورو ڇاپو ٻيو ١٤٠١هه/١٩٨٢ع- سُر مارئي-ص ٢٧١
(٢٥٣) ايضاً - سر: هير رانجهو - ص ٣١٠

**راڄڙ، فقير، منٺار**
(٢٥٤) "ڪلام منٺار فقير راڄڙ: رسالو خدائي (I)" ناشر: سجاده نشين، درگاهه منٺار ص - ٣٣٩ فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ، تعلقو ڪپرو، سانگهڙ سنڌ ١٩٩٩ع ٽيون ڇاپو - ص ٣٣٩
(٢٥٥) ايضاً - ص - ٣٩٧
(٢٥٦) ايضاً- ص - ٣٩٨

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٢٥٧) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامر شورو/حيدرآباد- دفعو پهريون - ١٤٠٥هه/١٩٨٥ع (شاعر محمد عالم ميمڻ)- ص ٣٩٢

**"ڪراسي"، غلام محمد**

(٢٥٨) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ" حيدرآباد؛ شاعر نمبر ١٩٦٩ع - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآبد (شاعر؛ نثار بزمي) - ص ٦٩٥

**غلام اصغر**

(٢٥٩) "سنڌي ڪتمنڙا عرف اصطلاحات اصغر" - آر - ايچ احمد ائنڊ برادرس ، بڪ سيلرس، شاهي بازار حيدرآباد - دفعو پهريون ٥٥-١٩٥٦ع- ص ٣٦٤

**گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر**

(٢٦٠) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد- ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هہ/١٩٧٩ع - (سُر؛ معذوري)- ص ٣١٦

(٢٦١) ايضاً- (سُر؛ معذوري) - ص - ٣١٦

**بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر**

(٢٦٢) (مرتب) "ڳيچ" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - ڇاپو پهريون ١٩٦٢ع - ڳيچ ص- ٣٥٩

(٢٦٣) ايضاً- ص- ٣٦٧

**گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر**

(٢٦٤) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد- ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هہ/١٩٧٩ع- (سُر؛ معذوري) - ص ٣١٦

**عارف المولىٰ "شاهنواز" پير**

(٢٦٥) (مؤلف)؛" ڪلام حسن بخش"- سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي / حيدرآباد سنڌ پهريون ايڊيشن ١٩٥٧ع- ص ٧٨

**بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٢٦٦) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد - دفعو پهريون ١٤٠٦هہ/١٩٨٥ع- (شاعر؛ نِشان علي) ص - ٣٥١

(٢٦٧) ايضاً - (شاعر: حافظ عبدالله ڪلهوڙو) ص - ٣٧٧
(٢٦٨) ايضاً - (شاعر: گهرام فقير جتوئي) - ص ٢٤٤

**راڄڙ" فقير، "منٺار"**

(٢٦٩) ("ڪلام منٺار فقير راڄڙ: رسالو ڇپائي (I) ناشر: سجاده نشين درگاهه منٺار فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ، تعلقو ڪپرو، سانگهڙ سنڌ - ٽيون ڇاپو - ١٩٩ع - ص ٢٢٤

**"عارف المولي" شاهنواز پيو**

(٢٧٠) (مرتب) "ڪلام حسن بخش"- سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي/حيدرآباد سنڌ، پهريون ايڊيشن ١٩٥٧ع- ص ٧١

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٢٧١) (مرتب) "جامع سنڌي لغات" (جلد پنجون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/حيدرآباد ڇاپو پهريون ١٤٠٨هه/١٩٨٨ع ص-٢٧٥٢

**دائود پوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، شمس العماء**

(٢٧٢) (مترجم) "ابيات سنڌي" (مصنف: حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواري وارو)-شايع ڪندڙ: سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي، دفعو پهريون ص ٢٠

**ڪربخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر**

(٢٧٣) (مهتمم) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد- ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه/١٩٧٩ع - ص ٣٢٥

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٢٧٤) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو / حيدرآباد - دفعو پهريون ١٤٠٦هه/١٩٨٥ع- (شاعر: صوفي بايزيد) ص - ٥٩٨

**سمون، محمد قاسم**

(٢٧٥) (مرتب): "راضي فقير رند جو رسالو" (حصو ٻيو) ڇپائيندڙ: ماستر محمد قاسم سمون ١٩٨٣ع-ص ٥٩

**گيلاني، اظهر**

(٢٧٦) (مرتب): "ڪليات ڪمال" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - ڇاپو ٻيو ١٩٧٩ع - ص ٦٠

**ايڊيوڪيشنل ڊپارٽمينٽ جو ٽرانسليٽر صاحب**

(٢٧٧) (بمبئي علائقي جو سرڪاري تعليم کاتو) (تيار ڪيل "سسئي پنهون جو قصو) (ننڍو) اصل تيار ڪيل (١٨٧٠ع) گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊپو ١٩١٢ع- ص ٢

**جمالي، علي بخش، فقير**

(٢٧٨) (مصنف) "درد علي شاهه" - مؤلف: فقير الهه ڏنو راهو، ناشر: آر - ايچ احمد برادرس شاهي بازار حيدرآباد، دفعو پهريون ١٩٦١-٦٢ع ص ٧

**سمون محمد قاسم**

(٢٧٩) (مرتب) "راضي فقير رند جو رسالو" (حصو ٻيو) ڇپائيندڙ: ماستر محمد قاسم سمون - ١٩٨٣ع - ص ٣٠

**دائود پوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر شمس العلماء**

(٢٨٠) (مؤلف ۽ ناشر) "ڪلام گرهوڙي"- سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي جي مطبوعات جو ٻيون عدد- دفعو پهريون ١٣٧٦هه/١٩٥٦ع- ص - ٢٣٣

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٢٨١) (مرتب): "ڪافيون" (جلد پهريون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/حيدرآباد (دفعو پهريون ١٩٨٥ع -شاعر: حفيظ تيوٽو لعلو"- ص ٥٠٤

# باب پهريون

# انگن تان چيل اصطلاح، چوڻيون، پهاڪا، عاقلاڻا قول، ڀڳڻن جا ٻول، فِقرا، جملا، شعر جون سٽون / مصرعون وغيره

## (سچا انگ)

### هڪ

(الف)- لفظ: هڪ (مذڪر)

(۱) هي ٻي، هو ٻي هڪ، ڏيس تنهنجو،
چئين ڪُنڊين چوڌار

(سچل سرمست - حقيقت ڪافي) (۱)

(۱) اندر ٻاهر هِڪ، "سامي" ڏسن سپرين! (چنراءِ سامي) (۲)

(۳) هزارن جي هڪ ڳالهه، ٻڌائي ستگروءَ (چنراءِ سامي) (۳)

(ب)- فقرا

(1) هڪ الله

(۱) آهي ٻه هڪ الله، هوندو ٻه هڪ الله!

(۲) عين ڪان آجو هڪ الله!

(۳) جاڻي هڪ الله، پاڻ وٺنديون جو ڪري!

(شاهه: سُر ڪيڏارو) (۴)

(۴) هڪ ۾ ويڙا هڪ ٿي، بيائي ڪي ٻوڙين

(مخدوم محمد زمان طالب المولئ) (۵)

(۵) آهي هڪ الله، حاڪم سو حڪيم!

(مخدوم محمد زمان طالب المولئ) (٦)

(٦) تنهنجي رخ ۾ نوري ڏاڍو نمڪ،
سڀ سهڻن ۾ ٿي حبيب! تون هڪ.

(مخدوم محمد زمان طالب المولئ) (۷)

(۷) هتان لڏيندو لوڪ سڀ، رهندو هڪ الله!- (تالي چڱو ٻالاري) (۸)

**هڪ الله ڪري ويهڻ:** الله جو آسرو ڪرڻ/توڪل ڪرڻ /پڪو ارادو ڪرڻ/هِڪَ مَنو تي وهڻ/ ڌيان وارو تي رهڻ

**(2) هڪ آچار:**

انڌو ۽ اڻ سوُنهون ٻئي هڪ آچار (پهاڪو)

**(3) هڪ آسرو:** رب تعاليٰ جو سهارو، مثال،

سيرَ ۾ سهٽي ڪي هو، هڪ آسرو الله جو!

(رشيد احمد لاشاري) (٩)

**(4) هڪ ايڪو:**

هڪ ايڪو هڪ

ڪٿ هيٺان لِڪُ (ادل سومرو) (١٠)

**(5) هڪ ڀيرو: هڪ دفعو** Once

هڪ نہ ڀيرو ڪئين دفعا، سِر ڪيان توتان فدا.

(گل محمد تلبي) (١١)

**(6) هڪَ ٽِڪَ:** ڪارگر/مفيد/مجرب/مستقل/مضبوط، مثال: هڪ ٽڪ علاج/ واحد علاج / ڪامياب علاج؛

علاج ٿئي منهنجو حبيب! هڪ ٽڪ.

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ) (١٢)

**(7) هڪ پل:** هڪ گهڙي/گهڙي ڪن/گهڙي پلڪ A short while مثال؛

(١) هڪ پل "مرڪي جيئو"، جيون تہ تہ پرندڙ ڏيئو

(سروپچندر "شاد") (١٣)

(٢) ويهہ نہ هڪ پل ويسرو، وَٽُ ڪري وَٽُ وَٽُ.

(ابراهيم منشي) (١٤)

(٣) چَئہ تہ اڄ گڏجي گذاريون، ڪين ٿي هڪ پل جدا

(رشيد احمد لاشاري) (١٥)

**(8) هڪ چنگ هڪ رباب:**

اسباب ۾ اسباب هڪ چنگ هڪ رباب (چوڻي)

(9) **هڪ داءُ:** هڪ داءُ اچا هٿئو آ،
هڪ ڪيل اچا ڪٿئو آ.

(موتي پرڪاش) (١٦)

(10) **هڪ دفعو:** ONLY ONCE، مثال؛

غمزہ يار ڪان دل آهہ بچائڻ مشڪل،
هڪ دفعو ڦاٿي جي دل پوءِ ڇڏائڻ مشڪل.

(حافظ محمد احسن) (١٧)

(11) **هڪ دم:** يڪدم، AT ONCE مثال؛ هتان هڪدم هليو وڃ!

(12) **هڪ ڏڻي:** واحد لاشريڪ، مثال؛

هتِ رتي رهڻ نام ڪا، ڇالي هڪ ڏڻي!

(13) **هڪ ڏينهن:**

(١) هڪ ڏينهن جي تڪليف سهڻ آهہ سجائي،
هر روز نئون ظلم نہ ايجاد ڪڏهن ڪر.

(محمد اشرف منصور دائود پوٽو) (١٨)

(٢) پل رهي پردي ۾ پهري هيٺ پر هڪ ڏينهن نيٺ،
موت جي آغوش ۾ ايندي شباب – زندگي

(ميان مولاداد ٽونيو) (١٩)

(٣) ڇڏ وي غفلت ڏيان ڏري ڏس– هڪ ڏينهن هرگز هلبو

(منٺار فقير راڄڙ) (٢٠)

(14) **هڪ روز:**

محل ماڙيون باغ باغيچا، قبيلا ڪُرم سڀ،
روز هڪ ٿي هت ڇڏي ويندين، هليو تون، اي جناب!

(خورشيد اختر غمگين) (٢١)

(15) **هڪ رَت:** ساڳيو رَتُ / هڪ رت ۾ / عزيز/مٽ/مائٽ / سڳيٺو RELATED BY BLOOD، مثال؛

پاڻ ۾ هڪ رت آهن! (ويجها مائٽ)

(16) **هڪ وارُ:** هڪ وار جيترو وِٽُ (وٿي)، مثال:

' سان پرين "عبدالله" چئي، ناهه وٿي هڪ وار ميان!

(عبدالله فقير ڪاتيار) (٢٢)

(17) **هر هڪ:** Each one/ Every one مثال:

شيرين زبان مون سان اڄ گفتگو ڪئي آهه،
شيرين ڪلام جي ٿيان هر هڪ اکر تان صدقي

(حافظ محمد احسن) (٢٣)

(18) **هزارن ۾ هڪ:** يگانو Single/Unique يڪتا /انوکو/ اَمَٽُ/بيمثال/لاثاني،مثال:

(١) هن جهڙو ملوڪ، هزارن ۾ ڪو هڪ هوندو!

(٢) گهوٽ راجا جي ڳالهه نه پڇ! هزارن ۾ هڪ آ!

(19) **هيڪڙائي هڪ:** الله تعاليٰ جي وحدت، مثال:

حافظ! جي عشق گهرجي ته ڪر هيڪڙائي هڪ،
اندر ۾ ڳول سو نه وِندرَ جي وٺڻ مان آڻِ

(حيات شاهه حافظ) (٢٤)

(20) **هيڪو هڪ:** فقط هڪ الله، مثال:

(١) وائي تي ويئي ته هيڪو ئي هيڪ ٿئو

(مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي) (٢٥)

(٢) "بيدل" بلڪل ٿيءُ نه ماندو،
سنجهه صبح ڪي رات،
هوت اچي توسان هڪ ٿيندا

(قادر بخش "بيدل") (٢٦)

(21) **هڪ ٿي ويهڻ:** ٻڌي ڪرڻ/هڪڙي ڳالهه ٿيڻ/اتحاد ڪرڻ TO BE UNITED LIKE ONE

(22) **هڪ ٿيڻ يا ٿي وڃڻ:** گڏجڻ/ پرچڻ/پرچي وڃڻ/ناهه ڪرڻ/پاڻ ۾ ملي وڃڻ. TO BE ONE/TO BE RECONCILED

نيهي نَرَ، نهڪام، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
(ڀائي چئنرام سامي) (٣٠)
نيهي نر: نيهن وارو/عاشق- نهڪام: نهہ = نہ+ڪام=خواهش، خواهشن کان آجو.
(ب) وڙيہ مثال:
(١) ڪڏهين ٻيري ٻور، ڪڏهين ٿلُ نہ هڪڙو
(قاضي قادن (٣١)
(٢) تکو تيڏو ٿي وهي، جيڏو مَهہ مهراڻ،
ڏيهہ سيوئي هڪڙو، ڏير لڏوسين پاڻ
(قاضي قادن) (٣٢)
ڏير: ڏيرج؛ مَهہ مهراڻ - سنڌو نديءَ جو جيڏو منهن آهي، اوترو ئي تيزيءَ سان اها وهي ٿي. ان جي وهڪ سڄي مُلڪ اندر يڪسان آهي (ان کي ڏسي) اسان ڏيرج حاصل ڪيو آهي.
(٣) آتم پدواسي، ڪوڙين منجهہ ڪو هڪڙو،
جِئن پکين ۾ هڪڙو، انل آڪاسي،
ڪٽي ڦند ڦاسي، وڃي بيگم پور بحال ٿيو.
(چئنراء سامي) (٣٣)
(٤) "سچو" سائين هڪڙو، ناهہ شڪ گمان
(سچل سرمست - وحدت- ڪافي) (٣٤)
(٥) انيٺي عاشق، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو- (چئنراء سامي) (٣٥)
(٦) سنڌ سڄيءَ ۾ هڪڙو "بيوس"
مارن وٽ مياري آهي. (تاجل "بيوس") (٣٦)
(٧) هنج نہ رهيو هڪڙو ويا مور سڀ مري- (سگهڙ جو قول)
(٨) هڪڙو آيو باز شڪاري ڏاڏر پنهنجي جنهن ڏيکاري
(ادل سومرو) (٣٧)
(٩) توڏي حرف نہ هڪڙو، مون ڏي ڪل مهاڙا

(احمد خان "آصف" مصراڻي) (٣٨)

(١٠) مدح احمد ۾ لکان "مسڪين" ڪيئن هڪڙو اکر،
جي نہ مير ڪاروان منهنجو سخن پرور ٿئي.

(مسڪين سرشاري) (٣٩)

(١١) جوان ٿو هيئن بہ چوندس هوئن بہ چوندس پر پرين پيارا،
مجال آهي جو هڪڙو حرف تنهنجي روبرو نڪري

(پروفيسر عطا محمد "حامي") (٤٠)

(١٢) الله العالمين الله، آکو ڏس اٿئي هڪڙو
مٿان گمره گسين گس ڪان، نودنه تون سٿين نالا

(سيد فاضل شاهہ) (٤١)

(١٣) هِت هُت گهرجي هڪڙو، دوستن جو ديدار

(فقير ابوبڪر عاشق) (٤٢)

(١٤) هي جهان آهي هڪڙو افسانو،
زيست جو اعتبار پيدا ڪر.

(مصطفيٰ حيدر جتوئي) (٤٣)

(١٥) مومل راڻي جهڙا ماڻهو، ڪاڪ ڦٽائي چوندپندا پيا،
ساهہ ڏيڻ ۽ صديون جيئڻ لئي، ورهين ۾ هڪڙو ٿي ڏهاڙو

(ذوالفقار راشدي) (٤٤)

(١٦) چمڪي چمڪي ويئي وسامي هڪڙو پيرو لاٽ،
پتڪي پتڪي بيهي رهندين، وري نہ ملندءِ واٽ

(ذولفقار راشدي) (٤٥)

(١٧) دور هڪڙو سدا نہ رهڻو آهہ،
نيٺ ايندي وري بهار، نہ رو!

(عبدالڪريم پلي) (٤٦)

## (ب) اصطلاح: (هڪڙو)

جڏهن هايجو ڪن هڪڙا، ڏجهن پاڻ پيا،
سي ساوائي سڙي وڃن، ٿين پينگ پونگا.

(مخدوم غلام محمد ٻگائي) (۴۷)

سمجهاڻي: ڪن هڪڙا، سزا اچي پين کي، هڪ جو ڪيتو پيا پيا لوڙين.

هڪڙا هڻڻ تي، پيا ڪُٽڻ تي.

(۱) هِڪَ: صيفي مونث ۾: تصغيري صورت: هڪڙي

## لقرا: PHRASES مونث ۾:

هڪ امانت:

ساهه سان سانڍي، سور کي ٿو رکان
ڪجهه نه آهه، تنهنجي هڪ امانت آهه.

(شيخ عبدالرزاق "راز") (۴۸)

هڪ ٽِنگ: ٽنگ: فقط هڪ پٽ. (ٽ سان ر جو ڳڏيل اُچار) اولاد

هڪ رات: ڇڙي هڪڙي رات. مثال:

(۱) "ڪٿيءَ وٽ ڪتي ڪا.
رات نه هڪ ڪيجن، ڙي!

(پير علي گوهر 'اصغر') (۴۹)

(۲) مون فقط هُن جي ئي محفل ۾ گذاريون راتيون،
آهي ڪو يار سان هڪ رات گذاري ته سهي!

(مصطفيٰ حيدر جتوئي) (۵۰)

هڪ رمز: راز/ ڳجهه. مثال:

(۱) راءِ سين هُئي هڪ رمز اوهان جي،
تنهن تان گهائل ٿي سر گهوريو.

(پير محمد راشد روضي ڌڻي) (۵۱)

هڪ سِٽ: جُملي يا ٻن جي هڪ لائين. مثال:

(۱) هڪ سٽ به لکي نه ڄاڻي!
(۲) آءُ ته گڏجي گيت لکون

هڪ سٽ تنهنجي هڪ سٽ منهنجي!

(امداد حسيني)(٥٢)

**هڪ ڳالهه:** هڪ گفتو/ٻول، هڪ صلاح / هڪٻئي جي صلاح مصلحت مطابق ٿيل فيصلو، مثال:

(١) تو سان ڳالهه اٿم هڪ ڪرڻي وو!
هلي آ تون اڳڻ پيارا- دوست پيارا

(علي گوهر شاهه "اصغر")(٥٣)

(٢) سوريءَ تي سڏڻ وارا! هڪ ڳالهه تہ سوچي چڙ
مقتل ۾ اچڻ وارا، منصور هجن شايد!

(شمشير الحيدري)(٥٤)

**هڪ گهڙي:** گهڙي A MOMENT پلڪ/ساعت، مثال:

(١) ماري وري جياري ڇڏڻ، هڪ گهڙي جي دير،
جادو ڀري نگاهہ جو ڪيڏو نہ ڪم ڏنم.

(سليم ڳاڙهوي)(٥٥)

(٢) مختصر زندگيءَ کي ڇا چئجي،
هڪ گهڙيءَ جي خوشيءَ کي ڇا چئجي؟

(شيخ عبدالرزاق "راز")(٥٦)

(٣) ڪڏ سدا توسان وتي ٿو هو رقيب روسيهہ
هڪ گهڙي ڪر پاڻ وٽ مون کي وهارين تہ ڀہ چڱو

(حافظ محمد احسن)(٥٧)

**هڪ گهور:** چتايل نظر، مثال:

ڦهر وارا ڦهير لک "فاضل"،
گهوٽ هڪ گهور سان گهائين ٿو.

(سيد فاضل شاهہ)(٥٨)

**هڪ لڳا:** هڪ ڀيري Once

**هڪ لس:** هڪجهڙو/هڪجهڙي/سڌو /بنا رنڊ روڪ /بنا ڪنهن هٽڪ جي /روان

**هڪ مامر:** رمز/ ڳجهه/ اسرار. مثال:

ديدان ڪنهن دستور سان،
موهيو وڃن هڪ مام ۾!

(عثمان فقير سانگي) (٥٩)

**هڪ نظر:** هڪ نگاهه AT A GLANCE /آتاچري يا متاچري نظر / اشارو/ اک ٽيٽ. مثال:

(١) هڪ نظر ۾ ٿي سيئي سمجهي ويا جن و بشر،
سيد الڪونين، ختم الانبيا پيدا ٿيو.

(محمد سلمان سالم) (٦٠)

(٢) اوهان هڪ نظر سان سَرِ انجمن،
ڪي ماري ڇڏيا، ڪي جياري ڇڏيا.

(علي محمد مجروح) (٦١)

**هڪ وار:** هڪ دفعو/هڪ ڀيرو. مثال:

(١) اي دوست اچي بره جو بيمار ڏسي وڃ،
هڪ وار سندم حالت ناچار ڏسي وڃ.

(عزيز الله مجروح) (٦٢)

(٢) حياتي آهه ٿوري يار باقي،
مريض هجر ڪان هڪ وار ٿي وڃ.

(پير شاهنواز عارف المولي) (٦٣)

(٣) سڄي عمر گولي ٿي رهنديس مِنا،
ڪري قرب سائين تون، هڪ وارِ اچ.

(پير شاهنواز عارف المولي) (٦٤)

(٤) ڇڏي ليليٰ ۽ شيرين جي پچر ڪنهن مات ۾ ايندا.
ٻڌن فرهاد ۽ مجنون اگر هڪ وار منهنجو سڏ

(حيات شاهه "حافظ") (٦٥)

(٥) تون نا ايندين توکي ڇاهي؟

حال اسان جو هيٺو آهي،
دل کي ڪنهن پر ناهه قرار،
آءُ هلي هڪ وار، او سهڻا!
آءُ هلي هڪ وار!
(گيت، عبدالقيوم "صائب") (٦٦)

(٦) جي هلي هڪ وار عاجز جي اڳڻ ايندو عجيب،
جان جند، سر ساهه، گهر تڙ، تت هي گهوريندو غريب.
(سيد ميران محمد شاهه مير/مهجور) (٦٧)

(٧) هر روز ڏسان راهه تي ايندين، نه تون آئين
آئين تون اڳڻ مون وٽ هڪ وار نه پلجي
(محمد اشرف "منصور" دائود پوٽو) (٦٨)

(٨) وصل جو ناهي ڪرڻ عاشق سان اڄ انڪار ڪار
نام مولا جي پيارا واڪ تون هڪ وار، وار
(حافظ محمد احسن) (٦٩)

**هڪ واٽَ:** هڪ پاسو/هڪ رستو/هڪ طرف/ هڪ واٽَ.

**هڪ وائي:** هڪ ڳالهه، مثال:

برهه پيٺي پڪَ، وائي تنهنجي هڪ
(رضا محمد) (٧٠)

**هڪ هڏڪي:**

بي ثباتيءَ جو لکان ڇا ڇا بيان زندگي
ختم هڪ هڏڪيءَ سان ٿيندو داستان زندگي!
(عبدالله "خواب" حيدرآبادي) (٧١)

اصطلاح:

(١) هڪ اک سان سان ڏسڻ: سڀني کي هڪ جهڙو ڀانئڻ/ هڪجهڙائي رکڻ / انصاف ڪرڻ.

(٢) هڪ اک ڪرڻ: انصاف ڪرڻ/انصاف جي نگاهه سان ڏسڻ.

هيڏي وارث واڳ وهلو وار پيروڪين پيچ.

(حافظ محمد احسن) (٧٧)

(٧) منڙي پکين جي لات هئي، هڪڙي خدا جي ذات هئي.

(عبدالڪريم گدائي) (٧٨)

(٨) هنئين هور لکين، آءُ هڪڙي جئي.

(پير شاهنواز شاهه عارف المولي) (٧٩)

(٩) صِفتون سو هزار، ذات آهي هڪڙي.

(مخدوم محمد زمان طالب المولي) (٨٠)

(١٠) هر هڪڙي خار ۾ پريون گلن جي رعنائي
هر هڪڙي ذري کي عبرت دِهه نگار ڪريون

(بشير موريائي) (٨١)

(ب) فقرو

هِڪي نه هِڪ، مثال:

هادي مرشد حق حقاني، رمز هڪي دل ريهي

(دريان خان ڪنڊڙي وارو) (٨٢)

## اصطلاح

(١) هڪڙي ڪالي پرڻ: گهڻو سوجهرو نه هئڻ/گهڻي ڪاميابي نه ٿيڻ.

(٢) هڪڙي ڳالهه ٻڌڻ: ڌيان ڏيڻ/ ڌيان سان ٻڌڻ، مثال:

هڪڙي ڳالهه ته ٻُڌ، منهن ماڏي ڪري!

(٣) هڪڙي ڳالهه هئڻ: ٻڌي ۾ هئڻ/اتحاد ۾ هئڻ/هڪبئي جي صلاح مصلحت ۾ هئڻ.

(٤) هڪڙي هئڻ نه هئڻ: ميار هئڻ نه هئڻ

مڙيئي مون ڏانهن، هوتن ڏانهن نه هڪڙي- (شاهه)

هيڪ (مذڪر طور استعمال ٿيندڙ): هڪ / واحد/ اڪيلو/ لاشريڪ /يڪانو، مثال:

(الف) فقرا Phrases

**هيڪائي هيڪ:** الله جي هيڪڙائي/واحد جي وحدانيت. مثال:

(۱) هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واهه.

(شاهه سُر مارئي) (۸۳)

(۲) هيڪائي هيڪ ٿيا، احد سين عالم.

(شاهه: سُر ڪلياڻ) (۸۴)

**الله هيڪ:** والي واحد وحدهٗ. مثال:

(۳) الله هيڪ محمد برحق، شال چُڪان مان حرف اهيئي

(شاهه: سُر سسئي آبري) (۸۵)

**حرف هيڪ:** هڪڙو اکر: فقط الله جو نالو. مثال:

ڪوڙئين ڪتابن ۾ حرف مڙوئي هيڪَ.
جي تو نظر نيڪ، ته بسم الله ئي بس ٿئي.

(شاهه: يمن ڪلياڻ) (۸٦)

(ب) انگ هيڪ جو استعمال:

(۱) پيـون ڏيئي پَن ڪي، هلج پاسي هيڪ.
وَرُ نه سهي ويڪَ، تون، نيڏي ٿنايون ڪرين!

(شاهه: سُر ڪوهياري) (۸۷)

(۲) پن تراڙن جاءِ، ڪا آهي هيڪ مياڻ ۾؟

(شاهه: سُر: يمن ڪلياڻ) (۸۸)

(۳) هيڪ هتان هوت ويوءِ، پيو ايجا اٿاسي اوجهرين.

(ميين عيسيٰ) (۸۹)

(پ) هيڪڙو، هڪڙو/هڪ/اڪيلو: (مذڪر ۾: هيڪ/هيڪڙو) مثال:

(۱) عاشقن آرام، ڪڏهه تان ڪونه ڪئو.
طعني ڪيا تمام، حبيائي هيڪڙي.

(شاهه : سُر يمن ڪلياڻ) (۹۰)

(۲) سڪڻ ۽ سُوري، پئي اکر هيڪڙي!

(شاهه: سُر يمن ڪلياڻ) (۹۱)

(٣) لهرن لک لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو

(شاهہ: سر سهڻي) (٩٢)

(٤) مينهان ۽ نينهان، ٻئي اکر هيڪڙيا

(شاهہ: سُر سارنگ) (٩٣)

(٥) سوناري جا سؤ ڌڪ، لُهر جو هڪڙو (پهاڪو) (٩٤)

(٦) مکڻ آکر هيڪڙو ميان، سوئي کير سياڻ

(سچل سرمست) (٩٥)

(٧) متم آهي ميار، هوتن حرف نہ هيڪڙو

(سچل سرمست - سسئي) (٩٦)

(٨) سڄڻ هوم هيڪڙو، ويو ڦوڙائي سو

(شاهہ: سُر ڪوهياري) (٩٧)

(٩) ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿئو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو

(شاهہ: سُر ڪارايل) (٩٨)

(١٠) سُر ۾ پکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهہ
سنديءَ آس الله، لڏي لهرن وچ ۾

(شاهہ: سُر ڪارايل) (٩٩)

(١١) فاني تي فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو

(شاهہ: سُر بروو سنڌي) (١٠٠)

(١٢) ٻي در ڪنهين م وڃ، ري هاشمي هيڪڙي

(شاهہ: سُر بلاول) (١٠١)

(١٣) جڏهہ سڄڻ ياد پياس، ڇرڪ ڇنائين هيڪڙي

(شاهہ سُر ڪنيات) (١٠٢)

(١٤) هيڪڙو الله، هيڪڙو ڳالهاءِ

(قول: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي) (١٠٣)

(١٥) وَر ساسُجي ويڙ، جتي سڄڻ هيڪڙو
سو ماڳوئي ڦير، جتي ڪوڙ ڪُماڙوين.
(شاهه ڪريم) (١٠٤)
(١٦) تہ رب مڙيوئي هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نہ ڦير
(روحل فقير ڪنڊڙيءَ وارو) (١٠٥)
هيڪڙائِي هيڪ ONENESS OF GOD: الله جي وحدانيت
(پ) هيڪَ: هِڪَ (مؤنث ۾ ڪم ايندڙ انگ/لفظ)؛ هڪ. مثال؛
هيڪڙائي هيڪ هئي. وحدانيت واهہ
(ت) هيڪڙي: هيڪَ / هڪ: مؤنث، مثال:
(١) جر تَڙ تڪ تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي
(شاهہ: سُر سهڻي) (١٠٦)
(٢) لڳو واءُ وصال، جنين ساعت هيڪڙي
تنين سا لڌي لال، جِنہ لہ جڳ خلقيو
(سلطان الاوليا خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو) (١٠٧)
(٣) سڪندڙنِ ساعت هيڪڙي، اچي نہ آرام
(ميين عيسىٰ) (١٠٨)
(٤) مس مورائين هيڪڙي، اکر اڪاتجها
(مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي) (١٠٩)
(٥) وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي، پريان جي پاڄوهہ
(روحل فقير) (١١٠)
(٦) هيڪند ٿيندينءَ هوت سان، تون جاڳندي جائي!
(سچل - ڪافي) (١١١)

# انگن سان لاڳاپيل مرڪب لفظ
## COMPOUND WORDS BASED ON NUMBERS

**(الف) هڪ:**

مذڪر تي ڪم ايندڙ

(۱) **هڪ تڙو:** لاڳيتو/لڳاتار.

(۲) **هڪ-ٽڪ نسخو/ علاج:** ڪامياب علاج/مجرب نسخو Sure remedy، مثال:

دوست جي ديدار جو نسخو اهو هڪ- ٽڪ اٿس

(رشيد احمد لاشاري) (۱۱۲)

(۳) **هڪ ٽنگيو:** هڪ ٽنگ وارو / منڊو/لنگڙو. مثال:

هڪ ٽنگي جي مُلڪ ۾ وڃجي ته ٻي ٽنگ به ڪٽي لڪائجي. چوندا آهن: جهڙو ديس تهڙو ويس. جنهن ديس ۾ وڃجي، ان ديس جو لباس پهرجي ته جيئن ڪنهن حد تائين ڌاريائپ جو احساس گهٽجي وڃي In Rome do as Romans do

(۴) **هڪ ٽالهو:** ٽرت/جلدي/سگهو/جهٽ پٽ/ يڪدم.

(۵) **هڪجهڙو:** برابر /هوبهو /موافق/ساڳي قسم جو/ جيسَ نسَ پِسَ Equal of the same age.

(٦) **هڪ ڇهڙو:** هڪ عمر وارو/ساڳي عمر جو /برابر / جوسي / ساڳيءَ ٿهيءَ وارو/جوڙ /جيس/ سرتو / ساٿي / همعصر

(۷) **هڪ چتو:** هڪ چتَ (من / ڌيان) وارو / هڪ منو (هڪ منَ/ڌيان: جنهن جو چِتَ (من) هڪ جاءِ تي هجي خبردار/سُچيت/سجاڳ Attentive/ intent

(۸) **هڪ چوراس:** جنڊيءَ جي گلڪاري جو قسم/جنڊي lathe تي ڪڍيل گل چِٽَ.

(۹) **هڪ دم:** هڪدم ٽرت يا سِگهو/جلدي/جهٽ پٽ/ يڪدم.

(۱۰) **هڪ سخنو:** هڪ سخن/ هڪ ڳالهه وارو/ هڪ زبان/ هڪ ڳالهيو/پڪو/وعدن جو سچو.

(١١) هڪ ڪاريو؛ هڪ ڪم يا ڏنڊو ڪندڙ/هڪ ڪرتِ وارو.
(١٢) هڪ ڪرو؛ هڪ جيترو/هڪ جهڙو.
(١٣) هڪ ڳالهيو؛ هڪ ڳالهه وارو/ هڪ ڳالهه ڪندڙ/واعدي جو پورو/انجام جو پڪو Determined/Resolute.
(١٤) هڪدل؛ يڪدليو / هڪ چيتو (هڪ چِتَ/ڌيان سان/ هوشياريءَ سان/خبرداريءَ سان/سُچيتائي سان). مثال؛
پيو سپ لوڪ لباس، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو
(شاهه: سُربروو سنڌي) (١١٣)
(١٥) هڪ متو؛ هڪ مت وارو/هڪ دليو/هڪ چِتَ وارو Firm
(١٦) هڪ منو؛ هڪ من وارو/هڪ خيال وارو /هڪ دليو/جنهن جو چتُ (منُ) هڪ جاءِ تي هجي.
(١٧) هڪ مُنهون؛ هڪ طرفو. مثال؛
همه اوست چو تي هِڪَ مُنهون،
ورنه وچائي وير تون
(قادر بخش بيدل) (١١٤)
(١٨) هڪ مهلو؛ هڪڙي وقت تي/ هڪ ٽائي (ٽائو؛ وقت) وارو/هڪ وقتو At one time

## (ب) مؤنث ۾ ڪم ڪندڙ

(١) هڪ جيڏائي؛ برابري/ همعصري/سرتائي (سرتو؛ هڪ جيڏو/ ساٿي)
(٢) هڪ جيڏي؛ سرتي/ساهيڙي/جوڙَ/جيس
(٣) هڪ چِتائي؛ هڪ من/چتَ ڪرڻ واري حالت/ هڪ ڌياڻي (ڌيان جو هڪ جاءِ تي هجڻ)/ هڪ خيالي/ خبرداري/ هوشياري/ سُچيتائي / سُجاڳي/بيداري.
(٤) هڪجهڙائي؛ ساڳيائي/برابري/مشابهت/برووبري
(٥) هڪ رقمي؛ هڪ رقم وارو حساب/حسابن جو هڪ قسم.
(٦) هڪ زبان؛ هڪ لفظ/هڪ قول/هڪ ڳالهه/هڪ وچن/هڪ

ٻول/هڪ قول.
(٧) هڪ سارُ، هڪ ساهيءَ/ٻنا ڪنهن رنڊڪ جي /لاڳيتو / لڳاتار/ هڪ ڏڙو/ هڪ ٻئي پويان/مسلسل
(٨) هڪ سِري، هڪ سر سان اوساري ٿيل (ڀت)/هڪ سر واري اوساري
(٩) هڪ وَهَ، (وهه، وهي/ٿهي)، هڪ جيڏو/هڪ جهڙو/هڪ نموني/ جوڙ جيس/ برابر /همشڪل.
(١٠) هڪ هٽي، (١) تاڙي هڪ هٿ سان نہ وڄي پر ٻہ- هٿي وڄي ٿي. هڪ هٿ جي ترِي تي ٻئي هٿ جي ترِي هٽي سٽڪو/ٻٽڪو ڪرائڻ کي تاڙي وڄائڻ چئبو آهي. هڪ هٿ سان تاڙي ناهي وڄندي. ڪنهن معاملي جي نبيري/فيصلي لاءِ، شامل ڌرين جو تعاون/دلچسپي ضروري آهي.
(١١) هڪ هٽي، (هٽي/هٽ= دڪان) هڪڙي ئي هٽ تان ڏيندڙ وڪرو/حق بها/حق فروخت Monopoly.
(١٢) هڪو، هڪ. مثال،

ناز نياز سان هڪي واري، چاڙهن سُوليءَ تي منصور

(سچل سرمست، سر سسئي) (١١٥)

هيڪ، هيڪا هيڪ، نيٺ/آخر/آخري فيصلو. مثال،

هر هنڌ هادي هيڪ هڪوئي،
ڪونهي رب ريءَ ڪنهن هنڌ ڪوئي

(منٺار فقير راڄڙ) (١١٦)

هيڪلَ وسورو، هيڪل/اڪيلي سر/اڪيلوئي اڪيلو.
هيڪلو، هيڪ+ لو، /اڪيلي سر/هڪڙو. مثال،

جنين پيريو هيڪلو، تنين ميڙيو، ماءِ!

هيڪلو، جي تصغيري صورت "هيڪلڙو" (شاهه، سر ڪاپائتي) (١١٧)
هيڪڙو، اڪيلو/اڪيلي سر.
هيڪڙي، ("هيڪي" جي تصغيري صورت)، هڪڙي

هيڪلي: هيڪ+لي: اڪيلي/اڪيلي سر/هڪڙي/ڇڙي. (هيڪلڙي: تصغيري صورت) مثال:

اتي اوڏو آءُ جت هوتَ هيڪلي آهيان

(شاهه: سر: سسئي آبري) (١١٨)

ايڪ: هڪ واحد/اڪيلو/ڇڙو. مثال:

(١) ايڪ تندرستي هزار نعمت!

(٢) ايڪ پنٿ، دو ڪاج!

(٣) ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون،
جيڏاهه ڪريان پرک، تيڏاهه صاحب سامهون

(شاهه: سُرڪلياڻ) (١١٩)

يڪ: هڪ/واحد/اڪيلو/فرد.

يڪا يڪ:

"سچو" يڪايڪ يڪ ٿيئين، تون شمع، تون پروان ٿئين!

(سچل - حقيقت: ڪافي) (١٢٠)

(١) يڪ اندازہ هڪ درجي يا معيار وارو /هڪجزائي ير پورو/ئيڪ

(٢) يڪ بار: هڪ ڀيرو/هڪ هڪ / نمبر وار /مسلسل

(۴) يڪ برو: هڪ بر يا ويڪر وارو (ڪپڙو)

(۵) يڪ تارو: هڪ تار وارو ساز.

(٦) يڪ تهو: هڪ تهه وارو/هڪ تهو/هيڪوٽو

(٧) يڪ ٽولڪو: هڪ ٽنگ وارو / هڪ سوراخ وارو

(٨) يڪ جاءِ: هڪ جاءِ تي / هڪ هنڌ/ٺائينڪو/ هتيڪو

(٩) يڪ جهت: پاڻمرادو/پاڻيهي/ ازخود

(١٠) يڪ چشم: هڪ اک وارو/ڪاڻو

(١١) يڪدل: هڪ صلاحو/هڪ زبانو/هڪ هٿيو/متفق راءِ

(١٢) يڪدم: هڪدم/بروقت/ترت/جلد/هاڻ جو هاڻ Right Now

(۱۳) يڪراءِ: هڪراءِ/اتفاقراءِ/ٻڌي/ايڪو/هڪڙائي.
(۱۴) هڪ رنگ /هڪجهڙو/هڪ نمونو.
(۱۵) يڪ رنگو: هڪ رنگ وارو / هميشه هڪ جهڙو/سدائين ساڳئي رنگ ۾/هڪجهڙائي رکندڙ/هڪ خيالو، ساڳيو ئي ساڳيو/ هڪ سُر وارو/ هڪ رينگٽ وارو (monotonous) نارَ وهندو آهي تہ هڪ ئي آواز يا رينگٽ ڪندو آهي، مثال:
وهي نہ وهي، وَٽُ رينگٽ ڪي (ٻهاڪو)
(۱٦) يڪ زبان: هڪ زبان وارو / هڪ راءِ رکندڙ/اتفاق راءِ رکندڙ/سچو/پُختو
(۱۷) يڪ سالو: هڪ سال وارو / ساڳئي سال وارو/ ساڳيءَ عمر وارو.
(۱۸) يڪ سخن: سخن جو سچو/وعدي جو پڪو/انجام جو پُختو/هڪ ڳالهہ وارو/سُخن پرور.
(۱۹) يڪ سَــر: هڪ پاسي/هڪ طرف/ اڪثر/لاڳيو/يڪدم/هڪدم.
(۲۰) يڪ سُوئي: اڪيلائي/خلوت/نويڪلائي/ايڪانت/هڪ خيال.
(۲۱) يڪو: هڪڙو /واحد /اڪيلو /تنها/نويڪلو/سچو سارو/سمورو / بي مثل/بينظير.
(۲۲) يڪ چشم: هڪ اک وارو/ڪاڻو/انهي ڏکر راند جو ستون ڏکر.
(۲۳) يَڪي سر: اڪيلو/ اڪيلي سر /تنها / هڪڙو ئي هڪڙو

(ب) اصطلاح:
(۱) يڪ زبان ٿيڻ: هڪ راءِ ٿيڻ/ ٻڌيءَ ۾ اچڻ.
(۲) يڪ سر ڪرڻ: اڪيلو يا پنهنجي سر ڪو ڪم ڪرڻ / ٻئي جي مدد کان سواءِ ڪو ڪم ڪرڻ.

**ٻئي اکيون ٻوٽڻ**، اکيون بند ڪرڻ/دماغ جي اک يا اندر جي اکين (Mind's eye) سان ڏسڻ. مثال،

پرين سي پسن، ٻئي جنهين ٻوٽيون

(شاهه، سُر آسا) (١٣٢)

**ٻئي لنگون ڪاٺ ۾ پوڻ**، ڦاسڻ/ڦاسي پوڻ/جهلجي پوڻ/سوگهو ٿيڻ / زندان ۾ پوڻ

**ٻئي رانديون مارڻ**، سوڀ ڪرڻ / فتح حاصل ڪرڻ / غلبو حاصل ڪرڻ / سرسي ڪرڻ / ٻئي ملهون مارڻ.

**ٻئي رانديون وڃهڻ**، کيڏ ڪرڻ / نکڻ

**ٻئي ڳالهيون ڦيرڻ**، پتو فائدو پوڻ. مثال،

ٻيڙياتا! ٻيئي، ڳالهيون تونه ڦيرنديون،
سڄيون راتيون سُمهين، پَر سکاڻ ڏيئي،
صباح سيئي، پارِ پڇندء خبرون

(شاهه، سُر سراڳ) (١٣٣)

## ٻهاڪا / چوڻيون:

**(الف)**

**(١) ٻه آگر**، ڪجهه وڌيڪ / سرس، مثال،

ساڌو ٻه آگر واڌو!

**ٻه اکر**، ٻه اکر ڳالهائڻ، ڪجهه چوڻ / ڪَچڻ. مثالُ،

سون ٻرڪجي ڪسوٽيء، زيور ٻرڪجي باهه،
ماڻهو تڏهن ٻرکجي، جڏهن ٻه اکر ڳالهاء. (ٻهاڪو)- (١٣٤)

**(٢) ٻه ڀيرا**، ٻه دفعا. مثال،

ٻوڙو ڪلي ٻه ڀيرا.

ٻوڙو ماڻهو، ٻهريون ڀيرو ڳالهه ٻوري ٻڌي/ سمجهي نه سگهندو آهي، جنهن تان ٻڌندڙ کلي ڏيندا آهن ۽ انهن کي کلندو ڏسي، پاڻ به کلي ڏيندو آهي. ٻوء جڏهن وڏي واڪي

ڪيس ڳالهہ سمجهائي ويندي آهي تہ ڳالهہ مان لطف اندوز ٿي
ٻيو دفعو کلي ڏيندو آهي ۽ ٻين کي بہ کلائي وجهندو آهي.

(٣) ٻہ لڪر، ٻہ ٽانوَ. مثال،

ٻہ لڪر ٻيا لهڪن، هڪ جاءِ/هنڌ رهندڙ پاڻ ۾ وڙهندائي
رهندا آهن، جيئن لڪر/ٽانوَ پاڻ ۾ ٽڪرائبجي پوندا آهن.

(٤) ٻہ پاڇا،

سج ۽ پاڇا، سج اڀرڻ وقت پاڇو هڪ طرف هوندو آهي تہ
لهڻ مهل پاڇو ٻئي پاسي ٿيندو آهي. مطلب تہ انسان هميشہ هڪ
حال ۾ نہ ٿو رهي. ان تان چوندا آهن؛

ڪڏهن پريءَ ۾، ڪڏهن پاڪر ۾.

(٥) ٻہ پاسا،

سُڪو ڪاٺ ٻہ پاسا ٻجي، سڪل ڪاٺ تي ساڄي پاسي بار
پوندو تہ ٻجي پوندو ۽ کابي پاسي بار پوندو تہ بہ ٻجي پوندو.

(٦) ٻہ پوٽ، پوٽي- پوٽَ. مثال،

هيئڙو ٿيو ٻہ پوٽ، جو وهم پريان جي وڌيو (تمر فقير)

(٧) ٻہ شينهن،

ٻہ شينهن ٻيلي ۾ نہ ماپن - (پهاڪو) - (١٢٥)
هڪ ئي جاءِ تي ٻہ رقيب/مخالف نہ ٽا رهي سگهن.

(٨) ٻہ ڪنواٽ،

ٻڍو اٺ ٻہ ڪنواٽ لهي يا پوڙهو اٺ ٻہ ڪنواٽ لهي يا اٺ ڪراڙو تہ بہ
ٻہ ڪنواٽ لهي. (وڏن ۾ وڏي ڪلا) (Greater wisdom in elders)
وڏي عمر وارو اٺ، ننڍي عُمر وارا ٻہ اٺ (ڪنواٽ) لهي. ٻہ ٻچاٽ
اٺ (گوڏرا) هڪ وڏي اٺ جي برابر آهن. اصطلاح ۾ معنيٰ: هڪ
آزمودگار ٻن سيکڙاٽن جي برابر سمجهيو ويندو آهي.

(٩) ٻہ گدرا،

ٻہ گدرا هٿ ۾ نہ اچن يا ٻہ گدرا هڪ مُٺ ۾ نہ ماپن، ٻہ فائدا
هڪ ئي وقت ملندا ناهن

(۱۰) ٻہ ڪدڙ:

"ٻہ ڪدڙ شينهن مارين" چون تا هوشيار!
- ٻڌيءَ ۾ ڪرامت! (حاجي حقير ابن مگڻ) (۱۳٦)

(۱۱) ٻہ مٽاه

ڏاڍي جي لٺ کي ٻہ مٽاه عام طرح لٺ جو هڪڙو پاسو ڇُهنب وارو هوندو آهي ۽ زمين ۾ آسانيءَ سان ڪوڙي سگهبو آهي، جڏهن تہ لٺ جو ٻيو پاسو هٿئي طور ڪم ايندو آهي. پاڻ کان طاقت وارو ماڻهو /ڏاڍو مڙس لٺ کي جيئن وٺيس، تيئن ڪم آڻي سگهي ٿو. سگهارو ماڻهو طاقت جي زور تي ڪا بہ ڳالهہ ميڙائي سگهي ٿو. چوندا آهن:

سہر سان سيئن، ڪبي ڪيئن،
چوندو جيئن، ٿيندو تيئن.

(ڏاڍي ماڻهوءَ سان زمين جي سيئن/دنگن/حدن جو فيصلو ايئن ئي ٿيندو جيئن هو چاهيندو. جيئن زميندار، هاريءَ جا ٻہ ئي مٽا يعني پيدائش جا پاڻ ٻئي حصا ڪٽي ويندو آهي).

(۱۲) ٻہ هٿ اڳتي: وڌ/ سرس/اڳرو

(ب)

(۱) ٻہ اکيون:

(۱) اللہ گهري الله کان ٻہ اکيون: اهڙو شخص جيڪو پنهنجي خواهش جي تڪميل جي وڌ ۾ وڌ آرزو / آس رکندو هجي، اهو اهڙيون ئي دعائون گهرندو آهي

(۲) شل ڪنهن کي ٻہ خدا ٻن اکين وارو پاڙيسري نہ ڏئي (پهاڪن جي حڪمت" تان کنيل)

(۲) ٻہ ٻانهون:

پيٽ، ٻہ ٻانهون چنتا ناهين! جنهن ماڻهوءَ کي کائڻ لاءِ هڪ پيٽ (پنهنجو پيٽ) ۽ ڪمائڻ لاءِ ٻہ ٻانهون هجن، تنهن کي بک مرڻ جو

ڪو فڪر نامي هوندو. مطلب تہ پورهيت ڪڏهن بہ بک نہ مرندو.

**(٣) ہہ چماٽون؛** ٿوري / ننڍي سزا. مثال؛

گدري جي چور کي ہہ چماٽون.

**(۴) ہہ ڪاٺيون؛**

جيئان ڪوڙ ہہ ڪاٺيون، پنجين لڪين پاءُ.

ميو تِـهِ ماڳاءِ. ڏيهاڻي ڏار چري!

(شاهہ؛ سر ڪنڀات) (١٣٧)

**(۵) ہہ وکون؛**

ٿورو پنڌ A short distance مثال؛ اڳيان ہن وکن تي سندس گهر آهي.

ہہ وکون پري اچڻ؛ هلي اچڻ To pay visit

**(ب) ٻيو؛ عدد قطاري؛**

(١) ٻيو نہ مڱي مور، امن ڏيو ان کي

(شاهہ؛ سُر سورٺ) (١٣٨)

(٢) آهي آرياڻي، ٻيو سرتيون! سڀ کي ڪين.

(شاهہ؛ سُر سسئي آبري) (١٣٩)

(٣) ڪالهوڻي ڪالهہ گئي، اڄ ہڻ ڏينهن ٻيو

جنهن ۾ ماڻ ٻيو، سا "راهہ" رهندي ڪيترو؟

(مدن فقير) (١۴٠)

"راهہ"؛ آنَ جي راهِ/ديري ۾ پيل ان جو ڍير/ آنَ جي ڍڳ مان جيڪڏهن چوڻزا/پاڻيون/ٽويا پري ڪڍيا، تہ سارو ڪوڙ (ان جي راهِ) کپي ويندو. ڏار پيل دِلي/گهڙي ۾ پيل پاڻي، سمي سمي وهي ويندو ۽ گهڙو خالي ٿي ويندو. زندگيءَ جو بہ ساڳيو حال آهي. حياتي ٿورو - جَهٽي Short-lived يعني انتهائي مختصر عرصي لاءِ آهي.

(۴) تنهنجو مُرڪڻ آهي مُکتي

ٻيو در ڪيڻ نهاريان، هوءِ

(سروپچندر "شاد") (١۴١)

(٢) فيصلو ٻنهي ڌرين کي قبول آهي. (جملو)
(٣) ڪَرَ مالهو، وڻ ٻاٻرو، ٻنهي ڏينهن ڪٽن! (ٻهاڪو)

ڪَرُ ڪارُو ڪپڙُ/جهيڙا مچائيندڙ/لچ مالهو. جهڙي طرح ٻٻر جي وڻ مان سيلهه (تکا ڪنڊا) ملندا آهن. تهڙي طرح "ڪر" مان نيٺ ڪرائي ملندي.

(۴) ٻنهي جو ليهو اولڏو؛ ٻئي برباد/ ٻئي بد نصيب
(ث) ٻڳا / ٻها ("ٻڳو/ٻهو" جو جمع ٻڳا/ٻها):

(١) تو در آيس راڇيا، ٻيا در ڪري دور
(شاهه: سر سورٺ) (١۴۵)

(٢) سيءَ سيارو سَرڪٽي ٻيا پون ٿا پارا
(حمل فقير لغاري) (١۴٦)

## مرڪب لفظ

ٻه اکيالي، پاسخاطري:

(١) ٻه ٻالهو/ ٻه= ٻالهيون؛ ٻن ٻانهن وارو يعني انسان
(٢) ٻتنکو/ٻجنکهو؛ ٻنهي ڄنگهن سوڌو، مثال:

ڏاهو ڪانءُ ٻه ٽنگو ڦاسي!

اصطلاح ۾ ڏاهو ڪانءُ معنيٰ حد کان وڌيڪ سياڻپ ڪندڙ، جيڪو ڏوڪو کائي، ڦاسي پوندو آهي.

(٣) ٻُپڙو؛ (ٻ هيٺ زير ۽ پ تي پيش): ٻن پِڙن وارو اجرڪ
(۴) ٻپهرو؛ ٻن پرهن جو وقت/ منجهند جو ٽائيم/منجهند جي ماني جو ويلو Lunch time

ٻپهرو يا ڏپهرو ڪرڻ: منجهند جو وقت گذارڻ/منجهند جي ماني کائڻ
(۵) ٻپيرو؛ ٻه پيرو يعني ٻن پيرن وارو جانور يعني انسان. مثال:

"پوءِ هڪڙو روضو وڃي ڏٺو سين. حسين بخش چيو ته دروازو اڪيڻي ٻپيرا جانور چورائي ويا آهن."
(حاجي حقير ابن مڱڻ) (١۴٧)

نوٽ: شهر ٺارو شاهه جي اوسي پاسي، ٻپيرا ذات وارا رهن ٿا.

(٦) ٻچاپڙو: ٻئي چاپڙ يا پاسا ولندڙ/ ڏوتو/لائي چائي ڪندڙ/چغل/ٻن ڌرين ڪي پاڻ ۾ ويڙهائيندڙ/دورنگو/منافق.

(٧) ٻچتو: ٻه چتو: ٻن چِتن وارو/جنهن جو ڌيان ٻن طرفن ڏانهن هجي.

(٨) ٻه چنگهو: ٻن چنگهن وارو مثال: ڏاهو ڪانو ٻتنگو/ ٻچنگهو ڦاسي

(٩) ٻلاٽون: ٻه- لاٽون: جنهن روشنيءَ ۾ ٻه لاٽون ٻرن/روشنيءَ جو منارو جيڪو درياهه /سمنڊ ۾ جهازن جي رهنمائي لاءِ روشني ڪري Light House

ٻلانگو: ٻن لانگن وارو/سواريءَ تي لانگ ورائي ويهڻ/پيراندي پير پاسر ڪري ويهڻ.

(١٠) ٻمنو: جنهن جو من ٻن طرفن ڏانهن هجي / هَر ڪرَ ۾ Not concentrating

(١١) ٻمٽو/ٻمٽي: ٻن مٽن وزن وارو/واري. مثال:

تنهن جي ٻلي ٻه ٻمٽي! ڪنهن به ٻلي جو وزن ٻه مڻ ٿي نه ٿو سگهي. ٻتاڪ هٿندڙ ڪي نوڪ ڪندي چيو ويندو آهي ها. ياءَ. ها! برابر. تنهنجي ٻلي ٻه ٻمٽي!

(١٢) ٻمُنهون/ٻمنهين: ٻن مُهن وارو /ٻچاپڙو/ٻن منهن واري بَلا/بيڙي بلا/ٻطرفي مصيبت. مثال:

ويچارو ٻمُنهين بلا جي ور چڙهي ويو آهي. يعني ٻٽي مصيبت ۾ ڦاسي پيو آهي.

(١٣) ٻمورو/ٻمور: اهو واهه جنهن تي ٻه موريون نهيل هجن/جتان ٻه وهڪرا يا ٻه شاخون نڪرن.

ٻواٽو: (ٻ + واٽو) = جتي ٻه واٽيون اچيو ملن / دوراهو. مثال:

ٻوجهه هوندي چڙهيو ٻواٽي تي،
ڪنهن سنئين موڙ ڏي متي تہ ڪٽي

(سردار علي شاهه "ذاڪر") (١٤٨)

(١٤) ٻويڙهائو: ٻن ڌرين ڪي ويڙهائندڙ/ٻچاپڙو/منافق

(١٥) ٻهٽيو، ٻن هٽن سان يا وارو/ٻن هٽن (هٽ، وڇين آگر کان وٺي، ئونٺ جي هڏي تائين) جي ماپ/ڊيگهہ جو. ٻار، وندر خاطر، هڪٻئي کي پروليون ڏيندا وتندا آهن، مثال:
شينهن کي نماز پرهائي ڏي؟
پيچي، کٽو ٻہ هٽيو شنهن نماز پڙهي اٿيو (ٻاراڻي پرولي)
(١٦) ٻهاڻو، ٻهاڻ، ٻن سالن جي اندر عمر وارو ڪنوات
(١٧) ٻهٽڙ، ٻن هٽن سان / ٻهٽڙيو.
دو= ٻہ- دوجهان، ٻئي جهان/دارين، مثال:
(١) جنهن مدينو ڏٺو حياتي ۾،
دوجهان ۾ سو ڪامران آهي. (عابد لغاري) (١٤٩)
(٢) گنهگار اُمت کي آڌر مليو
مليو دوجهان جو سردار آ (عزيزالله بروهي) (١٥٠)
(٣) هي جڳ هو جڳ، هر دوجهاني آهي پرين جو پاڇايو
(پير محمد راشد روضي ڌڻي) (١٥١)
(٤) ادائن جون ڪاتيون وهائڻ هليو آ،
غم دوجهان کان ڇڏائڻ هليو آ.
(نورُ شاهين) (١٥٢)
(٥) ظلمات دوجهان سندي ڪافور ٿي وئي،
"شيدائي" ان جي نُور جو، جنهن دم ظهور هو.
(مولانا محمد عظيم شيدا) (١٥٣)
دوراهو، (دو، ٻہ+راهو)،جتان ٻہ راهون/واٽون/رستا/دڳ ڦٽن، يا نڪرڻ
دورنگو، دو+رنگو، ٻن رنگن وارو/ٻرنگو/ٻيائي رکندڙ/اندرين ٻاهرين ڪندڙ/اندر ڪارو/پاڪندي/منافق/ڪوڙو/ٺڳ/ ڪُپتيو/ٺڳي ڪندڙ/ويساهہ گهاتي ڪندڙ.
دورنگي، ٻيائي/ڪُپت /دغا/مڪر/فريب
دوشالو، ٻن پڙن واري شال/رئو
دوناڙي، ٻن ناڙين/ٻن نالن واري بندوق/دونالي

دوايـو: ٻن ٻولين جي لغات جو ڪتاب

دمـرو: ٻہ دفعا/ٻيڻو/ ٻٽو/ڏوڙو/ ٽلهو/ ٽوٽانگ/ مُتڪو/سترونڙ/ ڏؤنسو/مضبوط/وزندار.

دُکي:(دءدوءپہ): ٻيائي/حق کي ڇڏي ٻئي کي ڏسڻ/ ڍؤنگ/ ٻچڙائي/کوٽ/مَڪرُ/مِڪِرُ - دئي کي دسڻ: ٻيائي کي ڇڏڻ. ٻيائيء کي ٻن وجهڻ) اندرين ٻاهرين /ٻيائي/منافقي/بي ايماني.

ڏيهرو: (ڏءڏون (پہ): ٻن پهرن جو وقت/مانجهاندي جو وقت Lunch time

مثال: ترسو، ڏيهرو ڪري پوء وڃو! (جملو)

ڏونُ: ٻہ /هڪ واڌو هڪ: مثال:

(١) انگن جي ڪٿپ/ڪوڙي ۾ ڇٽبو آهي:

هڪ ڏون ڏون - ٻہ ڏون چار ... الخ

(٢) ڪوڙي دنيا، ڪوڙا پسارا، ڏيهہ مڙئي ڏون

(شاهہ: سر پورب) (١٥٤)

(٣) ڏينهن مڙيئي ڏون، آئي لوچ لطيف چئي

(شاهہ: سُر مومل راڻو) (١٥٥)

(٤) جيئڻ ناهي جڳ ۾، ڏِيهہَ مڙيئي ڏون!

ساجن سهي سُڃاتو.

(شاهہ: سر ڪلياڻ) (١٥٦)

(٥) سڀ آ ڪوڙي دوستيء جو داستان

دوستي جو هي گمان آ ڏينهن ڏون.

(حڪيم غلام محمد سومرو) (١٥٧)

(٦) هڪ جمڻ جو ڏينهن ٻيو آ مرڻ جو،

آ مٿا بس هيء حياتي ڏينهن ڏون.

(حڪيم غلام محمد سومرو) (١٥٨)

(٧) جيڪي ويو گذري سو ويو، جيڪي آهہ ٿيندو گذر،

سالڪن سمجهي ڇيو ايء آهہ دنيا ڏينهن ڏون.

(خليفو گل محمد "گل" هالائي) (١٥٩)

(۸) ناچ نانڪ، ميل ميلا ڏينهنَ ڏونَ،
شهر ۾ شاديون ڏسي شادان نہ ٿي
(پير شاهنواز عارف المولي) (۱٦٠)

هاري؛ پلن جو جوڙو/ ٻہ پلا گڏ، سنڌو درياھ تي ڄام شوري وٽ، اڏايل ڪوٽڙي بئراج سبب "پلو" مٿي نہ ٿو تري سگهي، ڪو زمانو هو جڏهن سکر کان گهٽو پري تائين پلو مرندو هو ۽ اهو هارين (ٻن ٻن) ۾ وڪامندو هو.

ٽي (۳)، ٽن ايڪن وارو انگ /ڳڻپ ۾ لِکو "ٽي"

(الف)

(۱) ٽي تاپ؛ هندو عقيدي مطابق ڏک ٽي آهن
(۱) سرير جو تاپ (۲) من جو تاپ (۳) ديوتائن جو تاپ

(۲) ٽي ڏينهن؛ ٿورو عرصو، مثال؛

جوڀن جواني تنهنجي ٽي ڏينهن آهہ چٽڪو
سارو جهان آخر سڀئا فنا تہ آهي
(محمد اشرف "منصور" دائودپوٽو) (۱٦۱)

ٽي سير؛ ڳپل سارا، مثال؛

تيل جا ٽي سير پاروٽا پڪوڙا ڪاڻ تون،
رات جو ڪر يار وٽ ڪنگهڪار هيڪاري وڏيڪ.
(فقير روڏو موالي پڳو ٽوڙهو) (۱٦۲)

(۳) ٽي گاڏا، او گاڏيءَ گاڏا ٽي - مون کي پورل موڪل ڏي
راٽا مورو وينئي ڏيان - (مورو؛ لوڪ گيت)

(ب)

ٽي دائيون؛ چوپڙ راند ۾ ڏاري اڇلائڻ وقت مٿين پاسي کان بيهندڙ ٽن دائن جو انگ جنهن کي شڪست جي نشاني سمجهيو ويندو آهي؛ شڪست/ هار.

اصطلاح:

(الف)

**(۱) ٿي پٽر ڏيڻ**: طلاق ڏيڻ/موڪل ڏيڻ/اجازت ڏيڻ/هميشہ لاءِ آزاد ڪرڻ.

**(۲) ٿي پسڻ**: اک جي ٽيڏائي سبب "هڪ" بدران "ٻہ" شيون نظر اچڻ، مثال:

ٽيڏي پسي ٻي، هو تان آهي هيڪڙو

(شاهہ- سُر ڪوهياري) (۱٦۳)

**(۳) ٿي مارنگ سنوان هئڻ**: ڏانگي چڙهڻ پنهنجي مانيءَ وارو هئڻ. ٿي مَارنگَ سنوان رکي ان مٿان ڪُنو/ديڳڙو يا تئو/ڏانگي رکي ويندي آهي. اصطلاح جي معنيٰ: خوشحال هجڻ/هوند وارو هئڻ/آسودو هئڻ.

دعا آهي تہ شال تنهنجا ٿي مارنگ سنوان هجن!

**(۳) ٽيڏو ٿي پسڻ**: ٽيڏي ماڻهوءَ کي، سندس اک جي ٽيڏائي Disorder of vision سبب هڪ شيءِ بدران ٿي نظر ايندي آهن. اهڙي طرح غير حقيقت پسند ماڻهن کي ڪا شيءِ اصلي روپ ۾ نظر نہ ايندي آهي.

(ب)

**(۱) ٽي ترپون هڻڻ/هٿي ڇڏڻ**: صفا انڪار ڪرڻ/نابري وارڻ/نَنِهو اکر وارڻ

**ٽي ٽنگون**، سيهڙ ٽنگون ٽي چوڻ: صاف انڪار ڪرڻ. / نہ ٻانسڻ/ آلي وجڻ/ ضد ڪري ويهڻ. مثال:

گهڻو ئي سمجهايو مانس پر، سهيڙ ٽنگون ٽي!

**(۲) ٽي دائيون پوڻ**: حرج پوڻ / ڀاڳ نہ پڙائڻ (۱٦۴) هارائڻ/هار کائڻ/نقصان پوڻ/ڇيهو رسڻ/ڀاڳ نہ پڙائڻ/هار وارو داءُ پوڻ.

(۷) سوچـن وينا پاڻ ۾ ٽيئي
ساڏ ٻيلو سکر ۽ سنڌ
(ادل سومرو ) (۱۷۱)
(۸) ڏيڻ، ڏيهہ ڇڏڻ، ڏيهي ڇڏڻ ٽيئي اهنجا (پهاڪو)
ٽيون: ۳ عدد قطاري ۾
(۵) هڪ وسڻ، ٻيو وڄڻ، ٽيون لهي پيو سيءُ
(سچل سرمست) (۱۷۲)
ٽئين: ٽئين ڏينهن On the third day مثال:
ٻڌو ماڻهو ٻہ ٽئين ڏينهن ليي - (چوڻي)
ٻڌي ويل ماڻهو ٻہ ٽئين ڏينهن پاڻي تي ترندو ڏسبو آهي.
(٦) ٽيئي مارلگ اولڏا ٽيڻ: چِلهہ اجهامڻ/جتي کو رڌ پچاءُ نہ ٿئي.
سنڌ ۾ چلهہ گهٽو کري ٽن مارنگن تي آڏاريل هوندي آهي.
ٽيڻو: (Three times) ٽيڻ تي
ٽڪر ٽيڻو ٽيڻ: فائدو ملڻ
مرڪب لفظ
(الف)
ٽِٽو/ٽيٽو: ٽي دفعا ٻٽو (ٻہ دفعا) يعني ڇهوڻ
ٽِنڱو: "پَرڻ" اٽي وغيره ڇاڻڻ لاءِ
پَرڻ چوي ڏونگي کي هل ڙي ٽہ - ٽنگا!
پرڻ ۾ ٽنگ ٿي ٽنگ هوندا آهن، پر جيڪڏهن 'ڏونگي' کي
ٽن ٽنگن جو طعنو هڻي تہ اها ناانصافي چئبي.
مثال: مينهن چوي ڳئون کي: هل ڙي ٻُچَ ڪاري!
ٽيڙو: ٽِپڙو يا خانن وارو.
ٽيڪو: ٽماهو: فوتيءَ جي ٽن مهينن ڪان پوءِ واري خيرات/هندن جي
ڪريا ڪرم.
ٽِپور: ٽن پاسن ڪان پورو

**ٽپهر،** ٽي پهر/ٽن پهرن جو وقت (جڏهن ڏينهن جا ٽي پهر (هر پهر ۾ ۳ ڪلاڪ) گذرن/پوياڙي/وچين/عصر- ٽپهرو، ٽن پهرن تي مشتمل/ٽن پهرن جو وقت/پوياڙي/ پوچاڙي.

**ٽپهرو،** لڪي لڪي ايندڙ ۽ لڪي لڪي ويندڙ/ٽن ٽڪاڻن وارو هنڌ جنهن جي خبر پئجي نه سگهي ته ڪٿي هوندو.

**ٽپيڙهو،** ٽن پيڙهين وارو/جيڪو ٽي پيڙهيون سنيري /بنيادي/پيڙهياٽو

**ٽه سالو،** ٽن سالن جي عمر وارو.

**ٽسول:** ٽه+سول (ٽي ڏندا)، ٽن ڏندن وارو.

**ٽِڦلو،** ٽن ڦلن يعني ٽن پسارڪين شين/وکرن. (۱) هريڙن (۲) اميڙن ۽ (۳) ٻهيڙن جو مرڪب/دوا جو هڪ قسم

**ٽڪنڊو،** جاميٽري ۾ ٽن ڪنڊن ۽ ٽن پاسن واري بند شڪل.

**ٽڪنڊيارو،** ٽن ڪنڊن وارو

**ٽڪور،** روات/ڏڪڻ يا لوهر جو هڪ اوزار جنهن کي ٽن پاسن کان جهير نڪتل هجن. جنهن سان ڪاٺ يا لوهه جي مٿاڇري کي رهڙيو/گسايو ويندو آهي.

**ٽڪڙ/ٽڪڙو،** ٽن لاڳيتين ڏين کان پوءِ چاول پٽ يا ٽن لاڳيتن پٽن کان پوءِ چاول ڏيءِ.

**ٽڪڻو:** پرت جو قسم جنهن تي "ڪڻ" هجن.

**ٽگل،** ٽن گلن واري ڪپڙي جو قسم

**ٽِلهڙو،** ٽن لڙهن وارو.

**ٽماسو،** ٽن مهينن واري منڊ /تولي جي چوٿين پتي وارو وزن/هڪ وَٽ.

**ٽمَٽو،** ٽن مٽن وارو/ٽن ڏرين سان لاڳاپيل حساب يا ليکو.

**ٽمنکو،** ٽِمَنهون، ٽن مَنهن وارو

**ٽواٽو،** ٽن واٽن وارو/جتان ٽي واٽون نڪرنديون هجن/ٽن رستن جي گڏجڻ جو هنڌ

**ٽِوايو،** ٽن واين/ٻولين/معنائن وارو/ ٽن ٻولين جي لغات جو ڪتاب.

ٿهانگ، ٽسينگ، ٽن سگن/شاخن/انگهن وارو.
ٿهانگو،

چون ٿا تہ سنڌ جو سورهيہ "دودو" جنگ دوران ٿهانگ/"ٿهانگو" استعمال ڪندو هو. ٿهانگ/ ٿهانگو ڇا آهي؟ هڪ جنگي هٿيار آهي جنهن کي دودي سومري جنگ ۾ دشمن خلاف استعمال ڪيو. "ٿهانگو" ڪهاٽي جي لٺ هئي، جنهن تي سوا من شيهي جو پلتيل هو، شيهي ۾ هڪڙي پاسي چار تلوارون ۽ ٻئي پاسي ٽي تلوارون لڳل هيون، هينئر سنڌ ۾ اهڙو پهلوان مرد ٿي ڪونهي جو اهڙو ڳرو هٿيار کڻي سگهي، تنهن ڪري ٿهانگي جي ڳالهہ گهڻن ماڻهن کي بلڪل اعتبار ۾ ڪانہ ٿي اچي ۽ ماڻهو ٿهانگي جي ڳالهہ ڪوڙي ٿا سمجهن. دودي کي گذريئي سوين سال گذري ويا آهن پر حيدرآباد تعلقي ۾ علي بخش کتياڻ نالي هڪڙو پهلوان گذريو آهي، جو پاڻيان ٿو تہ (۱۹۰۴ع) ۾ فوت ٿيو آهي. انهي جي پهلوانيءَ جون ڳالهيون ٻڌي آءٌ چوان ٿو تہ دودو برابر اهڙو پهلوان هوندو جو "ٿهانگو" آسانيءَ سان هلائي سگهيو هوندو..... ٿهانگي کي هٿن ۾ جهلي، گهوڙي تي چڙهي، دشمن جي ڪٽڪ ۾ ڪاهي پيو. ٿهانگي جو هڪڙو وار سڄي پاسي ڪيائين ٿي ۽ ٻيو کٻي پاسي، اک ڇنڀ ۾، سوين دشمن دسي وڌائين. (۱۷۳)

ڪو زمانو هو جڏهن سنڌي پهلوان جهٻلا Loose ڪپڙا پهريندا هئا. مثال طور؛ هرک جي تاڪئي مان جوڙيل ڪانڇ (سلوار) تي بوسڪيءَ جو پٽڪو ۽ پهراڻ پهريندا هئا. اڄ پڻ "ملهہ" (پهلوان) جهولدار سلوار تي گهرگهلا پهراڻ پهرن ۽ ڊگها پٽڪا ٻڌن ٿا.
ٿياڪڙ، ٻن ڌرين جي وچ ۾ فيصلو نبيريندڙ، منصف /امين/ثالث Mediator
ٿيلاسو، اٺ تي ٽي ماڻهو گڏ چڙهيل /وهٽ تي ٽيلهڙ سواري.
(ب) ٿدالي، ٽن دالين تي گڏيل ڀاڄي.
ٽدري، ٽن درين وارو هنڌ/پُل يا موري
ٽِدڪي، ٽن ڊِڪن واري چاڙهي، جنهن تي چرهڻ لاءِ ٽي ساهيون

ڪرٽيون پون/جنهن جي هڪ هڪ دڪي ۾ ٽنيا ٽنيا ڏاڪا هجن.
ٽلڪي: مانٽن، ساهرن ۽ راڄ جو لوڏيل/ڏڪاريل/ڏڪيل
ٽرقمي: ٽن رقمن وارو حساب جنهن ۾ ٻن مليل رقمن جي مدد سان، ٽين رقم جو جواب ڪڍجي.
ٽِجنسي راڳڻي: ٽن جنسن يا قسمن واري راڳڻي. شاهه لطيف جي رسالي ۾ آيل "سر ڪاموڏ" جي باري ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند، گربخشاڻي لکي ٿو: "هندستاني گوين موجب، "ڪاموڏ" راڳڻي جو نالو آهي جا ديپڪ راڳ جي پنجن ڀاريائن (زالن) مان هڪڙي آهي... ۽ ٽي جنسون اٿس: (١) شڌ ڪاموڏ (٢) سانوت ڪاموڏ (٣) تِلڪ ڪاموڏ (١٧۴)
ٽلڦشي: ٽن ڦٽين/ڪُنڊن واري لوهه جي ڪُرپي.
ٽِڪالي: تور جي ڪانٽي ٽنگڻ لاءِ ٽن ڪانين/لڪڙن/توڙين جي عارضي اڏاوت
ٽِڪار: ٽن ڪارن داغن واري يعني ٽياڳي/چنڊي/ندوري
ٽِڪنّي: ٽن قسمن جو طعام
ٽِڪهڙي: ٽي ڪپڙا پائيندڙ ڇوڪري/ٽن ڪپڙن پائڻ جي عمر کي پهتل ڇوڪري/بالغ ٿيڻ جي ويجهو رسيل ڇوڪري/ٽئين ساماڻل.
ٽِڪنڊي: ٽن ڪنڊن وارو ٻوٽو/ٽُر ۾ ٽن ڪنڊن جهليندڙ هڪ ڳاهه جو قسم.
ٽِلهه: ٽن ٽٽن واري مينهن يا ڍڳي
ٽماڙ: هڪبئي مٿان ٽن طبقن واري جاءِ (Three storeyed building) ٽن منزلن واري جڳهه.
ٽمهين: ٽن منهن واري مثال:"ڪلا" کي ٽمهين ترار (تلوار) سڏيو ويو آهي.
ٽموچڙي: ٽِن طرفان ڪان موچڙا- مڙس، سس سهري ۽ ٻين گهرياتين کان ملندڙ پادرن جي مار/گهٽي مارڪٽ/ گهٽي جسماني سزا.
ٽمورِ: اها جاءِ جتي ڪنهن واهه جي ميلاپ وٽ ٽي موريون يا پليون هجن.
ٽمورتي: هندن جي ٽن ديوتان (برهمو، شودر ۽ وشنو) جي گڏيل

مورت. سنڌي ۾، شاھ لطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ کي "سنڌي" ساھت / ادب جي ٽمورتي سڏيو ويندو آھي.

**ٽهٽي:** ٽ+ هٽي؛ ٽي هٽ/ٽن هٽن وارو هنڌ.

ڪراچي ڪنهن زماني ۾ هڪ ننڍڙو شهر هوندو هو. لالو کيت کان گرو مندر واري علائقي جي وچ ڏاري. هڪ بس اسٽاپ ايندو آهي، جنهن کي "ٽهٽي" (ٽي هٽيون/ ٽي هَٽَ/ٽي دڪان) چيو ويندو آهي. ورهاڱي کان پوءِ اردو وارن "ٽهٽيءَ" کي "تين هٽي" بڻائي ڇڏيو، اهڙي طرح، جهڙي طرح "رام باغ" کي "آرام باغ" ۽ حيدرآباد ۾ "ڪالي روڊ" کي "حالي روڊ" جو نالو ڏئي ڇڏيائون.

**چار (۴):** هڪ عدد/چؤنڪو چار/هڪ وارن ڇٽن انگن جو جوڙ. مثال:

ننڍڙا نينگر دل تي سار،
سال ۾ مندون آهن چار.

(ادل سومرو) (۱۷۵)

## جنس مذڪر ۾ ڪم ايندڙ فقرا Phrases

**چار/چارئي:** All the four

**چار آڱريون:** هٿ جون آڱريون/ هٿ. مثال:

چار آڱريون مٿي تي نه رکڻ؛ سلام نه ڪرڻ (۱۷٦)

- سلام/سيليوٽ ڪرڻ وقت چار آڱريون ملائي، مٿي تي رکي سلام ڪبو آهي.

**چار اکر:** ٿورو علم/ معمولي تعليم. مثال:

اولاد کي گهٽ نه ته مڙيوئي چار اکر پيٽ ۾ هوندا ته ڪونه ڪو روزگار حاصل ڪري وٺندا.

**چار بند:** نظم جا چار بند/ چند اشعار/مختصر شعر. مثال:

نظم آهي ياڪ "حافظ" هار موتين جو اهو،
ياڪ دريا بند ڪوزي ۾ ٿيل هي چار بند.

(حيات شاهه حافظ) (۱۷۷)

**چار پارا:** ڪجهه زمين/زمين جا چند جريب يا ايڪڙ/ ڪجهه ملڪيت، مثال:

(۱) چار پارا پنهنجا اٿس جن کي سنڀاليو ويٺو آهي، ڪيڙي ٻه پاڻ تہ ڪاٺي ٻہ پاڻ، ڀيٺي مٿا (هارپ ۾ حقداري) سندس حوالي

(۲) مڪر جو هجي، معتبر ۾ مَڪين،
ڏڪــو ڏور ٿيو، چــار پــارا زميــن.

(شمس الدين بلبل) (۱۷۸)

(۳) چار پارا پنهنجا اٿس، ٻک نہ مرندو - ڪيڙيندو تہ ڪٽندو ڪاٺيندو- (جملو)

**چار ڀائر:** ڀائپي يا راڄ يا اوڙي پاڙي جا ڪي چونڊ ماڻهو/مٽ مائٽ يار دوست، مثال: چار ڀائر ڪٺا ٿي ڳالهيون ٻڌندا تہ معاملو طئي ٿي سگهي ٿو.

**چار لڪر:** ڪي ٿانو / رڌپچاء جا ٿانو.

**چار لڪر لهڻ:** (ڪر ڪر) يا ٽڪرو هڻڻ/ ڪهپي/ ڪرڪرو/ ٽڪرُ هڻڻ (۱۷۹)

**چارپالد:** رئي/چُنيء جا چار پلوَ يا پاسا پلاند.

**چار پَل:** ڪي گهڙيون يا ڏينهن/ ٿورو عرصو، مثال:

پــل چــار حياتــيءَ جــا!
جا لاءِ پيو ڳائين گيت مماتيءَ جا!

(شيخ اياز) (۱۸۰)

**چار پلالد:** چار پلوءَ

**چار پَلوَ:** چارئي پلوَ چڪ/ چڪڙ ۾ (چڪ: اسم تڪبير، چِڪَڙ)، ڪپ ۾ ٻڏل/گناهن ۾ ٻڏل هڻڻ/ وڏ ۾ وڏ ڪنگهار/ سيني ٻارين ڪنگهار/ گناهن جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل هڻڻ، مثال:

چارئي پلوَ چڪ ۾، پڇي پاريرَ وٽِ - (شاهه ڪريم) (١٨١)

**چار پوٽ:** پلاند/پاسا/پاند، مثال:

کهُر جهونو، جهُڙ گهٽو، اُتر، ڏني اوت،
چنيءَ چارئي پوٽ، مون ريڙهندي رات ڳئي.

(صوفي صديق صادق) (١٨٢)

**چار پَهَرَ:** ڏينهن يا رات جا چار پهر يعني ١٢ ڪلاڪ، مثال:

(١) سکها ساعت نه هيڪڙي، چار ئي پهر چورَ

( شاهه : سر رامڪلي) (١٨٣)

(٢) ڪيئن جيان کهڙا سڌون سپنا رکان،
سوچ ۾ چارئي پهر نوڙيل سري.

(ذوالفقار راشدي)(١٨٤)

(٢) ڏينهن جا چار پهر ڪم ڪار ۾ ۽ رات جا چار پهر آرام ۾ گذارڻ لاءِ آهن. (جملو)

(٣) " ڪنهن جهجهينگ ٿوهَر جي اوٽ ڪري جهوپڙي ۾ لڏو لاهي، رات جا چار پهر وِلهه ۾ڪاٽي، صبح جو جوڳي رمتا ٿيا" (ڪوهستاني ڪچهري: ماستر محمد عرس سمون- نئين زندگي مارچ ١٩٥٥ع ص٢٧)

**چار پئسا:** ڪجهه رقم / دولت، مثال:

چار پئسا هوندس ته اوکيءَ ويل ڪم اچي ويندس.

**چار جُڳ:** هندن جي ويساهه/عقيدي موجب، انساني عمر جا هيٺيان ۴ جُڳ/ زمانا (عرصا) هوندا آهن:

(١) ست جُڳ: سونهري زمانو/سونو زمانو
(٢) ترتيا جُڳ: روپي زمانو/چانديءَ جو زمانو
(٢) دوا پر جُڳ: ٽامي جو زمانو
(۴) ڪلجگ: لوهي زمانو

**چارچريا:** ڪي بيوقوف يا مستانا، مثال:

(١) چريا ڏئي چار، واڇان ونجي هڪڙي (پهاڪو)
(٢) هتي حال دل عام سان اوربو ڇا؟
چرِا چار گڏجن تہ گڏجي ٻڏايون- (نديم انصاري) (١٨٥)

**چار چڱا:** برادري يا راڄ جا چڱا مڙس/حيثيت وارا ماڻهو/ اهم شخصيتون dignatories مثال:
(١) رَنل مائٽن ڏي چار چڱا ميڙ وٺي هلي ويو، جن معاملو ٺاهي ڇڏيو. (جملو)
(٢) چار چڱا ويهي ويچار ڪندا تہ معاملو طئي ٿي سگهي ٿو.
(٣) دل ڏنيم ۾ سرڏنم، سر تي سنم صدما سوين،
مون خطا ڪهڙي ڪئي جي ويهي ڪن آچار چار.
(حافظ محمد احسن) (١٨٦)
(۴) چارئي چڱا چوڙار، هُنا هيڪندا حبيب سين
(شاه؛ سُر ڪلياڻ) (١٨٧)

**چار چور:** ٿورا چور. مثال:
چور ٻہ ڄڻا چار، پتي پنجاهہ سَو ملي
(ابراهيم منشي) (١٨٨)

**چار چؤنڪ:** (چار چؤنڪ برابر سورنهن): ٿورا ٿوريون/ڳچ. مثال:
وِهو تہ چار چؤنڪ ڳالهين جا تہ ڪري وٺون! (جملو)

**چار چيز:** چيز ("ز" تي زَبر، مذڪر طور استعمال ٿيل): چيزون: شيون مونث) چار شيون. مثال:
(١) ناز نين وٽ هميشہ ٿا رهن هي چار چيز،
ناز، نخرو، شور شوخي، ٿا رکن هي چار چيز.
(زمان شاهہ ساقي ٺٽائي) (١٨٩)
(٢) گهٽ کلڻ، گهٽ گفتگو ۽ گهٽ سمهڻ، کائڻ بہ گهٽ.
نيڪ بختن وٽ سدائين، ٿا سُجهن هي چار چيز
(زمان شاهہ ساقي ٺٽائي) (١٩٠)

(۳) تيرُ نڪتل، عمر گذريل، انگ لڪيل ڳالهہ ڪيل
يار هَٿَ موٽي نٿا هرگز اچن هي چار چيز.
(زمان شاهہ ساقي ٺٽائي) (۱۹۱)

(۲) دين و ايمان، تندرستي، آبرو، "بلبل" کي رب
ڪر عطا ان کي وسيلي پنجتن، هي چار چيز.
(شمس الدين "بلبل") (۱۹۲)

**چار جُهڳا:** ٿورڙا ڪهرڙا/جهوپا/وستي/گذيل گهر/ويڙهہ/ويڙهو/واهڻ، مثال:
واهہ جي ڪپ سان، چار جُهڳا پنهنجا اٽن جتي سڀ پاڻ ۾ ڳنڍيل سنڌيل آهن.

**چار حرف:** ٿورا اکر/ٿورڙو ڳالهاءُ/مختصر گفتگو، مثال:
شاهديءَ ۾ چار حرف حق جا چوڻ وڏي نيڪي آهي.

**چار حرف وجهڻ:** لعنت وجهڻ. (۱۹۳)

**چار دانگ:** چار دنگ يا طرف/دنيا جا چار طرف/سڄي دنيا.

**چار داڻا:** ٿورو گهڻو اَنُ/اناج جا داڻا، مثال:
(۱) فصل لٿي چار داڻا ٿيندا، تہ هاريءَ جو گذر بہ سٺائو ٿي پوندو.
(۲) چتون، مور چيها اڏاڻا هليا ويا،
چڳي چار داڻا، تماشا هليا ويا،
مگر ڪنهن نہ سمجهي ويچارن جي ٻولي.
(تاجل بيوس) (۱۹۴)

(۳) ورهين ڪان ويچاري ويٺو،
داڻا چار ٻهاري ويٺو.
(تاجل بيوس) (۱۹۵)

**چار دلدار:** رسول الله ﷺ جا چار خليفا، مثال:
چار آهن سيد الڪونين جا دلدار چار
ڳڻ ابوبڪر و عمر عثمان حيدر يار چار
(قادر بخش بشير) (۱۹٦)

**چار ديواري،** اڏاوت جنهن کي چوڌاري چار پٽيون هجن
**چار ديواريءَ ۾ رهڻ:** گهر کان ٻاهر نه نڪرڻ (١٩٧)
confined to four walls گهر ۾ واڙيل يا قيد هجڻ

**چار ڍنگا:** ڏنگا / وڪڙدار. مثال:

زلف ڏِنگا، ابرُو ڏنگا، گفتار ڏنگي رفتار ڏنگي،
جنهن جاءِ هوندا اهي چار ڏنگا، لاچار هوندي هر ڪار ڏنگي

(حمل فقير لغاري) (١٩٨)

**چار ڏوڪڙ:** ٿوري رقم/ڪجهه پئسا/معمولي رقم
An amount/A sum. مثال:

(١) چار ڏوڪڙ ڪمائيا، ته وقت چڱو گذرندو. (جملو)
(٢) هيا سودا سُکن جا جن سان ۽ وڻجوار ويهن جا،
اُڌارا سي ڏين تا ڪين ڏوڪڙ چار پيريءَ ۾.

(احمد خان "آصف" مصراڻي) (١٩٩)

**چار ڏهاڙا:** ٿورو عرصو/ٿورو- جيئڻي حياتي جو مختصر عرصو/ٿوري ۾ ٿورو تاثير. مثال:

(١) سنڌ جو شان سلامت رهندو،
چارِ ڏهاڙا آهن چاري.

(تاجل بيوس) (٢٠٠)

(٢) چار ڏهاڙا حُسن جواني،
تون ۽ فاني، مان ۽ فاني،
توکا مون کان پوءِ او جاني
ڪوبه نه لنوندو لات، مسافر...

(تاجل بيوس) (٢٠١)

**چار ڏينهن:** ٿورو عرصو/ٿورا ڏينهن/مختصر عمر/ڪجهه وقت، **چار ڏينهن چاهه جا:** چاهت جا: چند ڏينهن/سرچاءِ جون ڪي گهڙيون/شوق جا ٿهريان مختصر ڏينهن. مثال:

(۱) سچ چيو سيائن تہ هيءَ سهڻن جي صحبت چار ڏينهن
(نواز علي نياز) (۲۰۲)
(۲) برهہ جي بازي چار ڏينهن! چاهت جا چار ڏينهن
(۳) چار ڏينهن چاهہ جا، پوءِ وٺ پاسا واهہ جا! - ڪجهہ ڏينهن گڏ گذاري، پوءِ پاسا وٺي، لڪي ڇپي پڇي وڃڻ
(۴) چاڻ دنيا جو چار ڏينهن چٽڪو،
آهي "سانگيءَ" چيو صفا مون کي،
(مير عبدالحسين خان "سانگي")- (۲۰۳)
(۴) ڏک ۾ سک هن دار فانيءَ جو چيو اٿن، ڏينهن چار
(شمس العلماء مرزا قليچ بيگ) (۲۰۴)
(۵) دم غنيمت جا هِت آهن، ڏينهن دنيا ۾ چار،
(سچل سرمست - ڪافي) (۲۰۵)
(٦) گهوڙن ۾ گهوٽن جو آهي جيئڻ ڏينهن چار
(حاجي حقير ابن مگڻ) (۲۰٦)
(۷) کهنبي وارو چٽڪو چار ڏينهن - (پهاڪو)
جوانيءَ جو ڏڄ مَڄ، ٿورن ڏينهن لاءِ هوندو آهي
(۸) بي وفا دنيا هي آهي، چار ڏينهن،
مال مايا جي مٿان مستان نہ ٿي،
(پير شاهنواز عارف المولي) (۲۰۷)
(۹) آهين دنيا ۾ ڏينهن چار الا!
ڇو تہ سُمهيو ٿو وقت وڃائين؟
(پير شاهنواز عارف المولي) (۲۰۸)
(۱۰) ڪهڙو بقا بشر کي آ، چار ڏينهن چٽڪو،
هيءَ زندگي بہ هڪڙو اي يار خواب آ
(احمد خان مدهوش) (۲۰۹)

(١١) ڏس بهاري بعد تو جهولو جدائي جو گهلي،
ٿو چندين پرڙا تنهين تي مفت عاقل چار ڏينهن
(جوڳي) (٢١٠)

(١٢) حُسن اقدس ناز نخرو آهه ڏينهڙا چار، يار.
(حيات شاهه "حافظ") (٢١١)

(١٣) ياد ڪر تنهن يار کي پر، پيچُ ڪنهن سان ڪين پاءِ،
فخر فوقيت ڏي ڇڏي ڪر "نياز" نوڙت، چار ڏينهن.
(نواز علي "نياز") (٢١٢)

**چئن ڏينهن جي ياري:** چند ڏينهن جي دوستي، مثال:

(١) چئن ڏينهن جي ياري لائي، مُحب ويو مجبور بنائي
اسين رئندا رهياسين اڪيلا!
(پير شاهنواز عارف المولي) (٢١٣)

(٢) چئن ڏينهن جي يارو آهي اڄڪلهه جي ياراني
( پير شاهنواز عارف المولي) (٢١٤)

**چئن ۾ اٿڻ ويهڻ:** نشست برخواست جا آداب ڄاڻڻ Etiquette (٢١٥)

**چئن جي ڪلهي تي چڙهڻ:** جنازو کڄڻ (٢١٦)

**چار سالار:**

(١٤) ڪير رهه "مجروح"! غافل ڪو سفر جو وٺ سمر،
پروسو جنهن تي رکين سا، رهڻ واري چار ڏينهن.
(مُنشي لالچند مجروح) (٢١٧)

چار حنفي مالڪي ۽ شافعي ۽ حنبلي،
چار مصطفيٰ دين احمد جا آهي سالار چار
(قادر بخش بشير) (٢١٨)

**چار سُو:** چؤ طرف/چئني پاسن کان /چوڌاري، مثال:

(١) وٺي ڪسجي، وٺي تي ديد سان زخمي منهن جي دل،
حملو زلف جي افواج جو آهه چار سُو پنهنجي
(محمد اشرف "منصور") (٢١٩)

(٢) ڇَپَ ڇُرن ٿا تہ ڇُپ ٿئي ٿي، مئڪدہ ۾ چار سُو.
آهہ پنهان رعب ساقيءَ جي مٺيءَ گفتار ۾.

(نواز رُڪنائي)(٢٢٠)

**چار عناصر:** مادي/ماديت واري جا چار بنيادي جزا آهن: هوا، باهہ، پاڻي ۽ مٽي.

**چار فرض:**

محبوب جي مذهب ۾ ٿيا فرض رکو چار،
لب سُرخ زبان سرخ، سر، دست، دو پا سرخ

(شمس الدين "بلبل") (٢٢١)

**چار قدم:** چئن قدمن يا وکن تي مستمل مفاصلو/ٿورو پنڌ.

**چار قُل:** "قُل" لفظ سان شروع ٿيندڙ قرآن شريف جون چار سورتون:
سورة الڪافرون، سورة الاخلاص، سورة الفلق، سورة الناس
پڙهي مري ويل کي ختمو ڏبو آهي.

**چار ڪتاب:** الله تعاليٰ طرفان چئن نبين تي نازل ٿيل چار
پاڪ/ الهامي ڪتاب:

**تورات:** (حضرت موسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيل)

**زبور:** (حضرت دائود عليه السلام تي نازل ٿيل)

**انجيل:** (حضرت عيسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيل)

**قرآن/فرقان:** (حضرت نبي آخر زمان محمد مصطفيٰ ﷺ تي نازل ٿيل).

**چار گوهر:** نبي ڪريم ﷺ جا چار يار، مثال:

وهہ چڱا چيدا چڱي جا، چار گوهر چار يار

(شاهہ محمد ديدڙ) (٢٢٢)

**چار ڳوڙها:** ڪي ڳوڙها ڳاڙڻ/رئڻ، مثال:

(١) مري ويل لاءِ ڪيترو ماتم ڪيو؟
بس، چار ڳوڙها ڳاڙي ويهي رهبو!

(٢) چار ڳوڙها ڳاڙي تي خاموش ويهي رهُہ
ورنہ تو واري جا وڻجارا الائي ڪاڏي ويا.

(نثار بزمي)(٢٢٣)

(٣) اک مان ڪرندا ڳوڙها چار
دل تي آهي ڏاڍو بار
(عمر الدين بيدار) (٢٢٤)
(٤) ايندءون يادءون، پوندي سار،
اک مان ڪرندا ڳوڙها چار.
(عمر الدين بيدار) (٢٢٥)

**چار موچڙا:** چار پادر/موچڙن جي مار/پادرن جي ڌمال. مثال:
چڱائي ڪي چار، ڳٽي هٿجن موچڙا!- (چوڻي)
چڱائي ڪرڻ جو وقت نہ آهي. اڄڪلهہ جي چڱائي جي موٽ چڪهائي/اڏنگي ملت آهي. انهيءَ تان سياڻن چڱائيءَ لاءِ اها سزا مقرر ڪئي آهي.

**چار مذهب:** اهل سنت جا چار مکيہ فرقا آهن:
حنفي، مالڪي، شافعي، حنبلي.

**چار مَغز:** ڪِدري، ڪدو، هِندالي ۽ وَنگي جي ٻجن جو گهوٽو. اهي چار ٻج ڏنڊي ڪونڊي ۾ گهوٽي، گهوٽو تيار ڪري استعمال ڪبو آهي.

**چار يار:** سچي رسول مُحَمد مصطفيٰ ﷺ جا چار ساٿوڙي: حضرت صديق اڪبر، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي حيدرِ ڪرار رَضي الله عَنهم.
(١) چارئي يار رسول جا، ڀلن منجهہ ڀلارَ
(ولي محمد ڪوراڙ ڪڇي) (٢٢٦)
(٢) چڱائي چار نبي جا - اُمت جا آڌار،
سر تنهنجي.... (سهرو) (٢٢٧)
(٣)پڻ سندس اصحاب افضل چست چوکا چار يار،
جن ڪيو سر ساهہ صدقو، مير مُرسل تان سدا.
(آخوند محمد قاسم) (٢٢٨)
(٤) چارئي يار رسول جا آهن، پنجتن پاڪ پيار
(حيدر ٻروچ) (٢٢٩)

(۵) چڙهيا چارئي يار، سوڏا شڪاري
(شاهہ: سر مومل راڻو) (۲۳۰)
همير سومرو ۽ سندس ٽي وزير، ڀلن اُٺن تي سوار ٿي، شڪار سانگي نڪتل، اچي مومل جي ماڙي کي رسيا.
سوڏا: هوشيار/قابل.

**چارئي:** چئن جا چار All the four. مثال:
(۱) ڀن وڇوڙو موت، جو، هئي! وو!
چارئي پهر جدائي
(شاهہ: سر ڪيڏارو) (۲۳۱)
(۲) چارئي پهر مون، چِتُ چڪياتي،
آک وجهي ويا انگ الا
(ابراهيم منشي) (۲۳۲)
(۳) تون گرا، غريبن سان تو ڪرين چارئي پهر چڪرا
(حيدر پروچ) (۲۳۳)

**چارئي يار:**
چارئي يار، جيءَ جيارا، اجها اوٽ توسان
(سهرو - علي اصغر) (۲۳۴)

**ڪنهن بہ مفهوم/ معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ فقرا (Phrases)**
**چار اکڙيون:** ڀرت جو هڪ قسم.
**چار تڪبيرون:** جنازه نماز جون چار تڪبيرون.
**چار تڪبيرون پڙهي ڇڏڻ:** ڪنهن کي مئل سمجهڻ/ڪنهن کي مرده قرار ڏيڻ/ڪنهن کي مرحوم تصور ڪرڻ.
**چار جِهات:** چار ڏِسيون/طرف/پاسا. مثال:
جن پکيڙيو اسلام کي، چڱو چار جهات
(محمد صالح سنڌي) (۲۳۵)

**چار چنگھون:**

چار چنگھون چيلھہ ۾، ۽ مٿي ۾ ٽنگ
امڙي نار نِسنگ، ڪنھن پاڙي ڏِٺوَ ڪانہ ڪا

(پرولي- پيچي: سَرميدائي) (٢٣٦)

**چار ڏاڙهيون:** ڏاڙهيون معنيٰ ڏاهڙين وارا يعني مرد/نيڪ مرد/ چڱا مڙس، مثال:

چار ڏاڙهيون هلي اچن تہ انهن کي مانُ ڏجي!

**چار ڏسيون:** چار طرف: اوڀر، اولهہ، ڏکڻ ۽ اتر، مثال:

(١) چوڙي چتا نہ تون چير الا،
چريا چارئي ڏسيون چڪيندا...!

• چتاء وارا / مٽي جا وار (ابراهيم منشي) (٢٣٧)

(٢) چار ئي ڏسيون جاچي ڏٺم پر هن جهڙو رج چڱو ماڻهو مون کي نہ مليو. (جملو)

**چار راتيون:** چند راتيون/ڪجهہ وقت/ڪي گهڙيون، مثال:

ايندو پرچائيندو مونکي،
مرڪي، مرڪائيندو مونکي،
راتيون چار گذاري، مونسان،
ويندو تڙفائيندو مون کي.

(موتي پرڪاش) (٢٣٨)

**چار زالون:** چئن زالن جي وچور، مثال:

ابلَ ونيون چار - ڏنيون تَسِ ڏاتار
هڪ اتس هوڏي- جنهن ڏي ويندو پانهن لوڏي
هڪ اتس هت - جنهن لئي جوڙيائيندو ڇت
هڪ اتس ٿلهي - ابل منهنجو بلي.
هڪ ڏاڏي پوتي- جنهن ڪاڻ گاڏي اتس جوتي

(احمد خان آصف مصرائي) (٢٣٩)

**چار گهڙيون:** ڪجھ جيتريون ساعتون/ٿورو وقت/مختصر عرصو. مثال:

(۱) اڄ تہ ڪي چار گهڙيون ويهي ڪريون ريجهہ رهاڻ،
ڇڏ ڪٿي وهم ۽ تڪرار، هليا ويندا سون.

(موتي پرڪاش) (۲۴۰)

(۲) هت وات جي وڳوڙ وڪوڙيو آ وار وار،
مرڪي بہ چار گهڙيون گذاري نہ ٿو سگهان.

(اميد خيرپوري) (۲۴۱)

(۳) ڇٽن گهڙين ۾ ڪهڙي ڇُر ڇُر،
ڇوڪو، چاهت، اڏرڻ، لات.

(استاد بخاري) (۲۴۲)

**چار منزلون:** صوفين جي اصول موجب ڪنهن بہ صوفي کي چار منزلون طئي ڪرڻيون پونديون آهن: ناسوت (۲) ملڪوت (۳) جبروت (۴) لاهوت. الله تعاليٰ جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ/ ملڻ لاءِ چار منزلون / ڏاڪا هي آهن: (۱) شريعت (۲)طريقت (۳) حقيقت ۽ (۴) معرفت مثال:

ڏس شريعت ۽ طريقت ۽ حقيقت، معرفت،
مرد مومن منزلون ڪن ٿا اهي اختيار چار.

(قادر بخش سومرو بشير) (۲۴۳)

**چار واهون:** سيئي واهون/هڙئي رستا. مثال:

چار ئي واهون ڇڪن، تڏهن سوڌا سيڻ ڪڄن!

اصطلاح - عدد شماري:

(الف) چار:

(۱) **چار اکر پيٽ ۾ هئڻ:** ٿوري تعليم هئڻ/معمولي تعليم وارو هئڻ.

(۲) **چار پئسڙا ٿيڻ:** دولت هٿ اچڻ/امير ٿيڻ/شاهوڪار بڻجڻ/هوند وارو ٿيڻ.

(۳) **چار پهر پوري اچڻ:** پنڌ ڪري اچڻ/هلي اچڻ/منزل ماري رسڻ/پنڌ ئي پنڌ پهچي وڃڻ

(۴) چار چريا، هڪ واڇان؛
سٺ واڇان جا پار.
نوڙي ڪٽي ڇيٽن کي هلي؛
جي ٻُجهو تہ ٻجهو،
نہ تہ مور نہ ٻجهو!
وات ٻني واڇان، جهنگ مان ڇيٽا ميڙڻ لاءِ نوڙي ڪٽي هلي،
جڏهن تہ ڇيٽا گڏ ڪري ٻريءَ ۾ ٻڌي سگهجن ٿا ۽ ڇيٽا ڪانئين
وانگر نوڙي يا رسيءَ ۾ ناهن ٻڌبا.
(۵) **چار چڱا ميڙي اچڻ؛** چڱا مڙس ميڙ وٺي اچڻ/نيڪ مردن کي
ميڙي اچڻ / معافي وٺڻ لاءِ ٻين سان گڏجي اچڻ.
**چارئي چور؛** خودي، خودپرستي ۽ هستي، هٺ.
امي چور چارئي، ٻڌي ڪيڊ ٻهر
(مصري شاهہ) (۲۴۴)
(٦) **چار چوڻڪ وجهڻ؛** نفرت جا لفظ چوڻ/ڦٽڪار وجهڻ/لعنت
وجهڻ/ننديڻ/ گلا ڪرڻ.
(۸) **چار قدم اڳتي وڌڻ؛** ٻئي کان اڳتي نڪري وڃڻ by pass مقابلي ۾
اڳتي وڌڻ/مقابلي ۾ اڳرو ٿيڻ/پيش قدمي ڪرڻ To walk forward
(۹) **چار قل پڙهڻ؛** "قل" سان شروع ٿيندڙ ڪلام پاڪ جون چار
سورتون پڙهي ميت/مري ويل کي ختمو بخشڻ.
**چارئي مڪان؛** چارئي طرف/هر طرف/چؤطرف، مثال؛
چؤطرف، چارئي ڏسيون چوڏهن طبق چارئي مڪان.
ڪونہ ٻيو ٻڌندڙ دليون، تنهن مَتَ نڪو مسخر ڏنم.
(مصري شاهہ) (۲۴۵)

**چارئي واهون چڪڻ ۾ هئڻ؛** بيوس ٿي پوڻ.
**عدد قطاري**
**چوٿون؛** (۴) (Fourth in counting) چوٿين نمبر تي (مذڪر)

(۱) چوٿون آسمان؛ جتي اسان جي نبي سڳوري جي عيسيٰ عليه السلام سان ملاقات ٿي

چڙهي ويو چوٿين آسمان تي!
اُتي حورن پڌس هار

(فقير علي بخش جمالي) (۲۴۶)

(۲) چوٿون پائو؛ چئن پاون مان هڪ/ اهم شخصيت/شهر جو وڏو ماڻهو /چڱهڙ vip / چئن مکيه ماڻهن مان هڪ. مثال؛
هن پوتار کي شهر جو چوٿون پائو سمجهه!

(ب) (۱) چوٿون پائو هئڻ؛ مکيه ماڻهن مان هئڻ/اهم شخصيت هجڻ/چڱهڙ (VIP) ۾ شامل هجڻ.

(ب) (۲) چوٿون پير باسڻ؛ ڪنهن گم ٿيل جانور/ڍور جي موٽي ملڻ لاءِ ان جو چوٿون حصو/چوٿين حصي جيتري قيمت، خيرات ڪڍڻ جي باس باسڻ اهڙي باس پوري ٿيڻ تي ان پير جي نالي خيرات ڪرڻ.

(۳) چوٿون چندرمان هئڻ؛ وير/دشمني هئڻ.

چوٿين؛ (مونث)

(۱) پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ، چوٿين سواري،
نندي هوندي نہ سکيو، وڏي هوندي خواري (چوٽي)

چڱن؛

(۲) چڱن ۾ اٿڻ وهڻ جهڙو؛ مان پريو /ڀلن وارو/آداب مجلس کان واقف /اوتيل پوتيل.

(الف) جنس مذڪر ۾ استعمال ٿيندڙ مرڪب لفظ

(۱) چار پيرا؛ چئن پيرن وارا يعني جناور/ چوپايا/حيوان

(۲) چار چشمو؛ اهڙو جانور جنهن جي اکين جي مٿان ڪاري رنگ جو نشان هجي، خاص طور "ڪتو"؛ بي حيا / بي وفا/بي مروت/اڻاسو/بي لحو.

(۳) چار ڪنو؛ پرت جو هڪ قسم جنهن ۾ چار ڪنڊ هوندا آهن.

(ب) (۱) **چواگرو:** چئن سالن جي عمر جو سوئر.

(۲) **چؤبارو/چوٻارو:** اهو گهر جنهن جي چئن ئي پاسن کان اگهڙ هجي / ڇت تي چئن درن ۾ درين سان ڪوٺي/ چئن چئن سان ڪيڏڻ واري تاس راند جو هڪ قسم.

(۳) **چؤٻڪيو:** چئن ٻڪين وارو (ٻڪيون ٻه ٿينديون آهن)، يعني پهلوان /ستر وٺر/تلهو متارو.

(۴) **چؤبول:** چؤبو/ هُل/هلاچو/گوڙ مثال: چؤڌاري مائهن جو گڏيل آواز/مائهن جي ميڙاڪي جو آواز/هلائچو/گائچو.

**چؤبولو:** چوبول/هَلاچو/ هل. مثال:

چؤبولو تو لئہ هر هنڌ تنهنجي هاڪا

(سليم ڳاڙهوي) (۲۴۷)

(۵) **چؤتار/چؤتارو:** چئن تارن وارو (ڪپڙو)/ ساز جو هڪ قسم/وڄت جو هڪ قسم، مثال:

ساز آهيان "استاد" بخاري چاهت جو چوتار ڪنيو

ٻائهي ٻاڻ وڄندو وتان تو

(استاد بخاري) (۲۴۸)

(٦) **چؤپايو:** چئن پيرن وارو جانور /ڍور.

(۷) **چوپڻ:** ڪنهن ٻه ٻوٽي جي ٻهرين چئن پنن نڪرڻ /ڦٽڻ واري حالت.

(۸) **چؤپهرو/ چوپهري:** چئن پهرن جو عرصو / سڄو ڏينهن / ڏينهن جا چار پهر معنيٰ 12 ڪلاڪ / رات جا چار پهر يعني 12 ڪلاڪ / سڄي رات

(۹) **چؤپيرو:** چئن پيرن وارو/ چوپايو/تڪو/ تير- (چؤپير پيجڻ: تمام تڪو پيجڻ)، مثال:

هِت ايري تو هُتِ لهي ٿو،

چنڊ تہ ڪو چؤ پيرو آهي!

(تاجل بيوس) (۲۴۹)

(١٠) **چؤدرو،** چئن درن وارو
**چوڌار،** چئن طرفن ۾. مثال؛

(١) گلزار سوين يار گليا باغ بهاران،
چمن چمن چوڌار، سو هُبڪار اهو آهه.

(دريا خان ڪنڊڙيءَ وارو ) (٢٥٠)

(٢) مُحب مَنَ جو مَٽَ نہ ڪو ثاني،
چئني طرف چوڌار، اديون.....

(قبول محمد شاهہ قريشي) (٢٥١)

(١١) **چوڌاري؛**

هيءَ ٿئي گم، آهو ٿئي ظاهر، ڇُپ ڇُپان چوڌاري

(سچل سرمست - ڪافي) (٢٥٢)

(١٢) **چوڏس،** چؤطرف، چئن ڏسن يا طرفان واري/ چوڌاري/چؤطرف/ چنڊ جي چوڏهين رات جڏهن چنڊ سڄو سارو (Full Moon) هوندو آهي ۽ ان جي چانڊاڻ/چوڏس/ چؤطرف پکڙجي ويندي آهي. مثال؛

(١) جانب آيو جوءِ ۾، چوڏس ٿيو چمڪار

(پير شاهنواز عارف المولائي) (٢٥٣)

(٢) لک وڄون آيون وسڻ،
چوڏس ٿي هر هڪ دار ڏي،

(رشيد احمد لاشاري) (٢٥٤)

(١٣) **چؤڏندو،** چئن سالن جي عمر وارو (هر سال هڪ ڏند ڇمندو آهي) چوپايو/ڪاٺ جي ڏانداري ٻُهہ اچلائڻ لاءِ.

(١٤) **چؤرنگ،** چئن رنگن وارو/پهلوان/جوان مرد. مثال؛
چنيسر چؤ رنگ، ٻہ رنگو لوڪ ٻئو - (شاهہ)

(١٥) **چؤرنگو،** چئن رنگن وارو/رنگ رنگيلو

(١٦) **چؤسار/ڦار،** نوَڻ راند ۾ چئن سارين (ڳوٽن) گڏجڻ جي حالت/چوڪنڊو/چئن شين کي چورس نموني رکڻ واري حالت.

(١٧) چؤسال/چؤسالو؛ چئن سالن جي عمر وارو گهوڙو/وهٽ چئن ڏندن (هر سال هڪ ڏند ڦٽندو آهي) وارو وهٽ.

(١٨) چؤسول؛ چؤواٽو/چؤنڪ /چؤراهو، مثال؛

افسوس ڪو بہ حال جو واقف نہ ٿي سگهيو،
چؤ سول تي پڪاريم، واڪا ڪري ڪري.

(جوهر بروهي) (٢٥٥)

(١٩) چؤطرف؛ چوڌاري، مثال؛

چؤطرف هيهات آهي شهر روپاهہ ۾!.

سومرن جي گاديءَ واري تاريخي هنڌ تي شاهي محل "روپاهہ ماڙي" جي بربادي‌ءَ جو دکدائڪ ذڪر.

(٢٠) سهہ سيارو، سخت پارو، چؤطرف جهڙ، جهڪ ۽ جهول.

(رشيد احمد لاشاري) (٢٥٦)

(٢١) رستن تي چنڪار ڪنداسون،
پاسن کان وٺڪار ڪنداسون،
لڳي وڃن چؤطرف بهاريون،
اچو تہ پنهنجو ڳوٺ سذاريون

(سليم هالائي) (٢٥٧)

(٢٢) (١) چمن ۾ چوطرف هڪ ٻئي ۾ گل ۽ خار اٽڪي پيا،
اکين ۾ شور پائي، ساڪن گلزار اٽڪي پيا.

(علي محمد خالدي) (٢٥٨)

(٢) ڏرس درماندي ڪئي دل چوطرف چؤراسين،
ڪاڪ جوڙي مفت مومل، پنهنجي ڪاتر ڪيو عذاب

(سوڀراج نرمل داس 'فاني') (٢٥٩)

(٣) ڦيري ڏِجئين فڪر ۾، چؤطرفي چوڌار

(اميد علي شاهہ) (٢٦٠)

(٢٣) چوڦير؛ چوڌاري/چوڦ قبلو.
(٢٤) چوڪندو؛ چئن ڪنڊن وارو/چورس.
(٢٥) چوڪرو؛ چئن ڳرن /سنڱن وارو جانور
(٢٦) چوڪنيو؛ چئن ڪنين /عضون (ٻه ٻاهون- ٻه ٽنگون) ٻڌل /پٺ تي سمهاريل/جڪڙيل/قابو. سَخت سوگهو ڪيل. مثال؛
(١) چوڪنيو چور ڪري، تنهنجا ٻانهون پير ٻڌان.
(محمد صالح سنڌي) (٢٦١)
(٢٧) چوگرد؛ چوطرف/چئن پاسن کان.
(٢٨) چوماسو؛ چئن مهينن جو عرصو /برسات پوڻ جي چئن مهينن واري مند /سانوڻ جي موسم.
(٢٩) چلهڙ؛ چئن پٽن جي لڙهي/سٽ/لڙهو. مثال؛
چولهڙ جيئي شال! تنهنجا چارئي پٽ /چارئي پٽ شال جواني مائين/وڏي ڄمار مائين!
(٢٩) چوماڙ؛ چئن طبقن/ منزلن واري جاءِ (Four-storyed Building)
(٣٠) چومک؛ چوطرف /چوڌاري /چوڦير/چوگرد/هر طرف.
(٣١) چولڪ؛ چئن ٿڪن/ٿڻن وارو مولود.
(٣٢) چو واٽو؛ چونڪ/چوسول/چوراهو/چئن رستن جو هڪ هنڌ اچي گڏجڻ واري جاءِ

چيچي چيچي تي چوواٽو آهي،
ڪهڙي واٽ نهاريان، راڳي!

(امتياز خيام) (٢٦٢)
(٣٣) چو وايو؛ چارواءِ/چئن طرفن کان لڳندڙ واءُ/چوماسو.
چئن ڏينهن؛
(١) آهي پرديسين جي دل پٿر، نہ تہ ڪو ترس ڪن
چئن ڏينهن بعد ڏولائي ۾ ڪندو تا چڙن
(رشيد احمد لاشاري) (٢٦٣)

چٹن ڏهاڙن: ٿوري وقت لاءِ. مثال:

ڏهاڙن چٹن جو هي ڇهڇٽو آهہ
دنيا جي لنهن ۾ هان ۾. دم غنيمت

(شمس الدين "بلبل") (٢٦٤)

(٢) چٹن ڏينهن جو چٹڪو: ٿور جيٹني/عارضي حياتي. مثال:

زندگيءَ جي بهار چٹن ڏينهن جو چٹڪو!

(٢) چٹن ڏينهن جو مهمان: مهمان وانگر ٿوري عرصي لاءِ ترسيل/انسان جنهن جي هي زندگي عارضي هوندي آهي. چاڪاڻ تہ انسان مرٹي وَٽ آهي.

(٣) چٹن گارين لاءِ: هٽ وٺي بي عزتي ڪرائڻ لاءِ. مثال:

چرٹي کي چيچرائيجي/ چيڙائيجي چٹن گارين لاءِ!

(ٿ) چوڙنڪ لڳڻ: ڪرڻ مهل چارئي عضوا وجهو پٽ سان لڳڻ.

چوڙنڪ ڳالهين جو ڪرڻ: چار ڳالهيون ڪرڻ / ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ/ رهاڻ ڪرڻ/ڪچهري ڪرڻ.

چوڪو چار: چونڪي ۾ چار عدد/ انگ هوندا آهن.

(ٿ) جنس مونث ۾ استعمال ٿيندڙ مرڪب لفظ:

چارديواري: چٹن پتين اندر جوڙيل جاءِ/ گهر/قلعو/ڪوٽ/عالم پناهہ /بچاءَ جو ڪوٽ. مثال:

گهر کي چوديواري هئڻ ضروري آهي.

(١) چٹن ديوارن اندر:

نند ۾ غش آهي دنيا،
آهي خاموشيءَ ۾ بستي،
چٹن ديوارن جي اندر
پوت جيان آ منهنجي هستي...

(موتي پرڪاش) (٢٦٥)

(۵) او ڪاڏيءَ ڪاڏا پنج، منهن جي راڻل سونا سنجَ
راڻل "مورو" وينّي ڏيانءِ
(مشهور/مقبول سنڌي "مورو") (۲۷۰)

(ب) (۱) پيءُ پرڻيو نہ سنپران، ڏاڏو ڪٺان هنج،
(مزاحيہ ٻول: لوڪ ادب) (۲۷۱)

(۲) پنج مڪان، پنج ڪلما، پنج رڪن، پنج طريقا، پنج مُصلا
(فقير جاڻڻ چَنُ) (۲۷۲)

**پنج (۵): فقرا**

**پنج ارڪان:** اسلام جا پنج ارڪان- ڪلمو، نماز، روزو، حج، زڪوات.

**پنج اشعالي ڪرڻ:** منهن هٿ پير ڌوئڻ (۲۷۳)

**پنج آمچ/آمچان:**

آيل بلوچن جا آمچَ پنج آهين،
آئي اوچڻ انگڙين، "بکي ماني ڏين،
پاڙو ڊوهين نہ پانهنجو، سامَ سِسيءُ پائين،
ڪاڻ نہ ڪڍڻ سکيا، پرناتو نباهين،
سُخن نہ سُڪائين، پاڻي وکهي پانهجو.
(مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي: سر سسئي) (۲۷۴)

بلوچ، ارڏا پر سخن جا سچا، سام تي سر ڏيندڙ، اگهاڙي کي ڍڪائين، بکئي کي کارائين ۽ پاڙي کي هر گز نہ ڊوهين.

**پنج تن:** پنج مُبرڪ هستيون: حضور نبي ڪريم ﷺ، حضرت علي رضہ، حضرت فاطمہ رضہ، حضرت حسن رضہ، حضرت حسين رضہ.

سنڌي لوڪ شاعري ۾، چوند لفظن ۾ پروتل، تشبيهن ۽ استعارن ۾ بهاريل، "سينگار" جي بيتن مان ڪي پنج تن پاڪ ڏانهن منسوب هوندا آهن، تہ ڪي وري دنيوي محبوب ڏانهن، سنڌي شاعرن پنهنجي پنهنجي خاص انداز ۾ "پنجتن پاڪ" جو ذڪر وڏي عقيدت ۽ احترام سان ڪيو آهي، مثال پيش ڪجن ٿا:

(١) در پنجتن جو پينو، پاڇي کھري ٿو پاڪرَ،
تنھن لاءِ ۾ لنگھي ڪي، عفو و عطائي کھرجي!
(شمس الدين "بلبل") (٢٧٥)

(٢) ڇا زبان سگھندي بڌائي شان اعليٰ پنجتن،
ڇا قلم سگھندو لکي ڪجھ احترام پنجتن.
(حافظ محمد "احسن") (٢٧٦)

(٣) نقش ٿي ويو منھنجي دل تي پاڪ نام پنجتن
خود بخود ٿي آھ منھنجي دل غلام پنجتن
(حافظ محمد احسن) (٢٧٧)

(۴) قبر ۾ جنھن دم فرشتا مون ڪان جو پڇندا اچي،
بيخطر چوندس تہ مان "احسن" غلام پنجتن.
(حافظ محمد احسن) (٢٧٨)

(۵) پنجن تن سي پڌرا ڪيا، ظاھر حق جي ذات
( محمد صالح سنڌي) (٢٧٩)

(٦) بُستان دوجھان ۾، اي "بلبل" بَھَر طرح،
سونپج تون پنھنجو پاڻ ڪٿي، پنجتن کي تن!
(شمس الدين بلبل) (٢٨٠)

(٧) سورھيہ سر سائيھ تان صدقي "ڪمتر" جيڪي ڪن،
رحمت تن تي رَب جي آھي، پاڪر پنجن تن
(نجف علي شاھہ "ڪمتر" نقوي) (٢٨١)

(٨) آھي اولاد علي جو اٿس پنجتن تَـنَنِ جي پاڪر
(فقير علي بخش جمالي) (٢٨٢)

(٩) پاڪر ملي پنجتن، ڏيج ڏنو ڏاتار
(فقير علي بخش جمالي) (٢٨٣)

(١٠) "پنج تن" جسم هڪڙو، اسم ٿيا پنج
(فقير جاڻڻ چن) (٢٨۴)

(١١) پنجتن پاڪ نبي جي پاڪر،
اوٽ اجهو انور .....

(گيچ، حاجي عبدالله) (٢٨٥)

(١٢) اڪنڊ عجيبن اوکي، الاهي اشتياق،
ميڙيش "مصري" کي محبوبن، صدقو پنجتن پاڪ

(مصري شاهه) (٢٨٦)

(١٣) پلو تنهن تي شل پال ڪري، آهي پنجن تنن جي سام

(راضي فقير رند) (٢٨٧)

(١٤) آيا گهوٽ گهوڙن تي شير چڙهي،
پڙهه شان پنجن جو، جن کي تطهير ملي.

(راضي فقير رند) (٢٨٨)

پنج ڏاڪا، صوفين جون پنج منزلون، اهي پنج منزلون مخدوم طالب المولىٰ هن ريت سمجهايون آهن؛

(١) هاهوت، اهو عالم آهي جتي نہ پنهنجي خبر نہ ان جي بيخبريءَ جي خبر.
(٢) لاهوت، هتي پنهنجي خبر هوندي آهي ۽ الوهيت جي دعويٰ.
(٣) جبروت، هتي پنهنجي وجود کان خودبخود يا تفصيلي شناسي ٿيندي آهي.
(٤) ملڪوت، هتي پنهنجي تسبيح ۽ تحليل ۾ پاڻ مشغول هوندو آهي.
(٥) ناسوت، هتي ئي ظاهر عالم آهي، جتي هر مظهر بر خود ظاهر آهي.

(سمجهاڻي: طالب المولىٰ) (٢٨٩)

پنج رنگ، پٽڪي جا پنج رنگ. مثال؛

سِر سهڻل جي، پنج رنگ چيرا، پڳ تہ جوڙ بنايو
ڏيو مبارڪون سردار گهر آيو.

(گيچ) (٢٩٠)

پنج طبقا،

"الف" جي ماڙي اندر ۾ پنهنجي آڏ
پنج طبقا پَر ڪري پوء لوء لَڌ

(شمس الدين بلبل) (٢٩١)

**پنج ڪليائ:** اهو گهوڙو جنهن جا چارئي پير اڇا هجن ۽ منهن تي اڇو نشان هجيس.

**پنج منگل:** اهو مهينو جنهن ۾ پنج منگل (اڱاري جا پنج ڏينهن /وار) هجن.

**پنج ندَ:** اها جاء جتي پنج نديون جهلم، چناب، راوي، بياس، ستلج اچيو ملن. پنجاب جي مٿين پنجن ندين جو هڪ جاء تي اچي گڏ ٿيڻ/انهن ندين جي وهڻ وارو علائقو/گڏيل وهڪرو.

**پنج نوبت:** اڳئين دؤر جي بادشاهن/حڪمرانن جي دَر تي پنج وقت ٿيندڙ سازن جو واڄو/نغارن دهلن دمانن (دُهل، دمامو، طبل، دَف ۽ سنج) جو واڄو.

**پنج وقت:** نماز جا پنج وقت، مثال:

ڊچ، پڙ، خدا جي باري، پڙهہ پنج وقت ساري
خدا جو پچاڻو، ٿيڻو ضروري ٿي

(حاجي خانڻ چنجڻي) (٢٩٢)

**پنج وڪار:** پنج اوگڻ: ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار.

**پنج وهڪرا:** سنڌ مان وهندڙ قديم وهڪرا/ قديم زماني جون نديون (هاڻي ڦٽل حالت ۾) مثال:

(١) هاڪڙو (اپرندو هاڪڙو)

(٢) ڍاڪي: "ڍاڪي قديم دور جو مشهور دريا، جنهن کي دامن دريا، ڪوئيندا هٿا جي هڪ وڏي شاخ جو نالو هو"

(معمور يوسفاڻي) (٢٩٣)

(٣) ڍور (٤) پوراڻ (٥) پڻهيل

**پنج ويري:** ياڻي چٽنراء "سامي" جي چوڻ مطابق، انسان جي پنج

ڇهه ڏندو؛ ڇهن ڏندن وارو جانور/ڇهن سالن جي عمر وارو چوپايو (جنهن کي سال تي هڪ ڏند ڄمندو آهي)؟

ڇهه رُخو؛ ڇهن رُخن /پاسن وارو

ڇهه سِٽو؛ ڇهن سٽن يا مصراعن وارو بيت يا شعر/ مُسدس

ڇهه ڪنڊو/ڇڪنڊو؛ ڇهن ڪنڊن واري جاميٽري جي شڪل

ڇهو؛ تاس راند ۾ ڇهن داڻن وارو پتو.

ڇهوتر/ڇهوترو؛ ڇهه سيڪڙو (سو تي ڇهه) وياج.

ڇهوڻو؛ ڇهه دفعا وڌيڪ

ڇهين ڏندين؛ (ڇهن ڏندن وارو جانور/ڇهن سالن جي عمر وارو جانور (اهڙو جانور جنهن کي جوان ٿئي/ پنهنجي روه سوه رهڻ جي لائق ٿئي ٿورو وقت مس ٿيو هجي.) اصطلاح ۾ معنيٰ خود مختار/ڇڙواڳ/جوانجماڻ/ گورَ.

(ب) جنس مؤنث ۾ ڪم ايندڙ مرڪب لفظ؛

ڇهه ٻاڙ/ڇباڙ؛ ڇهن ڄڻن جو گڏجي کيڏڻ واري پٽين راند

ڇهه پيري/ڇپيري؛ ڇهن پيرن واري ٻلي جڏهن ته ٻليءَ کي چار پير هوندا آهن. اهڙي ٻلي جيڪا اٿين لڳي ته ان کي ڇهه پير آهن.

ڇپري؛ ڇپ ڇپ ڪري هلندڙ /ٻنا آواز هلندڙ/ٻليءَ وانگر ميسوڻي عورت/چالاڪ يا تريناڪ عورت

ڇهه ماسي؛ ڇهن مهينن کان پوءِ ادا ٿيندڙ فوتيءَ جي رسم/ڇهن مهينن جي عرصو

ڇهه ماهي؛ ڇهن مهينن جو عرصو/ششماهي Half Yearly ڇهن مهينن جي پکهار.

ست (٧) ڳاڻاٽي جو هڪ عدد/ستوستَ.

ست بيت؛ برک عالم ۽ اديب شمس العلماء علامه عمر بن محمد دائود پوٽو "سرهاگل" جي تمهيد ۾ سنڌي شعر جي تاريخ جو

**ست زيور:** ستن قسمن جا ڳهہ ڳنا. مثال:

ست زيور سينگار ڪري ني، دوست آيو درسن ۾.

(سچل سرمست) (۳۰۹)

**ست سُر:** علم موسيقي/ راڳداري مطابق. ست سُر هي آهن "(۱) سهرج (۲) رکب (۳) گنڌرا (۴) مـدم (۵) پنچم (۶) ڌيوت (۷) نکاد

(۱) سا (۲) ري (۳) گ (۴)م (۵) پ (۶) ڌ (۷) ني (۳۱۰). (سرگم جا پول/پدَ)

**ست سمنڊ:** دنيا جا ڪل وڏا ست سمنڊ: (۱) بحر شام (۲) بحر قلزم (۳) بحرِ عرب (۴) بحر هند (۵) بحر عمان (۶) بحر فارس (۷) بحر اسود.

هندو مائهن جي خيال مطابق: (۱) کير (۲) گيهہ (۳) ڏڌ (۴) شراب (۵) ڪمند جي رسُ (۶)ماکي (۷) لوڻ. (۳۱۱)

**ست سمنڊ پار:** ڏورانهو ڏيهہ/پرانهون سفر

**ست سڪان:** ست عضوا جيڪي سجدي وقت پٽ/زمين/فرش سان لڳن.

**ست سُورهيہ:** سنڌ جا سُورهيہ سر ويڇ ۾ سخي سردار مشهور آهن. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ هيٺين ستن سورهين/سخين جو ذڪر ڪيل آهي: (۱) آري ڄام، (۲) ممڻ ابڙو (۳) ڄادم چڪرو، (۴) جسو دن آگرو، (۵) لاکو ڦلاڻي، (۶) سپڙ رونجهو چوڻائي ۽ (۷) بداماڻي پنرو

**ست سينگار:** عام طرح عورت جي سينگار جون ست شيون (۱) سرمو (۲) پان (۳) مُساڳ (۴) ڦٽي (۵).زيور (۶) ميندي (۷) پيشانيءَ جو تِلڪُ (خاص هندن وٽ سورنهن سينگار بڌايو ويندو آهي).

**ست عجائب:** دنيا جون ست عجب ۾ وجهندڙ شيون جهڙوڪ: مصر جا احرام يا پٿرمدس.

**ست فرض:** اسلامي اڪابر/عالم ست فرض ڄاڻائين ٿا: (١) ڪلمو (٢) حج (٣) زڪوات (٤) روزو (٥) نماز (٦) حرام ڇڏڻ.

**ست فرض، انسان تي لازم لکن.**

ست فرض انسانَ تي لازم لکن ٿا،
جنين ڇڏيو ميڪڙو، تنين عذابا،
ڪلمو، حج، زڪواة ڇوُ، روزو، نمازا.
ڇهون ڇڏڻُ حرامَ جو، ستون سڪ آمرا
اَمرَ آهه آئين پٽين، ساري ڪر صحيا،
اَمرَ آڪي ۽ مُرس جو، مائٽ ۽ عُلماء،
پنجون اَمرَ اُستادَ جو، ڇهون حُڪاما،
ستون اَمرَ نبيء جو، اَلون ڪهُ قلبا.
قَلبُ نالو عقل جو، جنه ۾ حُب خُدا.

(مخدوم عبدالرحيم گروهڙي)-(٣١٢)

**ست ڦيرا:** هندو شادي جي رسم مطابق ويڏي پڙهائي گهوٽ ڪنوار کي باهه جي چوڌاري ست ڦيرا ڏياريا ويندا آهن.

**ست عرش:** عرش سيني تارن کان مٿي آهي جڏهن ته عرش کان مٿي ٻه جهان آهن. عام طرح عرش کي آسمان چيو ويندو آهي. ائين چوڻ غلط آهي ڇاڪاڻ ته عرش "آسمان" نه آهي. پهرين عرش تي قمر يعني چنڊ، ٻئي تي عطارد، ٽئين تي زهره (زهرو)، چوٿين تي شمس يعني سج، پنجين تي مريخ، ڇهين تي مُشتري ۽ ستين تي زُحل موجود آهن.

**ست ڪُنا:** روايتي ٻلي لاء چيو ويندو آهي ته اها هڪ ئي وقت "ست ڪُنا" کائي سگهي ٿي. بيگناهه ڪوئن کي ماري کائيندڙ ٻلي جيڪڏهن پنهنجي پارسائي ۽ پاڪائي جي دعويٰ ڪري ته اهڙي ميسڻي ٻلي (گرٻه مسڪين) لاء چوندا آهن:

ٻلي ستَ ڪُنا کائي، حج چڙهي! (٣١٣)

ٻلي ڍونگ ڪري ڪوئن کي پنيلائڻ لاء چيو ته هاڻي، نيڪ بنجي، حج تي پيئي وڃان. اهڙي طرح ڪوئن کي ڦاسائي ست ڪُنا کائي وئي.

ڪاڏي ٻلي، ڪاڏي حج! ٻليءَ جو حج هلڻ مثال طور ڪم آڻي، پارسائي جو ويس ڍڪيندڙن/منافقن ۽ ڍوڪيبازن Hypocrites تي ٽوڪ ڪئي وئي آهي. اهڙن منافقن لاءِ چيو ويندو آهي:

منهن ۾ موسي، اندر ۾ ابليس!

**ست لنگهڻ:** سَتَ ٻکون/ ست ويلا ماني نہ ملڻ. مثال:

ستين لنگهڻين ڪتو بہ حلال. چوندا آهن تہ بک بيڇڙو ٽول دانا ديوانا ڪري، بک جي ماريل جي حلال حرام واري تميز ختم ٿي ويندي آهي. جڏهن ڪارو ڏڪر هوندو آهي تہ ڏڪار جا ستيل "ڏت" يعني جهنگي ميوا، گاهہ ۽ وڻن جا پن بہ کائڻ تي مجبور ٿي پوندا آهن. اسلام ۾ ڪتو حرام آهي پر ڏڪار يا زلزلي سبب کائڻ لاءِ ڪجهہ نہ ملي تہ ماڻهو "ڪتو" بہ کايو وڃن. رب سائين اهڙي مجبوري کان بچائي!

**ست هانوَ:** جرئت /همت/دليري، مثال:

(١) هن مڙس کي تہ ڪي ست هانوَ آهن يعني ڏاڍو ڪو سورهيہ شينهن مرد آهي.

(٢) دهشت مان دلگيري ڪري ڇڏ، دريا واري دهشت کي

هڪ منجهان ست هانوَ ڪري ڇڏ، عيب نہ لائج الفت کي،

سهڻي آهين ڪين ميهر- توکي تار مان ترڻو آ.

رهڻو آ جي ديس ۾ توکي - ديس کي جنت ڪرڻو آ.

(پيرل قمبر) (٣١۴)

**جنس مؤنث ۾ ڪم ايندڙ فقرا:**

**ست برادر:** ست ذاتيون/گهڻا راڄ/گهڻا ماڻهو

**ست پيڙهيون:** اصل (پيڙهين کان) خاندان/اصلي گهراڻو/اعليٰ حسب نسب، مثال:

مرحوم ايتري تہ گهڻي دولت ڇڏي ويو آهي جو سندس ايندڙ ست پيڙهيون پيون کائينديون. (جملو)

**ستن پيڙهين کان:** تمام قديم زماني کان /اعليٰ خاندان جو، مثال:

ستن پيڙهين کان سندن گهراڻي جو نالو عزت سان ورتو پيو وڃي.

ست ٿِيون؛ وهندڙ پاڻي (واهه/واهي/ڪسي/واٽر ڪورس ۾ گهڙا ڀرڻ وقت، پاڻياريون/پاڻي ڀرڻ واريون / گهڙن واريون. گهڙن جي صفائي لاءِ گهڙن کي پاڻيءَ ۾ ڪنهن اِڪي انگ تي يعني ٽي، پنج، سَتَ وغيره ٽٻيون ڏياريندڙيون آهن. وهندڙ پاڻي ۾، وهنجڻ وارا، پاڻيءَ ۾ ست يا (اِڪي انگ تي) ٽٻيون ڏيندا آهن.

ستَ سورميون؛ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، پنهنجي شاعريءَ ۾، سنڌ جي مقبول تاريخي /نيم تاريخي رومانوي داستانن ۾، مرڪزي ڪردار "عورت" کي، سندس انيڪ خوبين Characteristic traits جي حوالي سان ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو آهي. شاهه سائين جون اهي ست سورميون هن طرح آهن؛

وطن پرست "**مارئي**" کي سانڍيه جي سڪ جي حوالي سان؛ "**سسئي**" کي ڪاف ڪشالن، اَڏتراڇن آهَڙن ۽ وِنگين واٽن جي جاکوڙ جي حوالي سان؛ "**مومل**" کي مجاز جي مهميزَن جي نتيجي ۾ وِرهَه جي ورلاپن جي نسبت سان؛ "**سهڻي**" (سنڌي روايت) کي "ڪَهي سان رهي ٻولي ٻيلاين سان" کي نباهيندي، ٻڏيءَ جا ٻيڙا ڪري، ساهه ڏيڻ جي ناتي سان؛ چاڳلي **ليلا**، کي مٿئي جي موهَه ۾، پريت جي ريت کي نظر انداز ڪري، پڇتائڻ واري حوالي سان؛ "**نوري**" نماڻي، گندري مهاڻي کي "نياز" جي حوالي سان؛ "**سورٺ**" کي، چارڻ کي راءِ ڏياچ طرفان سرُ وِڌي ڏيڻ واري وعده جي وفائي جي نتيجي ۾ ڀوڳنا ۾ وکهلندي ڪِرندي مرندي رهڻ جي حوالي سان (جن کي شاهه سائين چوندڙ لفظن ۾ مناسب اصطلاحن ۾ پيش ڪيو آهي).

ست گيسيون؛ (توبهه ڪرڻ وارا، مٽي /ڌوڙ تي ويهي گيسون ڪندا آهن): توبهه /زاري /ايلاز/منتون ميڙيون

## پهاڪا:

(١) چرئي ليکي ست چريا!

ڪنهن چرئي کي پنهنجي سامهون /اوسي پاسي موجود ست ئي

سَتَ پُٽيتو: ستن پٽن وارو/گھڻي اولاد وارو، مثال:
(۱) ابا، خدا ڪندو ست پٽيتو ٿيندين! (ماءُ جي دعا)
(۲) ابا، وڏندين، وڏو ٿيندين، شادي ڪندين، ست پٽيتو ٿيندين!
ست پيڙهيائتو: جيڪو ست پيڙهيون سنبري/ستن پيڙهين کان / خانداني /معتبر /اعليٰ خاندان جو /اصل نسل وارو.
ست ڌاريو: ستن پيڙهين کان جنهن سان ڪا مائٽي نہ هجي/ پرائو/غير/ بيگانو، مثال:
ست ڌاريو بہ ايئن نہ ڪري جيئن تو ڪئي آهي!
ست راڄيو: ستن راڄن يا برادرين جو چڱو مڙس /پڳدار/پوتار.
ست سُرو: ستن سُرن /اندازن /لهجن/ٻولين وارو مثال:
سچل سرمست کي پڻ "ست سرو" چوندا آهن.
ست سيسيا: ستن سسين وارا/ستن مُنڍين وارا (واحد: ست سسيو) مثال: ڪارن وڏرن (ڪارا وڏر: ڪڪر Clouds)جهڙا ست - سسيا راڪاس! جن پوتن جي قصن ۾ ذڪر ڪيل راڪاس.
ستڙيو: ستن مهينن جو ڄاول ٻار، جڏهن تہ ٻار عام طرح ڏهين مهيني ڄمندو آهي.
ستَ ماڙو: ستن ماڙين واري عمارت.
اونداهيءَ جي بند ۾ باندي، ننڊ نِهوڙيو اوڙو پاڙو،
تڏهين آءُ اڏيان ٿو ويهي پنهنجي وهمن جو ست- ماڙو
(ذوالفقار راشدي)(۳۱۷)
ست نڙيال: ستن نڙين وارو/وڏي آواز سان ڳالهائيندڙ

(ب) مؤنث ۾ استعمال ٿيندڙ مرڪب لفظ:
(۱) ست پرائي: ستن پائرن جي پيڻ/عورت جو نالو/پائن پيڻ (پانيين)
(۲) ست پُٽيتي: ستن پٽن جي ماءُ / ماءُ ولر واري.
(۳) ست پڙي: ستن پُڙين تي مشتمل /قومي شاهراهہ تي، سڪرنڊ- قاضي احمد جي وچ ڌاري، هڪ ڳوٺ جو نالو.

(۴) ست راڄي؛ ستن راڄن /برادرين /ذاتين /نياتن communities تي مشتمل/گهڻا ماڻهو/انبوهه، مثال؛
وڏيري جي وهاڻه ۾ ست راڄي اچي ڪٺي ٿي هئي. (جملو)
(۵) ست رڇي؛ جنهن ۾ ست رڇ (طعام) شامل هجن/ستن ڪاڌن/ طعامن / مال / مختلف نمونن جا طعام/ مال مليدا /ڪاچ ڪورما/ لذيذ ڪاڌا / مزيدار طعام/ قسمين قسمين ڪاڌا ۽ ڪيئي Varieties شامل هجن. مثال؛

(۱) ست رڇي ڪي هن جي به ڏس،
منهنجي رڳي ماني به ڏس.

(فيض بخشاپوري) (۳۱۸)

(۲) ست - رڇيءَ ڪي سومرا! چاڙون ڪين چمار.

(محمد صالح سنڌي) (۳۱۹)

(۵) ست رنگي؛ ستن رنگن واري/رنگ برنگي فراسي-چالاڪ عورت/ شودي
(٦) ست سَري؛ ستن سَرين واري سوني دهري.
(۷) ست سُري؛ ستن سُرن واري ڳجهارت / منجهيل ڳالهه/ڪوڙي ڪساري ڳالهه/ بيت جن ۾ "ست سُر" هجن. بيتن ۾ آيل ڳجهارتون ستن سُرن جهڙوڪ (۱) سر عمر مارئي (۲) ليلان چنيسر (۳) مومل راڻو (۴) سسئي پنهون (۵) سورٺ (٦) سهڻي ميهار (۷) نوري ڄام تماچي وغيره تي مشتمل هونديون آهن. ست سُري، ڳجهارت، ڳهڻ ۾ ڳهڻ، ٽن يا ٽن ڪان مٿي سُرن تي آڌاريل هوندي آهي.
ست سُهاڳڻيون؛ ڳهوٽيتن مان ست سُهاڳڻيون (سُهاڳ /مڙس واريون) جيڏل /لاڏي/لال ونيءَ /لال ڪنوار کي لال ميندي لائڻ لاءِ پيرڙا رنگائي /رتڙائي، هٿن پيرن تي منديءَ جا گل چٽڻ لاءِ ڳيچ ڳائينديون ايندیون آهن، مثال؛

میندي ڏیوڻ آیون، ست ئي سَهاڳڻیون،
میندي سائي ڍولي جي!
(محمد عرس سمون) (۳۲۰)

**ست ماڙیون:** ستن ماڙین واریون عمارتون/گهڻ ماڙ واریون عالیشان عمارتون Multi-storeyed buildings/sky scrapers، مثال:

(۱) اي سکیا ست - ماڙ وارا، ڪجهه قبر پڻ یاد ڪر!
(۲) پلنگ پراڻا ئي چڪا، سُڃي ئي ست ماڙ
(احمد خان آصف مصرائي) (۳۲۱)

(۳) سُتئي سونها، نہ ست - ماڙین،
نست ئي ست رچیون، چو کیان،
سُت سرتین جي ست ویهي،
مان جَهڻ پیئندس کهٽي کهاٽي.
(میوو خان "موج" لغاري)-(۳۲۲)

**ست منزلون:** انگریزي زبان جي مهان شاعر/ ناٽڪ نویس **ولیم شیڪسپیئر** پنهنجي ناٽڪ As you like it ۾، هن دنیا کي اسٽیج Stage سان ۽ انسان کي هڪ اداڪار (Actor) سان پيٽ ڏني آهي، جيڪو شيڪسپير مطابق، پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو. انساني زندگي کي ستن منزلن Stages ۾ هن طرح ورهايو آهي:

(۱) ٻاراڻي اوستا یا وهي/ ٻالڪ پڻو Childhood، جڏهن ٻارُ، آیا / دائي مائي جي هٿن ۾ ٽنبندو تاٿيندو آهي.
(۲) طِفل مڪتب/ School-going child
(۳) نوجوان عاشق/عشق جي لپاٽ کاڏل جوانڙو Young lover
(۴) پنهنجي وطن لاِن سر قربان ڪندڙ سِرويچ سپاهي.
(۵) مُنصف Judge / قاضي
(٦) ڍَرڪندڙ وهي (Deteriorating age) جنهن ۾ جوت جو ڏيئو

اٺ ئي پهر/الوپهر؛ سڄو ڏينهن ۽ سڄي رات/ چوويهہ ئي ڪلاڪ/هر وقت/ هميشہ/سارو ڏينهن. مثال؛

(۱) اٺ ئي پهر الک جو، ڪو وڏ ويراڳين.

(شاهہ؛ سر رامڪلي) (۳۲۴)

(۲) اڄ پڻ وايون ڪن، ونجارا وڃڻ جون

اٺ ئي پهر اٿن، سعيو ڪنهن سفر جو

(شاهہ؛ سُر سامونڊي) (۳۲۵)

(۳) جي تون ونجارو ڪانڌ، تان مون هڏ م لائون لڏيون

پرڏيهہ مٿي سانگ، اٺئي پهر جنهن ڪِئو

(شاهہ؛ سُر سامونڊي) (۳۲۶)

(۴) چالڪا! چندن چاريئينہ، اٺئي پهر اپار

(شاهہ؛ سُر ڪنيات) (۳۲۷)

(۵) سڳهو ساعت نہ چندڙو، اٺئي پهر مَلوُر.

(شاهہ؛ ڪنيات) (۳۲۸)

(٦) اٺ ئي پهر ادب سين، پر اهائي پار

(شاهہ؛ يمن ڪلياڻ) (۳۲۹)

(۷) اٺ ئي پهر عظيم جو، ڪُنڊو منجهہ ڪپار.

عظيم؛ موت (شاهہ؛ سُر سورٺ) (۳۳۰)

(۸) اٺو پهر آچار مٿان محبتين نہ لهي.

(ميون عيسيٰ) (۳۳۱)

(۹) اٺئي پَهر اوڏهُون نيڻ تا نهارين.

(سچل؛ سر مارئي - ڪافي) (۳۳۲)

(۱۰) اٺئي پهر اُباڻڪي، انهن ري آه.

(سچل سرمست؛ سُر مارئي) (۳۳۳)

(۱۱) اٺئي پهر اوڏهين، تا نيڻ نِهارين.

(سچل سرمست، ڪافي) (۳۳۴)

(١٢) اٿئي پهر انهن جي، وات اٿم وائي
(سچل سرمست: مارئي - بيت) (٣٣٥)
(١٣) اٿئي پهر انهن کي آهي حميرن هراس
(سچل سرمست؛ مارئي بيت) (٣٣٦)
(١٤) اٿئي پهر تنهن جي وائي، سچو کي آهي وات
(سچل سرمست، ڪافي- پورب) (٣٣٧)
(١٥) اٿئي پهر چت، وطن تن نہ وسري
(سچل سرمست) (٣٣٨)
(١٦) اٿئي پهر آڄ ۾، رهن سي ڳم ڳار
(سچل سرمست - جوڳ؛ بيت) (٣٣٩)
(١٧) اٿئي پهر ٿي وڄي - تنهن جي تند تنوار
(سچل سرمست - جوڳ؛ ڪافي) (٣٤٠)
(١٨) رتا رنگ رهن اٺ ئي پهر عجيب جي
(چئنرام سامي) (٣٤١)
(١٩) اٺ ئي پهر عجيب سان، ملي مؤجان ڪن
(چئنرام سامي) (٣٤٢)
(٢٠) اٿئي پهر اندر ۾، "سامي" پرينءَ پچار
(چئنرام سامي) (٣٤٣)
(٢١) اٺ ئي پهر وڄي، ٿي مُرلي من موهن جي
(چئنرام سامي) (٣٤٤)
(٢٢) اٺ ئي پهر اندر ۾ "سامي" سالاهي
سالاهہ: ساراهہ؛ ورڪاڻ ڪندڙ (چئنرام سامي) (٣٤٥)
(٢٣) اٺ ئي پهر ٻري، مهان مشعال اندر ۾
(چئنرام سامي) (٣٤٦)
(٢٤) اٺ ئي پهر الک جي ڪري ايپد ڀڳت،
(چئنرام سامي) (٣٤٧)

(٢٥) اٺ ٿي پهر پلن، گرمڪ پنهنجي پاڻ کي

(چنترام سامي) (٣٤٨)

(٢٦) اٺ ٿي پهر اندر ۾ بنا باهه پچي

(چنترام سامي) (٣٤٩)

(٢٧) اٺ ٿي پهر عرش ۾، جپن ريءَ زبان

(چنترام سامي)(٣٥٠)

(٢٨) عاشق آٺ ٿي پهر ڪن، باريءَ سندي بات

(شمس الدين ٻلي) (٣٥١)

(٢٩) اٺ ٿي پهر اداس، ميان عمر!
مارن جي منهنجي من ۾ تي

(منٺار فقير راڄڙ) (٣٥٢)

(٣٠) ويراڳين ورونهن، اٺ ٿي پهر الک سان.

(پير ڪمال سائين) (٣٥٣)

(٣١) اٺ ٿي پهر اندر کي، ساجن جي سوداءُ.

(گل محمد قلبي) (٣٥٤)

(٣٢) سي اٺ ٿي پهر الله جي ڪن وحدت واڪاڻا.

(رمضان ڪنير)(٣٥٥)

(٣٣) اٺ ٿي پهر اکين کي آ تنهنجي سار سنڀال

(گل محمد قلبي)(٣٥٦)

(٣٤) تن ۾ اٿر تنهنجي، اٺ ٿي پهر پچار.

(فقير دلمراد لوڙهي وارو) (٣٥٧)

(٣٥) اٺ ٿي پهر "آتامرو، مات نہ ڪري مور"!

(تاجل بيوس، گهاتو) (٣٥٨)

(٣٦) اٺ ٿي پهر الله سان، ونڊن ۾ ورچن!

(فقير جاڻڻ چن) (٣٥٩)

(٣٧) هنئين منجهہ "حمل" چئي، اٺ ئي پهر اکير.
(حمل فقير لغاري) (٣٦٠)
(٣٨) اٺ ئي پهر منجهہ اوراتي، انهي غمن منجهہ گهور وڌو سي
(صاحب فقير رَڪ) (٣٦١)
(٣٩) آٺ ئي پهر مون کي، توهان جي آ تات.
ڏکن جو لنگهيو ڏينهن، رنجورُ رات.
(شمس الدين "بلبل") (٣٦٢)

**اٺ عالادي:** سومرن جي دور ۾ سنڌ تي ڪاهہ ڪري ايندڙ دهليءَ جو بادشاهہ علاؤالدين خلجي عرف عالاديءَ جا. جنگ ۾ بچيل اٺ سپاهي.

"دود چنيسر" سنڌي جوڌن جي جوان مردي، سنڌي سرويچن جي سورهيائي جو اٿو سرندڙ رَزميہ داستان آهي. دودي ۽ چنيسر جي گهرو جهيڙي جي نتيجي ۾، "چنيسر" هندستان جي بادشاهہ علاؤالدين خلجيءَ ڏي دانهن کڻي ويو تہ کيس سنڌ جو تخت وٺي ڏئي. خلجيءَ اتاهہ لشڪر وٺي سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. ان ڏينهن کان. گهڻائيءَ جي لحاظ کان علادي لشڪر ۽ عالادي سپاهي ضرب المثل بڻجي ويا. سنڌين جي لشڪر جو سالاراعظم "دودو سومرو" هو جنهن پنهنجي سورهيہ سپاهين سان دشمن جو مقابلو ڪيو ۽ عالادي لشڪر مارجي ويو.

علاؤالدين جڏهن سنڌ مان موٽي واپس دهليءَ وڃي رهيو هو تڏهن ميرپور ماٿيلي جي هڪ ڳوٺ وٽان لنگهيو تہ ڪن زالن چيو "جڏهن سومرن سان جنگ ڪرڻ ٿي ويو تڏهن لشڪر ايترو هو جو صبح کان سانجهيءَ تائين هتان پئي لنگهيو. سومرن اهڙو حال ڪيو اٿن، جو رڳو "ست سپاهي" وڃي بچيا آهن." هو اهو طعنو برداشت ڪري نہ سگهيو ۽ زهر جي گوري کائي مري ويو.

**عالادي گوري:** ڊاڪٽر نبي بخش خان لکي ٿو: "عالادين بادشاهہ وٽ اٺ صوبا يا اٺ سپاهي وڃي بچيا جو هو گهوڙن تي سوار ٿي، دهليءَ روانو ٿيو. جڏهن ماٿيلي جي شهر وٽان لنگهيو تہ ڪي مايون

سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ "ڏهس" سگهڙ پائي جو هڪ انوکو ۽ سنڌي سينگار شاعري جو بي مثال فن آهي، هن "صنف" تي ڪيترن ئي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي، جڏهن تہ "جلال" هن فن جو سرواڻ، پنهنجو مٽ پاڻ آهي. "ڏهس" ۾ سهڻن جا سينگار (سراپا) ڀرپور انداز ۾ چيا ويا آهن. شاعر جي چوائي:

(١) سهڻي جا سينگار چيا هن، ڏاهن منجهہ ڏهس

(قائم الدين سهتو) (٣٨٠)

(٢) سگهڙ سالڪ سُريتا، آ ڏاهن جاڻ ڏهس،
آءُ نہ جاڻا ايترو، آجهونجهارن ڪي جَسَ،
وينجهر ڪهڙو وس، غلام حسين غريب جو

(غلام حسين جهتيال) (٣٨١)

ڏهہ سٺيو: ڏهن تندن وارو ڪپڙو / جنهن ۾ ڏهہ سو تندون تاڃي ۾ هجن.
ڏهو: لاڳيتن ڏهن ڏينهن جي عبادت (ڏهہ ڏينهن هڪ هنڌ ويهي عبادت ڪرڻ/مراقبو/ڏهو ڪيڻ) لاڳيتن ڏهن سالن جو عرصو A decade
ڏهوٺو: ڏهہ ڀيرا وڌيڪ. مثال طور:
ڏهوٺا ڏاج: ڏهرا دان / گهڻا سارا انعام
ڏهيسر: ڏهن سرن وارو يعني بهادر / سورهيہ. مثال:
مڙس تہ ڪو ڏهيسر آهي!
ڏهہ، ڏهہ: هڪ عدد / مرڪبات (جمع) ۾ ظاهر ڪندڙ. مثال:
ڏهہ هزار / ڏهہ لک / ڏهہ ڪروڙ / ڏهہ ارب / ڏهہ کرب/ڏهہ پدم/ ڏهہ نيل وغيره
ڏهہ ڏس: ڏهہ پاسا/ ڏسائون / ڏهہ طرف /چوگرد/چوڌاري
ڏهہ ڏوَر: ڏهوٺو پنڌ پري /ڏورانهون Far off/ ڏيهان ڏور
ڏهلو: تاس جو ڏهن نشانن وارو پتو/ ڏهلو / ڏهہ خال / ڏهو. مثال:
نولي تي ڏهلو (چورن مٿان مور: هڪ پئي کان وڌيڪ)
ڏهمڙدو: ڏهن مڙدن جي طاقت رکندڙ شيءِ /ڪناري تي بيڙي ٻڌي بيهاري ڇڏڻ لاءِ ڪاٺ يا لوهہ جو لنگر Anchor

ٿيڻ ۽ نظر بد / بڇڙي نظر/ ڏائڻ واري تڪيندڙ نظر کان بچڻ لاءِ به سورتون سڳوريون "الناس" ۽ "الفلق" ٻارهن دفعا پڙهڻ گهرجن.

## ٻارنهن (١٢)؛ به ايڪا هڪ ڏهاڪو/ڳاڻاٽي جو هڪ عدد فقرا : مذڪر ۾:

**ٻارنهن امام؛** اسم خاص (١) امام حضرت علي رضه (٢) امام حسن (٣) امام حسين (۴) امام زين العابدين (۵) امام محمد باقر (٦) امام جعفر صادق (٧) امام موسيٰ ڪاظم (٨) امام علي موسيٰ رضا (٩) امام محمد تقي (١٠) امام علي نقي (١١) امام حسن عسڪري (١٢) امام مهدي. (٣٨٣)

**ٻارنهن برج؛**

ولايت امامت جا برج ٻارهن. هدايت جا روشن سي قنديل آهن.

خدا و نبيءَ جا سي ٻارهن خليفا آهن. رهبر و رهنما ياد رکجان.

(مرزا قمبر علي بيگ حيدري) (٣٨۴)

**ٻارنهن ٻاهروٽيا؛** مکي ٻيلو (ضلعو سانگهڙ)جي ٻارنهن جڻن جي ٽولي جو سردار "بچو بادشاهه" ۽ "پيرو وزير" هو. هي ٻهروٽيا. ٻارهين ملڪن ۾ وڃي ڦر مار ڪندا هئا. انهيءَ ڪري کين "ٻهروٽيا" يعني "ٻاهر مار ڪندڙ" سڏيو ويو.

انگريز سرڪار دشمنيءَ سبب کين رهزن قرار ڏنو. سنڌي شاعرن، ٻاهروٽين جي بهادري کي ڳايو آهي. اهي پري وڃي مار ڪندڙ هئا ۽ ڪڏهن به گهرَ نه ڦريندا هئا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڏنل ڄاڻ مطابق "ٻهروٽيو- ٻهروٽيا؛ صفت - قاعدي قانون جي حد کان ٻاهر گذاريندڙ - ٻاهرئين ملڪ ۾ ڦر مار ڪندڙ، رهزن Out Law، مثال؛

ٻارهن جڻا ٻهروٽيا، هئا مکيءَ پاسي مِيرَ

(مل محمود) (٣٨۵)

**ٻارهن پيرا:**

پتنگ پڇي هڪ پيرو، تون ٻارهن پيرا ٻَر

(ڪتاب: هفتا، ڏينهن راتيون مهينا) (٣٨٦)

**ٻارهن تارا:**

ڪتيون رات "قمر" سان پنيون اپريون پيلَه،
ٻارهن تارا ٻڌي ڪيو، جهڳتو ٻنيا جهيله
نيڙو تلن نيله، ڪڏهن نه رُنا پاڻ ۾.

(الحاج رحيم بخش "قمر" (٣٨٧)

**ٻارهن خانواده:** صوفين جا ٻارهن طريقا

**ٻارهن سينگار:** عورتن جا مختلف سينگار/عورتن جا مکيه ٻارهن سينگار/عورتن جي هار سينگار جا انوکا انداز

**ٻارهن ڳهڻا:** عورتن جا مختلف ڳهه / ڳهن ڳٽن مان مکيه ٻارنهن ڳهڻا / زيور

**ٻارهن لک:** لکين ڪروڙين / بي حساب / لا تعداد. مثال:

"جو جو ٻارهہ لک، ڪوڙين ڪتيبان، جي پڙهه
ايهه سَبائي سِڪ، جان جان پريان نہ مِڙهِ.

(قاضي قادن)

**سمجهاڻي:** جن جن ٻارهن لک ڪروڙين (انيڪ) ڪتاب پڙهيا آهن، انهن سيني اهائي سکيا ڏني آهي تہ اتان (انهن ڪتابن مان) پرين نہ ٿو ملي! (هيرو ٺڪر)- (٣٨٨)

**ٻارهن ماهہ:** ٻارهن مهينن جو عرصو، مثال:

ورُ پنهوءَ سين پلُ! ڪوهہ ٻارهہ. ماهہ ٻين سين!

**ٻارهن مهينا:** ٻارهن مهينن جو عرصو/ سال جا ٻارهن ئي مهينا، مثال:

ڪُتي جو پڇ ٻارهن مهينا نڙ ۾ پائي رک، تہ بہ ڏنگو ئي رهندو

(پهاڪو: گل شڪر) مطلب تہ نصيحت نادان کي ڪندي ڪانہ اثر! (٣٨٩)

A craked bell can nevr sound well

**ٻارهن ميگهه:** ڪڪرن يا مينهن / برسات جون ٻارنهن حالتون يا انداز. مثال طور: آگمڄڻ (ڪڪر ٿيڻ). ڪاروڻيار ٿيڻ/ڪنوڻ جا چمڪاٽ. ابر ۾ اماڻ، وڏ- ڦڙو وسڻ، گجگوڙ ٿيڻ، وڄ جا تجلا وغيره.
**ٻارهن وفات:** ربيع الاول مهيني جي ٻارهين تاريخ جا حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ڄمڻ ۽ ء وفات جي تاريخ آهي.

## اصطلاح

**(الف) پڻ ٻارهن ٿيڻ:** چوپڙ راند جي هڪ ساري يا ڳوٽ، سوڀ/ سرسي/ فتح ٿيڻ / ڏارو هٽي، بخت پڌائڻ لاءِ جوڳي فقير، ڏارو هڻڻ مهل هي شبد / لفظ اچاريندا آهن: ڏرّ ڏارا، پڻ ٻارنهن! (اي ڏارا، سڌو پئُ ته سوڀ ٿئي). سڀ سٺايون ٿيڻ/وڏي سوڀ ٿيڻ / سوڀارو يا فتحمند ٿيڻ، مثال:

(١) ڪٿي سا راند ٿيا راسا، پئون ٻارهن پٽي پاسا!

(مخدوم امين محمد) (٣٩٠)

(٢) سونهين تو ڳچ ڳچيءَ ۾، هڏڙين جو هار هن ڪي،
ڏر ڏارا پڻ ٻارهن چٽي بخت تو بنائي

(محمد رمضان "ثاقب") (٣٩١)

- **هڏڙين جو هار:** هاٿي جي هڏڙين / هڏن (عاج) مان جوڙيل هار.
**ٻارنهن ڪوهي سڃ ٿيڻ/هئڻ:** ٻارهن ڪوهن يا ويهن ميلن جي مفاصلي تائين يعني چؤطرف يا چوڌاري سڃ يا ٻينگ هئڻ/ٻڙيانگ غيرآباد علائقو هجڻ/سُڃَ سلا لا، ٻنگ ٻلا لا هئڻ/نپهري سڃ هئڻ.
**ٻارهن مَيگهه وسڻ:** مينهن جو پنهنجي ٻارهن ئي اندازن جهڙوڪ: ڪڪرن جو ڪر ڪٽڻ، آگمڄڻ، گجگوڙ ٿيڻ، اماڻ ٿيڻ، وڄ جو چمڪاٽ ڪرڻ. وڏ - ڦڙو وسڻ وغيره/ تمام گهڻي برسات پوڻ.
**ٻارهن وڄائڻ:** ٻارهين ٻجي ٻه لاچار يا مس مس ڪو ڪم پورو ڪرڻ /گهڻي دير ڪرائڻ/پريشان ڪرڻ.

(ب) ٻارهو سون ٿيڻ: ٻارهن مهينا پورا ٿيڻ وارو ڏينهن يا وارُخير خوبيءَ سان پورو ٿيڻ / دل جا مقصد پورا ٿيڻ/مطلب حاصل ٿيڻ.
ٻارهو وارڻ: ٻارهين مهيني ساڳئي وار/ڏينهن تي مري ويل کي ختمو ڏيارڻ / مري ويل کي ٻارهين مهيني ياد ڪرڻ لاءِ ختمو ڏيارڻ
(ت) ٻارهين پٽرين ٻاهر هئڻ: ڪنهن به معاملي ۾ شريڪ نه ٿيڻ / ڪنهن جهنجهٽ ۾ نه پوڻ/ ڇتّل گاڏڙو هئڻ/ بي تعلق هئڻ/ نيات يا ٻائپي مان نڪتل هئڻ / پري رهڻ.
ٻارنهن ماهه/ٻارهين مهين: ٻارهين مهين ڪان پوءِ /ٻارهن مهينا پوري ٿيڻ تي Yearly. مثال:

وڻجاري جي ماءُ! وڻجارو نه پلٽين؟
آيو ٻارهين ماهه، پڻ ٿو سفر سنبهي!

(شاهه : سر ساموندي (٣٩٢)
مُشتري ٻارهين گهر ۾ هئڻ: ستارو گردش ۾ هئڻ /ڪشالو ڏسڻ / تڪليف ۾ اچڻ.

(الف) مذڪر طور استعمال ٿيندڙ مرڪب لفظ:
ٻارهن سڱو: ڏکهن سڱڻ وارو ڌاڙهو /برفاني هرڻ
ٻارهن ماهو: هر سال /ٻارهين مهيني / سال بسال / ٻاراهو /فقيرن جو مقرر ڪيل ساليانو ڏن / ساليانو پڪهار / ساليانو خوشيءَ جو ڏينهن / ساليانو ڀنڊاڻ.
ٻارهو: مري ويل ماڻهوءَ جي نيت، ٻارهن مهين ڪان پوءِ ختمو درود / ورسي / مري ويل لاءِ، هندن طرفان، ٻارهين مهيني ڪريا ڪرم ۽ وفات واري تاريخ تي خير خيرات ڪرڻ.
(٢) پٽن راند جو هڪ پتو: ٻارهو، ٻارهي تي چوويهي.
ٻارهوڳي: سال بسال / هر سال / سدائين / هميشه.

ڪندا آهن. سندن ڪاموري کي مڏي Camp لاءِ، هيٺيان عملدار سندن رسائي ۾ ڏاڍا خرچ ڪندا آهن) (٧) واڻين جو چار (بلبل جي دور انگريز جي حڪومت ۾، سنڌ ۾ "واپار" تي واڻين يعني هندن جو قبضو هو. (سندن منافعي تي ٽوڪ) (٨) حڪيمن جو چار (هَڙَ مار حڪيمن يا ڪاٻڙوٺي ڊاڪٽرن Quacks تي مزاحيه طنز) (٩) سوداگرن جو چار (وڻجارن /واپارين / سوڌيبازن تي ٽوڪ/ هَجو) (١٠) ڪيمياگرن جو چار (لغڙ باز ٺڳ جيڪي سون ٺاهڻ يا مرداني طاقت لاءِ سون جا ڪُشتا تيار ڪري ڏيڻ لاءِ، ابوجهن کي ڦاسائيندا آهن (١١) پير فقيرن جو چار (ڪوڙا ڦيٿا تعويذ ڪري ڦاسائڻ) (١٢) رنگيلن جو چار (رنگيليون يا سدا سهاڳڻيون جيڪي پنهنجي عاشقن کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائينديون آهن). (١٣) يارن جو چار (نام نهاد يارن/دوستن جي کهٽائي تي طنز).

(ب) (١) تيرهن تيزيون: "صفر مهيني جون پهريون تيرهن تاريخون (جن ۾، روايت موجب، حضور پاڪ ﷺ جن ناچاڪ رهيا، جن ۾ سوڻ ڳڻيندا آهن. ڏکيائيءَ جا ڏينهن" (٣٩٣)

(٢) تيرهن پتيون: تمام کهٽا حصا / کهٽيون پتيون.

اصطلاح: .

(ب) (١) تيرهن پتيون ڪرڻ: ٽِڙ جيتريون يعني تمام ننڍڙيون پتيون ڪرڻ /حصا. وانا يا ٽاڪا ڪري ورهائڻ / هر شيءِ ونڊي ورچي ڪائڻ/هر شيءِ جي ورهاست ڪرڻ. To share with others

(٢) تيرهن وڃائي ڇڏڻ: سخت تڪليف ڏيڻ، حيران ڪرڻ / حواس گمُ ڪرڻ.

(٣) تيرهو اچڻ: پيسڪوٽ/ پَٽين راند ۾ "ٻاون" اچڻ.

(الف) مرڪب لفظ: مذڪر طور استعمال ٿيندڙ:

(۱) **تيرنهن تالو؛** تيرنهن تال يا گهڻيون ساريون انڪلون يا حرفتون چالندڙ /چالاڪ / لچو /نهايت حرفتي / تريناڪ /آڙيڪاپ.
(۲) **تيرهو؛** تيرنهن انڪلون چالندڙ / انڪلي /شودو / لچو/ بدمعاش Knave/Rogue
(ب) مؤنث طور ڪم ايندڙ:
(۱) **تهارڻ؛** تيرنهن تالي عورت /چالاڪ ۽ لُچي رَن / ناظرُو عورت. مثال؛ ڳنون ڏائڻ ڳوٺ جون، تهارڻ متو ڪَئي (چوڻي)
(۲) **تيرهن تالي؛** تيرنهن تال چالندڙ عورت /حرفتڻ / لچي عورت/شودي /انڪلون چالندڙ رَن. مثال؛

ايڏانهن سيڪو آهي سوالي دنيا آهي تيرهن تالي،
ڏارين سان چا سُهندو پيار، آهَ ملي هڪ وار او سهڻا!

(عبدالقيوم صائب)(۳۹۵)

**چوڏهن ۱۴: ڳاڻاٽي جو هڪ عدد**
**فـقــرا:**

(الف) **چوڏهن خانواد؛** چشتي پيرن جي سلسلي مان نڪرندڙ بزرگ ۽ انهن جا طريقا؛ (عياضي، اڏمي، هبيري، حبيبي، عجمي، طيفوري عرضي، سقطي، جُنيدي، گاذروني، طوسي، سَهرودي، فردوسي) (۳۹٦)
**چوڏهن طاق؛**

نور نسيم نظاري جنهن جي، چوريان چوڏهين طاق
ڪَن فيڪون جا ڪونر قراريا، ماڳ متي ميثاق

(مصري شاه) (۳۹۷)

**چوڏهن طبق؛** "چوڏهن-چوڏهن دنيائون، ست زمينون، ست آسمان" (۳۹۸)
هندن جي عقيدي موجب چوڏهن طبق:
(الف)؛ **هڪ ڌرتي باقي ڇهه ڌرتيءَ مٿان؛**
(۱) پورُ لوڪ (ڌرتي) (۲) ڀُو لوڪ (۳) سَور لوڪ (۴) مهر لوڪ (۵) جن لوڪ (۷) تپ لوڪ (۷) ستيه لوڪ

(ب)، ڌرتيءِ هيٺان ست طبق:
(١) آتل (٢) وتل (٣) ستل (۴) رساتل (۵) تلاتل (٦) مهاتل (٧) پاتل (٣٩٨).

الله جل جلاله، باري رب بصير،
قدرت ساڻ قدير، چوڏهن طبق ڇٽيا.

(الحاج رحيم بخش "قمر") (٣٩٩)

**چوڏهن ورهيه**: هندن جي اوتار رام ڪرشن، چوڏهن (١۴) ورهيه بنواس ورتو، يعني چوڏهن سال بن ۾ رهيو. سندس پيءُ جو نالو دسرت هو، جڏهن ته سندس ماتا جو نالو ڪوشيليا هو.

(ب) **چوڏهون سن**: سن چوڏهن سو هجري /چوڏهين صدي هجري جيڪا پوري ٿي چڪي آهي ۽ اسين پندرهين صدي هجري ۾ پيا هلون.

**چوڏهين**: چنڊ جي چوڏهين تاريخ / پورن ماسي / مڪمل چانڊوڪي رات /سهائي رات / چانڊاڻ.

**چوڏهين چنڊ**: Full moon چوڏهين جو چنڊ / تمام سهڻو. مثال:

هر دل ۾ پيار جي چانڊوڪي
هي ماڻهو چوڏهين چنڊ هُوا!

(عبدالڪريم گدائي)(۴٠٠)

**چوڏهين جو چنڊ**: چنڊ جي چوڏهين تاريخ /پورن ماسي/ مڪمل چانڊوڪي رات / سهائيءَ واري رات /چانڊاڻ / ماهه مڪمل Full moon تمام سهڻو.

(١) چوڏهين چنڊ! تون اُيرين سهسين ڪري سينگار!

(شاهه، سر ڪنيات) (۴٠١)

(٢) چوڏهين جا چنڊ پل، سينگار ڪر تون بار بار.

(رشيد احمد لاشاري) (۴٠٢)

**چوڏهين سن ۾**: چوڏهين صدي هجريءَ يعني ويهين صدي عيسوي ۾

زماني جو بدليل نمونو مثال؛

چوڏهين سن ۾ چوڏسين ٿي ويا ڪيڏا نہ ڏس ٿهر،
مٿن ماڻن وڏا وير پيا، جي جانب هٿا جگر.

(سڪهڙ حامد) (۴۰۲)

**چوڏهين جو ميلو؛** ماهہ رمضان جي چوڏهين تاريخ تي درازن ۾ سچل سرمست جو ميلو لڳندو آهي. اهڙي طرح چنڊ جي ڪنهن بہ مهيني جي ۱۴ تاريخ تي لڳندڙ ميلي کي چوڏهين جو / وارو ميلو سڏيو ويندو آهي.

## اصطلاح:

**چوڏهن طبق اونڌا ڪرڻ؛**

چاهي جي چوڏهن طبق اونڌا ڪري اسد الله،
بـازوي شير خـدا ۾ اها طـاقـت آهـي.

(مرزا قمبر علي بيگ حيدري (۴۰۴)

**چوڏهن طبق چانداڻ ٿيڻ؛** روشنائي ٿيڻ / نور پکڙجڻ. مثال،

(۱) چوڏهين طبق چانداڻ ٿئي، جي مُحب ڪٿي مُرڪن!

(جلال ڪتي) (۴۰۵)

(۲) چوڏهن ئي طبق چانداڻ ٿئي، منڙا جي مُرڪن!

(گل بهار سومرو) (۴۰٦)

**چوڏهن طبق چِتَ ۾ هڪڻ؛** ذهن ۾ ۱۴ طبقن جو تصور رکڻ.

**چوڏهن طبق ڏسڻ؛** ڪامل ٿيڻ / پورو گياني ٿيڻ. مثال،

سهسين پڙهي سبق، حافظ ٿيا ٿي پاڻ ڪي،
سمجهن ڪين سلوڪ جو، اشارو احمق،
ورلو واقف ٿيو، ويڙهي سڀ ورق،
ڏٺا جتهن طبق، چوڏهن پنهنجي چِتَ ۾.

(چنراءِ "سامي") (۴۰۷)

**چوڏهن طبق روشن هڪڻ؛** سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ.

چوڏهن طبق روشن ڪرڻ؛ ڪامل بنائڻ / سڀ منزلون طئي ڪرڻ

**مرڪب لفظ:**

**چوڏهن ٽالو/ ٽالي،** چوڏهن ٽال يا اٽڪلون چالنڌڙ/حرفتي/ اٽڪلي.

**چوڏهه / چوڏيهن چارو،** جتان ۱۴ واٽون نڪرن، مختلف طرفان وڃن /گهڻو واسطو / گهڻن ڏنڌن وارو / گهڻن چارن وارو / ونگين واٽن وارو.

شاهه لطيف، سنڌ ۾ ڪيچ (ڪيچڙو) / ڪاڇي جي وچ ۾ اچڻ وڃڻ لاءِ چوڏهن چارن يا واٽن/گهڻن سارن گسن/ پيچرن جو ذڪر "سر ڏهر" ۾ هن طرح ڪيو آهي؛

راهه سان رنا جي، تن، چاڙيهن جاڙ ڪي،

ڪنءِ ماڻيندا سي، چوڏهن- چاروڪيچڙو؟! (۴۰۸)

**ڪيچڙو،** ڪاڇي وارو علائقو

**چوڏهيو،** چوڏهن هنر چالنڌڙ/حرفتي/ چالاڪ/ چلو/بدمعاش/ شودو

**چهارده، چوڏهن،**

"صابر" آهي وظيفه، چهارده معصوم جو

ڪلمهءِ توحيد جو، مرشد پڙهايل ياد آ

(رئيس امام بخش جتوئي "صابر") (۴۰۹)

**سورنهن (١٦)؛** ڳڻپ جو هڪ عدد/ڇهه ايڪا هڪ ڏهاڪو

**سورنهن آنا هئڻ؛** پورو هئڻ، سچي هئڻ (۴۱۰)

* **سورنهن آنا؛** (انگريزن جي دؤر ۾ جاري ڪيل سڪو / ١٦ آنن جي قيمت جو ڏينگلو سڪو/ڪرنسي نوٽ هوندو هو جيڪو سورنهن آنن جي ملهه جو هوندو هو)؛ رپئي جو رپيو /پورو /ٺيڪ/ سو فيصد/ مڪمل/ رپئي جو رپيو / سچو

سورنهن آنا سچ: مڪمل طرح سچ / سارو سچ.

**اصطلاح:**

**سورنهن آنا سچ هئڻ:** مڪمل طرح سچ هئڻ/ سو فيصدي سچ هئڻ / سچ جي تصديق هجڻ / سچائيءَ جي خاطري هجڻ

**سورنهن سنڪار:** هندن جون ڌرمي ريتون ۽ رسمون. مذهبي رواج. (۴۱۱)

**سورنهن سينگار:** عورتن جا سورنهن سينگار / زيب زينت جو سامان / ڪپڙو لٽو/ ڳهه ڳٺا / تيل ڦليل/ هار سينگار / سينڌ سرمو / پهر پوشاڪ: "(1) ڏندڻ (2) منجن (ڏندن لاءِ پورو) (3)پيٺي (4) سينڌر (5) ڪيسر (6) ڪجل (7) ننڍي گول ٽِڪ (8) تيل (9) ڦٽي (10) عطر (11) پان (12) مِسي (13)تروڪڙي (14) ميندي (15)گل ڦل (16) لاک جو رنگ، مَرِن ڪان مٿي پير ڳاڙها ڪرڻ لاءِ." (۴۱۲)

"سورنهن سينگار" جي حوالي سان، عورتن جي سورهن سينگارن جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحقيق جي روشني ۾ ڄاڻايو آهي:

**اديبن جا نظريا:** هنديءَ جي ڪن اديبن ۽ لغت نويسن جن "سورهن سينگارن" جي تشريح ڪئي آهي، تن فقط سورهن "ظاهري هار سينگار" ڳڻيا آهن ۽ ان ۾ به هر هڪ اديب جي پنهنجي پنهنجي راءِ آهي، يعني ته سورنهن ظاهري سينگار جي قسمن بابت سندن مختلف رايا آهن. مثلاً ڪن جي خيال ۾ عورت جا "سورهن سينگار" هي آهن: (1) بدن جي صفائي ڪرڻ (2) ڏندڻ ڪرڻ (3) صاف ڪپڙا پهرڻ (4) ڪجل لڳائڻ (5) لاک وغيره سان هٿن پيرن تي لالائي لائڻ. (6) وار سنوارڻ (7) سينڌ ۾ سينڌر لڳائڻ (8) پيرن جي وچ ۾ ڳاڙهو تلڪ لڳائڻ (9) ڪاڏيءَ ۾ تل بنائڻ (10) مهندي لائڻ (11) خشبوءِ لڳائڻ (12) پان چٻاڙڻ (13) گلن جا هار پائڻ (14) ڏندن کي ڳاڙهيرو ڪرڻ (15) لبن کي لال ڪرڻ ۽ (16) زيور (ڳهه-ڳٺا هار) پائڻ.

(١٠) آرگجا، (ڪيسر، چندن ۽ ڪافور جو چورو يا ڪٿو، منهن ۽ ٻانهن کي لائڻ لاءِ)، (١١) پان (١٢) مِسي (ڏندن کي سهڻي ڪرڻ ۽ عيب دور ڪرڻ لاءِ)، (١٣) نيرو رنگ (ڪاڏي ۾ تر بنائڻ لاءِ)، (١٤)ميندي (١٥) گلَ جي ڪنڍي (وارن جي چوٽيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ)، (١٦) آلتا (ڳاڙهو رنگ يا لاک جو رنگ پيرن کي ڳاڙهي ڪرڻ لاءِ)- (٤١٤)

رام گلام ڪوش، انهن مٿين سينگارن کي، هيٺينءَ ريت، وڏيڪ کولي لکيو آهي:

(١) بدن جو ميل لاهڻ، (٢) ڏندڻ ڏيڻ، (٣) صاف ڪپڙا پهرڻ،(٤) ڪجل لڳائڻ، (٥) لاک جي رنگ سان هٿ پير ڳاڙها ڪرڻ، (٦) وار سنوارڻ، (٧) سينڌ ۾ سِندر پرڻ، (٨) پيرن جي وچ ۾ تلڪ ڪڍڻ، (٩) ڪاڏيءَ ۾ تر بنائڻ، (١٠) ميندي لڳائڻ، (١١) خوشبو لڳائڻ، (١٢) پان چباڙڻ، (١٣) گلن جو هار (وارن جي چوٽيءَ لاءِ)، (١٤) ڏندن کي ڳاڙهسرو ڪرڻ، (١٥) لبن کي لال ڪرڻ، ۽ (١٦) زيور پائڻ (ڳچيءَ جو هار)- (٤١٥)

سنڌيلو وڏيڪ لکي ٿو: "باقي رهيو ٻهريون دوهي جو "اپرن هيٺ اٺ چار" وارو پد: سو، اٺ چار، يعني ٻارنهن، اشارو آهي محبوب جي ٻارنهن ڳهڻن ڏانهن، "ياشا شبد ڪوش"، توڙي "هندي شبد ساگر" هڪجهڙا ٻارنهن ڳهڻا ڏين ٿا:

(١) پيرن جون پنيون، (٢) چيلهڪي، (٣) چوڙيون، (٤)منديون، (٥) ڪنگڻ، (٦) ٻازو بند، (٧) هار، (٨) ڪنمال، (٩) بينسر ٻولو، (١٠) ڳن (ڪن جو زيور)، (١١) ٽِڪڙو ۽ (١٢) چوٽيءَ ڦل- (٤١٦)

**ارڙهن (١٨): ڳاڻاڻي جو تعداد / اٺ ايڪا هڪ ڏهاڪو**

**ارڙهن ورهيه رات**: ارڙهن سالن جي رات / طويل رات/ رسول ڪريم ﷺ جي معراج واري رات، مثال:

جبرائيل پيو وچ تتون ٿي وري آئيو موٽي،
ٿي ارڙهن ورهيه رات ملاقات جي ڇوٽي.

(دادن فقير) (۴۱۷)

ارڙهن هزار، اکيچار / گهڻا سارا / اڻ ڳڻيا، مثال؛

محبت موهيو هڪل قِسم کي، جي عالم ارڙهن هزارن ۾ آدم

(منٺار فقير راجڙ) (۴۱۸)

**ويهه (۲۰)؛ ڳاڻاٽي جو هڪ عدد /ٻڙي ايڪو ۾ ڏهاڪا**
**فقرا (الف) جنس مذڪر ۾؛**

ويهه ڀيرا، ڪئين دفعا/ بار بار، مثال؛

جي اچڻي ڪم ڪپار، ته ويهه ڀيرا وڃي ڏينهه

(شاهه؛ سر سورٺ) (۴۱۹)

ويهه ڄڻاه ويهه ماڻهو / ويهن جو جٿو، مثال؛

سينو هو سپر، ڍال هئي ٻانهن سدائين،
ٻل سامهون اچن ويهه ڄڻا، هاءِ جواني!

(حافظ حيات شاهه) (۴۲۰)

ويهه عيب، ڪئين کهٽتايون، / گهڻا سارا عيب، مثال؛

تون سمون آءُ گندري، مون ۾ عيبن ويهه

(شاهه، سر ڪاموڏ) (۴۲۱)

(ب) جنس مؤنث ۾؛

ويهه واٽون، وڃڻ لاءِ مختلف رستا / پيچرا/ رند پنڌ، مثال؛

واٽون ويهه ٿيون، ڪهه ڄاڻان ڪيهي ويا؟

(شاهه؛ سر ديسي (۴۲۲)

ويهه وڍيون، ڪئين رشوتون/ گهڻيون ساريون لاچون، مثال؛

جيڪو منگو، سي ڏيون، توڙي وڍيون ويهه لڳن.

(گمنام شاعر) (۴۲۳)

وٺل حافظ آلوري هن طرح ڪيو آهي،

(٣) "هاسي جو لشڪر زبردست هو. ست ويهون ته رڳيون سوڍن جون هيون. هڪڙو هڪڙو سوڍو ڏهن ڏهن ڄڻن سان پڄڻ جهڙو هو".(۴٢۵)

ويهه جو جمع "ويهون" جڏهن ته اترادي لهجي ۾ "ويهون" کي "ويهان" چوندا آهن.

(ب) ويهارو، ويهارو کن / انڪل روءِ ويهه، مثال،

انهيءَ واقعي کي ويهارو سال گذري چڪا آهن. (جملو)

(ڀ) ويهون، (عدد قطاري، (Twentieth /20th). مثال،

آرزو اندر ۾، توکي ڏسان اکين سان
مُنهن ڪين تو ڏيکاريو، ويهون صفر اچي ٿو.

(مرزا قمبر علي بيگ حيدري) (۴٢٦)

ڪمايان ڇهه ويهان، مهيني ۾ يارو
مگر ڪونہ پورو ٿئي ٿو گذارو

(عبدالڪريم گدائي) (۴٢٧)

نوٽ، "گدائي" جي زماني ۾ ڇهه ويهون / ويهان يعني ١٢٠ روپيا، مزدور جي مهيني جي ڪمائي هوندي هئي.

ويهورائي، انگريزن (١٨۴٣-١٩۴٧) جي زماني ۾، ولايت (برطانيا) مان، اعليٰ قسم جو سوٽي ڪپڙو ايندو هو. جيڪو اڇو ڪير جهڙو، ملائم ۽ پائدار هوندو هو. ايتري قدر جو ماڻهو هرڪجي پوندا هئا جنهن تان ان جو نالو ئي "هرڪ" پئجي ويو. ان هرڪ جو مارڪو "٢٠- رائي" هو جنهن کي "ويهورائي" سڏيندا هئا. "هُرڪ هارڻ" پڻ هڪ اصطلاح آهي جنهن جي معنيٰ آهي هرڪجي پوڻ. ان زماني کان وٺي، امير ۽ سگهر ماڻهو هرڪ جي سلوار تي (چائنا جي ڊبل گهوڙو مارڪو) بوسڪي جو پهراڻ ۽ بوسڪي جو پٽڪو پائڻ کي پنهنجي عزت سمجهندا هئا. هاڻي اهو رواج گهٽجي ويو آهي.

(۴) چنڊ جو نالو، نہ ڪا اتيھہ اونداهي هجي
(رشيد احمد لاشاري) (۴۳۵)
(۵) رات ڪاري، ڪَڇ ڪھڙو، اتيھہ اونداهي وري
(رشيد احمد لاشاري) (۴۳٦)
(٦) اتيهين رات ۾ روشن جهان،
هي ڪرشمہ آ، رخ انور ڪري
(محمد اشرف "منصور" دائود پوٽو) (۴۳۷)

**تيھہ/ سيھہ (۳۰):** ڳڻائي جو هڪ عدد/ ٽڙي ايڪو تي ڏهاڪا ٽيهارو؛ انڪل روء تيھہ/ لڳ ڀڳ تيھہ
**تيھہ ٽڪر:** تيھہ حصا/ڪهڻا سارا ڀاڱا/ ذرا ذرا. مثال:
پاڻيءَ جو دلو ڪري تيھہ ٽڪر ٿي پيو. (جملو)
**تيھہ پارا:** سيپارا/حصا (قرآن شريف جا تيھہ پارا)
**دل سيھہ پارا:** تيھہ ٽڪرا ٿيل دل/مجروح دل/زخمي دل/ڦاٽل هانوَ.

## اصطلاح:

**تيھہ ئي ٽيڻ:** رمضان شريف جا تيھہ ئي روزا مڪمل ٽيڻ/تيهن روزن جو ثواب ملڻ. مثال:
(۱) جنهن بہ ڪنهن روزائت کي روزو ڇوڙايو/ افطار ڪرايو، تنهن جا ڄڻ تيھہ ئي ٿيا. (جملو)
(۲) پنجن سان پورو رهي، تون تيهئي تهڪار ميان
— پنج نمازون، تيھہ روزا (جونسال فقير) (۴۳۸)
**تيھہ ئي ٽوڻا ڇڏڻ:** سڀ تعلقات ڇڏڻ/ذري جو واسطو بہ نہ رکڻ/ٽڳا ٽوڙڻ/سڀ لاڳاپا لاهڻ/سڀ ڪجهہ ڇڏڻ
**تيھہ ئي پُڄائڻ:** ڪلام پاڪ جا تيھہ پارا / سيپارا پڙهي پورا ڪرڻ/ اڪابر ٿيڻ /تحصيل علم ڪرڻ.

مرضن جي ماءُ آهي، قبضي ٻتيهن (٣٢) بيمارين جي "جڙ" آهي، جنهن لاءِ "لوهہ" جو استعمال، اڪسير علاج ٻڌايو ويو آهي.

## اصطلاح:

ٻتيهہ ٻڌڻ ٻڌائڻ: خوش اسلوبيءَ سان معاملو طئي ڪرڻ/ذميوارين سهڻي نموني پوريون ڪرڻ.

ٻتيهہ پوڻ: ڏندن وارو زوردار ڌڪ هڻڻ/نونشا ڪون لتون هڻڻ/منهن وارو ڌڪ هڻڻ.

ٻتيهہ تارون نہ بخشڻ: ٽِجَ نہ بخشڻ، ماءُ پٽ کي ڪاوڙ ۾ پاراتو ڏيندي چوندي آهي. "جيڪڏهن نہ مڙندين تہ ٻتيهہ تارون يعني ٽِجَ نہ بخشيندي سانءِ!

ٻتيهہ پارا: شاعر "بلبل" چوي ٿو تہ قرآن شريف ۾ جئن ٣٠ پارا آهن، تهڙي طرح محبوب جي وات ۾ ٣٢ ڏند آهن.

تا رهن محبوب جي مُصحف اندر پارا ٻتيهہ،
وِرد ۽ اوراد اُن اذڪار جي آهي ڪشش.

(شمس الدين "بلبل") (٤٣٩)

ٻتيهہ دليون هئڻ: تمام گهڻو پيارو هئڻ. مثال:

هن پٽ سان تہ ٻتيهہ دليون اٿرا (جملو)

ٻتيهہ ڏندن مان شبُ پولڻ: وات مان ڪا چڱي وائي ڪيڻ/وائي سوائي ڪيڻ. مثال:

ٻتيهن ڏندن مان شب پولجي (٤٤٠)

ٻتيهہ ڏند ڏيکارڻ: ڏند ڪڍي ڏيکارڻ. بي سرائي سان کلڻ مثال:

دم هڻي سگريٽ جو "ٻتيهہ ڏند" ڏيکارجو،
درد دل ۾ ديس وارن جو جوانو ڏارجو!

مزاحيہ شعر - (سومرو غلام رسول "سودائي") (٤٤١)

(۲) سنجڻَ سانيڪن تي، وڏيءَ وير وهون
(شاهه: سُر مارئي) (۴۵۳)

سنڌ جي "ٿر" (واريءَسي علائقي/ ريگستان) ۾ "پاڻي" هڪ وڏو مسئلو آهي. ترين جي گهرن/ويڙهن مان، عورتون آسور ويل/صبح جو سويل اٿي، گهڙا ڪٺي پاڻ ۾ گڏجي، سهڻو سٽ ٺاهي، پاڻي ڀرڻ وينديون آهن. ٿر ۾ تمام گهڻو ڀري، مٺي پاڻيءَ جا اونها کوهه ملن ٿا جن کي "تڙ" سڏيندا آهن. ٿرياڻيون ڀيچ ڀنيءَ جو اٿي، گهڙا سينگاري، وڳر ڪري، وينديون آهن تہ جيئن کوهه تان پاڻي ڀرڻ لاءِ کين ڀهرياڻين وارو ملي وڃي. اهي عورتون جيڪي دير سان اٿنديون آهن، سي پاڻي ڀرڻ لاءِ، دير سان تڙ تي پهچنديون آهن ۽ کين تمام دير سان وارو ملندو آهي. ايتري قدر جو ڪن پاڻيارين کي، پنهنجي واري جو سڄو ڏينهن ويهي انتظار ڪرڻو پوندو آهي. لاڪيٺي لطيف جي چوائي:
"وارو ويسرين کي، ڏِيهان ڪونہ ڏئي!"
(سُر مارئي) (۴۵۴)

سنڙهاءِ سٽ ڏينهن ۾ پچي راس ٿيندڙ چانور.
سنڙيءَ سٽِ ڏينهن ۾ پچي تيار ٿيندڙ جوئار/جوئر.

**ٽيهٽ (٦٣): تعداد تي ايڪا ڇهہ ڏهاڪا**

پاڻ ڪريمن ﷺ جي عمر مبارڪ ٽيهٽ ورهيہ هئي. حضرت علي رضہ جي عمر پڻ ٽيهٽ ورهيہ هئي. انهي نسبت سان ٦٣ ورهين کي "پيغمبري عمر" سمجهي هڪ سعادت تصور ڪئي ويندي آهي. مثال:
ٽيهٽ سال هتڙي، زمين تي گذاريائون.
(فقير جانڻ چَنڻ) (۴۵۵)

**ستر (٧٠):** ٻڙي ايڪو ست ڏهاڪا/ ستن ڏهاڪن جو جوڙ.

جواب ۾ ٧٢ سرفروش سانس شامل ٿيا ۽ وڙهندي شهيد ٿي
ويا، پر مڙهي جي مهنت "دتگر" سميت سندس ڪيترائي
مائهو مارجي ويا.

**ٻاهتر فرقا**: اسلام جو فرقن ۾ ورهائجي وڃڻ. مثال:

ٻاهتر ٿيا تي ويا، سو ڪان ٻه فرقا اچ وڏيڪ
ٽڪرا ٽڪرا جسم ٿيو اسلام جو واءِ حسرتا

(مخدوم محمد صالح ڀٽي) (٤٥٩)

(ب) **ٻاهتريو**: ٻاهتر ورهين جي عمر جو ٿيڻ جنهن ۾ جسماني ۽ دماغي ڪمزوري سبب عقل ڪسجي ويندو آهي، مثال طور چوندا آهن:

ٻاهتريو آهي يا ٻاهتر ۾ آيو آهي يعني عقل ڪسجي ويو اٿس.

(ٿ) **ٻاهتر ۾ اچڻ**: پوڙهائي ۾ ڪمزوري سبب عقل ڪسجي وڃڻ/ٻڍو جُهور ٿيڻ/ٻيري سبب عقل کي تالو لڳي وڃڻ/مت مارجڻ. مثال:

عمر ٿئي ٻاهتر، عقل ۾ ٻوي ڪاتر! (قول)

**ٻاهتريو ٿيڻ / هجڻ**: ٻاهتر ورهين جي عمر جو ٿيڻ / پوڙهو ٿيڻ

**اسي (٨٠)**: ٻڙي ايڪو اٺ ڏهاڪا/چار ويهون برابر اسي/ڳاڻاڻي جو هڪ عدد:

**پهاڪا:**

(١) **اسي مت کسي**: (٤٦٠)

اسي سالن جي عمر ۾، ڪمزوريءَ سبب، انسان جو ذهن سالم ناهي هوندو ۽ انهيءَ ڪري سندس مت کسجي ويندي آهي. اهائي پيريءَ جي تقاضا آهي.

(٢) **اسيءَ ۾ ڪاٺو**:

ٻنيهه منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاٺو،
جڏهن ڪنجو ساماڻو، تہ مڙني ڪٽي مات ڪئي.

چون ٿا تہ ڪاٺي/هڪ اک واري ڪي اسي يعني گهٽيون ساريون اتڪلون/حرفتون (Tricks) هونديون آهن؛ پَر ڪنجو سيني کان سرس.

**چوراسي (٨۴): چار ايڪا اٺ ڏهاڪا**

**چوراسي چندن:**

(١) سهسين سجن ايري، چوراسي چندن،
باللہ! ري پرينءَ، سڀ اونداهي پائيان.
(شاهہ: سُر ڪنيات) (۴٦١)

(٢) مورک چوراسي ڀَلي پوين تو پاٺيهي !
(چٽنراءِ سامي) (۴٦٢)

(٣) مورک ڪن خوار، چوراسي ۾ پاڻ ڪي!
(چٽنراءِ سامي) (۴٦٣)

**نوي (٩٠): ٻڙي ايڪو نو ڏهاڪا/ سَوَ مان ڏهہ گهٽ تعداد**

**نوي وصفون:** حضرت علي عليه السلام جي باري ۾ شاهہ ولي الله فرمائي ٿو. "فضائل جي لحاظ کان حضرت علي ڪرم الله وجہٗ افضل آهي." عالم چون ٿا تہ نبين جون ٩٠ (نوي) صفتون حضرت علي ۾ موجود آهن.

**نوانوي (٩٩)، نــو ايڪا نو ڏهاڪا/ نوي کان نو وڌيڪ.**

الله تعاليٰ جي انيڪص صفاتي نالن مان ٩٩ نمايان آهن جن لاءِ شاعر ٻڌائي ٿو:

(١) آهن انيڪ نانءَ، نشا نبر نوانوي.
سانديج سيئي ساهہ ۾، سهٽا "سليم نام"!
(سليم ڳاڙهوي) (۴٦۴)

پردورگار جي ٩٩ نالن مان ڪي هي آهين: عليم، قدوس، جبار، واحد، رزاق، ستار، غفور، رحيم، عليم، مقيم وغيره.

(٢) ابجد هڪ ۾ ني وٺ چار نوي ڏهه رکي اڳ پوءِ
سچو منجهه قاف سؤ دل ڪان آهي هت هو الحق حق

(خليفو "گل" محمد هالائي) (٤٦٥)

الله سائينءَ جا اهي ٩٩ نالا، قرآن شريف ۾ ڄاڻايل آهن. اهي نالا برڪت طور تاريخي عمارتن، بزرگن جي تربتن ۾ ڪم آيل پٿرن تي اڪريل خاص ڪري ٺٽي جي تاريخي قبرستان ۾، ڦبن ۽ سکر جي يادگار جاين وغيره تي لکيل ڏسي سگهجن ٿا. سکر ۾، مير معصوم بکريءَ جو جوڙايل "معصوم شاهه جو منارو" آهي جنهن جي پرسان چوڪنڊي ۾، معصوم شاهه ۽ سندس والد ۽ ٻين جون قبرون آهن جن تي، الله تعاليٰ جا پاڪ نالا لکيل / اڪريل آهن.

**سو (١٠٠): ٻڙي ايڪو ڏهه ڏهاڪا / سيڪڙو**

ڪتب جي پراڻي طريقي ۾ "سو" کي "سا" پڻ چوندا آهن. مثال:
نو سا ناريلن جا، ٻيا ڏهه سا ڏونگهين

(قصو، سسئي پنهون) (٤٦٦)

**سؤ سوا:** انڪل روءِ يا لڳ ڀڳ سؤ / گهٽ وڌ سو.
**سو ڏاڃيءَ جو سائين ٽمڻ:** وڏو ماڻهو هئڻ.

**فقرا:**

**سؤ ٽڪرا:** هڪ سو ڀاڱا / گهڻا سارا حصا. مثال:
ڀل ڪري دل کي هجر سؤ ٽڪرا،
تيز خنجر ڪڏهن مڏو نه ڪجي.

(رشيد احمد لاشاري) (٤٦٧)

**سو دفعا/ ڀيرا:** گهڻا ڀيرا/گهڻا سارا دفعا، وري وري، مثال:
(١) ميڙ ۾ منٿ ڪري راضي ڪبو،
سو دفعا سهڻا هلي سرچائيا.

(پير شاهنواز عارف المولئي) (٤٦٨)

(٢) سو ڀيرا سمجهايو اٿمانس پر سمجهي ٿي نہ ٿو. (جملو)
سو دلاسا: گهڻا سارا آسرا، مثال:
(١) سَو دلاسا سرتيون هن ڏکيءَ کي ڏيندا،
ڪولي پاڻ گڏيندا.
(سچل سرمست - سُر سسئي - ڪافي) (٤٦٩)
(٢) ڏسي حال حقير جو، سو دلاسا ڏيندم،
- هؤ جي ڪَهي ويڙم ڪالهہ
(سچل سرمست - ڪافي) (٤٧٠)
سو رنگ: گهڻا سارا رنگ / انداز، مثال:
انسان جو اولو ڪري، سو رنگ ڪرين سنسار پر.
(سچل سرمست - ڪافي) (٤٧١)
سو سال: هڪ سو سال/صدي/گهڻا سارا ورهيہ، مثال:
انتظار جي گهڙي گهڙي سو سال پئي لڳي (جملو)
سو سِر: سِرُ (واحد: سرڙو (تصغير)- سِرَ (جمع: سرڙا (تصغيري صورت)
تنهنجي قرب مٿان قربان ويان
سؤ سرڙا هجن تہ بہ گهوري ڏيان!
(نشتر ناٿن شاهي) (٤٧٢)
سؤ سک: گهڻا سارا سک سهنج/گهڻيون ساريون سهولتيون، مثال:
(١) سؤ سکن ڏيئي، ورهہ وهايم هيڪڙو
(شاهہ : سُر حسيني) (٤٧٣)
(٢) سؤ سک ڏيئي هڪ سور ولجي،
اها ڳالهہ ڳاٿڻ آهہ ڳڻي.
(علي گوهر شاهہ "اصغر") (٤٧٤)
سو سلام: گهڻا سارا سلام، مثال:
ٻانهون ٻڌي يار سجڻ کي، ڏيجو سي سَو سلام!
(سچل سرمست: ڪافي- مالڪوس) (٤٧٥)
سؤ سور: اڪيچار ڏک ۽ دک درد، مثال:

سؤ سور ملن سچ وارن کي،
جتِ مانَ ملن تا ڪوڙن کي.

(عبدالڪريم گدائي) (۴۷۶)

سؤ سينگار: گهڻا سارا سينگار/ٺاهه ٺوهه. مثال:

(۱) مرڻ جيئڻ ۾ جيت اسان جي، سوريءَ سئو سينگار ڪري،
اناالحق آواز ڪٿي ٿو، عشق نوان اظهار ڪري.

(خاڪي جويو) (۴۷۷)

(۲) سئو ڪري سينگار تہ بہ ڪودڙيءَ پٽ ڪودڙو (جملو)
ڪميڻو ماڻهو ڪميڻو ئي رهندو جنهن مان چڱائيءَ جي اميد رکڻ نہ گهرجي.

سؤ ڪوهہ: بہ سو ميل / گهڻو سارو مفاصلو. مثال:

چنڊو چنڊي کي سئو ڪوهہ تي ڳولي لهي (پهاڪو)
جهڙي چالي، تهڙي پني
جهڙو کهوٽ تهڙي ونني

سوَ لڳ/ لڳا، دفعو گهمرو/ڦيرو Time /turn هڪ لڳا، هڪ ڦيرو. مثال:

صدقي تِنهہ تؤن سؤ لڳين ميان، الا،
هوتَ اچي جي هاڻ، گهورون سام گهمايان ٿي.

(شيخ محمد) (۴۷۸)

سو مُبارڪون: (مبارڪان: اترادي لهجو) گهڻيون واڌايون/ڪيرون، مثال:

"سچو" سو مبارڪان، اديون ڙي چاهؤن سُر تي چايوسي!

(سچل سرمست: ڪافي) (۴۷۹)

سؤ وار: سو دفعا/بابار/هر هر. مثال:

(۱) منشا اها آ من ۾، قدمن متان قربين،
سو وار سرڙو گهوري، شوقان شهيد ٿيندي

(رئيس امام بخش جتوئي "صابر") (۴۸۰)

(۲) دلدار جي ديار تئون، صدقي وڃان سؤ وار
(بيوس رضوي) (۴۸۱)

(۲) تنهين جي قدم قدم تان "قيصر خان" چوي،
مان صدقي آهيان سؤ وار
(قيصر خان پنهور) (۴۸۲)

(۴) سَور تنهين جا گهور اندر ۾، سيلهه چُين سؤ وار
(محمود فقير) (۴۸۳)

(۵) شمر چوندي شاهه پٽ جو پاڻ ٿيو مومل ڪڏهن
مارئي ڪڏهن ٿيو پر ٿيو سسئي سؤ وار آهه
(الطاف عباسي) (۴۸۴)

(٦) زخم زندگيءَ ۾ نه ڪنهن کي رسائي،
وري پاڻ سؤ وار ڦٽجي ڏٺوسين.
(مرتضيٰ ڏاڏاهي) (۴۸۵)

(۷) واٽن تي سؤ ڄار وڇايل، من جا موتي کهايل کهايل،
وڪ وڪ تي سؤ وار. ايجا پيي ساڳيا ڙيءَ
(عبدالڪريم گدائي) (۴۸٦)

**سو واري:** گهڻا ڀيرا. مثال:
ائن اوڻارن تؤن، سائين الا، صدقي آءُ سو واري!
(سچل سرمست: ڪافي) (۴۸۷)

**سؤ واريون:** سو دفعا. مثال:
"غلام حيدر" سوال سجايو،
آغا منهنجو عرض اگهايو،
صدقي ٿيان سؤ واريون.
(غلام حيدر شر) (۴۸۸)

**سؤ ورهيه:** هڪ سؤ سال/هڪ صدي/ تمام گهڻو عرصو. مثال:
سون سئو ورهين به سَوايو (پهاڪو) (۴۸۹)
سون جي قيمت سو ورهين گذرڻ کان پوءِ به وڌندي

رهندي، گهٽي هرگز نہ، سون پٺي پراڻو ناهي ٿيندو. سون تي ڪَٽُ ناهي چڙهندي. انهي خاصيت سبب سون "سچو" ڄاتو آهي.

**(ب) سؤ چوٽون: ڏڪا ٿاٻا. مثال:**

(۱) ترَ جي گٽي سئو چوٽون کائي. (پهاڪو)

ذري تان گسُي پوندڙ، سو ڏڪا کائيندو آهي. توريءَ وچوٽيءَ تان نشان گسي پوندڙ کي سوين ڪوششون ڪرڻيون پونديون آهن، توري ڪوتاهي سبب، موقعو هٿان وڃائيندڙ. سئو دفعا (بار بار) پڇتائيندو آهي.

**سئو سورٌيون: ڦاهيون/ڦاسيون.** حق کي سمجهي "حق" چون ٿا تن کي سوريءَ تي لٽڪايو وڃي ٿو. تاريخ ۾ ڪيترائي اهڙا واقعا ملن ٿا. جهڙوڪ: منصور، مخدوم. بلاول، شاهہ عنايت شهيد وغيره، مثال:

نہ سمجهڻ جي شڪايت آ مگر سمجهڻ تي سؤ سوريون،
اسان سمجهو تہ ڦاٿاسين، متان سمجهو توهين ماڻهو.

(مُحسن ڪڪڙائي) (۴۹۰)

**سَوَ:** سون جي تعداد ۾ /گهڻا سارا/ اڪيچار/جججها/ڪوڙ سارا.

**(الف) سَوَ: گهڻا سارا سو، مثال:**

زماني کي ڏسين دانهہ! ڪٿي جي چشم بينا سان،
ٿيا شيطان سوَ، هڪڙو فقط شيطان ئي ناهي.

(مرزا قمبر علي بيگ حيدري) (۴۹۱)

**(ت) سَون ۾: لاثاني/يڪانو. مثال:**

توکي عاشق پنهنجو ڄاڻان، توکي سَونِ ۾ سڄاڻان!

(سچل سرمست) (۴۹۲)

**(ث) سَون ۾ پڌرو:** پري کان ئي پڌرو/جيڪو سڄاڻ ۾ پڌرو هجي/يڪانو، مثال:

(۲) قمر ۾ نجم ۾ عرب ۾ عجم ۾

سون ۾ لکن ۾ محمد ﷺ محمد ﷺ

(مخدوم محمد دائود" خادم" درېلائي) (۴۹۳)

(۲) سنڌي ماڻهون سون ۾ پڌرو. (جملو)

**سو هزار:** ڪوڙ سارا / اڪيچار/سوين هزار هزارين سوين. مثال:

(۱) ڪيئن بچي نڪران پلا مان، هڪ چئو، هو سو هزار
يار جا زلف دوتا، ڪي هن طرف، ڪي هُن طرف

(مخدوم محمد امين "فهير") (۴۹۴)

(۲) سسئي رڻ ساڏي هلي، ڪٿي سورن سو هزار

(قصو: سسئي پنهون) (۴۹۵)

**(ج) صد هزار (صد: سو):** سوين هزار. مثال:

صد هزاران عيب مون ۾، لک بديون بد ڪاريون

(نانڪ يوسف) (۴۹٦)

## اصطلاح:

**(الف) سو ڀاڱا سون هئڻ:** تمام سٺو/ڀلو/أتم/اعليٰ/اوچو هئڻ.

**سو ساهه صدقي ڪرڻ:** هڪ تہ ڇا، پر جي سئو ساهه هجن تہ قربان ڪرڻ/قربان ٿيڻ/ٻلهار وڃڻ/گهور ٿيڻ/بي انداز پيار ڪرڻ/اٿاهہ محبت ڪرڻ.

**(ب) (۱) سؤ ڏاچيءَ جو سردار هئڻ:** سرداري يا ملڪيت ۾ سوڏاچيون هئڻ / شاهوڪار يا مالدار يا دولتمند هئڻ. هن دور ۾ سئو ڏاچين جي قيمت گهٽ ۾ گهٽ پنج لک سمجهي وڃي / لکاپتي هئڻ.

**(۲) سوڏاچيءَ/ ڏاچين جو سائين هئڻ:** وڏو مالدار يا ڀاڳيو هئڻ / آسودو يا دولتمند يا مالوند هئڻ.

**(۳) سو ڪوششون ڪرڻ:** وسيلا ڪرڻ/حيلا هلائڻ/جفا ڪشي ڪرڻ/گهڻيون اٽڪلون ڪرڻ.

**(۴) سو ڳالهہ جي هڪ ڳالهہ ڪرڻ:** "مختصر" چوڻ/

حاصل ڪلام ٻڌائڻ/نصيحت ڪرڻ/ڳالهہ جي توڙ کي پهچڻ.

**پهاڪا**

(الف) (١) سو وڃائجي ساهُ نہ وڃائجي، محبت کي نائي /دولت کان مٿي رکجي. سڪ ساهُ کي هر قيمت تي برقرار رکڻو آهي.

**سو ڌڪ:**

(٢) سئو ڌڪ سونار جا، هڪڙو ڌڪ لوهار جو. يا
سوناري جو سو ڌڪن، لوهر جو هڪ ڌڪ .....

سمجهاڻي: جو ڪم سوناري جي سئو ڌڪن هڻڻ سان ٿئي، اهو ڪم لوهار هڪڙي ڌڪ سان ڪري سگهي. تنهن وانگي ڏڏ ماڻهو جيڪو ڪم ڪهڻي ڏاڪڙي سان مس ڪري، سياڻو اهو ڪم اشاري سان اڪلائي. (٤٩٧)

**سو ڏينهن:**

(٣) سَسُ جا سؤ ڏينهن تہ ننهن جو هڪڙو ڏينهن!
گهر ۾ سسُ ۽ ننهن جو جهيڙو ٿيندو ئي رهندو آهي. جيڪڏهن سَسُ نُنهن تي سؤ دفعا حاوي رهندي تہ هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو جو نُنهن جهيڙي ۾ سرسي ڪري ويندي. هونئن بہ "گهرو سماج" ۾ سَسُ ۽ نهن جو جهيڙو ، هڪ روايت بڻجي ويو آهي.

**سو سنات:**

(٤) سو سنات پارهن ذات، گهڻيون ساريون ذاتيون اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ/ وڻ وڻ جي ڪاٺي يعني هڪ ذات جا گهڻا سارا پاڙا يا ويڙها ٿيندا آهن، جيئن "چانڊيا" ۽ سندن سناتون يعني شابراڻي، ساڪاڻي وغيره.

(الف) مذڪر طور ڪم ايندڙ:

**مرڪب لفظ**

سوَ ڏهہ (١١٠): بدمعاشن کي قلم ١١٠ هيٺ گرفتار ڪري، ڪورٽ

جو ڳھو چاڙھيائين/اتڪيل ڪم ڪري ڏنائين!

**صد بار (سو ڀيرا):** گھڻا دفعا/گھڻا سارا ڀيرا. مثال:

(١) مون سڻا سر تي غمن جا دلربا صد بار، بارَ

(حافظ محمد احسن) (٥٠٠)

(٢) صابر جھڙا، سو قرباني،

صدق صدق صد بار چوان!

(رئيس امام بخش جتوئي "صابر") (٥٠١)

**صد بيمار:** سؤ بيمار/گھڻا سارا مريض. سنڌيءَ ۾ مروج فارسيءَ جو هي پھاڪو اسان جي سامھون آهي. مثال: **يڪ انار صد بيمارا** هڪ انار (ڏاڙھون) هجي ۽ سو بيمار هجن. تہ پوءِ اهو هڪ ڏاڙھون ڪنهن کي ڏيڻي ڪنهن کي ڏجي! ياد رهي تہ حڪيم/ ڊاڪٽر مريض کي ڪِري ۽ ڪاڏي جي پرهيز سان گڏ موسم آهر ميوو (جنهن ۾ ڏاڙھون بہ شامل آهي) کائڻ لاءِ چوندا آهن.

**سو چوھٺ:** (١٦٤): ملڪ جي مروج قانون (ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ (CRIMINAL PROCEDURE CODE) مطابق قلم (SECTION) ١٦٤ ڏوهارين خلاف ۽ ڏوهہ جي پيداوار لاءِ ملزم کان قسم تي، بيان ورتو ويندو آهي. ان تان اصطلاح آهي "سو چوھٺ ڪرڻ" اُن کي قسم نامو AFFIDAVIT يا حلفيہ بيان چيو ويندو آهي. مثال:

سو چوهٺ سيکو پنهنجي نيندو،
پاڻ تي شاھد پاڻ ئي ٿيندو
ٻـڌو ساري لؤلاڪ

(جانڻ فقير چن) (٥٠٢)

**ٽي سئو سٺ (٣٦٠):** ٽي سئو سٺ گاريون ڳڻي ڏيڻ: گارين جا ڏوڙيا لائي ڏيڻ/گارين جا دس ڏيڻ/ بدڪلامي ڪرڻ/شدمد سان گاريون ڏيڻ/ڪچو ڳالهائڻ/ گند مَٿِڻ.

**چار سئو ويهه (۴۲۰)؛** ڏوڪي يا ٺڳيءَ جي ڪيس ۾ قلم ۴۲۰ هيٺ "ڏوڪو" ڪندڙن کي چالان ڪري سگهجي ٿو. مثال؛

(۱) وڏو ڪو ۴۲۰ آهي. يعني ڏوڪيباز آهي.

(۲) چار سئو ويهن جو ڏوهي، ڪيس يڪدم ٺاهه تون،
جي اچي "سُر تار" ۾، پوءِ واردات ٿي ڊاهه تون.

- مزاحيه شعر (سومرو غلام رسول "سودائي") (۵۰۳)

**اٺ سو چاليهه ۸۴۰؛** آڙيڪاپ/ ڏوڪيباز/ ۴۲۰ کان ٻيڻو يعني ڊبل ڏوڪيباز (چرچي پوگيءَ چٽبو آهي).

**هـزار؛ هڪ** انگ، اڪيان تي ٻڙيون (۱۰۰۰) /ڳاڻاٽي جو انگ/ ڏهه ڏهه سئو برابر هڪ هزار. مثال؛

(۱) بيحد ٻاگو بحر ۾، هيتناڪ هزار!

(شاهه؛ سُر سهڻي) (۵۰۴)

(۲) ويٺي جنين وٽ، ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئي مٺ، جي حاصل هوءِ هزار جو.

(شاهه؛ يمن ڪلياڻ) (۵۰۵)

(۳) جي مرد آهين تہ ثابت قدم ٿي ميدان ۾،
مقابلي ۾ اگر سو اچي هزار اچي.

(مير عبدالحسين خان "سانگي") (۵۰۶)

(۴) ڏِنا دلاسا دل کي رهبر رات هزار- سندن روح جو رايو

(سچل سرمست؛ ڪافي) (۵۰۷)

(۵) مُڪمر نياپا نينهن جا، هوتن ڏنهن هزار

(سچل سرمست؛ سسئي - ڪافي) (۵۰۸)

(٦) سيڪَ سوراخان مون ڪيا، هينڙي منجهه هزار

(سچل سرمست؛ مومل راڻو - ڪافي) (۵۰۹)

(۷) ڪتا ڪانَ قريب جا، هينڙي منجهه هزار!

(سچل سرمست؛ سسئي - ڪافي) (۵۱۰)

(٨) ڪيئي داناء ديوانا ڪيڙا، تنهنجي حسن هزار
(سچل سرمست؛ پورب ڪافي) (٥١١)
(٩) جهوڙا جهولن پٽ جا، لالان لڳن هزار.
(قصو؛ سسئي پنهون) (٥١٢)
(١٠) ملي تو سان شايد سي وسري وڃن،
هينئر توتي آهن ميارون هزار
(الطاف عباسي) (٥١٣)
(١١) چاڪَ اندر ۾ چڪن هزار،
آهُ! تہ سڻايئين سور سنياري
(پير شاهنواز عارف المولي) (٥١٤)
(١٢) قاصر قلم لکڻ کان تعريف ۾ اوهان جي،
ڪارا ڪئين ڪياسون ڪاغذ هزار ساٿي.
(جانڻ فقير چَنُ) (٥١٥)
(١٣) ڏيي وڃن ڏرتيون، جي هُئن هوندَ هزار
(تاجل بيوس؛ سُر مارئي) (٥١٦)
(١٤) مون کي لاٿي عشق لغار، لڳڙا هنئڙي هول هزار
(پير شاهنواز عارف المولي) (٥١٧)
(١٥) ڳوڙها ڳاڙي ڪنهن تي ڳاڙيان، دل ۾ آهن درد هزار
پاڻ تي ڳاڙيان، قوم تي ڳاڙيان، ڦريل آهن فرد هزارا
(خاڪي جويو) (٥١٨)
(١٦) ڪبي الفت جي ورڪا مڪڙي "بيوس" تي،
سڏيو بيشڪ ڪٽي هزارن کي.
(تاجل بيوس) (٥١٩)
(الف) سو هزار؛ تمام گهڻا/هزارن جي تعداد ۾/اڻڳڻيا/گهڻا سارا، مثال؛
(١) متي اتي مهجي، جي هُونِ سر هزار،
ڏاڻ ڏيندو سَنء، مڱڻا!
(شاهہ ؛ سُر سورٺ) (٥٢٠)

(٢) رنگ هڪ ۾ روپَ ڪئين آهن، تجليون سئو هزار،
منجهه ڪڪر لڙ واڄَ آهي، مينهن آهي ڳاجَ وڄَ.
(خليفو گل محمد "گل" هالائي) (٥٢١)
(٣) ڪنڌي ۾ ڪوڪ پيئي مڙيا ماڻهو سؤ هزار
(سليمان ملاح) (٥٢٢)
**(ب) هزارين هزار؛ هزارين لکين / اڻڳڻيا / اڪيچار. مثال؛**
(١) دانَ ڏيانءِ ڏهرا، هزارين هزار،
يارا مون منَ موهئو!
(شاهه سُر سورٺ) (٥٢٣)
(٢) تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سي سنياريا،
انهيءَ ڳالهه ڳاريا، هزارين هزارا
(سچل سرمست ـ ڪافي) (٥٢٤)
**هزارن ۾ هڪ؛** هزاريو /يڳانو Unique/un-rivalled
ناهه سَون ۾ ڪو سِڪَ وارو، ڪو هڪ آهه هزارن ۾
(پير شاهنواز عارف المولي) (٥٢٥)
**فقرا:**
**انجم هزار؛**
شب بدر جو بدر ٿو ٿئي بدر گهر کان،
ٿين هزار تا انجم نثار شمع پتنگ.
(شمس الدين "بلبل") (٥٢٦)
**پنور هزار؛** گهڻا سارا پَنور گلن جو واس وٺندا آهن. مثال؛
ڪستوري خوشبوءِ تي، پريا پنور هزار.
(پيرومل مهر چند آڏواڻي) (٥٢٧)
**پيرا هزار؛** ڪيئن دفعا/گهڻا سارا گهمرا. مثال؛
ڪهڙو ڏوهه ڪيو مون، معافي نه ٿي ملي،
توڙي هزار پيرا، پيرين پوان پوان.
(رئيس امام بخش جتوئي "صابر") (٥٢٨)

ٿورا هزار، هزار احسان/گهڻا سارا ڀال/اڪيچار ڀلايون/لکين لائق/ڪوڙئين قرب. مثال؛

مُرڪ سان ڪيا ماهرو "مخمور" تي ٿورا هزار،
دل صفا دلبر ڪري، سِڪ سان سڏايو عيد تي.

(مَخَمور مُهيري) (۵۲۹)

حساب هزار، ڏوراپن ۾ ميارن جو رهيل ليکو. مثال؛

ڳڻيون ڳڻيان ڪيترا، ٿيندا حسابن هزار

(مُلا الله وسايو ڪفش دوز) (۵۳۰)

حمد هزار، گهڻيون ساريون تعريفون رب پاڪ جون. مثال؛

آهن حمد هزار مطلب ٿيڙا مڙني موچارا،

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ) (۵۳۱)

حيف هزار، هزارين يا گهڻيون ساريون مياريون. مثال؛

مون ڏي حرف هزار، پاڻ ڪرم ڪر پنهنجو پيارا.

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ) (۵۳۲)

حيلا هزار، گهڻيون ساريون ڪوششون. مثال؛

وري ويهي تن سان، حيلا ڪيم هزار

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ) (۵۳۳)

داغ هزار، وڇوڙي جا داغ / جدائي جا نِشان. مثال؛

منهنجي مزار تي، ٿي سي ٻرندا شمع،
دل تي فراقِ - يار جا آهن هزار داغ.

(محمد خان غني) (۵۳۴)

ڏوهہ هزار، گهڻيون ساريون خطائون / انيڪ بڇڙايون. مثال؛

ڪيا مون ڪي ڏوهہ هزار، ناهي ڳاڻيٽو ڇيهہ شمار
ڪارڻ، ڪلمي سي نہ نهار، بخشو بخشين باري.

(منثار فقير راڄڙ) (۵۳۵)

**سال هزار،** گهڻا سارا ورهيه، مثال؛

هزار سال ٿيو، هجر ۾ گذار، دريغ،
مٿي تي آيو اجل، پر نہ آيو يار، دريغ.

(شمس الدين بلبل) (٥٣٦)

**عيب هزار،** اڻڳڻيون کوٽائيون، مثال؛

عيبن پري آهيان، مون ۾ عيب هزار.

(قبول محمد شاهہ) (٥٣٧)

**گل هزار،** قسمين قسمين گل/ طرح طرح جا گل ميوا، مثال؛

نارنگيون ڪچنال ڪرنان نازبويون گل هزار،
انب آ مان صوف سهڻا دلقراري باغ باغ.

(ليلارام وطڻ مل خاڪي) (٥٣٨)

**ماڻهو هزار،** گهڻا سارا ماڻهو، مثال؛

ماڻهو مڙن ڪيترا هوتلن تي هزار

(مولا بخش مسڪين) (٥٣٩)

**منصور هزار،** عظيم صوفي منصور حلاج جهڙا گهڻا سارا سچ تي ساهہ ڏيندڙ جن کي ڦاهيءَ /سوريءَ تي ٽنگيو ويو، مثال؛

همہ منصور هزار، ڪهڙا چاڙهئو چاڙهئين

(شاهہ، سُر سهڻي) (٥٤٠)

**نياپا هزار،** گهڻا سارا پيغام/سوين سنيها، مثال؛

مُڪم نياپا نينهن جا، هوتن ڏنهن هزار

(سچل سر مست، ڪافي) (٥٤١)

**هَل هزار،** گهڻا هَل/گوڙ گمسان / ٻاڻيتال، مثال؛

مائٽ تو لئي ٿيا مونجهار،
"حافظ" ڪيڙا هَل هزار

(حافظ محمد بخش) (٥٤٢)

**هوت هزار،** هزارين دل گهريا دوست، مثال؛

توڙي هوت هزار هجن کي، مور نہ مٽيان جوڙ جتيءَ جي
اوهان جو اعليٰ شان، نرمل ناهہ نهايت تنهنجي
(مصري شاهہ) (٥۴٣)

**هول هزار:** هزارين انديشا/خطرا/خوف/ڌمڪاءُ/ڊپ، مثال:
مون کي سڄي رات سورن ۾ تا اٿن هول هزار.
(گل محمد کوسو) (٥۴۴)

**ڳالهيون هزار:** گهڻيون ساريون ڳالهيون، مثال:
ڳجهہ جون ڳالهيون يار سڄڻ سان هينئڙي منجهہ هزار
کنهن کي کين چوان ٿي
(دريا خان کلهوڙو) (٥۴٥)

**ميخون / ميخان هزار:** محبت جا هزار ڳانڍاپا/ ڳوپ ڳانڍاپا، مثال:
(١) ميخون محبت سنديون، هَنڙي منجهہ هزار
(شاهہ: سر ديسي) (٥۴٦)
(٢) ميخون محبت سنديون، هنيڙي منجهہ هزار
کنهن کي کين چوان ٿي.
(جلال) (٥۴٧)
(٣) ميخان محبت ماروئڙن جون، هينئڙي منجهہ هزار
(مولوي عبدالقادر سولنگي) (٥۴٨)

**هنجون هزار:** هزارين ڳوڙها / اکين مان وهندڙ ڳوڙهن جون لارون قطارون، مثال:
ٻڌي يار ٻانهون، کريان دوست دانهون،
هاريان ٿي تيلاهون، هنجن جا هزار.
(آخوند محمد قاسم سانوڻي هالائي) (٥۴٩)

## اصطلاح

هزارين حيلا ڪرڻ: وڏا وس ڪرڻ/ تمام گهڻيون ڪوششون ڪرڻ/ پنهنجي وسئون نہ گهٽائڻ/ سر توڙ ڪوشش ڪرڻ.

**هزارن ۾ منهن هڻڻ**: تمام گهڻي دولت هڻڻ/دولت مند هڻڻ.
**هزارن ۾ هڪ هڻڻ**: يگانو هڻڻ/چيده هڻڻ/لاثاني هڻڻ.
**هزارن ۾ هڻڻ**: شاهوڪار /دولتمند هڻڻ.

**مرڪب لفظ:**

**هزار چشم**: هڪ جيت جو قسم / ڪيڪڙو/سرطان
**هزارو**: هزارن جو مالڪ/هزار ڪٽن وارو / ڳٽن جو ڳهٽو/ ماڻهو جو نالو، مثال طور هزارو خان / گل جو قسم
**هزاري**: هزارن جي مُلهه وارو / قيمتي / فوج ۾ هڪ هزار سپاهين مٿان وارو عهديدار / لٺ سردار / چگو مڙس/ هزاريو.
**حُسن هزاري**: سونهن ۾ هزار چنڊن جو سرواڻ/ جنهن جا هزارين چاهيندڙ يا پوئلڳ هجن. مثال:

ڏلم اڪڙين سان، هوء هوء حسن هزاري!

(سچل سرمست – سر سسئي- ڪافي) (٥٥٠)

**سهس**: هڪ هزار/ڏهه سئو / بي انداز. مثال:

عشقئون ٿي اظهار، سهس ويسن سان پاڻ سينگاريو

(قادر بخش بيدل) (٥٥١)

**لـــک**: هڪ لک/ هڪ سئو هزارن جو گڏيل عدد / ايڪي جي اڳيان پنج ٻڙيون (100000)

**فـقـرا:**

(الف) لکَ (واحد)

**لک جي لور**: لاکيڻي لوڏ/هلڻ جو موهيندڙ انداز: مثال:

اصلي سُچي ڪي آڪڙ آهي الاهي ٿيندي
گهر ۾ تہ ڪک بہ ناهي، پر لک جي لور آهي.

(پروفيسر ڪانڌ- از ڪراچي) (٥٥٢)

(ب) لکَ، هڪ کان وڌيڪ لک

(۱) لڏي ڪينَ "لطيف چي" لکن اڳيان لک
لِک (زير=ذرو) (شاهه؛ سُر بلاول) (۵۵۳)

(۲) توڙي لک لکن چاڙهان حرف حسان جون، ......
- چاڙهان : چاڙهون (چٽراء سامي) (۵۵۴)

(۳) ڪيو قبول وو، پنهونءَ ڪارڻ، ڏک سوين ني جي مون
لَڪُ ڏٺي لک لوڏا
(سچل سرمست؛ سسئي - ڪافي) (۵۵۵)

(۴) تنهن جي پيار ۾، يار هي چا ڏسان پيو،
مون ڏي لـوڪ جا لک اشارا آتـي پيا
(بردو سنڌي- غزل) (۵۵٦)

(۵) پري پيرُ تنهنجي نـه بيرن کان ٿيان،
رهي نـاهه طاقت جُدايـون سهان،
جي جيارين تـه "بردي" تي لک تورڙا
جي مارين هتن سان تـه پوءِ لک لهان!
(بردو سنڌي - قطعو) (۵۵۷)

لک جي لڄ، لاکئي لڄ/ لکن جي عزت، مثال؛
وڃيم ساهه يلي، پر بچيم لک جي لڄ!
(حاجي حقير ابن مگڻ) (۵۵۸)

لک جي لوڏ؛ لاکيڻي لوڏ/خوش رفتاري/هلڻ ۽ تلڻ جو محبوبانه انداز، مثال؛

(۱) خان جا کيسا آهن خالي مگر، ڪپڙا ايا.
ڏاڙ سو جي، لوڏ لک جي ٿو هٽي هو بي حساب.
(علامه رضوان صاحب) (۵۵۹)

(۲) تون مَيِڇن کي ٺڪَ سان ڏيئي تاءُ لک جي لوڏ هَلُ
ڪر نـه ڀُڪتي جي نـه آ گهر ۾ بصر، اي يار اُٺ
(پروفيسر ڪانءَ- از ڪراچي) (۵٦۰)

لک پيتي ۾، سچي ماڻهو لاءِ ٽوڪ طور چيو ويندو آهي: لک پيتيءَ ۾، 
ٻي ڳالھ اوڌر اٿس! ٻنهي ڪنگال آهي.

(جمع)، هڪ کان وڌيڪ لک. مثال:

(۱) لڄن تان لک قربان! (جملو)

(۲) آڃيا لک، لطيف چي، پلر پياري

(شاهه: سر سارنگ) (۵٦۱)

(۳) گهوريان لک "لطيف" چي، تهجي قدمن تان قربان

(شاهه: سر سورٺ) (۵٦۲)

(۴) لوڏي لک اچن، روءِ راڻي جي ناهه کو

(شاهه: سُر مومل راڻو) (۵٦۳)

لکن مان: يڪانو/چونڊيل/پسند ڪيل. مثال:

مورک ملن ڪروڙ، جي تہ بہ تن کي ترک ڪر،
ساڌو سونَ مان ڳولي، ڪو لاٿق لکن مان آڻ

(حيات شاهه حافظ) (۵٦۴)

لکن ۾: جهجهي دولت وارو/دولتمند /لکاپتي. مثال:

ڏسڻ جو سادو پر آهي لکن ۾! (جملو)

لک هزار: اڻڳڻت/اڪيچار/لاتعداد. مثال:

(۱) چؤ صلواتون سرور تي، لکين لک هزار

(حاجي ڪرم) (۵٦۵)

(۲) نرمان نر پيدا ٿيو، تنهن نر مان لک هزار،
روح بنا رمضان چئي، اڏاميو ڪن الغار،
جن جا ڏڙ سسي کان ڏار،
سي مينهن وسندي مريو وڃن.

(سگهڙ رمضان - پرولي: پيڙهي- اڪ جي انبڙي) (۵٦٦)

(۳) بار پنيور ۾ ڪيڇين لاهيا،
سونهن جا سوداگر ڪيڇي آيا،
ڪٿي هيرا لک هزار،

(راضي فقير رند) (۵٦٧)

(۴) ڪئين ڪنگ ڪينجهر ۾، هنجن لک هزار

(فقير دلمراد لوڙهي وارو) (٥٦٨)

**(ب) لک احسان:** بي حساب ٿورا/ اڻڳڻيون مهربانيون. مثال:

(۱) چو نہ سردار، دو عالم جون ڀلايون ڀايون،
لک احسان، جنهن انسان کي انسان ڪيو.

(مرزا قمبر علي بيگ حيدري) (٥٦٩)

(۲) پنهنجي "عارف" کي گهرائيندين تہ يار،
تنهنجا لک احسان ٿورا ڀانئيبا!

(پير شاهنواز عارف المولي) (٥٧٠)

**لک تارا:** آسمان جا اڻڳڻيا تارا / بي انداز آسماني گرهہ. مثال:

تون جي مرڪين، ڏسي گل مرڪي پون،
تون جي سينڌ ڪڍين، لک تارا ڪڙن

(داغ ٽڪڙائي) (٥٧١)

**لک ڀال ڀلايون:** لا تعداد احسان/اڻ ڳڻيا ٿورا. مثال:

(۱) ڀال ڀلايون تن جون، مٿي لک ميجان!

(پير ڪمال سائين نوشهري فيروز وارو) (٥٧٢)

(۲) ڪروڙين ڪرم سنداء، ڀايان ٿي لک ڀال ڀلايون

(مصري شاهہ) (٥٧٣)

(۳) لک ڀلايون ڀال، ڀانيان شڪر سبحان! مرحبا!

(منشي عبدالڪريم دائودپوٽو) (٥٧٤)

**لک ڦيرا:** گهڻا سارا دفعا. مثال:

لک ڦيرا لوئي چڱي، آهہ اباڻن واري

(شاهہ محمد ديدڙ) (٥٧٥)

**لک ٿورا:** بي حساب احسان. مثال:

آيو سڄڻ مون وٽ، ڙي اديون!
لک ٿورا ڀلي جا ڀايان

(حاجي خانڻ چنجڻي) (٥٧٦)

**لک سَور:** گهڻا سارا ڏک/ بي انداز تڪليفون. مثال:

منظور سڀ صبر ڪي آ، لک سَور پيا ڏيو

(مير علي نواز "ناز") (۵۷۷)

**لک لاڏلا:** اڻڳڻيا البيلا گهڻا سارا نازنين. مثال:

لک لاڏلا لڏي ويا، دنيا جي دؤر مان،
اڄ يا سڀان ۾ توکي، لڏڻو ضرور آ

(حاجي خان چنجڻي) (۵۷۸)

**لک لائق:** اڻڳڻيان احسان/ گهڻيون ساريون مهربانيون.

**لک لباس:** مختلف پوشاڪون/اڪيچار انداز. مثال:

لهرين لک لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو

(شاهه: سر سهڻي) (۵۷۹)

**لک ساعتون:** ڪيتريون ساريون گهڙيون/ گهڻو سارو وقت. مثال:

سورن واريون سيڻي ساعتون، تو تان لک لنگهايون

(سچل سرمست) (۵۸۰)

**لک عيب:** بي حساب ڪهتايون. مثال:

تون سمون آءُ گندري مون ۾ عيبن لک

(شاهه: سُر ڪاموڏ) (۵۸۱)

**لک لعنتون:** گهڻي ڦٽڪار/ڦٽ جَٽ/ نفرت جو ڀرپور اظهار. مثال:

لک لعنتون هجن منافق تي! (جملو)

**لک لوڻي:** سکر بئراج کان اڳ ۾، زمين جي آبادي لاءِ گهڻو ڪري "نار" استعمال ڪيا ويندا هئا، جن کي ڍڳا/ اٺ ڇڪيندا هئا. نار جي ڳاڏي سان "ڏاند /اٺ" کي جوٽي هڪليندا هئا ۽ جوٽيل ڏاند /اٺ گول چڪر ڦرندو رهندو هو. نار جي "ڏينگي" تي ڪاٻار يا ڪجي جي ڦرهن مان نهيل "مالهه" تي لوٽيون ٻڌل هونديون هيون، جيڪي هيٺ لهنديون، کوهه جي پاڻي مان ڀرجي، مٿي اچي "ٻڙڇ" ۾ پونديون هيون ۽ اهو پاڻي "نيسر" ذريعي "حوض" يا "ڪونڊي" ۾ وڃي پوندو هو. اُتان

پيڻ جو پاڻي پريو ويندو هو ۽ آبادي لاءِ، ننڍين ڪسين /اَڏنِ ذريعي پاڻي پارن ۾ پهچايو ويندو هو. اهڙي طرح زمينن ۽ باغن لاءِ "نار" يا "مُرلا" هوندا هئا. اڄڪلهه پڻ اهڙا "نار" خاص ڪري سنڌ جي ڪوهستاني علائقن ۾ موجود آهن.

اڳئين دؤر ۾ ڪي اهڙا زميندار ۽ سيلبون هوندا هئا، جن جا "نار" چو ويهه ئي ڪلاڪ هلندا رهندا هئا ۽ واري واري سان انهن ۾ تازا توانا ڍڳا / اٺ جوٽيا ويندا هئا.

چون ٿا تہ "لالو" نالي هڪ سيٺ هو، جنهن جي نار ۾ "لک" لوٽين جو پاڻي ۲۴ ڪلاڪن ۾ نار وسيلي حاصل ڪيو ويندو هو. جنهن جي اهميت ضرب المثل بڻجي وئي. مثال:

لالوءَ واري ڪوهہ تي ٿي لک وهي لوٽي!

**لک وار:** ڪيئين دفعا. مثال:

(۱) لک وار جي لڏي پيو، رفتار ۾ ريسارو،
"بلبل" مي ڪانءُ ڪارو، هرگز نہ هَنجَ ٿيندو
(شمس الدين "بلبل") (۵۸۲)

(۲) هِن وار سنڌي مار ڪي لک وار ڪٽي مار،
گوگي جي گروءُ جو، نہ هَنومان جو هلي مَنڊُ.
(شمس الدين "بلبل") (۵۸۳)

**لک واري:** گهڻا سارا ڀيرا، ڪيئين دفعا. مثال:

(۱) آءٌ اوهان تَون، سهڻا سائين، واري وڃا لک واري!
(سچل سرمست: ڪافي) (۵۸۴)

(۲) آءٌ صَدق قربان تنهن تان، دم ۾ لک واري ٿيان،
صاحب لولاڪ سو سردار گهر آيو منهنجي.
(سيد مهدي شاهہ بُخاري مير واهہ گورچاڻي وارو) (۵۸۵)

**لک ٿيڻ:** لکن جي دولت حاصل ٿيڻ / گهڻو ڪجهہ ملڻ. مثال :

عدد ناهي آب ۾، لهرين لک ٿيا
(عبدالرحيم گرهوڙي)(۵۸٦)

اصطلاح:

**لڪ تي ڏيو پرڻ**؛ وڏو شاهوڪار ٿيڻ/دولتمند بڻجي وڃڻ/ ڪهڻي هوند وارو يا مالدار هئڻ/حيثيت وارو بڻجڻ.

**لڪ تي ڏيو پرڻ يا مٿو ڏڻڻ**؛ ڪهڻي هوند وارو هئڻ (٥٨٧)- هٿ اُڇل ڪرڻ/ فضول خرچي ڪرڻ/ هٿ ڦاڙ ٿيڻ/ هٿ ڦاڙي خرچ ڪرڻ.

**لڪ تي مٿو ڌوئڻ**؛ اهڙو دولتمند جيڪو مٿي ڌوئڻ (وهنجڻ سهنجڻ) لاءِ "لڪ" خرچ ڪري، فضول خرچي ڪرڻ/ ملڪيت ڌڪ ڪرڻ / دولت ڪٽائڻ / داڙ ڦاڙ ڪرڻ. مثال؛

پُڇ چڙيا / خوشامندڙيا، هٿ ڦاڙ ماڻهن کي پڏائيندي/ چاپلوسي ڪندي چوندا آهن؛ واهه وڏيرا واهه! واهه پوتار فلاڻا خان، لڪ تي مٿو ڌوپٽيو! يعني تون مٿي ڌوئڻ تي لک رپيا خرچ ڪريو ڇڏين!

**لڪ ڪهاڙي جو سردار هئڻ**؛ تمام وڏو ماڻهو هئڻ/ راءِ يا راوت هئڻ، (٥٨٨)- جنهن جي سرداري ۾ لک ماڻهو هجن/ پوتار يا تمام وڏو ماڻهو هئڻ/جهجهو ٿيڻ/ راوت ٿيڻ

**لڪ لعنت وجهڻ**؛ ڪهڻي ڦٽڪار وجهڻ / نفرت جو ڀرپور اظهار ڪرڻ/ ڦٽ لعنت ڪرڻ.

**لڪَ لهڻ (واحد)**؛ وڏي قيمت وارو هئڻ/ملهه مهانگو هئڻ/ تمام گهڻو فائدو حاصل ڪرڻ/لکن ۾ مُلهه هئڻ/بي بها هجڻ. مثال؛

(١) لکَ لهي ٿي لوڏ، جيجا! تن جتن جي.

(شاهه؛ سر ديسي) (٥٨٩)

(٢) سچو تان سيد چئي لهي لک سوا

(شاهه؛ سر سريراڳ) (٥٩٠)

**لکَ لهڻ (جمع)**؛ وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪرڻ/ وڏي قيمت يا ملهه هئڻ. مثال؛

(١) تند توڪل جي لهان، تہ ڪر مون لک لڌا

(مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي) (٥٩١)

پهاڪا:

**(الف) (١) ڪک جو چور، سو لک جو چور؛**

جيڪڏهن ڪو چور اڄ "ڪک" ٿو چورائي، سڀاڻي "لک" چورائڻ ۾ ڪيس هٻڪ نہ ٿيندي. چور هر صورت ۾ چور آهي. قانون جي نظرن ۾ ننڍو توڙي وڏو چور (وڏيون چوريون ڪندڙ) ڏوهہ جو ڏوهاري هوندو آهي. انهيءَ تان چوندا آهن تہ؛ "چور نالو ڪُتي جو بہ چڱو نہ آهي."

**(٢) جئرو تہ لک جو، مئو تہ ڪک جو؛**

لاکيڻو (لکن جي قيمت وارو) يعني انسان جڏهن زنده آهي تہ سندس قدر قيمت جو ڪاٿو ئي ڪونهي، پر جڏهن مري ٿو تہ خاڪ سان ملي خاڪ ٿي وڃي ٿو.

**(٣) پنهنجي جو لک بہ سهي، ٻئي جو ڪک بہ نہ سهي؛**

برداشت ڪرڻ جي معاملي ۾ انسان ڏاڍو لالچي هوندو آهي

**(۴) جئرو تہ ڪک جو، مئو تہ لک جو؛**

هاٿي لاءِ چوندا آهن جئرو آهي تہ سندس قيمت گهٽ هوندي آهي، پر مرڻ کان پوءِ ان جي قيمت وڌي ويندي آهي. هاٿي مان اسان کي عاج ملي ٿو جو انتهائي قيمتي هوندو آهي.

**(ب) پوئڊائي کان قرض نہ کڻجي، توڙي لک لٿائي (پهاڪو)**

پوئڊائو= پوءِ ڏاول؛ جنهن کي تازو تازو دولت ڏوَ تي ملي هجي/ نئين مان وڏو ماڻهو يا دولتمند بڻيل اهڙي کان قرض کڻبو تہ وقت بي وقت مهڻو ڏيڻي وٺندو.

**(١) لڄان تان لک قربان (پهاڪو)** عزت جي ڀيٽ ۾ دولت ڪجهہ بہ نہ آهي. (٥٩٧)

**(٢) لکين ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾** (گل شڪر) (٥٩٨)

شاهہ لطيف جي سُر/ داستان "ليلا چنيسر" جو

اهم ڪردار "ليلا" هئي، جنهن هيرن جي هار تي هِرڪجي، پنهنجي (مڙس) "چنيسر" کي هڪ رات لاءِ وڪڻي ڇڏيو، جنهن مطابق پنهنجي مڙس کي هڪ رات لاءِ "ڪؤنرو" جي حوالي ڪرڻ جو سودو ڪيائين ۽ پوءِ سندس ڏهاڳ جا ڏينهن شروع ٿيا. مٿين (هار جا مٽيا/موتي) جي موهه ڪيس عذاب ۾ وجهي ڇڏيو.

مرڪب لفظ:

**لکاپتي:** (پتي: مالڪ/ڌڻي)؛ اهڙو دولتمند جنهن جي ملڪيت جو حصو لکن ۾ هجي/ لکن جو مالڪ/ جنهن جي ملڪيت لکن جي هجي/ هوند وارو/ امير / سيٺ / سيٺيو / ڳڙنگ سيٺ/ سکر/ ڌنوان/ ڌنپتي / دولتمند / مالدار.

**لکائو:** جنهن جو مُلهه لکن ۾ هجي / حيثيت جو مالڪ/ ڳڻن جو ڳهير/لاکيڻو. (ماڻهوءَ جو نالو)

**لک پال:** لکن کي پاليندڙ / الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو/رازق / لکن ڪروڙن کي رزق رسائيندڙ.

**لکسير:** لکيسري/شاهوڪار/ مال ملڪيت وارو/دولتمند

**لک لاکيڻو:** جنهن جي قيمت لکن ۾ هجي/ملهه مهانگو/قيمتي/انمول، بي مثال شخصيت، مثال:

لک لاکيڻو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڳِڌوم،
اگهڻ سونه ٿئوم، مُل مهانگو م چئو.

(شاهه: سر ڪنڀات) (۵۹۹)

**لک- لٽائو:** لٽائيندڙ / لکين رپيا خرچ ڪندڙ/هٿ ڦاڙ/ڏاتار/ سخي.

**لک لوٽ:** لک لٽائي ڇڏيندڙ/سخي / درياهه دل،

**لکمير:** لکن جو مير / سرواڻ /امير / اثر رسوخ وارو.

**لکن جو ڏاتار:** لکن ڪروڙن کي ڏيندڙ/ڏيهن جو ڏاتار/سچ لاءِ چيو

ويندو آهي؛
أيريو لکن (ڏيهن) جو ڏاتار! سُچو جواب ڏيندو، آءُ پاڻي نہ سَنبرانس! (سچ جي أيرڻ سان مون کي ڪهڙو فائدو؟!)
**لکو**؛ لکن جو مالڪ/ جنهن جي دولت لکن ۾ هجي/ جنهن جو مُلهہ لکن ۾ هجي/لاکيڻو/گڻن جو گهير- انهيءَ تان ماڻهن/ذاتين جا نالا جڙيا. مثال؛
سيٺ لکمڻداس/ لکو مل هندو لهاڻو.
وڏيرو لکاڻو ذات جو لکوُ.
ذات جو ڪير آهين؟ لکو! لکوَ جو (واحد) / لکوُ جا (جمع)
**لکي**؛ لکن جي خرچ مان جوڙيل/جنهن تي تيل خرچ لکن ۾ هجي. مثال؛
سستائي جي زماني ۾ لکن رپين جي خرچ سان تيار تيل خيرپور ۾ "ميرن جو محل" جنهن کي "لکي" /"لکي محل" /"لکي بنگلو" سڏيندا آهن.
**هڪ لک چوويهہ هزار نبي**؛ الله تعاليٰ، انسانن جي رهنمائي لاءِ سوا لک نبي (هڪ لک ٢٣ هزار) نبي پيدا ڪيا جن ۾ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم آخري نبي آهي)
**نو لک نائي لعل**؛ اٿاهہ دولت. مثال؛
پلنگ پٽرائيون پاليڪون، نوَ لک نائي نيل،
(شاهہ – سر سورٺ) (٦٠٠)
**راءِ ڏياچ جي پَٽ**- راڻي، سورٺ پنهنجي پتار (راءِ ڏياچ) جي وعدو ڪيل سِر بدران نيل پدم ۽ آسائشون ڏيڻ جي آڇ ڪئي ہر بيجل (چارڻ) قبول نہ ڪيو ۽ سِرَ جي صدا هڻندو رهيو.
**نو لکو هار**؛ اهو تاريخي قيمتي هار جيڪو "ليلا" پنهنجي محبوب مڙس "چنيسر" کي هڪ رات "ڪؤنرو" جي حوالي ڪرڻ جي

عيوض ڪؤنروُ ڪان ورتو.

**نو لک/ نو لکي گودڙي:** "سنڌو" سان لازوال محبت جي اظهار لاءِ ڪن شاعرن، ان کي "نو لک جي گودڙي" سڏيو آهي. مثال:

توکي سڏين سيئ تا، نَو لک جي گودڙي،
ڪَڇَ جي ڏڪارين لئہ، تون ئي طبيب، سنڌ!

(حاجي مراد خان چانڊيو) (٦٠١)

هالن (شهر هالا) جي **مخدوم سرور نوح** جا نو لک مريد آهن، جنهن تان سندن درگاهہ کي "نوَلکي گودڙي" سڏيو ويندو آهي.

**نو لکي واهہ:** ساهتي (نوشهرو فيروز ضلعي) ۾، ڀاڳو ديري وٽان، سنڌو نديءَ مان نڪرندڙ ڳوٺ ڏيتا، ڳوٺ سومر چنڙ، درٻيلو، ٺارو شاهہ کان ٿيندي ڳوٺ مولهڻ کان اڳتي وڃي ختم ٿيندڙ واهہ. هن وقت ختم ٿي چڪو آهي، ڪٿي ڪٿي ان جا کي نشان ايجا باقي آهن. زمين ڪٽ وارن، دڙن کي سنوت ۾ آڻي آباديءَ هيٺ آڻي ڇڏيو آهي. چون ٿا تہ انهي واهہ جي کوٽائي ۽ ان مٿان اڏيل پلين تي، سستائي واري زماني ۾ "نو لک" خرچ آيو هو.

**ٻارهن لکي:** حُرن جي پاڳاري پير سائين صبغت الله شاهہ راشدي رحمة الله عليہ جا ٻارهن لک مريد هئا جنهن تان کين ٻارهن لکي يا "ٻارهن لک گاديءَ وارو پير" سڏيو ويندو آهي.

**پنجويهہ لک:** خواجہ نظام الدين اولياءِ عليه الرحمت جا پنجويهہ لک مريد هئا جنهن تان کين "پنجويهہ لکي گاديءَ وارو پير" سڏيو ويندو آهي.

**لکي ڪروڙي:** اسماعيلي خوجن جي روحاني پيشوا سر آغا خان جا هڪ ڪروڙ پنجويهہ لک مريد آهن، جنهن تان کين "لکي ڪروڙي" پير چيو ويندو آهي.

**ڪروڙ:** هڪ سئو لک گڏيل. مثال:

(١) سورَهہ ناهي سون ۾ ڪو ڪو منجهہ ڪروڙ.

اٿي جانب جوڙ....

(پير شاهنواز عارف المولي) (٦٠٢)

(٢) ڏٿيءَ جا ٿورا نہ ٿورا ڇوان لکين لائق،

ڪريم پنهنجي ڪرم سان ڪرم ڪيا جي ڪروڙ

(حيات شاهہ حافظ) (٦٠٣)

(٣) "بردا" واري واري واري، لاهجن ڪنڌ ڪروڙ،

پيو تون جڳين شال!

(بردو سنڌي - گيت) (٦٠٤)

**ڪروڙ پتي:** ڪروڙن جو مالڪ / دولتمند / شاهوڪار .

سنڌ جو هڪ مشهور اديب **محمد حسين اعوان** جيڪو وڏو دولتمند ڪونہ هو، پر مزاحيہ طور پاڻ کي "**ڪروڙ پتي**" سڏائيندو هو. سندس مزاحيہ ڪهاڻين جا بہ ڪتاب مشهور آهن:

(١) نبض شناس (٢) ماسي، مان مجيد!

**پدم:** ڳڻپ جو تمام وڏو تعداد/ ڳڻپ جي ڏاڪن مان آخري ڏاڪو: (1) ايڪا (2) ڏهاڪا (3) سوَ (4) هزار (5) ڏهہ هزار (6) لک (7) ڏهہ لک (8) ڪروڙ (9) ڏهہ ڪروڙ (10) ارب (11) ڏهہ ارب (12) کرب (13) ڏهہ کرب (14) سنک (15) ڏهہ سنک (61) پدم.

"سورٺ راءِ ڏياچ" جي قصي ۾ آيل آهي، تہ "ساز" تي موهجي ويل راءِ ڏياچ کان "چارڻ" سندس "سِرَ" جو سوال ڪيو جنهن تي راءِ ڏياچ جي گهر واري، سورٺ، منگتي کي چوي ٿي. "ڏياچ جي سِرَ" کي ڇڏي جيڪا بہ دولت کپئي، تخت تاج وٺي ڪڻ. پر راءِ ڏياچ جي ڪيل وعده جو ناجائز فائدو وٺي سندس "جان" جي تقاضا نہ ڪر. مثال:

(١) پدم نيلون ٿو ڏيان، جي اعتبار ڏينم،

(٢) مائٹ مَنڌَ هتا، پيتيءَ ۾ پُرزا ٿئا!
سچو تان سيد چي، لهي لک سَوا!
ڀڳي ڀڃاٿا، ڀڏمن ڪان پري ٿئو.
(شاهه: سُر سريراڳ) (٦٠٥)

(٢) ڀڏرو ڀڏمن ۾ تيڻي، عدد مور نه آهه
(مخدوم عبدالرحيم گروهڙي) (٦٠٦)

(٤) ڀڏ ۾ ورهن جي پنڌسين، راحت ڪين رسن.
(مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي) (٦٠٧)

# حــــوالا


**انصاري، عثمان علي**
(١) (مُرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد / چار شورو، ٻيو ڇاپو-١٩٨٢ع/١٤٠١هه - ص ٧٠
**ڪوڙومل چندن مل، راءِ بهادر، سَرڪواسي**
(٢) (اصل ڳالهه ڪيل) "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ"- ڪوڙو مل سنڌي ساهتيه منڊل سَڌار سڀا، ڪاهي رستو، حيدرآباد-١٩٤٦ع-ص ١٨٤
(٣) ايضاً ــــــ ص ١٧٦
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٤) (مهتمم) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد- سنڌ- ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه/١٩٧٩ع - (سُر: ڪيڏارو) ص ٥٩٨
**"طالب المولىٰ". محمد زمان، مخدوم**
(٥) "ڇپر ۾ ڇڙيون"- مرڪزي بزم طالب المولىٰ جو اشاعتي سلسلو (مرتب: ڊاڪٽر اسدالله شاهه "بيخود" حسيني)- ڇاپو پهريون ١٣٩١هه/١٩٧١ع - ص ٢٦٠
(٦) ايضاً - ص ٧
(٧) ايضاً - ص ٢٧٩
**ڀالاري، ٽاليچگو**
(٨) ڪچڪول (ذاتي سهيڙيل مواد) تان کنيل.
**لاشاري، رشيد احمد**
(٩) (مصنف) "لطيف باغ جو سير" ڇپائيندڙ: آر - ايچ - احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار حيدرآباد، ڇاپو ٽيون - ١٩٦٥ع ص ١٩
**سومرو، ادل**
(١٠) "چنڊ پشمر گولو" - سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن، سکر، ڇاپو پهريون-١٩٧٩ع، ص - ڏنل ناهي.

**قلبي، گل محمد**
(۱۱) "واس ونن وينجهار" (شاعري) - ڇپائيندڙ: ايچ - احمد ائنڊ سنس، پبلشرس بڪ سيلرس ائنڊ استيشنرس، شاهي بازار، حيدرآباد سنڌ- دفعو پهريون ۱۹۷۷ع، ص -۸
**"طالب المولى"، محمد زمان، مخدوم**
(۱۲) "ڇپر ۾ ڇڙيون"- مرڪزي بزم طالب المولى جو اشاعتي سلسلو (مرتب: ڊاڪٽر اسدالله شاهه "بيخود" حسيني)- ڇاپو پهريون ۱۳۹۱هه/۱۹۷۱ع - ص ۲۰۲
**"شاد" سروپچندر،**
(۱۳) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.
**مُنشي، محمد ابراهيم**
(۱۴) "گوندر ويندا گذري" - پريم نگر پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ - ڇاپو پهريون، ۱۹۸۵ع - ص ۱۲۹
**لاشاري، رشيد احمد،**
(۱۵) (مصنف) "لطيف باغ جو سير" - ڇپائيندڙ: آر- ايچ - احمد ائنڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون ۱۹٦۵ع - ص ۱۴
**پرڪاش، موتي**
(۱٦) "آءٌ تہ ڇوريون ڇنگ" (شاعري)- ڇپائيندڙ: جيون ڪلا پبليڪيشن ٦، ماڌوپون-سڪنل هِل اوينيو، بمبئي- ۱۵، ص- ۹۸
**"احسن" محمد، حافظ،**
(۱۷) "ديوان احسن سنڌي" ڇپايل: ويڙهو مل ڪنڊ مل، پبلشر - بڪ سيلر لاڙڪاڻو سنڌ، ڇاپو ۱۹۲۳ع- ص ۱۱۸
**دائودپوٽو منصور، محمد اشرف**
(۱۸) ڪچڪول (ذاتي سهيڙيل مواد) تان ورتل.
**ٽونيو، مولاداد، ميان**
(۱۹) ماهوار "اديب سنڌ"- لاڙڪاڻو - جولاءِ ۱۹۵۱ع - ص ۳۴

**راڄڙ، فقير، "منٺار"**
(٢٠) "ڪلام منٺار فقير، راڄڙ : رسالو خدائي" (I)، ناشر: سجاده نشين درگاهہ منٺار فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ تعلقو کپرو - سانگهڙ سنڌ ٻيون ڇاپو ١٩٩٩ع - ص ٢٨١
**غمگين، خورشيد اختر**
(٢١) ماهوار "رهنما" نوابشاهہ - جنوري ١٩٥٧ع - ص ٢٧
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٢٢) (مرتب) "ڪافيون"- (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو / حيدرآباد- ڇاپو پهريون ١٤٠٥هہ/١٩٨٥ع- (شاعر: عبدالله فقير ڪاتيار) - ص ١٣٥
**"احسن" محمد، حافظ**
(٢٣) "ديوان احسن سنڌي"-ڇاپل: ويڙهو مل ڪتڻ مل، پبلشر - بڪ سيلر لاڙڪاڻو سنڌ، ڇاپو ١٩٢٣ع- ص ١٥٤
**حيات شاهہ، "حافظ"**
(٢٤) "ديوان حافظ" - پرنٽر : آفتاب اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، ناشر: مقبول پٽي، حيات لائبرري، ديٺوءَ جو پڙ، حيدرآباد ١٩٥٠ع - ص ١١٤
**دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، شمس العلماء**
(٢٥) (مؤلف ۽ ناشر): "ڪلام گرهوڙي" - سنڌي ادبي سوسائٽيءَ جي مطبوعات جو ٻيون عدد-دفعو پهريون ١٣٧٦ع/١٩٥٦ع-ص١٩٦
**موسوي، عبدالحسين شاهہ**
(٢٦) (مؤلف) "ديوان بيدل" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- ٻيو ايڊيشن ١٩٦١ع- ص ١١٣
**انصاري، عثمان علي**
(٢٧) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد/ڄام شورو، ٻيو ڇاپو ١٤٠١هہ/١٩٨٢ع - ص ٣٦٩
(٢٨) ايضاً ـــــ ص ٣٤٨

"قاسمر" لغاري، نبي بخش، خليفو
(٢٩) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.
ڪوڙومل چندن مل، راءِ بهادر، سرڳواسي
(٣٠) (اصل گڏ ڪيل) "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ"- ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل، سَتار سيا، ڪاهي رستو، حيدرآباد، ١٩٤٦ع ص - ١٨٦
لڪر، هيرو ٺڪرلال
(٣١) "قاضي قادن جو ڪلام"- سنڌي تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، ٻهريون ڇاپو (سنڌ ۾) ١٩٩٦ع- ص ١٤٥
(٣٢) ايضاً ـــــ ص ١٤٨
ڪوڙومل چندن مل، راءِ بهادر، سرڳواسي
(٣٣) (اصل گڏ ڪيل) "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ"-ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل سڌار سيا، ڪاهي رستو، حيدرآباد- ١٩٤٦ع-ص ٢٠٤
انصاري، عثمان علي
(٣٤) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد /ڄام شورو- ٻيو ڇاپو ١٤٠١هـ/١٩٨٢ع - ص ٦٠
ڪوڙومل چندن مل، راءِ بهادر، سرڳواسي
(٣٥) (اصل گڏ ڪيل) "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ" ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل سڌار سيا، ڪاهي رستو، حيدرآباد ١٩٤٦ع ص ٦٨
ٻيوس، تاجل
(٣٦) "جڏهن ٻوڻه ٻٺي" - انڊس ويلي ڪلچر ائسوسيئيشن، ڪراچي- ڇاپو ٻهريون ١٩٨٢ع - ص ١٤٥
سومرو، ادل
(٣٧) "چنڊ پشمر گولو" - سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن، سکر- ڇاپو ٻهريون ١٩٧٩ع (صفحو ناهي ڏنل)
گرامي، غلام محمد
(٣٨) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ، حيدرآباد- شاعر نمبر ١٩٦٩ع-"سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (شاعر: احمد خان "آصف" مصراڻي) - ص ٦٤٩

**سرشاري، مسڪين**

(٣٩) ڪچڪول (ذاتي سهيڙيل مواد تان) ورتل.

**حامي، عطا محمد، پروفيسر**

(٤٠) ڪچڪول (ذاتي ميڙ چونڊ تان) ورتل.

**الانا، غلام علي، ڊاڪٽر**

(٤١) (مرتب) "منتخب ديوان فاضل"- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو - ٻيو ايڊيشن ١٩٨٨ع-ص ٢٥

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٤٢) (مرتب) "ڪافيون" (جلد ٻهريون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو / حيدرآباد - ٻهريون ڇاپو ١٤٠٥هه/١٩٨٥ع - (شاعر: فقير ابوبڪر عاشق)-ص ١٤٢

**گرامي، غلام محمد**

(٤٣) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ حيدرآباد - شاعر نمبر ١٩٦٩ع"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - ١٩٦٩ع - (شاعر: مصطفيٰ حيدر جتوئي) - ص ٦٢٤

(٤٤) ايضاً - (شاعر: ذوالفقار راشدي) - ص ٥٧٣

(٤٥) ايضاً - (ايضاً) - ص - ٥٧٣

(٤٦) ايضاً - (شاعر: عبدالڪريم پلي) - ص - ٥٦٤

**ٽڪائي، غلام محمد، مخدوم**

(٤٧) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.

**گرامي غلام محمد**

(٤٨) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ" حيدرآباد - "شاعر نمبر ١٩٦٩ع"- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد- - (شاعر: شيخ عبدالرزاق "راز")- ص ١٢٣

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٤٩) (مرتب) "ڪافيون" (جلد ٻهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد - ٻهريون ڇاپو- (شاعر: پير علي گوهر شاهه "اصغر")- ١٤٠٥هه/١٩٨٥ع - ص - ١٢٠

**گرامي، غلام محمد**

(۵۰) (ايڊيٽر) "تماهي سهراڻ حيدرآباد - "شاعر نمبر ۱۹۶۹ع" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - ۱۹۶۹ع - (شاعر: مصطفيٰ حيدر جتوئي) - ص ۶۲۳

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(۵۱) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون)- سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو / حيدرآباد - پهريون ڇاپو ۱۴۰۵هه/۱۹۸۵ع - (شاعر: پير محمد راشد روضي ڌڻي)-ص ۳۷

**حسيني، امداد**

(۵۲) ذاتي سهيڙيل مواد تان رتل.

**اصغر، علي گوهر شاهه**

(۵۳) ماهوار "اديب سنڌ" لاڙڪاڻه - جولاء ۱۹۵۱ع - ص ۲۱

**گرامي، غلام محمد**

(۵۴) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ حيدرآباد- شاعر نمبر ۱۹۶۹ع" - سنڌي ادبي برڊ حيدرآباد- (شاعر: شمشير الحيدري)-ص ۵۰۹

**ڳاڙهوي، سليم**

(۵۵) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.

**گرامي، غلام محمد**

(۵۶) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ حيدرآباد- شاعر نمبر ۱۹۶۹ع" - سنڌي ادبي برڊ حيدرآباد- (شاعر: شيخ عبدالرزاق "راز")-ص ۱۲۲

**"احسن"، محمد، حافظ**

(۵۷) "ديوان احسن سنڌي" - ڇپائيندڙ: ويڙهو مل ڪنڊ مل، پبلشر بڪ سيلر، لاڙڪاڻو سنڌ- ۱۹۳۳ع- ص ۱۴۱

**الانا، غلام علي، ڊاڪٽر**

(۵۸) (مرتب) "منتخب ديوان فاضل" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو - ٻيو ايڊيشن ۱۹۸۸ع - ص ۴۶

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٥٩) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد - پهريون ڇاپو- (شاعر: عثمان فقير سانگي)- ١٤٠٥هه/١٩٨٥ع - ص - ٤٣٢
**محمد سلمان، سالم**
(٦٠) ذاتي ميڙ چونڊ تان ورتل
**گرامي، غلام محمد**
(٦١) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ، حيدرآباد: شاعر نمبر ١٩٦٩ع" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- (شاعر: علي محمد مجروح)-ص ٥٨٩
**مجروح، عزيزالله**
(٦٢) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.
**لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر**
(٦٣) (مرتب) "سنڌستي منجهه ڪٿا: ڪلام پير شاهنواز عارف المولي" ڇپائيندڙ: درگاهه پير حسن بخش شاهه جيلاني، ڏنڙو شريف- زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد - ص ٧٧
(٦٤) ايضاً - ص ٧٨
**حيات شاهه، حافظ**
(٦٥) "ديوان حافظ" - ناشر: مقبول احمد پٽي، حيات شاهه لائبرري، دينوءَ جو پڙ ، حيدرآباد- دفعو پيو ١٩٥٠ع - ص ٥٦
**گرامي، غلام محمد**
(٦٦) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ، حيدرآباد: شاعر نمبر ١٩٦٩ع" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- (شاعر: عبدالقيوم "صائب") - ص ١٨٢
**تڪڙائي، اسد، اسدالله**
(٦٧) (مرتب) "تذڪره شعراء تڪڙ"- سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي- حيدرآباد - ڇاپو پهريون ١٩٥٩ع - ص ١٧٨
**دائود پوٽو، "منصور" محمد اشرف**
(٦٨) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.

احسن ، محمد، حافظ

(٦٩) "ديوان احسن سنڌي" - ڇپائيندڙ: ويڙهومل ڪنڊ مل، پبلشر بڪ سيلر، لاڙڪاڻه سنه ١٩٣٣ع- ص ٧٠

رضا محمد

(٧٠) ڪچڪول (ذاتي سهيڙيل مواد) تان ورتل.

حيدرآبادي، "خواب" عبدالله

(٧١) ذاتي ميڙ چونڊ تان ورتل.

"بزمي"، نثار

(٧٢) ڪچڪول (ذاتي سهيڙيل مواد) تان ورتل.

الصاري، عثمان علي

(٧٣) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد /ڄام شورو-- ٻيو ڇاپو ١٤٠١هه/ ١٩٨٢ع-ص ٥٩

بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر

(٧٤) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد - ڇاپو پهريون ١٤٠٥هه /١٩٨٥ع (شاعر: پير حاجي هدايت الله شاهه راشدي ٿلاهي) - ص ٢٠٩

لاشاري، رشيد احمد

(٧٥) (مصنف) "لطيف باغ جو سير" - ڇپائيندڙ: آر- ايڇ - احمد اينڊ برادرس شاهي بازار، حيدرآباد-ڇاپو ١٩٦٥ع- ص ١٣

(٧٦) ايضاً ــــــ ص ٩

"احسن"، محمد، حافظ

(٧٧) (مصنف) "ديوان احسن سنڌي"- ڇپائيندڙ: ويڙهو مل ڪنڊ مل، پبلشر- بڪ سيلر لاڙڪاڻه- ١٩٣٣ع- ص - ٤٢

گدائي، عبدالڪريم

(٧٨) "سانيهه جا سور" (نظمن جو مجموعو)- ڇپائيندڙ: ضلع ترقياتي ائسوسيئيشن، جيڪب آباد- ڇاپو پهريون ١٩٦٥ع- ص ١٩

**لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر**
(٧٩) (مرتب)؛ "ڪشتي منجهہ ڪٿا؛ ڪلام پير شاهہ نواز عارف المولي" - زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد ١٩٩٤ع - ص ٢٢٥
**"طالب المولىٰ"، محمد زمان، مخدوم**
(٨٠) "چپر ۾ چڙيون" - (مرتب؛ ڊاڪٽر اسدالله شاهہ، "بيخد" حسيني)- مرڪزي بزم طالب المولىٰ جو اشاعتي سلسلو - ڇاپو پهريون ١٣٩١هہ / ١٩٧١ع - ص ٣
**موريائي، بشير**
(٨١) ماهوار "اديب سنڌ"، لاڙڪاڻہ - جولاءِ ١٩٥١ع- ص ٣٦
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٨٢) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد- ڇاپو پهريون ١٤٠٥هہ/١٩٨٥ع - (شاعر؛ دريا خان ڪنڊڙيءَ وارو) - ص ٦٠
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٨٣) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد-ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هہ / ١٩٧٩ع - (سُر؛ مارئي) ص - ٥٥٠
(٨٤) ايضاً ـــــ سُر ڪلياڻ ص - ٨٣
(٨٥) ايضاً ـــــ سر سسئي آبري - ص ٣٠٨
(٨٦) ايضا ـــــ سر يمن ڪلياڻ- ص ١٣١
(٨٧) ايضاً ـــــ سر ڪوهياري - ص ٣٥٠
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(٨٨) (مؤلف) "رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهہ جو رسالو"؛ آر-ايچ احمد اينڊ برادرس، بڪ سيلرس، ۽ پبليشر شاهي بازار حيدرآباد، ڇاپو ٻيو. ٦٠ـ ١٩٦١ع-(سُر؛يمن ڪلياڻ) ص ١٥٢

مرزا "ممتاز"
(٨٩) (مرتب) "مين عيسيٰ جا سنڌي بيت" - شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ-پهريون ڇاپو ١٤١٤ھ/١٩٩٣ع- ص ٩١
گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر
(٩٠) (مهتمم) "شاھ جو رسالو" (ٽن جلدن وارو) شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڪميٽي، حيدرآباد- ٻيو ڇاپو ١٣٩٩ھ/١٩٧٩ع، (سر: يمن ڪلياڻ) - ص ١٠٥
(٩١) ايضاً ـــــ (سر: يمن ڪلياڻ) - ص ١٠٦
(٩٢) ايضاً ـــــ (سر : سهڻي) - ص ٢٧٨
شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم
(٩٣) (مؤلف) "رسالو شاھ عبداللطيف ڀٽائي" جو عرف شاھ جو رسالو"-آر- ايڇ احمد اينڊ برادرس، بڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار، حيدرآباد ڇاپو ٻيو ٦٠-١٩٦١ع (سر: سارنگ) - ص ٩٧٥
Rochiram, Gajumal
(94) A Hand Book of Sindhi Proverbs- Khemchand Shewakram Advani, Fourth Edition 1935 _ P109
انصاري، عثمان علي
(٩٥) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد / ڄام شورو- ٻيو ڇاپو ١٩٨٢ع/١٤٠١ھ- ص ٥٩
(٩٦) ايضاً ـــــ ص ١٣٥
شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم
(٩٧) (مؤلف) "رسالو شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاھ جو رسالو": آر-ايڇ احمد اينڊ برادرس، بڪ سيلرس، ۽ پبليشر شاهي بازار حيدرآباد، ڇاپو ٻيو ٦٠-١٩٦١ع-(سُر: ڪوميارِي)- ص ٥٦٣
(٩٨) ايضاً ـــــ (سُر: ڪارايل) - ص ١٢٢٤
(٩٩) ايضاً ـــــ (سُر: ڪارايل) - ص ١٢٢٠

(١٠٠) ايضاً ـــــ (سر: بروو سنڌي) - ص ١٠٩٤
(١٠١) ايضاً ـــــ (سر: بلاول) - ص ١٢٨٨
(١٠٢) ايضاً ـــــ (سر کنيات) - ص ١٨٣
**دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، شمس العلماء**
(١٠٣) (مؤلف ۽ ناشر) "ڪلام گرهوڙي" - سنڌي ادبي سوسائٽي جي مطبوعات جو ٻيون عدد - ١٣٧٦هه/١٩٥٦ع - ص ٢٣٢
**سنڌي عبدالمجيد، ميمڻ**
(١٠٤) (مرتب ۽ شارح) "ڪريم جو ڪلام" - سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميه ڪاليج، سکر سنڌ - ڇاپو پهريون ١٩٦٢ع - ص ٢٠٩
**دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، شمس العلماء**
(١٠٥) (مرتب) "سُرها گل" - (شاعر: روحل فقير) - ص ٢٩
**قاسمي غلام مصطفيٰ**
(١٠٦) "شاهه جو رسالو" (ٻاگو پهريون) - پبلشر: بشير احمد اينڊ سنز، جهونا مارڪيٽ ڪراچي - ١٩٥١ع - ص ١٦٦
**دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، شمس العلماء**
(١٠٧) (مترجم و مهتمم) "ابيات سنڌي" (مصنف: سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواري وارو)- ناشر: سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي ٢٨٦، گارڊن ايسٽ، ڪراچي ٣- دفعو ٻيون- ص ٣
**مرزا، ممتاز**
(١٠٨) (مرتب) "مبين عيسيٰ جا سنڌي بيت"- شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، حيدرآباد، پهريون ڇاپو ١٤١٤هه/١٩٩٣ع - ص ٤١
**دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، شمس العلماء**
(١٠٩) (مؤلف ۽ ناشر) "ڪلام گرهوڙي" - سنڌي ادبي سوسائٽي جي مطبوعات جو ٻيون عدد ، ڪراچي- دفعو پهريون ١٣٧٦هه/١٩٥٦ع ص - ١٣١

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(١١٠) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ
جامشورو/حيدرآباد- پهريون ڇاپو ١٤٠٥هه/١٩٨٥ع
(شاعر:روحل فقير) - ص ٤٢
**انصاري، عثمان علي**
(١١١) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ،
حيدرآباد / ڄام شورو، ٻيو ڇاپو ١٤١٠هه/١٩٨٢ع ص - ٤٢٦
**لاشاري، رشيد احمد**
(١١٢) "لطيف باغ جو سير" - ڇپائيندڙ: آر - ايچ - احمد اينڊ
برادرس، پبلشرس، بُڪ سيلرس، شاهي بازار، حيدرآباد سنڌ -
ڇاپو ٽيون ١٩٦٥ع - ص ٢٦
**قاسمي، غلام مصطفيٰ**
(١١٣) (مرتب) "شاهه جو رسالو"- پبلشر: بشير اينڊ سنس،
جهونا مارڪيٽ ڪراچي ١٩٥١ع - سُر: بروو سنڌي- ص ٤٢٤
**موسوي عبدالحسين شاهه**
(١١٤) (مؤلف) "ديوان بيدل"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - ٻيو
ايڊيشن ١٩٦١ع ص - ١٣٢
**انصاري، عثمان علي**
(١١٥) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام"-سنڌي ادبي بورڊ،
حيدرآباد / ڄام شورو، ٻيو ڇاپو ١٤١٠هه/١٩٨٢ع ص - ١٨٤
**راڄڙ، فقير، منٺار**
(١١٦) "ڪلام منٺار فقير راڄڙ" (رسالو خدائي- I)- ناشر: سجاده
نشين، درگاهه منٺار فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ تعلقو ڪپرو، سانگهڙ -
ڇاپو ٽيون ١٩٩٩ع- ص ٣٤٨
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(١١٧) (مؤلف) "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهه جو

رسالو" - ڇپائيندڙ : آر - ايچ - احمد انڊ برادرس، بوڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار، حيدرآباد- ڇاپو پهريون ٦٠-١٩٦١ع - (سر: ڪاپائتي) - ص ١١٨٧
(١١٨) ايضا ـــــ (سر: سسئي آبري) - ص -٣٩١
(١١٩) ايضاً - (سُر: ڪلياڻ) - ص ٦٨
**انصاري عثمان علي**
(١٢٠) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد/ڄام شورو پهريون ڇاپو ١٤٠١هه/١٩٨٢ع ص ٧٣
**گربخشاڻي، هوتچند مُولچند، ڊاڪٽر**
**دائود پوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، شمس العلماء**

(٥٩١) "ڪلام گرهوڙي"- سنڌي ادبي سوسائٽي جي مطبوعات جو ٻيون عدد - دفعو پهريون ١٣٧٦هه / ١٩٥٦ع- ص ٢١

(٥٩٢) (مترجم ۽ ممهد) "ابيات سنڌي سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو- شايع ڪندڙ؛ سنڌي- ادبي سوسائٽي، ڪراچي ٢٨٦ گارڊن ايسٽ ڪراچي - ص ١٣

**"ٻيوس". ٽاچل**

(٥٩٣) "جڏهن پونءَ ٻٽي" - انڊس ويلي ڪلچر ائسوسيئيشن، ڪراچي، ڇاپو پهريون ١٩٨٢ع - ص ٢٠٩

**طالب المولى، محمد زمان، مخدوم**

(٥٩٤) "چپر ۾ چڙيون" - (مرتب؛ ڊاڪٽر اسد الله شاهه بيخود حسيني)- مرڪزي بزم طالب المولى جو اشاعتي سلسلو - ڇاپو پهريون ١٣٩١هه/١٩٧١ع - ص ٣٦٩

**شاهواني، غلام محمد محمد ابراهيم**

(٥٩٥) (مؤلف) "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهه جو رسالو"- ڇپائيندڙ؛آر- ايڇ-احمد اينڊ برادرس بوڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار-ڇاپو ٻيو: ٦١-١٩٦٠ع- (سر؛ سارنگ)- ص ٩٨٧

(٥٩٦) ايضاً - (سر ڪنيات)- ص ١٨٣

**Rochiram Gajumal**

(597) A Hand Book Of Sindh Proverbs, Fourth Edition 1935-P-69

**آڏواڻي، ڪهولرام سلامت راءِ، ديوان**

(٥٩٨) "گل شڪر"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- ڇاپو ستون ١٩٧٨ع- ص ١٨٤

**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(٥٩٩) (مهتمم) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ - ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه /١٩٧٩ع (سر؛ ڪنيات)- ص ١١٨

**قليچ بيگ مرزا**

(٦٠٠) "شاهہ جو رسالو"- پوکرداس، تاجر ڪتب شڪارپور ١٩١٣ع- (سر: سورٺ) - ص ٣٥٢

**بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر**

(٦٠١) (مرتب) "تماهي مهراڻ"، سوانح نمبر ١٩٥٧ع"- سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي/حيدرآباد (اديب : حاجي مراد خان چانڊيو) - ص ٣٨٩

**لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر**

(٦٠٢) (مرتب) "ڪشتي منجهہ ڪٺا : ڪلام پير شاهنواز عارف المولئ" - ناشر: درگاهہ پير حسن بخش شاهہ جيلاني، ڏنڙو شريف - زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد ١٩٩٣ع - ص ٢٣٧

**"حافظ"، حيات شاهہ**

(٦٠٣) "ديوان حافظ" - ناشر: مقبول احمد ڀٽي، حيات لائبرري، ديوءَ جو پڙ، حيدرآباد - دفعو پهريو ١٩٥٠ع- ص ٦٨

**سنڌي، پردو، محمد رمضان**

(٦٠٤) "بوندون بس نہ ڪن" - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو - ڇاپو پهريون ١٩٨٨ع - ص ٢٦

**گربخشاڻي، هوتچند مولچند**

(٦٠٥) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ- ڇاپو پهريو ١٣٩٩هہ/١٩٧٩ع - (سر: سريراڳ) - ص ١٢٩

**دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر شمس العلماء**

(٦٠٦) (مؤلف ۽ ناشر) "ڪلام گرهوڙي"- پاران سنڌي ادبي سوسائٽيءَ جي - دفعو پهريون - ١٣٧٦هہ/١٩٥٦ع - ص ٧

(٦٠٧) ايضاً - ص ٣٥

# باب بيو

ڪنهن نقطهءَ نظر کي واضح ڪرڻ يا زور ڀرڻ Emphasize لاءِ، ساڳيو انگ ٻه ڀيرا ڪم آندو ويندو آهي. مثال طور؛ هڪ هڪ، ٻه ٻه، ٽي ٽي، چار چار، ڏهه ڏهه، سو سو، هزار هزار، لک لک وغيره.

(الف) ڳاڻيل انگن جو ورجاءُ:

انگن تي ٻهيل لوڪ گيت "مورو" پيش ڪجي ٿو، جيڪو انگن جي ورجاءَ جو هڪ انوکو نمونو آهي:

او ڳاڙهيءَ ڳاڏا اٺ اٺ، نينگر ويٺي آڪٽ،
راٺا! موري موڪل ڏي!
او ڳاڙهيءَ ڳاڏا ڏه ڏهه - يار پاٽا ٽي ڳهه،
راٺا! موري موڪل ڏي!
او ڳاڏي ڳاڏي ويهه ويهه، الله ڪندو آهي ڏينهن
راٺا! موري موڪل ڏي!
او ڳاڙهيءَ ڳاڏا سٺ سٺ - مون سان ٿي آ جُٺ،
راٺا! موري موڪل ڏي!
او ڳاڏي ڳاڏا سؤ سؤ - ڪونهي هاٿي پوُ
راٺا! موري موڪل ڏي! (١)

جدا جدا انگن جي ورجاءَ جا مثال:

هڪ هڪ:

(١) سڏي شاعر سنڌ جا، هڪَ هڪَ پاڪر پاءُ
(تاجل بيوس) (٢)
(٢) تنهن جي هڪ هڪ ناز تان صدقي، "بردي" جهڙا سوَ سوَ وار
(بردو سنڌي- دوهو) (٣)
(٣) هڪ هڪ مالڪ تن ۾، هو موتي، چوَن مهتاب
(شاهه محمد ديدڙ) (۴)
(۴) هڪ هڪ ڏينهن حبيب ري، سَو سَو پايان سال
(پير شاهه نواز عارف المولي) (۵)

(۵) مجلس محبوبن جي موچاري،
هڪ هڪ گفتو سندن هزاري،
(حافظ عبدالله ڪلهوڙو) (٦)
(٦) "روحل" روح الله سان، وڃي ٿيو هڪ هڪ
(روحل فقير ) (٧)
(٧) قوس ابرو، ڪاڪل ڪنڌڙا، واسينگ هڪ هڪ وار
(وسايو مگڻهار) (٨)
(١) هڪ هڪ ڪري؛ چونڊي چونڊي / قطار ڪري
(٢) هڪ هڪ ٿي وڃڻ؛ ڪٺو ڪٺو ٿي وڃڻ؛ چڙ وچڙ ٿيڻ/ چڙ چڙڪابڙا ٿيڻ/ڏار ٿي وڃڻ To be disintigrated
(٣) هڪ هڪ جي مُنهن ۾ ڏسڻ؛ مدد لاءِ واجهائڻ / هڪ هڪ جي ڪاڻ ڪڍڻ/ ڳيجهُو ٿيڻ / هر هڪ ۾ آسرو رکڻ، مثال؛
چو وينو هڪ هڪ جي منهن ۾ ڏسجي؟ پنهنجي مُڙسي يا همت ڪجي!!
هڪ هڪ جي منهن ڏي ڏسڻ؛ هر هڪ جي ڪاڻ ڪيٺ ڪڍڻ / هر هڪ ۾ اميد ۽ آسرو رکڻ (٩)
ٻہ ٻہ؛
ٻہ ٻہ هٿ ڪري ڪاٺڻ؛ ڳهٺو ڪاٺڻ / آڦرجڻ/ آڦر جي پوڻ.
سيري جي سڌ تي، ٻہ ٻہ ڪنياڻون ٻار،
هڪڙي کي ڪپيائون ڪپ ۾، ٻئي کي ڪڍيائون مار،
جڏهن ٿي سيري جي سنيار، تڏهن ٻہ ٻہ چپاٿون ٻار کي (١٠)
ٻاٽي ٻاٽي؛ ٻٽي - ٻتي؛ ٽوٽڙا، مثال؛
ٻاٽي ٻاٽي ڏينهڙا، لڳا پونگر راه سَتي
مُڙدن اچي مامرو، ٻڌو ٻڳ مٿي.
(ٻاگو ٻان؛ دودو چنيسر) (١١)
(١) ٻہ ٻہ هٿ اڏامڻ؛ وهلور وڃڻ / تڪڙو ٿيڻ
(٢) ٻہ ٻہ دفعا ٻلهار وڃڻ؛ فدا ٿيڻ / سر گهورڻ

پنج پنج (٥-٥)

(١) پنج پنج ڀيرا ڀڙ ۾، تو ڀرائي پوشاڪ

(شاهہ محمد ديڏڙ) (١٢)

(٢) او ڪاڏيءَ ڪاڏا پنج پنج - الله ڏيندس گنج
راڻا موري موڪل ڏي!

(لوڪ گيت؛ مورو) (١٣)

نَونو (٩-٩)

حڪم تو پنهنجا پاڻ هلائي
نَو نَو بازيون برهہ بنائي
دوست درازين، نينهڙو نينهڙو نينهڙو

(نانڪ يوسف (١٤)

ڏهہ ڏهہ (١٠-١٠)

ڏهہ ڀيرا، بار بار / هر هر / وري وري / گهڻا سارا دفعا (Not once in a way but ten times a day)، مثال:

(١) سڄڻ جي وصل ڪان يارو، نہ جڳ ۾ ڪابہ شيءِ بهتر،
ڏجن جاگير پڻ ڏهہ ڏهہ، نہ ڇڏجي وصل وارو گهر.

(محمد صديق مسافر) (١٥)

(٢) آچر سومر ڪر برساتيون، ڳليءَ ڳليءَ ۾ تين آباديون،
راڄ مهاڄڻ جي گهر شاديون، ڏهہ ڏهہ ڀيرا گهرندس ڏاڄ.

(حاجي خانڻ چنجڻي) (١٦)

(٣) ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڏنکن تا ور ور ڏيو ونگن تا

(مخدوم محمد زمان طالب المولي) (١٧)

(٤) ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڏينهن ۾، سڄو ڏينهن ساريان

(ولي محمد رونجهو ڀيلائي) ١٨)

(٥) اڳئي سُور هٺا ڀيا، اڃي تيا گهڻا
وتن قرضي ڳوليندا ڏهہ ڏهہ ڄڻا.

(سومرو غلام رسول سوداڻي) (١٩)

(٦) اي جاني جواني ماڻي سدا،
ڏين ڏھ ڏھ پيرا ٽليو نهڪ.

(مخدوم محمد زمان طالب المولي) (٢٠)

(٧) ڏکويل جي ڏيل ۾، ڏھ ڏھ لڳن ڏنگ.

(پير شاهنواز عارف المولي) (٢١)

(٨) متي سيني سِسيون، ڏھ ڏھ ڏينهن ڏجن!

(خليفو نبي بخش لغاري قاسم) (٢٢)

(٩) هو ڏھ ڏھ پيرا ڏينهن ۾ تو معافيون ڏئي مَن.

(مخدوم محمد زمان طالب المولي) (٢٣)

(١٠) ڪانئر چڪن موت، ڏھ ڏھ پيرا ڏينهن ۾. (پهاڪو) (٢٤)

(١١) ڏاڍيون اميدون اندر ۾ آيون ڏيندس مان ڏھ ڏھ ڏهنايون
سي شل سڀ سمجهن! ڏاڍا قرب ڏبن

(مخدوم محمد زمان طالب المولي) (٢٥)

(١١) اِڪي ايندو هو ڏھ ڏھ پيرا هڪڙي ڏينهن ۾ سهڻو،
مگر هاڻي تہ ڏينهن ڪان، ڏمرجي ور ڦيرايو رخ.

(حيات شاهہ حافظ) (٢٦)

(١٢) چانگ چيلن جي چڙهي، پهتي مڙهي ۾ ماڳ تي،
ڏهر ۾ ڏھ ڏھ تا ڏسجن، ۽ ٻڪر پاسي ۾ ٻہ ٻہ.

(محمد خان غني) (٢٧)

(١٣) وس وس مينهڙا ڏھ ڏھ ڏينهڙا

(مير محمد پيرزادو)

(١٤) ڏھ ڏھ پيرا ڏينهن ۾، آئيو ڪوڙ ڪوڙين.

(ڪيهر فقير جمالي) (٢٨)

**سَـو سَـو: 100- 100)**

سو سو پيرا؛ هر هر / وري وري / گهڻا سارا دفعا. مثال؛

(١) هڪ نينهن جي ناز ٿئون، سئو سئو پيرا صدقي ٿيان!

(غلام شاهہ) (٢٩)

سَو سَو سلام، اڪيچار نياز/ گهڻا سارا سلام. مثال؛

(٢) واهہ سَڪي پاتار رهي
سپنو سوَ سَو سوز سهي

(الطاف عباسي)(٣٠)

(۴) هڪ هڪ ڏينهن حبيب ري سو سو پايان سال

(پير شاهنواز عارف المولي) (٣١)

(۵) جنهن لئہ روح وجهي ٿو قارون
ساعت ساعت سوَ سَو سارون،
شال اچي سو جنهن جي سڪ ڪان، وارُ نہ "بردا" واندو،
اڄ ڪانگ .......

(بردو سنڌي) (٣٢)

(٦) مون ڏٺو، بيٺي کي هرڪو ٿو ڪري سؤ سؤ سلام،
مون ڏٺو ڪريٺي کي سمجهن ٿا سيئي نوڪر غلام.

(غلام احمد نظامي) (٣٣)

(٧) هي سِر صدقو سڄڻ تان، ساهہ ڪريان قرباني،
پيتر ڙيا سو سو پيري !

(اميد علي شاهہ) (٣۴)

(٨) هردم هاديا هوئج راضي مَجَ "منٺار" جي منت ۽ آزي
پيا سو سو سلام، مَواريان، پيا سو سو سلام نياز

(منٺار فقير راڄڙ) (٣۵)

(٩) سؤ سؤ سلامن، اي ميان، سو سو سلامن،
منهنجا وجي چئج مارن کي، لا، سو سو سلامن.

(ميان موسيٰ مداح) (٣٦)

(١٠) شير خان چئي جيتر جيان، سو سو پيرا صدقو ٿيان

(شير خان پنيرو) (٣٧)

(١١) سڄر سور سرير ۾ آهن، سَئَہ سٺہ سنياسين.

(صوفي صديق صادق) (٣٨)

(١٢) مٺي ويو منهنجي من مان سؤ سؤ ڪري سؤسات

(راضي فقير رند) (٣٩)

(١٣) توٺي وڃن هِتِ سؤ سؤ واڇا،
ٻن ڏيٺي سڀ ٻاريان!

(محمود فقير ڪٽياڻ) (٤٠)

(١٤) آهين ڇپر ۾ ڇانوَ تون مُنهنجي
سوَ سوَ سوڀون الفت تنهنجي،
ڊولڻ تنهنجي آهيان ڊار،
وِهَ ٻيا ويچار لڳن ٿا.

(آخوند فضل صديق "فضل") (٤١)

(١٥) سوَ سوَ سلام توتي اي جذبه محبت،
آهين ٻنهي جهانن ۾ دل گهُري تون دولت.

(آخوند فضل صديق "فضل") (٤٢)

(١٦) توڪي ٻاڏايان ٿو، ٻاجهي، سوَ سوَ ڪنڊا ساهہ ڏسي

(ذوالفقار راشدي) (٤٣)

**هزار - هزار:**

نثر نگار سيد علي گوهر شاهہ گوهري (ڪڇي) جي ڪتاب "اذڪار قلندري" جي حوالي سان، لاڙ جو لاڏلو اديب، محمد سومار شيخ پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب "ڪڇين جا قول" ۾، گوهري جي نثر جو هي مثال ڏنو آهي:

"هزار هزار تعريفون خالق اڪبر ڪي جُڳائين جنهن جي قدرت جو ظهور هر جڳهہ موجود آهي (٤٤)

**لک لک**

(١) ·لک لک مُبارڪ عربي آيو،
سيد سوهڻي جا هلي ڳاچ ڳايو.

(راضي فقير رند) (٤٥)

(٢) ڪج قبول "منثار" جون آزيون،
جو لک لک پيرا ڪري نيازيون،
تہ مون ڪي مِلّ ڪارڻ رحمان.

(منثار فقر راڄڙ) (٤٦)

(٣) تنهن لعلڻ تان لک لک ٿيان، ڪوڙئين دفعا قربان

(مينهن وسايو مگنهار) (٤٧)

(٤) لک لک مبارڪون، هُجنو ! (جملو)

(٥) لالڻ ڪيا مون تي لک لک تورا،
دل ۾ هـيـر ڏاڍي چـورا ڪورا،
نـوڙي ڪيم نـيزاريـون.

(مخدوم محمد زمان طالب المولا) (٤٨)

(٦) ڪاڪل ڪنيڙا، ڦهري ڪارا،
لوهون لک لک ڏين لامارا،
انهن ڏنگڙن ڪان تہ ڏنگايون الا

(پير شاهنواز عارف المولا) (٤٩)

**انگن جو ٻيو پيرا ورجاء**

ڪروڙين سر هجن "قائم"، ڪيان سڀ يار تان صدقي
ڪوڙين قدمن تان قرباني ڏيان، ڏهہ وار ڏهہ ڏهہ ڏهہ

(قائم فقير شر) (٥٠)

# حوالا

(١) لوڪ ادب جي ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.

**ڀيوس، تاجل**

(٢) "جڏهن ڀُونءِ ٻٽي" - ڇپائيندڙ؛ انڊس وئلي ڪلچر ائسوسيئيشن، ڪراچي - حيدرآباد ڇاپو پهريون - ١٩٨٢ع ص١٢٧

**سنڌي، "پردو"، محمد رمضان**

(٣) "ٻوندون ٻس نہ ڪن" - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو - ڇاپو پهريون ١٩٨٨ع - ص ١٢٣

**سنڌيلو، عبدالڪريم**

(٤) "ڪليات شاهہ محمد ديدڙ" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ. پهريون ڇاپو ١٩٧٧ع- ص - ٥٢

**لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر**

(٥) "ڪِشتي منجهہ ڪٺا؛ ڪلام پير شاهنواز عارف المولئِ" - زيب ادبي مرڪز حيدرآباد سنڌ - سال ١٩٩٤ع (حافظ عبدالله ڪلهوڙو)- ص ٢٩٥

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٦) "ڪافيون" (جلد پهرين) - سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو / حيدرآباد - پهريون ڇاپو ١٤٠٥هہ / ١٩٨٥ع (شاعر؛ حافظ عبدالله ڪلهوڙو) ص - ٣٨٣

(٧) ايضاً - (شاعر؛ روحل فقير) ص - ٤٢

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٨) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌي سينگار شاعري"- سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ - پهريون ڇاپو ١٤٠٦هہ / ١٩٨٦ع (شاعر؛ مينهن وسايو مڱڻهار) - ص ٢٣٣

**غلام اصغر**

(٩) "سنڌي ڪتمنڙا عرف اصطلاحات اصغر"- آر - ايچ - احمد اينڊ برادرس بڪ سيلرس، شاهي بازار حيدرآباد دفعو پهريون ٥٥-١٩٥٦ع - ص ٥٦١

موسوي، عبدالحسين شاهہ ۽ عباسي، محمد ابراهيم
(١٠) (ڪلچين) "سرهاڻ" - ناشر، شفقت علي شاهہ روهڙي- ص ٢٥
شيخ محمد سومار
(١١) "ڪچين جا قول" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد-ڇاپو پهريون ١٩٧٧ع - ص ١٢٢
سنڌيلو عبدالڪريم
(١٢) "ڪليات شاهہ محمد ديدڙ" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، - پهريون ڇاپو - ١٩٧٧ع - ص ١٤
(١٣) لوڪ ادب جي سهيڙيل مواد تان ورتل
عباسي، تنوير
(١٤) (مرتب) "نانڪ يوسف جوڪلام"- سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ- پهريون دفعو - ١٩٨٣ع - ص ٩٥
مسافر، محمد صديق
(١٥) "منازل مسافر بمع ڪليات مسافر" - آر- ايچ - احمد ائنڊ برادرس، پبلشرس، بڪ سيلرس شاهي بازار حيدرآباد سنڌ - ڇاپو ٻيو ١٩٦٥ع - ص ١١٨
سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر
(١٦) "ڪليات حاجي خاڻ چنجڻي" - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون ١٤٠٦هہ / ١٩٨٦ع - ص ٢٣٢
طالب المولى، محمد زمان، مخدوم
(١٧) "ڇپر ۽ ڇڙيون" - (مرتب: ڊاڪٽر اسدالله شاهہ بيخود حُسيني) - مرڪزي بزم طالب المولى جو اشاعتي سلسلو - ڇاپو پهريون ١٣٩١هہ / ١٩٧١ع - ص ٣٤٦
بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر
(١٨) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌي سينگار شاعري" - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد- پهريون ڇاپو ١٤٠٦هہ/١٩٨٦ع (شاعر: ولي محمد رونجهو)- ص ٢٠٣

"سودائي" غلام رسول، سومرو
(۱۹) "تاڪوڙا" - اداره احسن پبليڪيشن، دادو، دفعو پهريون ۱۹٦٦ع - ص ۴۴
طالب المولي، محمد زمان، مخدوم
(۲۰) "چپر ۾ چڙيون" (مرتب: ڊاڪٽر اسد الله شاھ بيخود حسيني)- مرڪزي بزم طالب المولي جو اشاعتي سلسلو - ڇاپو پهريون ۱۳۹۱ھ / ۱۹۷۱ع - ص۲۷۸
لغاري اڪبر علي، ڊاڪٽر
(۲۱) "ڪشتي منجهه ڪٺا: ڪلام پير شاهنواز عارف المولي". - زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سال ۱۹۹۴ع - ص ۲۹۸
بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر
(۲۲) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ ڇاپو پهريون- ۱۴۰۵ھ / ۱۹۸۵ع - (شاعر: خليفو نبي بخش لغاري قاسم)- ص ۱۴۵
طالب المولي، محمد زمان، مخدوم
(۲۳) "چپر ۾ چڙيون" (مرتب: ڊاڪٽر اسدالله شاھ بيخود حسيني) مرڪزي بزم طالب المولي جو اشاعتي سلسلو - ڇاپو پهريون ۱۳۹۱ھ / ۱۹۷۱ع ص - ۳۸
آڏواڻي، ڀيرو مل مهر چند
(۲۴) "گلقند" (ڀاڱو پهريون) ڀاڪا - ڇپائيندڙ: ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي- ڇاپو ٽيون ۱۹۴۰ع - ص ۱۰٦
طالب المولي، محمد زمان، مخدوم
(۲۵) "چپر ۾ چڙيون" (مرتب: ڊاڪٽر اسدالله شاھ بيخود حسيني)- مرڪزي بزم طالب المولي جو اشاعتي سلسلو - ڇاپو پهريون ۱۳۹۱ھ / ۱۹۷۱ع- ص ۳۴۳

**حافظ، حيات شاهه**
(٢٦) "ديوان حافظ" - ناشر : مقبول احمد پٽي، حيات لائبرري، ديتو جو پڙ، حيدرآباد - ڇاپو پهريون ١٩٥٠ع - ص ٣٨
**لڪڙائي "اسد"، اسد الله شاهه**
(٢٧) "تذڪره شعراء لڪڙ" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڇاپو پهريون ١٩٥٩ع- (شاعر: محمد خان غني)- ص ١٩٥
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٢٨) (مرتب) "سه ماهي مهراڻ ٣، ٤-١٩٥٧ع - سوانح نمبر"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (مضمون- شاعر: ڪيهر فقير جمالي)، (س-ڪ جمالي) - ص ٣٥٩
**غلام شاهه**
(٢٩) راقم جي ذاتي سهڙيل مواد تان ورتل
**عباسي، الطاف**
(٣٠) "جاڙا چنڊ" (شاعري)- سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، حيدرآباد ١٩٧٩ع- ص
**لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر**
(٣١) "ڪشنتي منجهه ڪٿا: ڪلام پير شاهنواز عارف المولئ"- زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سنڌ، سال ١٩٩٤ع - ص ٢٩٥
**سنڌي، "بردو"، محمد رمضان**
(٣٢) "بوندون بس نہ ڪن" - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو، ڇاپو پهريون ١٩٨٨ع- ص ١٥
**نظامي، غلام احمد**
(٣٣) "بياض نظامي"- ڇپائيندڙ: جميعت الشعراء سنڌ، پيو ايڊيشن ١٩٤٨ع- ص ١٥٧
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٣٤) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام

شورو / حيدرآباد- پهريون ڇاپو ١٤٠٥هه / ١٩٨٥ع -
(شاعر: اميد علي شاهه) ص- ٢٣٢
**راڄڙ، فقير، منٺار**
(٣٥) "ڪلام منٺار فقير راڄڙ (رسالو خدائي) - سجاده نشين درگاهه منٺار فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ، تعلقو ڪپرو، ضلع سانگهڙ، سنڌ ٽيون ڇاپو ١٩٩٩ع - ص ٨١
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٣٦) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون)- سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ - پهريون ڇاپو ١٤٠٥هه / ١٩٨٥ع
(شاعر: ميان موسيٰ مداح)- ص ١٩٢
(٣٧) ايضاً - (شاعر: شير خان پنيرو) ص- ٩٦
(٣٨) "راڳنامو" (از صوفي صادق سومرو)- شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد سنڌ ڇاپو پهريون ١٤٠١هه/١٩٨١ع- ص ٢٢٣
**سمون، محمد قاسم**
(٣٩) (مرتب) "راضي فقير رند جو رسالو (حصو پيو)- ڇپائيندڙ: ماستر محمد قاسم سمون - سال ١٩٨٣ع - ص ٣١
**سيو، محمد صالح، ماستر**
(٤٠) (مرتب) "ڪلام محمود ڪتياڻ"- سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي - حيدرآباد سنڌ - ايڊشن پهريون ١٩٥٩ع ص- ٥٩
**گرامي، غلام محمد**
(٤١) (ايڊيٽر) "٣ ٽماهي مهراڻ حيدرآباد: ١-٢ / ١٩٦٩ع: شاعر نمبر ١٩٦٩ع" (شاعر: آخوند فضل صديق "فضل" )- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٩ع - ص ٣٨٤
(٤٢) ايضاً (شاعر: آخوند فضل صديق "فضل" ) ص- ٣٨٦
(٤٣) ايضاً - (شاعر: ذوالفقار راشدي) - ص ٥٧٧

**شيخ، محمد سومار**

(۴۴) (مرتب) " ڪچين جا قول" -سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون ۱۹۷۷ع- (نثر نگار؛ سيد علي شاهہ گوهري ڪيچي) ص- ۲٦۴

**سمون، محمد قاسم**

(۴۵) (مرتب) "راضي فقير رند جو رسالو"- (حصو پيو)- ڇپائيندڙ؛ ماستر محمد قاسم سمون- سال ۱۹۸۳ع - ص ۷۵

**راهڙ، فقير، منٺار**

(۴٦) " ڪلام منٺار فقير راهڙ" (رسالو خدائي- ۱)- سجاده نشين، درگاهہ منٺار فقير راهڙ، ڪاٺي راهڙ، تعلقو ڪپرو، ضلع سانگهڙ سنڌ، ٽيون ڇاپو ۱۹۹۹ع - ص ۲۵۹

**بلوچ ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(۴۷) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌي سينگار شاعري - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ - پهريون ڇاپو ۱۴۰٦هہ /۱۹۸٦ع (شاعر؛ مينهن وسايو مڱڻهار) - ص ۲۳۳

**طالب المولى، محمد زمان، مخدوم**

(۴۸) "ڇپر ۾ ڇڙيون" (ڊاڪٽر، اسدالله بيخود حسيني) مرڪزي بزم طالب المولىٰ جو اشاعتي سلسلو، ڇاپو پهريون ۱۳۹۱هہ/ ۱۹۷۱ع- ص ۳۴۴

**لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر**

(۴۹) (مرتب) " ڪشتي منجهہ ڪٺا؛ ڪلام عارف المولىٰ" - زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، سال ۱۹۹۴ع- ص ۲۰۵

**بلوچ ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(۵۰) " ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد- سنڌ پهريون ڇاپو- (شاعر؛ قائم الدين شر) ۱۹۸۵ع - ص ٦۱۲

(ب) هڪ کان وڌيڪ انگن جو گڏيل استعمال:

(I) اڪيچار/اڻڳڻيا/ڳاڻيٽي کان ٻاهر Innumerable/countless انگ

اهڙا انگ / عدد جن جو شمار يا ڳاڻاٽو ڪري نه سگهجي. ۽ اهي اهڙا انگ يا عدد جيڪي پنهنجي ساء، definite نه هجن. تن کي "اڪيچار" انگ يا تعداد چئبو آهي. لاتعداد انگن / تعدادن جي Indefinite ڳاڻاٽي جو هڪ انداز هي به آهي:

(i) ڏهين ڏهاڪا

ويهين ويهون

ڪوڙين ڪوڙيون

سوين سَو

هزارين هزار

لکين لک

ڪروڙين ڪروڙ

اربين ارب

پدمين پدم

(ii) ڏهن جا ڏها

ڊزنن (Dozen) جا ڊزن

ڪوڙين (ڪوڙي ٢٠) جو ڪوڙيون

ويهن (ويهه؛ ٢٠- هڪ ويهه جمع؛ ويهون وغيره) ويهن جون ويهون.

سون جا سَوَ

هزارن جا هزار

لکن جا لک

ڪروڙين جا ڪروڙ

اربن جا ارب

پدمن جا پدم

کربن جا کرب

**مقدار:**

خرار: ان جو ماپو/ماڻ جنهن ۾ ٦٠ ڪاسا هجن، جڏهن تہ هڪ ڪاسي ۾ ۴ ٽويا، هڪ ٽوٽي ۾ ۴ پاٽيون، هڪ پاٽيءَ ۾ ۴ چوٿايون هجن.

هڪ خرار ۾ ١٠ مڻ هوندا آهن

## انگن جي سگهہ، ڪاٿوٽا (ڪيتري سگهہ وارا)

**ڏيڍوٽا**

**ٻيٽا/ٻيٽو** Two times more ٽيٽا، ٽيڻ تي Three times more

ڏکوئن ڪَرَ اچيو هر هر،
اچن گوندرَ ڏيو ور ور،
ڦٽي دل درد ڪٽي دردر،
ورِهَہ ٻيٽا ڪيا ٽيٽا.

(حاجي گل محمد رند) (١)

**اڍائيٽوٽو** (Two and a half times more)/اڍائيٽوٽا-ٽيٽو/ ٽيٽا (ايڪوٽا/هيڪوٽا + ٻيٽا + ٽيٽا) Thrice

چئوٽا: (چؤ (چار) + هوٽا

پنجوٽا: پنج + هوٽا

ڇهوٽا: ڇهہ + هوٽا

ستوٽا: ست + هوٽا

اٺوٽا : اٺ + هوٽا

نائوٽا: (نَو + هوٽا / اوٽا - ناهوٽا / نائوٽا)

ڏهوٽا: ڏهہ+ هوٽا/ئوٽا: Ten times more ڏهہ دفعا وڌيڪ. مثال:

(١) سائل کي "شريف" چٽي ڏنائون ڏهوٽا ڏان

(شاهہ شريف ياڏاهي) (٢)

(٢) سر جي ڪر ساڃاهہ، ڏيجَ ڏهوٽا وٺ تون!

(غلام حيدر تيرهيو) (٣)

ويهوٽا : ويهہ (٢٠) + هوٽا

ٽيهوٽا : ٽيھہ (٣٠) + هوٽا
چاليهوٽا (چاليھہ + هوٽا / ٺوٽا) : Forty times more
پنجاهوٽا : پنجاھہ (٥٠) + هوٽا
سٺوٽا: سٺ (٦٠) + هوٽا
سترهوٽا : ستر (٧٠) + هوٽا / ٺوٽا
اسيئوٽا
نويئيوٽا
سؤٽا Hundred times more
هزاروٽا
لکوٽا
ڪروڙوٽا
چؤڪن جا چؤنڪ
ڇڪن جا ڇڪا
ڪوڙي (واحد)؛ ويهن جو تعداد - ڪوڙيون (جمع)
ڪوڙئين Innumerable/ In scores

(١) ڪوڙين ڪنوٽن جا، پينر پانيان پالُ (شاھہ؛ رامڪلي) (۴)
ڪنوٽي؛ ڪَن ڪٽ/ڪن چير/ ڪاپڙي

(٢) شوق تنهن جي شاھہ ڪيڙا قرب ڪوڙين ڪا مگار
(پير مظهرالدين شاھہ ٿلامي) (٥)

(٣) ڪوڙين ٿيا ڪيترا، نالي تان نثار
آيل! مرڪ مَهجو مون پرين.
(شاھہ؛ سُر حسيني) (٦)

(۴) لوڙهٺا لک لطيف چي، ڪوڙين ڪارُنيار
(شاھہ : سُر سهڻي) (٧)

(٥) ڪوڙين ڪايائون تنهنجيون، لِکن لک هزار
(شاھہ : سُر ڪلياڻ) (٨)

(٦) ڀھون ڀاروتن ۾، ڪوڙين ڪوڙ ڪنام،
ڀھون: گھڻا- ڀاروتن ۾: ڀاراٽي وھيءَ ۾ (شاھ: سر آسا) (٩)
(٧) وحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين ڪي قليل
(شاھ: سر سھڻي (١٠)
(٨) ڪوڙين پتين ڪانگ، اڏايام، اچيج تون
(شاھ: سور مومل راڻو) (١١)
(٩) ڪوڙين رنگ رچن، پانوڙيءَ پڪ سين!
(شاھ: سُر مومل راڻو) (١٢)
(١٠) ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، متيءَ لڏو مان،
ڪوڙيين ڪن سلام، اَکيھ اچئو ان جي.
(شاھ: سر- سريراڳ) (١٣)
(١١) گھوٽ تنھن جي گھور گھايس،
ڪوڙين ڪنا تن ڪيترا
(مير محمد) (١٤)
(١٢) ڪوڙين ڪيڙم ڪيترا، انھن ڪاڻ ڪشال
(سچل سرمست- ڪافي: سُر سسئي) (١٥)
(١٣) سِرَ "سچوءَ" جو يار اوھان توۡن، ڪوڙين ٿئي قرباڻ
(سچل سرمست- ڪافي - سسئي) (١٦)
(١٤) ڪافَ ڪشالا ڪيترا، ڪوڙين آھن ڪوھَ
(سچل سرمست سسئي) (١٧)
(١٥) چاڙھيون لاھيون ڇُنج جيونِ، ڪوڙين آھ ڪوھَ
(سچل سرمست - سسئي) (١٨)
(١٦) اصل اسان جو عشق تو ئي سان، ڪوڙيين آھن ڳالھيون ڪيئي!
(سچل سرمست - ڪافي) (١٩)

(١٧) "سچُو" سُپرينءَ لاءِ، ڪوڙين ڪانگ اُڏاءِ
(سچل سرمست - سر مارئي؛ بيت) (٢٠)
(١٨) آءٌ ڪوڙين ٿيان قربان، جوڳيڙڻ جي جات تؤن!
(سچل سرمست - ڪافي) (٢١)
(١٩) ڪوڙين مون ڪاٿيون، ڍولا! ڍڪي آءٌ تون
(شاهه؛ سُر- مومل راڻو) (٢٢)
(٢٠) ڪوڙيين تن گهرن کي موڳن مگر ڏنا
- مگر؛ ٻاهيون (مخدوم غلام محمد ڀُڳائي) (٢٣)
(٢١) حال مون "مهجور" جو چئو، ڪُرشنون ڪوڙيين ڪري
(سيد ميران محمد شاهه مير / مهجور) (٢٤)
(٢٢) ڪوڙيين اُڏايم ويهي ڪانگ،
نهوڙيس نانگي نينهن جي نانگ.
(طالب پلي) (٢٥)
(٢٣) ڪوڙين ڪنڌ هجن ته به قدمن تان قربان ڪريان
(پنهون لغاري) (٢٦)
(٢٤) ڪوڙو سچو ڪين ٿئي، توڙي ڪوڙيين قسم کڻي
(محمد صالح سنڌي) (٢٧)
(٢٥) چڱن تہ چڱايون ڪيون، پر منهنجون مدايون،
ڪوڙين ڪسايون، هڪڙي نام حساب ۾
(دادن فقير) (٢٨)
(٢٦) سا مجلس ئي مٺ توٽي ڪوڙيين ڪرينئي ڏيٺي
(مين عيسي) (٢٩)
(٢٧) تجلو تاب ڏسي تنهنجو،
ڪوڙين ٿيا قربان،
ڪيان جند جان فدا.
(صفي الله) (٣٠)

**سوي/سوين/سئين:** سون ۾ (In Hundreds) گهڻا سارا، مثال:

(۱) سئين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال،

(شاهه : سر سريراڳ) (۳۱)

(۲) آءُ نماڻي آهيان ڇا، ڪيئي سَوين سِڪن

(سچل سرمست) (۳۲)

(۳) در دوسن جي ڪيئي آهن، "سچوءَ" جيها سوي!

سوي: سوين – اُترادي لهجو (سچل سرمست) (۳۳)

(۴) يار يگانو ڪاڻ ظهوري، سوين ڪري سينگار

پاڻ پرين ڪثرت ۾ آيو

(قادر بخش بيدل) (۳۴)

(۵) تيل قليل ڪرين وي بندا، سوين ڪرين سينگار

(اميد علي شاهه) (۳۵)

(٦) سوين سڪندر دارا جهڙا، هتين سڪنا هِتِوُن جي ويڙا،

هَلين ڪان ذري، وين پُورَ پُريَ

(غلام حيدر شر) (۳٦)

(۷) مانجهي اچيو ميخان ۾، سورهيه سوين سر تا ڏين.

(ميان عبدالله لکوي) (۳۷)

(۸) ٿيا سوين سيسار سامهون، تا اُمالڪ هو اچن....

(گل محمد قلبي) (۳۸)

**سهسين:** هزارن ۾ / هزارين/ گهڻا سارا / اڪيچار

**سهس (واحد):** هزار، مثال:

(۱) سائر منجهه سهسَ، گهيڙا کهڻ آئيا.

(سچل سرمست: بيت : حقيقت) (۳۹)

(۲) سهس ۾ "سامي" چئي، ڪو جاڻي سنت سچار!

(چئنراءِ سامي) (۴۰)

**سهسين (جمع):** گهڻا سارا، هزارين، مثال:

(١) سهسين سچ الهي، واجهائيندي وٺام
(شاهه- سُر سهڻي) (٤١)
(٢) سهسين سائر ٻوڙيون، مُنڌَ ٻوڙيو مهراڻ
(شاهه- سُر سهڻي) (٤٢)
(٣) سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جُوء ۾ا
(شاهه: سُر : سارنگ) (٤٣)
(٤) ماريا منصور جهڙا، مرد تنهن جي مامري،
سڏ ڪري سوريءَ مٿي، سهسين سنواريا نيڻ تو.
(حاجي احمد ملاح) (٤٤)
(٥) سهسين سڄڻ سوهڻيون، لکين لک هزار
(ميين عيسيٰ) (٤٥)
(٦) اوريين پرين پار ۾، سوهڻين سهس هزار
سهس هزار: سهيسن (ميين عيسيٰ) (٤٦)
(٧) آءُ نہ گڏي پرين کي، سهسين سچ وٺا
(شاهه: سُر : معذوري) (٤٧)
(٨) سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿئام
(شاهه: سُر مارئي) (٤٨)
(٩) سسهين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙون ليڙ
(شاهه: سر مارئي) (٤٩)
(١٠) سهسين سال گذريا، ميان، لا،
واٽ نهاريان وصال
(رازق ڏنو اڄڻ) (٥٠)
(١١) مُڪا محبوبن مهرئون مون ڏي، سهسين سورَ مُدام،
سي مون چُمي سِر چايا
(مولوي عبدالقادر سولنگي) (٥١)

(۱۲) سهسين پليڪار، ڪانڪلڙا،
جيءَ جيءَ ڪنياتا آئين اوتاري.
(سيد ميران محمد شاهه مير / مهجور) (۵۲)
(۱۳) سهسين ڪن سينگار، سهاڳڻ ڪا هڪڙي
(چنراءِ سامي) (۵۳)
(۱۴) سهسين پڙهي سبق، حافظ ڇاڻ پاڻ کي
سمجهن ڪين ملوڪ جو، اشارو احمق،
ورلو ڪو واقف ٿيو، ويڙهي سڀ ورق،
ڏنا جنهن طبق، چوڏهن پنهنجي چت ۾
(چنراءِ سامي) (۵۴)
**هزارين:** بي شمار / لا تعداد/ڪوڙ سارا، اڻڳڻيا. مثال:
(۱) ڪاف ڪشالا ڪيترا، هزارين فرسنگ،
نهاري ڏي ننگ، ڪَر ورَ ويچاريءَ جي!
(سچل سرمست - بيت: سسئي) (۵۵)
(۲) هجر ۾ آيا هزارين ٿي عيادت لاءِ دوست.
تون پڇڻ ڀي ڪين آئين، "بلبل" بيمار وٽ.
(شمس الدين "بلبل") (۵٦)
(۳) "ڇتو" شڪرانا ڪري الا، حمد هزارين،
جسمي جوت جڳائي هر هر اسم اندر.
(ڇتو فقير سانگي) (۵۷)
(۴) انهين حيرت ۾ هزارين هجي ويا، وڏا وير وريام
(پير رشيد الدين سيد) (۵۸)
(۵) تنهن جي اکڙين جي اسرار، هزارين حيران ڪيا
(ٻڍل فقير عرف "ٻُڍڙو فقير) (۵۹)
(٦) مون ڏنا مفلس هزارين، مُحب جي مجلس اندر،
صاحب دولت جي بند هئي داخلا دربار ۾.
(حمزه علي فدائي) (٦۰)

(۷) سڪ جاويري پهرو ڏيندا،
آس اميد جو ڳلُ گهٽيندا،
ٻانهن ڪنجيندا، تيز تڪيندا،
چاهه جي راهَ ۾ ڦاهَ هزارين،
قدم سنڀاري ڪٽجان ڪوري!
(برڙو سنڌي) (٦١)

(۸) حجت ڪيڙا ني وي، هلاڪ هزارين، الو ميان!
(نواب علي احمد خان) (٦٢)

(۹) اي ماه لقا محبوب مٺا، تنهن جي ناز ادا تان جان فدا
ٿيا دامنگير آمير و گدا، حيران هزارين مان نہ رڳو
(مولانا عبدالغفور همايوني مفتون) (٦٣)

(۱۰) تنهنجون هوت هزارين ٻانهيون، منهنجي توسين تاڻ
(مصري شاهه) (٦٤)

(۱۱) مُنڌ سُجهي ٿي ملڪ ۾، ڏاڍي زور زبر،
تنهن ڪامڻ ڪي هن ڪيترا، هزارين تہ هنر.
(ڪتاب "ونيجهار" تان ورتل) (٦٥)

(۱۲) خبر ناهه ڪنهن ريت نئڙي جگر ۾،
هزارين ٿي ڏک سور ماڀي ويجن ٿا
(الطاف عباسي) (٦٦)

(۱۳) تنهن جي حسن شبيهه مليح مٺان،
حيران هزارين مان نہ رڳو
پير پيغمبر شاهه و گدا،
قربان هزارين مان نہ رڳو.
(مولوي غلام رسول جتوئي) (٦٧)

(۱۴) گيت تنهنجا ٿا هزارين، ديس هر هنڌ ڳائجن:
اي وطن منهنجا وطن!
(عبدالفتاح "عبد" ٻنورائي) (٦٨)

(١٥) وَن تِڻ وڏا ڏسان ٿو، تنهنجي مٿان هزارين،
جن سان نهين تو سهڻو ٿي زيبدار سنڌو!

(قادر بخش سومرو "بشير") (٦٩)

(١٦) اُميدن جا هزارين غُنچهٔ نوخيز مُرجهايا،
اچانڪ ياسِ جي بجلي ڪري، دل جي گلستان تي.

(سليم ڳاڙهوي) (٧٠)

(١٧) هزارين مست آيا، ميڪدي ۾،
پياري جڏ مٺي گلفام ساقي!

(مولوي نورالدين "نور") (٧١)

(١٨) ڪنيون نيڻ نازڪ جڏهن ٿو نهارين،
تہ هلندا هزارين، برن ۾ بهاريندا!

(حسين بخش "خادم" سروري) (٧٢)

(١٩) محبت ۾ اچن وهم و گمان دل کي هزارين ٿا،
انهن کان پاڻ کي بلڪل بچائي يارَ، تو ڪوڪو.

(مائل سروري) (٧٣)

(٢٠) حياتيءَ جو مزو آهي، جڏهن ڪا ڪشمڪش آهي،
هزارين وارَ بجليءَ جا، اڪيلو آشيان منهنجو.

(تاج صحرائي) (٧٤)

(٢١) خدا ڄاڻي تہ دشمن ڇو ٿئين اي آسمان منهنجو،
هزارين بار ناهيم پر جلايئي آشيان منهنجو.

(راز بلڙائي) (٧٥)

(٢٢) اسان جا عيب هزارن ۾ ٿا ٿين ظاهر،
اسان جي آس اِها، تون نہ داغدار هجين!

(نثار بزمي) (٧٦)

**هزارن ۾ هڪ:** يگانو/ يڪتا / لاثاني، هزارن ۾ گهڻن سارن ۾
**لکين:** لکن جا لک / اڻڳڻت/بي شمار/لاتعداد. مثال:

**لکين ٿورا:** اڻڳڻت، احسان/ بي شمار مهربانيون / لا تعداد يا گهڻا سارا ڀلايون ڀال، مثال:

(١) لعلان لکين ڪيون پڌريون، "سچو" وي سرور!

(سچل سرمست: ڪافي) (٧٧)

(٢) پاڻُ مٿائن ڪريان قرباني، لکين ٿورا جن لايا!

(سچل سرمست: ڪافي) (٧٨)

(٣) ويئي ڪانگ اڏايان، لکين لالن لاءِ

(سچل سرمست: ڪافي) (٧٩)

(۴) پوٽيُون هِت پَٽايان، لکين لالن لاءِ، ڙي،

(سچل سرمست: مومل راڻو- ڪافي) (٨٠)

(۵) لکين سج لهي ويا،
ڪيڙيندي ڪارو
آيل! انگ نہ ڏکيو

(تاجل بيوس: سُر سامونڊي) (٨١)

(٦) مون تي ماروئڙن جا بيوس لکين ڀال

(تاجل بيوس: سُر مارئي) (٨٢)

(٧) توڙي لکين لڳا لوڏارين ٿو،
تہ بہ آءٌ تہ تنهنجي ڳچيءَ ڳل آهيان.

(عثمان فقير سانگي) (٨٣)

(٨) ڏسي آرا سي اکڙين جا، ويا ڪوپا لکين لنجي،
پسڻ سان پيچ پنبڻين جي، سوين سورهيہ ويا سنجي.

(هادي بخش شاهہ مسڪين) (٨۴)

(٩) اکيون "مسڪين" جتي اٽڪن، لکين لائق اتي لٽکن

(هادي بخش شاهہ "مسڪين") (٨۵)

(١٠) حُسن تنهنجي حيران، لکين مستان ڪيا.

(صفي الله) (٨٦)

(۱۱) لکين ٿورا تنهنجا پانيان، ڪڏهن مان ڪينڪي لاهيان،
سوين ڳڻ تنهنجا مان ڳايان، سُڃاتو ننگ پنهنجي ڪي.

(نبن فقير جيهو) (۸۷)

(۱۲) مرد سوريءَ تي ڪن سرداري،
وڃهي نڙين ۾ نوڙ، لکين لڙڪايا

(غلام شاهه جهانيان پوٽو) (۸۸)

**ڪروڙين:** گهڻا سارا ڪروڙ/ اڪيچار اڻ ڳڻيا. مثال:

هر طرف اڄ ذڪر قلبي زور ٿيو،
قرب قادر جا ڪروڙين بار ٿيا.

(منصور ويراڳي) (۸۹)

# حوالا

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(١) (مرتب)؛ "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد، پهريون ڇاپو ١٤٠٥هه / ١٩٨٥ع - (شاعر: حاجي گل محمد رند) ص ٥١٣
(٢) يضاً - (شاعر : شاهه شريف ياڏاهي) ص- ١٦٤
(٣) ايضاً - (شاعر: غلام حيدر تيرهيو) ص ١٧٥
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(٤) (مؤلف) "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاهه جو رسالو" - آر - ايڇ - احمد اينڊ بردرس بُڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو٦٠- ١٩٦١ع - (سر: رامڪلي) ص- ١١٣٠
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٥) (مرتب)" ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو / حيدرآباد ١٤٠٥هه / ١٩٨٥ع (شاعر: پير مظهرالدين شاهه ٺلاهي) - ص ٢١٢
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(٦) (مؤلف) "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاهه جو رسالو" - آر - ايڇ - احمد اينڊ برادرس بُڪ سيلرس ۽پبلشرس، شاهي بازار، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو ٦٠-١٩٦١ع- (سر: حسيني)ص- ٥٩٦
(٧) ايضاً - (سُر: سهڻي) ص- ٣٤٥
(٨) ايضاً - (سُر: ڪلياڻ) ص- ٦٨
(٩) ايضاً - (سُر: آسا) ص- ١٠٢٥
(١٠) ايضاً - (سُر: سهڻي) ص- ٣٣٢
(١١) ايضاً - (سُر: مومل راڻو) ص- ٧٣٢
(١٢) ايضاً - (سُر: مومل راڻو) ص- ٧١٩
(١٣) ايضاً - (سُر: سريراڳ) ص- ٢٠٠

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(١۴) (مرتب)" ڪافيون" (جُلد ٽهريون)- سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/حيدرآباد ١۴٠٥هه/١٩٨٥ع (شاعر: مير محمد)- ص ۴٩٧
**انصاري عثمان علي**
(١٥) مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد / ڄامشورو - ٻيو ڇاپو ١۴٠١هه/١٩٨٢ع - ص ٨٨
(١٦) ايضاً - ص ١٢٢
(١٧) ايضاً - ص ١۴٨
(١٨) ايضاً - ص ١٧٨
(١٩) ايضاً - ص ٣٦٩
(٢٠) ايضاً - ص ٢٣۴
(٢١) ايضاً - ص ٢٩٢
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(٢٢) (مرتب) "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهه جو رسالو" - ڇپائيندڙ: آر - ايڇ - احمد اينڊ برادرس، بوڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ - ڇاپو ٽهرين ٦٠-١٩٦١ع- (سر: مومل راڻو) ص ٧۴٧
**ٻگهائي، غلام محمد**
(٢٣) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.
**ٽکڙائي "اسد" اسدالله شاهه**
(٢۴) "تذڪره شعراء ٽِڪڙ"- سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي: حيدرآباد ڇاپو ٽهريون ١٩٥٩ع (شاعر: ميران محمد شاهه مير /مهجور)-ص ١٧٨
**پلي، طالب**
(٢٥) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.
**لغاري، پنهون**
(٢٦) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.

**سنڌي، محمد صالح**
(٢٧) "نڙ ۾ بيت"-نويد بڪ ڊيپو، گاڏي کاتو حيدآباد-١٩٨٨ع-ص ٣٣
**فقير، دادن**
(٢٨) "هڻ ڪڻ" (شاعري)- انقلاب پريس لاڙڪاڻو - ص ٣٩
**مرزا، ممتاز**
(٢٩) (مرتب) "مين عيسيٰ جا سنڌي بيت"-شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/حيدرآباد- پهريون ڇاپو ١٤١٤هه ١٩٩٣ع- ص ٣٣
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٣٠) (مرتب)"ڪافيون" (جلد پهريون)- سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/حيدرآباد ١٤٠٥هه/١٩٨٥ع- (شاعر: صفي الله)-ص ٢٣٢
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٣١) (مهتمم) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد - ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه/١٩٧٩ع- (سُر: سريراڳ) - ص ١٢٢
**انصاري، عثمان علي**
(٣٢) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد/ڄامشورو- ٻيو ڇاپو ١٤٠١هه/١٩٨٢ع-ص ٣٩٣
(٣٣) ايضاً - ص ٣٧٠
**موسوي، عبدالحسين شاهه**
(٣٤) (مؤلف) "ديوان بيدل" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - ٻيو ايڊيشن ١٩٦١ع- ص ١٣٥
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٣٥) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد- پهريون ڇاپو ١٤٠٥هه/١٩٨٥ع - (شاعر: اميد علي شاهه) - ص ٢٢٩

(٣٦) ايضاً - (شاعر: غلام حيدر شر)- ص ٨۴
(٣٧) ايضاً - (شاعر: ميان عبدالله لکوي) ص - ٥٠٠
**قلبي، گل محمد**
(٣٨) (مصنف) "واس وئن وينجهار" (شاعري) - ڇپائيندڙ: ايچ - احمد
اينڊ سنز، پبلشرس، بڪ سيلرس اينڊ اسٽيشنرز، شاهي بازار،
حيدرآباد، دفعو پهريون ١٩٧٧ع - ص ٥٥
**الصاري، عثمان علي**
(٣٩) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام"- سنڌي ادبي برڊ،
حيدرآباد/ ڄامشورو- ٻيو ڇاپو - ١٣٩٩ھ/١٩٧٩ع- ص ٦٣
**ڪوڙومل چندن مل، راءِ بهادر، سرڳواسي**
(۴٠) (اصل گڏ ڪيل) "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ" ڪوڙومل سنڌي
ساهتيہ منڊل، سڌار سڀا، ڪاهي رستو، حيدرآباد ١٩۴٦ع - ص ١١٠
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(۴١) (مهتمم) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهہ عبداللطيف ڀٽ
شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي- حيدرآباد - ٻيو ڇاپو
١٣٩٩ھ/١٩٧٩ع - (سُر: سُهڻي) - ص ٢٧٩
(۴٢) ايضاً - ص ٢٧١
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(۴٣) (مؤلف) "رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهہ جو
رسالو" - آر - ايچ- احمد اينڊ برادرس، بڪ سيلرس ۽
پبلشرس، شاهي بازار، حيدرآباد - ڇاپو ٻيو ٦٠-١٩٦١ع،
(سر: سارنگ) - ص ٩٦٢
**گرامي، غلام محمد**
(۴۴) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ شاعر نمبر ١٩٦٩ع" سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد ١٩٦٩ع (شاعر: حاجي احمد ملاح) - ص ٢٧٣

**مرزا، ممتاز**
(۴۵) (مرتب) "ميين عيسيٰ جا سنڌي بيت" - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه / حيدرآباد - پهرين ڇاپو ۱۴۱۴هه/۱۹۹۳ع - ص ۹٦
(۴٦) ايضاً - ص ۳۷
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(۴۷) (مؤلف) "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهه جو رسالو" - ڇپائيندڙ: آر - ايچ - احمد ائنڊ برادرس، بڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار، حيدرآباد - ڇاپو ٻيو ٦٠-۱۹٦۱ع - (سر: معذوري)- ص ۴۹۱
(۴۸) ايضاً- (سُر: مارئي) - ص ۷۸۲
(۴۹) ايضاً - ص ۷۸۲
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(۵۰) "ڪافيون" (جلد پهريون)- سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد- پهرين ڇاپو ۱۴۰۵هه/۱۹۸۵ع- (شاعر: رازق ڏنو اڄڻ)- ص ۱۵٦
(۵۱) ايضاً - (شاعر: مولوي عبدالقادر سولنگي) - ص ۲۷۹
**ٽکڙائي "اسد" اسدالله شاهه**
(۵۲) تذڪره شعراءِ ٽکڙ" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (شاعر: ميران محمد شاهه)- ڇاپو پهريون ۱۹۵۹ع- ص ۱۷۷
**ڪؤڙومل چندن مل، راءِ بهادر، سرڪواسي**
(۵۳) (اصل ڪڌ ڪيل) "ساميءَ جا چوند سلوڪ"-ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل، سٽار سيا، ڪاهي رستو، حيدرآباد ۱۹۴۰ع- ص ۱۵۲
(۵۴) ايضاً - ص ۱۷۱
**انصاري، عثمان علي**
(۵۵) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام"-سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد /ڄامشرو- ٻيو ڇاپو ۱۴۰۱هه/۱۹۸۲ع - ص ۱۴۷

گرامي، غلام محمد
(٥٦) (مرتب) "ديوان بلبل" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڏفعو پهريون ١٩٦٩ع - ص ٧٤
بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر
(٥٧) (مرتب" "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/حيدرآباد- پهريون ڇاپو - ١٤٠٥هه/١٩٨٥ع (شاعر؛ چتو فقير سانگي) - ص ٣٦٨
(٥٨) ايضاً - (شاعر؛ پير رشيد الدين سيد) - ص ٢٠١
(٥٩) ايضاً - (شاعر؛ بُڊل فقير عرف بڊڙو فقير) - ص ٢٨٨
فدائي، حمزه علي
(٦٠) ماهوار "رهنما" ، نوابشاهه - جنوري ١٩٥٧ع - ص ١٤
سنڌي "بردو"، محمد رمضان
(٦١) "بوندون بس نہ ڪن" - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو - ڇاپو پهريون ١٩٨٨ع - ص ٢١
بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر
(٦٢) (مرتب" "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/ حيدرآباد (شاعر؛ علي احمد خان)، پهريون ڇاپو - ١٤٠٥هه/١٩٨٥ع - ص ٣١٢
ميمڻ، محمد صديق محمد يوسف، الحاج، خانبهادر
(٦٣) "تاريخ سنڌي ادب" (جلد ٻيو)- ڇپائيندڙ؛ آر - ايڇ - احمد ائنڊ برادرس، بوڪ سيلرس، پبلشرس، شاهي بازار، حيدرآباد - ڏفعو ٻيو ١٩٦٠ع- ص ٣٩٨
پٺي، مقبول احمد
(٦٤) (مرتب) "ڪليات مصري شاهه" - مصري شاهه ميموريل ڪوآپريٽو ڪائونسل، نصرپور - ١٩٦١ع - ص ٩٩
سنڌيلو، عبدالڪريم
(٦٥) "وينجهار" - ڇپائيندڙ؛ الله بخش عباسي لاڙڪائو- ڇاپو چوٿون ١٩٨٠ع- ص ٣

**عباسي، الطاف**

(٦٦)"جاڙا چنڊ" (شاعري)- سنڌي ادبين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، لميٽيڊ، حيدرآباد سنڌ ١٩٧٩ع - ص

**جتوئي، غلام رسول، مولانا**

(٦٧) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل

**گرامي غلام محمد**

(٦٨) (مرتب) "تماهي مهراڻ جو شاعر نمبر ١٩٦٩ع"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - (شاعر؛ عبدالفتاح "عبد" ٻنورائي) - ص ٦٢٨

(٦٩) ماهور اديب سنڌ" لاڙڪاڻو - فبروري ١٩٥١ع - (شاعر؛ قادر بخش سومرو بشير) ص ٣٥

(٧٠) ايضاً - (شاعر؛ سليم ڳاڙهوي) ص- ٣٧

**"گرامي" غلام محمد**

(٧١) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ شاعر نمبر ١٩٦٩ع"- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ (شاعر؛ مولوي نور الدين "نور") - ص ٣٠١

(٧٢) ايضاً - (شاعر؛ حسين بخش خادم سروري) - ص ٣٤٣

(٧٣) ايضاً - (شاعر؛ مائل سروري) - ص ٣٥٥

(٧٤) ايضاً - (شاعر؛ تاج صحرائي) - ص ٧٠٣

(٧٥) ايضاً- (شاعر؛ راز ٻلڙائي) - ص - ٣٢٥

(٧٦) ايضاً - (شاعر؛ نثار بزمي) - ص ٦٩٦

**انصاري، عثمان علي**

(٧٧) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي برڊ، حيدرآباد / ڄامشورو - ٻيو ڇاپو ١٣٠١هه/١٩٨٢ع - (ڪافي) - ص ٣٨٦

(٧٨) ايضاً- ص ٣٩٧

(٧٩) ايضاً- ص ٣١٥

(٨٠) ايضاً- ص ٢٨٣

**ٻيوس، تاجل**
(٨١) "جڏهن ٻُونءِ ٻٽي"- ڇپائيندڙ: انڊس وئلي ڪلچر ائسوسيئيشن، ڪراچي- ڇاپو پهريون - ١٩٨٢ع - ص ١٢١
(٨٢) ايضاً - ص ٩٢
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٨٣) (مرتب) "ڪافيون" (جِلد پهريون)- سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد - ڇاپو پهريون ١٤٠٥هه / ١٩٨٥ع (شاعر: عثمان فقير سانگي) - ص ٤٣٢
(٨٤) ايضاً - (شاعر: هادي بخش شاهه مسڪين)- ص ٤٨٥
(٨٥) ايضاً - (شاعر: هادي بخش شاهه مسڪين) - ص ٤٨٥
(٨٦) ايضاً - (شاعر: صفي الله) - ص ٣٤٣
(٨٧) ايضاً - (شاعر: ٽَبن فقير جيهو)- ص ٣٧٤
**ميان غلام شاهه جهانيان پوٽو**
(٨٨) ذاتي سهيڙيل مواد تن ورتل
**گرامي، غلام محمد**
(٨٩) "تماهي مهراڻ نمبر ١٩٦٩ع" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (شاعر: منصور ويراڳي)- ص ٣٥٠

# انگن جو گڏيل استعمال

(الف) انگ يا تعداد هيٺان کان مٿي واري ترتيب ۾ (In Ascending order)

مثال: ايڪ ايڪ - ٻه، دو (01- 02)

(١) هڪ الله ٻيو رسولﷺ (عدد قطاري)

هن جملي ۾، "هڪ" (عدد شماري) معنيٰ پهريون ۽ ٻيو (عدد قطاري) رسول پاڪﷺ

الله ڪائنات جو اپائيندڙ آهي جنهن انسانذات جي رهنمائي لاءِ هڪ لک ٢٣ هزار پيغمبر خليقيا جڏهن ته انهن نبين ۾، حضرت محمد ﷺ آخري رسول آهي. پاڻ ڪريمن ﷺ کان پوءِ ڪو نبي ناهي اچڻو ڪلمہ طيبہ ۾ آهي؛ لا اِلہ الا الله محمد رسول الله هن ڪلمي جي روشنيءَ ۾، صاف ظاهر آهي تہ پهريون خدا ۽ ٻيو رسول. شاهہ لطيف جي آفاقي شاعر ۾ پڻ اهو ذڪر ڪيل آهي؛

وحده لا شريڪ لہ، جڏهہ چيو جن،
تن ميڃيو محمد ڪارڻي، هيجا ساڻ هين،
تڏهہ منجهان تن، آوتڙ ڪونہ اوليو. (١)

مٿين شعر ۾ الله تعاليٰ جي وحدانيت (هيڪڙائي هيت) جو ذڪر آهي ۽ حضرت محمد رحمان جو ريبارو يعني پيغام رسائيندڙ ۽ ڪارڻي (قيامت جي ڏينهن مومنن کي پل صرات اڪاريندڙ ۽ محشر ۾ شفاعت ڪندڙ آهي.

(٢) هڪ سج، ٻہ پاڇا! (عدد شماريءَ ۾ ڪم آيل)

دولت ڪڏهن پريءَ ۾ يعني گهٽي ۽ ڪڏهن پاڪر ۾ (ايتري جو پاڪَر پري ڪٿي ونجي) هوندي آهي. انسان سدائين هڪ حال ۾ ناهي هوندو.

هڪ سجَ جا ٻہ پاڇا تو اکين ساڻ ڏسين پيو،
حاصل تون انهيءَ مان ڪي ڪري وَٺُ سکهو عبرت.

(حافظ محمد احسن) (٢)

(۱۴) هڪ ستمر صياد جو، ٻيو بيوفا پڻ آهه گل،
باغبان ۾ تيو نہ ڪڏهين مهربان عندليب.

(حافظ محمد احسن) (۱۱)

(۱۵) سج ۾ پاڇا (۱۲)- سدائين ساڳئي حال ۾ نہ هجڻ - دنيا جا رنگ آهن. ڪڏهن ٻريءَ ۾ ڪڏهن پاڪر ۾.

هڪ سج ۾ پاڇولا، ڪيا آهن ڪلتار
(۱٦) لکيو روز ازل ڪان، لوح قلم،
هڪڙو درد و ستمر ٻيو رنج و الم.

(محمد اسماعيل عرسائي) (۱۳)

(۱۷) غمخواريءَ ۾ ڪيڏو آ مزو،
هڪ ٻئي جا ورهائي درد ڏسو.

(ولي محمد "وفا") (۱۴)

(۱۸) دلِ تونگر هئي جا هڪڙي داءَ ۾،
ٻن جهانن کي ٻہ هارائي وئي.

(امداد حسيني) (۱۵)

**(۱۹) هڪڙي پيٽ جا هئڻ؛** سڳا يا جاڙا ٻار هُئڻ (۱٦)

جاڙا سڳا، هڪ ئي پيٽ مان هڪ ئي وقت لاڳيتو ٻہ ٻار/ٻہ پُٽ/ٻہ ڌيئرون **هڪڙي ٿانءَ جا ٺڪر هئڻ؛** سڀ بدمعاش هئڻ. هڪڙي ٿانءَ جا ٻہ ٺڪر هئڻ. (۱۷)

**هِڪَ** (مونث)، **هِڪڙي،** (تصغيري صورت) - هيڪ؛ هيڪڙي (تصغيري صورت)

**هڪ ٺنگي جي ملڪ ۾ وڃجي تہ ٻي ٽنگ لڪائي ڇڏجي،**
(۱۸) In Rome do as Romans do (جهڙو ديس تهڙو ويس)

هڪ هٽ سان ڏبو تہ ٻئي سان ونبو (۱۹)
- دنيا جي دستور موجب، ڏي ۽ وٺ ٻہ.
(۲۰) هيڪڙائي کي هڪ ڪري، دوئي جو ڪيڏ دوال.

(صوفي شهاب الدين) (۲۰)

(٢) تون ٿي سودائي ٻڌاءِ، ڪنوارن جو ڪهڙو قصور.
هڪ ڇڙائي ٻي سُجائي ڪيئن ڪنوارا عيد ڪن؟
(سومرو غلام رسول "سودائي") (٢٨)
(٢) هڪ جي ٻي، آڏي ٽيڏي ورندي / ابتي / اُبت ڪندڙ
ڳالهه / اونڌي ورندي.

**هڪڙو - ٻيو،**

**(الف)**

(١) هڪ اک هڪڙو نه ٻي اک ٻيو هئڻ، ٻئي برابر هئڻ.
(٢) هڪڙي کي سڄي اک ٻئي کي ڪِهي اک ڪري ڏسڻ، هڪ
کي وڌ ۽ ٻئي کي گهٽ ڪري ڏسڻ / هلت جا ٻٽا معيار قائم
ڪرڻ To give differential treatment
(٣) هڪ جو هئڻ ٻئي جو ڪٽڻ،ساٽڙيا ڳاٽڙيا/هڪ صلاح هئڻ /
پاڻ ۾ مليل هئڻ مثال،

(١) هِڪ جو هٿي هٽ ڪئي، ٻيو جو جهلي ڳهاءِ،
انهين سَرڪي ساءِ، آهي ڇائن ۾ ڇٽا.
(مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي)) (٢٩)

(١) ٻئي آيا آهن ٻُچڪر تي،
هڪ ڏاريل آ، ٻيو ڏالو آ.
(تاجل بيوس) (٣٠)

(۴) ڪري هڪڙو پري ٻيو
(۵) هڪڙو اڌ ۾ ٻيو ٻنڌ ۾، رُليل ڪم / بدانتظامي/ هڪ ڪم
کي اڌ ۾ ڇڏي وچي ٻئي کي لڳڻ / اڌو ڳابرو ڪم /اڻپورو ڪم
At sixes and sevens
(٦) عقل آهيرن جو، ڏريون ٿي ويو،
مڱائن هڪڙو پرڻائن ٻيو - (پهاڪو) (٣١)
آهري: جهنگلي جٽ / وعده خلاف / ڦرٽو ڪرٽو
(٧) هڪڙي ٻيلي ۾ ٻه شينهن نه ماپن

(٨) هڪڙي ڪپ ۾ ٻه تلوارون نه ماپن
(ب)
(١) ڏڏ جهلي هڪڙو پايڙو، ٻي مينهن؛ ڪيترو ٻه چارو / گاهه مينهن ڪائيندي پر پوءِ به ظاهر پاسريون نڪتل هونديون اٿس. ساڳئيءَ طرح پايڙو يعني جين ڏرم وارو، جيڪو پنهنجي شاهوڪاري يا خوشحاليءَ جو ڏيکاءُ نه ڪري.
(٢) هڪڙو پنڌ پرينءَ ڏي، ٻي تتي پونَ.
هڪو؛ (هڪڙو)، مثال؛
هڪو سائين سچو سرچي، ٻيو پرچي ڪو مَ پرچي!
(مصري شاهه) (٣٢)

هيڪ/ٻه؛
(١) هيڪ جنَ نه چاياس، ٻيو چاپندي جي مران!
گهنگهر گهٽو ٿياس چاپي ماروئڙن ڪي!
- جن؛ جي / ته (شاهه ؛ سر مارئي) (٣٣)
(٢) هيڪائي هيڪ ٿيا، ٻڌن ڪانه ٻيائي!
هيڪڙي - ٻيءَ؛
(١) دو رنگن دهر ۾، چاتو هُنر هي،
هِيـين ۾ هيڪڙي، ٻي وات وائي.
(حافظ حامد تڪڙائي) (٣٤)
(٢) هڪڙي چاڙهڻ ٻي لاهڻ؛ گار مٿان گار ڏيڻ/لاڳيتو گاريون ڏيڻ.
ايڪ / يڪ : هڪ - دو؛ ٻه
ايڪ پنٿ دو ڪاج (پهاڪو) (٣٥)
هڪ ڪم مان ٻه فائدا وٺڻ
ٻيٽيو؛ ٻائي جو ٻائو، تيوڻ جو تيوڻ (پهاڪو)
هڪ - ٽي؛ (01 - 03) : هڪ/هيڪ/هيڪڙو - ٽِي
(١) هڪ جي ٽِي، بخشو ڪٽي! (چوڻي)
(٢) ٽيڏي پسي ٽي، هو تان آهي هيڪڙو
(شاهه - سُر ڪوهياري) (٣٦)

**هڪ/ هيڪ؛ هڪڙو / هيڪڙو؛ هڪڙي / هيڪڙي - چار (01-04)**

(۱) يـارو، اچي مڙو هـڪ ماڳ!
ڳايون چئن مُندن جو راڳ.

(محمد صديق مسافر) (۳۷)

(۲) بهادر چڙهئو يت تي، آغا ڏسن آر،
گل چنائين هڪڙو، ليون چريائين چار.

وٽندڙ لفظن ۾ پروليل / ڪلائيندڙ دلچسپ انداز ۾ سنواريل پراڻي پرولي

(۳) سگها ساعت نہ هيڪڙي، چارئي پَهرَ چَورَ

(شاهہ - سر؛ رامڪلي) (۳۸)

(۴) چريا ڏيٺي چار، واڇان ونجي هڪڙي (پهاڪو)

(۵) زندگي هڪ گهڙي يا چار گهڙيون
پنهنجن عملن کي چو سياه ڪريون!

(شيخ عبدالرزاق "راز") (۳۹)

**هڪ / هيڪ / هڪڙو / هيڪڙو - اٺ (01- 08)**

مٿا مالڪ هيڪڙي، اَملُ اٺ ڏيان
لا! جي سارينم سُپرين!   (شاهہ؛ سر سهڻي) (۴۰)

**هڪ- نَو (01- 09)**

**هڪڙي ڏڪ سان نَو سوپاريون/ ناريل پچن؛ هڪ** وقت ۾ گهڻا سارا فائدا وٺڻ.

**هيڪ؛ (هڪڙو) - ڏهہ (01 - 10)**

۱. **هڪ ڪري ڏهہ پرين (پهاڪو)؛** هڪ جي بڇڙائي سبب، ڏهہ (ڪئين) بدنام ٿين يا سزا پوڳين

۲. **هڪ مڻ علم کي ڏهہ مڻ عقل کپڻ**

عقل کان سواءِ علم بيسود هئڻ. (۴۱)

چوندا آهن؛ عقل بنا عذاب گهڻا پسنديڻءِ جندڙي!

(٢) هڪ رعايت قاضيءَ جي سئو شهادت جي برابر هئڻ؛
حاڪم جي جي مهرباني سڀ کي ريتي وڃڻ / انصاف ڪندڙ جي
مهرباني ڪيترين ئي شهادتن کي ميٽي سگهي ٿي. (٤٩)

(٣) هڪ ساهه ڏنـي، سو ماهه ملي،
اُن ساهه جو ڪهڙو سورُ ڪبو.

(محمد صالح سنڌي) (٥٠)

(٤) تنهن جي سونهن اڳيان، سنسار جهُڪن،
مــه و انجم جا انوار جهڪن.
هڪ وار نـه پر سؤ وار جهُڪن،
تون تـه صورت جو سلطان پرين.

(سيد سردار علي شاهه ذاڪر) (٥١)

هڪ شينهن جو شڪار، سو لومڙيون ڪائڻ؛ هڪ جي ڪمائي
مان گهڻا کائڻ (٥٢)

هڪ جون سو ٻڌائڻ؛ زيادتي ڪرڻ؛ بدلي ۾ حد کان وڌي وڃڻ، (٥٣)
جواب ۾ گهڻو ڪجهه چئي وڃڻ جواب ۾ زيادتي ڪرڻ.

هڪ در لٿڻ سو ڀڃڻ؛ وڏو مهربان ۽ فياض هجڻ (٥٤)
هِڪُ مُجي تـه چيئيان، هتِ سوين پيا چيرَ

(لطف الله بدوي) (٥٥)

هڪ سک، دِل کي سؤ غم آهن،
پاڻ ڏي سِڪ سان ساهيو ساهن،
باري چاڙهن، بارَ نـه لاهن،
باري غم ۽ بارو بار،
اي دل درد کي ڪين ڏڪار.

(اظهر گيلاني) (٥٦)

## ايڪ / يڪ: هڪ - هزار (01 - 1000)

ايڪ تندرستي هزار نعمت - (۵۷)

يا

- هڪ چڱ ڀلائي هزار نعمتن جي برابر آهي

ايک صحت هزار نعمت - (۵۸)

**هڪڙي لٺ، سهس ڀڃي؛** ڏکي سڳورو ڪنهن جي روزگار جي هڪ واهه / واٽ بند ڪندو، ته هزار واٽون/واهون کولي ڇڏيندو آهي. (سهس؛ هزار)

(۱) جندڙي هڪ، درد هزارَ!

(۲) ويري هڪڙو به گهڻو، سڄڻ هزار به ٿورا!

دشمن کي اڪيلو نه ڀائنجي، ڇاڪاڻ ته ڪيس مُشيون ڏيڻ وارا هزارين پيدا ٿي پوندا آهن. مطلب ته؛ دشمني هڪ سان به چڱي ناهي!

(۳) مِليو "بيوس" وري زماني کي،
هڪ ٿيندو آ جو هزارن ۾.

(تاجل "بيوس") (۵۹)

(۴) هيءُ هڪ سِرَ ته ڏيندي، لڄي يار ٿيان ٿو،
حبيبن تان صدقي، هزارين حياتيون.

(پير شاهنواز عارف المولي) (٦٠)

(۵) "گل!" آهي هڪ گلُ، ڀيا ڦل سو هزار،
سيڪو پنهنجي نانءُ ٽڙي پنهنجي تاڻ.

(خليفو گل محمد "گل" هالائي) (٦١)

**(٦) هڪ دم ۾ هزار هُڻ؛ پل پل ۾ ڪيئي اُمنگ هُڻ؛**(٦٢)

هڪ پل ۾ هزار ڏک هُڻ /انسان جي هر ويلي وڏندڙ گهرجن/ضرورتن/آسن اميدن جو ڪو ڇيهُ نه هجڻ / سَورن جو ڪاٿو ئي نه هُئڻ/ سَور انسان سان سلهاڙيل هوندا آهن. لطيف سرڪار جي چوائي؛

ماڻهو سڀ مُٺا وڃن، تون نه مُٺين سورَ!

(٧) هڪ لور آدمي، هزار لورَ ڪپڙو هڻڻ؛ عمدن ڪپڙن پهرڻ سان انسان جي عزت ۽ آبرو وڌيڪ ٿيڻ (٦٣)
ڪپڙو (ڪپڙي مان ٺهيل پوشاڪ) ستر پوشي، اوگهڙ يا بدن ڍڪڻ، (ڍَڪَ) کان علاوه، انسان جي شخصيت کي وڏائي ٿو، انسان آشرف المخلوقات جي حوالي سان هڪ لورَ آهي، پر ڪپڙو(لباس) انساني اوگهڙ ڍڪڻ ۽ ناهه لوهه/ڏڃ مڃ لاءِ لازمي سمجهيو ويندو آهي.
(٨) هڪ چُپ هزار چپ هڻڻ؛ خاموشي اختيار ڪرڻ سان هزارين بُراين ۽ بچڙن ڪمن کان بچڻ، صبر ۽ شڪر سان سوين مصيبتون يا آفتون ٽري وڃڻ. (٦٤)
"مٺي بہ مات، مُٺي بہ مات" اختيار ڪرڻ/چُپ ساڌڻ/ مات ڪرڻ/ اَلچپ، من المات ڪرڻ/چَپَڙا چُپ ڪرڻ/مات جو ملهہ سچاڻڻ، چپن هوندي بہ کهت يا نہ ڳالهائڻ.
(٩) شيش گل، شيش گل؛ توڙي ڏين هزار گل،
تہ بہ نہ ڏيانءِ هڪڙو گل (پرولي- پڇڻي؛ اکيون) (٦٥)
هاءِ! حياتي جي جانب ڏار،
هڪڙي دلڙي درد هزار.
(پير شاهنواز عارف مولائي) (٦٦)
(٢) هڪڙي لٺي، سهسين پٺيءَ (٦٧)
(الله سڀ راهون بند نہ ڪندو آهي)
هڪ (ايڪ/ يڪ) هڪو (هڪ)- لڪ (01 - 100000)
هڪ لاڏ سان لک ڏاهڻ؛ لکن کي موهڻ يا مست بنائڻ مثال؛
نيڻن جا نت ناز نرالا، پرت پريا پُرڪيف پيالا،
تاب جلايا تن جي طور، لاڏ هڪي سان لک تون ڏاهن
(پير شاهنواز عارف المولائي) (٦٨)
(١) ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪنس ڳڙکيون،
جيڏاهہ ڪريان پرک، تيڏاهہ صاحب سامهون!
(شاهہ؛ سر ڪلياڻ) (٦٩)

(۲) ايڪ رانجهو، لکان دا مٺ!
حسن ۾ هُڪار تنهنجيءَ جو هَليو مَل هر جڳهه،
حرف هڪ سان هر طرف هيرا لکين هاري ڇڏيئه!
(سرويچ سجاولي) (۷۰)

ٻہ - ٽي (02-03)

ٻَٽي (ٻہ - ٽي) تصغيري صورت: ٻٽڙي)/ٻاٽي (تصغيري صورت: ٻاٽڙي): ٿورا (ٿورڙا) / چند / ڪي / ڪجهہ. مثال:

(۱) وسارج م ويڻ، جوين ٻہ ٽي ڏيهڙا
(شاهہ: سر يمن ڪلياڻ) (۷۱)

(۲) منکي ڏيها نڪري ٻہ ٽي ٿوڪ ٿئا
عمر ميان سومرا! (شاهہ : سُر مارئي) (۷۲)

(۳) توصيف ۾ صنم جي ٻہ ٽي حرف هيءَ چيم،
مضمون سان غرض نہ ڪي اشعار سان غرض.
(حافظ محمد احسن) (۷۳)

(۴) ٻہ ٽي ڏينهڙا ڦبي تو ڦر يلي، ڌرتيءَ تي هڻ ڏاڙا!
- يلي ڦر لت ڪري وٺ نيٺ تہ ڦاسي پوندين! (ابراهيم منشي) (۷۴)

(۵) اهڙا ٻہ ٽي چور، هر وڏيري هٿ ۾
(ابراهيم منشي) (۷۵)

(٦) تهڪ ٻٽڙي ورهاست ۾ آيا ها پر،
عيش ۾ پاڻ سين ٻہ اڏائي ڇڏيا.
(اياز گل) (۷٦)

(۷) تو ساڻ ٻہ ٽي ڳالهيون ڪرڻ چاهيان ٿو،
جيڪي ٻہ ٻڌائين سو، ٻڌڻ چاهيان ٿو،
جي بار رکيا سِرَ تي زماني آهن،
تو ساڻ ملي ڪين ٻلڻ چاهيان ٿو.
(موتي پرڪاش) (۷۷)

(٨) ٻہ ٽي ڏينهن آهي حياتي ويچاري،
ڪري قرب اچ يار ڪامل قياسي.

(پير شاهنواز عارف المولئي) (٧٨)

(٩) جيئري "گدائي" سان نہ نڀايئہ تہ خير آهہ،
تربت تي قل پڙهي ٻہ ٽي ڳوڙها تہ هارجانءِ!

(عبدالڪريم گدائي) (٧٩)

(١٠) اسان ڪي ڏنئي ڏات سنگيت جي،
ٻہ ٽي گل ڪاريءَ منجهان تون ٻہ ڪڻ.

(تاجل بيوس) (٨٠)

(١١) پـڙهہ تون نماز نمـائـي وي،
ڏينهن تہ ٻہ ٽي هيءَ ڏات اٿئي!

(راضي فقير رند) (٨١)

(١٢) لٽي دلڙي سندا ارمان ويڙا،
ٻہ ٽي ها ڏينهن سي مهمان ويڙا.

(پير شاهنواز عارف المولئي) (٨٢)

ٻا - ٽي: (تصغيري صورت، ٻاٽڙي)، (03-02)

(١) هوتن سين هيڪاند. هير ٻاٽي ڏينهڙا

(شاهہ سر حسيني) (٨٣)

(٢) پوريا سک پنيور جا، اي ٻاٽڙي ڏينهن آهين

(ميون عيسىٰ) (٨٤)

(٢) پيچي نوڪ قلم افسوس مان، پٽ تي ڪري يار،
اچا ٻا - ٽي اکر لکثا هئم، پنهنجي فساني ۾.

(مخدوم محمد امين فهيم) (٨٥)

(٣) پُنهل تو ڪان اٿم پُڇئيون، ٻاٽي ٻاروتن جون ڳالهيون

(منثار فقير راجڙ) (٨٦)

ٻہ - ٽيون: (ٻہ: شمارِي - ٽيون: قطارِي)

(١) ٻہ ٻائر ٽيون ليکوءِ ٻائيوار ٻائرن وانگر هوندا آهن. انهي ڪري

پائيوار ڪي، حساب ڪتاب / ليکي ۾ ٽيون پاءُ سمجهيو وڃي ٿو.
وهنوار ۾ سنئون سڌو ۽ سوڊو هلڻ جو اِهو ئي طريقو آهي،
شريڪت ۾ هر ڪنهن ٽاهي، ٽيندي، ٻيءُ ۽ ليکو، پاءُ ۽ ليکو.
ٻه - ٽيون (ٻه : شماري- ٽيون: قطاري)
(٢) ميان جي مڏي، ٻه ڏندڻ ٽين ٽلڙيا
ميرڻ خان جي مڏي، ٻه ڏندڻ ٽين ٽلڙي: مختصر سامان/ٿورو مال اسباب.
(٣) ٻه رلون ٽيون ڏلون: زناني ماحول ۾ رهندڙ رن- ذاتي ماڻهوءَ
ڪي "ڏنو" چئبو آهي.
(٤) چندرا چُٽن حق، جي وڙهين، جي ورچين،
ٻه اکيون ٽيون نڪ، تو ۾ ناهي پرينءَ جهو.
(شاهه: سر ڪنيات) (٨٧)
(٥) پارو پوندو هُلر هُلو، ٻه مرنديون رنون، ٽيون ملو. (چوڻي)
عدد شماري:
ٻن- ٽن: نه ڪنهن جي ٻن ۾ نه ٽن ۾: ٻين جي معاملن ۾ دلچسپي نه
وٺندڙ / بي تعلق/ ڪنهن سان به غير ضروري تعلق نه رکندڙ
ٻي - ٽين (عدد قطاري)
روهه سُجهن ٿا راهه ۾،
ٻي وات سُجي، ٽين واري،
پهچان ڪهڙي ريت پنهونءَ ڪي.
(سيد سردار علي شاهه ذاڪر) (٨٨)
ٻٽڙي (ٻه - ٽي، تصغيري صورت: ٻٽڙي) - (٢ - ٣)
(١) نه ڏيئي سگهين جي، مدد مال، زر،
چئين من دلاسي جا، ٻٽڙي اکر.
(ڪشچند بيوس) (٨٩)
(٢) جوين ٻه ٽي ڏينهڙا، جيئڻ ٿورا ڏينهن.
(بردو سنڌي) (٩٠)

عدد شماري:

(۱) جتي ناهہ ٻولي ٻن جي تِتِ ٽڪي ڪين ٽيون (دلپت رام دلپت) (۹۱)

الله جا نيڪ ٻانها ٻيائي کي ٻن وجهي، دوئي کي دسيندا آهن

(۲) چند سندي چانڊاڻ آهي، ٻني راتڙيون

(مخدوم محمد زمان طالب المولي) (۹۲)

(۱) لنگهي ويندا لکَ جا، ڏکيا ڏينهن ٻني

لکَ، ڪرم هوا جو جهولو- (پير علي گوهر شاهہ) (۹۳)

(۲) آهيان ٻني ڏينهڙا، ماڙين ۾ مهماڻ

(حمل فقير لغاري) (۹۴)

(۳) جوانيءَ جي ثروت ٻہ ٽي ڏينهن آهي،

هي رنگين فرحت ٻہ ٽي ڏينهن آهي.

(عبدالحي جهانگي) (۹۵)

(۴) موج محفل ۾ آ، تذهين، آهہ محفل موج ۾،

"موج" سان مستيءَ ۾، آهن مست مستانا ٻہ ٽي

(ميوو خان "موج" لغاري) (۹۶)

(۵) آهي باقي قدم ٻہ - ٽي منزل،

راهرو! حوصلو نہ هار، نہ رو!

(عبدالڪريم "ڪريم" پلي) (۹۷)

ٻہ چار: (04-02) ٿوريون / ڪجهہ جيتريون / مختصر

مثال: (۱) نہ ڳالهيون اوهان سان ڪريان ٿو ٻہ چار،

اچي سي ٻڌو، منهنجا سڀ رشتدار.

(حافظ عبدالله بسمل ٽِڪڙائي) (۹۸)

(۲) هوش ادا ڪر ٿي هوشيار

دنيا فاني، ڏينهن ٻہ چار.

(پير شاهنواز عارف المولي) (۹۹)

(۳) ڪجهہ گذري، ڪجهہ گذري ويندي،
باقي ڏينهن ٻہ چار، او جاني.
(تاجل بيوس - سُر ڪيڏارو) (۱۰۰)
(۴) ويندا غم گذري، ڏکيا ڏينهن ٻہ چار
(محمد صالح سنڌي) (۱۰۱)
(۵) هالي هاري هر سنيار،
باقي مند ۾ ڏينهن ٻہ چار
(سنڌي - درسي ڪتاب تان ورتل)
(٦) ڏينهن اٿئي ٻہ چار، اٿي اور الله سين!
(منٺار فقير راڄڙ) (۱۰۲)
ٻہ ڇهہ (06-03):
(۱) ٻہ ٻہ وڃڻ، ڇهہ ٻہ وڃڻ: ٻئي جهان ڇٽ، سڀ وسيلا وڃڻ
(۲) مينهن وسي ٻہ پهر ڇنو وسي ڇهہ پهر: (۱۰۳) برسات بند ٿيڻ کان پوءِ ڪڪائون جهوپو/ جهوپڙي / پونگو /ڇنو پيو ٽمندو آهي.
(۳) ڪريما جا ٻچڪا ڪٽي ويا ڇهہ ڇور،
ٻہ انڊا، ٻہ ڪاٺا، ٻہ شيدي لغور.
فارسي ٻوليءَ جي نامور شاعر شيخ سعدي جي مشهور نظم "ڪريما" جي هڪ شعر جي پيران ڇيل مزاحيہ شعر.
ٻہ - ست (02 - 07)
چور ۽ لٽ ٻہ ڄڻا، سُڃي سنگت ست ڄڻا
(سنڌ جي هندن جي هٽ لوڪي بهادري / ٻناڪ تي طنز)
اسان جا سنڌي هندو اڪثر ڪري "س" کي "ش" ڪري اچاريندا آهن ۽ مٿيون جملو هن ريت چوندا آهن: چور ۽ لٽ ٻہ ڄڻا شڃي شنگت شت ڄڻا
(ٻہ - ٻارنهن) (02- 12)
ٻہ تہ ٻارنهن!
جيڪڏهن ٻہ ڄڻا پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿين تہ هو ٻارنهن ڄڻن

سان مقابلي جي سگهہ ساري سگهن ٿا. انهيءَ ڪان چوندا آهن تہ ٻڌيءَ ۾ ڪرامت / برڪت /طاقت آهي!

ٻہ - سو (200-02)

هيڏانهن چڙا ٻہ چٽا هوڏانهن سَو ٻُجهن

(گمنام سگهڙ) (١٠۴)

ٻہ - ست هزار (7000 - 02)

پنگي پائر ٻہ چٽا، صوفين ست هزار
ماري مُهترن سان ڏڙ ڪيائون، ڏار،
پيئي لوڪ پچار، تہ پڙ ٿي پنگين ڪيو. (١٠۵)

پنگ جي موالين جي "صدا، (وڏي آواز سان نعرو هڻڻ) مطابق ٻہ پنگي (يعني پنگ جا موالي / پنگ پياڪ /پنگور) ستن هزار صوفين (جيڪي ڪوبہ نشو نامن ڪندا) کان وڌيڪ آهن، سندن دعوي موجب هڪ پنگ پياڪ موالي ساڍن ٽن هزارن صوفي (اڻ - پياڪن) کان بهتر آهي. ڀلا موالين تي ڪهڙي ميارا بس چيو چڏين ۱ موالين جون لپاڙون ۽ ٽڙپانيون ڪل جوڳيون هونديون آهن.

ٽہ - چار (04-03)

ٽي چار چٽا، ٿورا ماڻهو/ مختصر تعداد

(١) ٻيا غني ٻيا فقير هر ڪوئي
ڏينهن دنيا اندر رهي ٽي چار

(خليفو محمد قاسم هالائي) (١٠٦)

(٢) تن اندر اي يار تنهنجي آهہ مون کي تار تانگهہ
هيءَ نہ سا، جا قلب ڪنهن جي، ڏينهڙا ٽي چار تانگهہ.

(محمد صديق مسافر) (١٠٧)

(٣) عمر تي ڪجهہ ڀروسو نامي رسامان چوڪرين،
زندگي ڏينهن آهہ ٽي - چار، ڀيرو ڪين پيءُ.

(حافظ محمد احسن) (١٠٨)

(۲) ٺڪ ٺڪ ٺا جليبيون ڪا،
جرمن مئو اسان جو ڇا؟
چار ڪٽوريون پنجين ٿالهي،
جرمن ويو هٿين خالي (۱۱۴)

سن ۱۹۳۹ع- ۱۹۴۵ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي (ٻي جنگ عظيم؛ The Second World War) لڳي جنهن ۾ برطانيه، فرانس، روس، آمريڪا هڪ طرف ۽ جرمني، اٽلي، جپان ٻئي طرف، اتحادي گروپ ٺاهي هڪ ٻئي جي خلاف جنگ ۾ شامل هئا. آمريڪا، ۱۲ آگسٽ ۱۹۴۵ع تي جپان جي مشهور بندرگاهه هيرو شيما (Hiro Shima) تي ائٽم بم سان حملو ڪري ان کي تباهه ڪري ڇڏيو جنهن ۾ وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو. انهيءَ تباهي جو اثر ساري دنيا تي پيو. شين جي اڻاٺ سبب، راشننگ ڪئي ويئي. ڪارخانن ۾ ٺهندڙ شين جو معيار ڪري پيو. اهڙين غير معياري شين (War Quality Products) ملڪن جي اقتصاديات تي منفي اثرات وڌا. دنيا محسوس ڪيو تہ جنگ جو راڪاس انسان ذات جو وڏو ويري آهي. جنگ جي تباهين کي عالمن دانشورن وڏي ۾ وڏ محسوس ڪيو. اهو تہ پنهنجي جاءِ تي، پر معصوم ٻارڙن پنهنجي ٻاراڻن ٻولن ۾ "تڪ بندين Nursery rhymes ۾ انهي صورت حال کي نِنديو. مثال؛ ٺڪ ٺڪ ٺا، جليبيون ڪاءِ.... الخ.

پنج اٺ (05- 08)

سڪ ۾ سچ جا پنج اٺ داڻا
منهنجي ميڙيل موڙي ووءِ!

(الطاف عباسي) (۱۱۵)

پنج - پندرهن (15-05):

(۱) انسانيت جا دشمن، ذخيره اندوز يعني واهپي جون شيون ڇپڻ ڪندڙ، واپاري ۽ سيٺيا (Hoarders) سهانگو وٺي مهانگو وڪڻندڙ يعني ناجائز منافعو ڪمائيندڙ، Black Marketers پنهنجي حساب جي ڪتابن Account books کي اٿلائيندي قرض ڪڻندڙن

**اٺ - نو (08-09):**

اٺ ڪاٺ نائين نوڙي، جيڪو نہ پڇي تنهنجي آڪهہ نوڙهي. (١١٨)

(پرولي، پڇڻي، ڪٺ)- چار پاوا+ چار سيرون+ هڪ نوڙي

**اٺ- ٻارنهن (08-12):**

اٺ آٺا اٺ، ٻارنهن آنا کهلائي.

**نو - ڏهہ (09-10):**

(١) نوَ نونڏائي نو حقا تہ هَرلا سَڪا

نوَ نونڏائي ڏهہ حقا تہ هَرلا پَڪا - (پهاڪو) (١١٩)

ڪو زمانو هوُ جڏهن نونڏائي ذات جي ماڻهن ۾ حقي پيئڻ جو "شوق"، عياشيءَ جي حد تائين وڌي ويو. "اهي" ڪٺي ٻنيءَ ۾ ويندا هئا تہ بہ پاڻ سان حقا سينگاري ويندا هئا. اهڙي طرح سندن حقن جو تعداد سندن هرلن کان وڌيڪ هوندو هو. جيڪڏهن حقن جو تعداد نونڏائين کان وڌيڪ هوندو هو تہ شوق مان هَرلا /نار هلائي پوک پچائيندا هئا ۽ حقن جو تعداد گهٽ هوندو تہ پوک کي پاڻي پورو نہ ملندو هو ۽ فصل سُڪي ويندو هو. هَرلن جي پاڻيءَ تي آبادي پلي ٿيندي هئي. ياد رهي تہ سکر بئراج کان اڳ ۾ نارن يا هَرلن جو رواج هو ۽ هاري نار هلائي، پوک پچائيندا هئا. Smoking

(٢) **نولي تي ڏهلو**. نولو، نون نشانين / انگن وارو تاس جو پتو. دهلو، ڏهن نشانين / انگن وارو تاس ج پتو. ظاهر آهي تہ نولي کان ڏهلو/دهلو وڌيڪ آهي. اصطلاح ۾ "هڪ کان ٻيو وڌيڪ".

**ڏهہ - تيرهن: (10-13)**

ڏاچي هئي ڏهہ، تہ توڏي هئي تيرهن (١٢٠)

ڏاچي اٺ، توڏو، ننڍي عمر واري جو اٺ ننڍو، وڏي کان زور

ڏاڪهو هئي ڏهہ تہ توڏو هئي تيرهن (١٢١)

**ڏهہ - ستر (10-70):**

ڏهہ دنيا ستر آخرت

مسلمانن جي عقيدي مطابق، جيڪو خيرات ڏيئي تہ ضرورتمندن جي ضرورت پوري ڪري ٿو، تنهن کي هن دنيا ۾ ڏهوڻو ثواب ۽ هَن دنيا (مرڻ کان پوءِ واري دنيا) ۾ سترهوڻو ثواب ملندو. ٻنهن جهانن جي ثواب کي "ثواب دارين" چيو ويندو آهي.

**ٻارنهن - چوڏنهن (12-14):**

ٻارنهن ٻوڙي ٻانيڻي، چوڏهن ٻوڙي چمار،
جي تون اهڙو ڪامي، تہ ٻہ گهر ڏوبيءَ جو ٽار (١٢٢)

زنا ٻيڇڙو فعل آهي ۽ ڪنهن بہ ڌرم / مذهب ۾ جائز نہ آهي. "ڪل شڪر" ۾ آيل سمجهاڻي مطابق: زنا ڏوهہ اهي، خاص ڪري ڪنهن ٻانيڻ، چمارڻ، ڌوٻڻ سان زنا ڪرڻ انتهائي ڪڌو ڪم آهي. ڪنهن هندو ڏاهي جو چوڻ آهي تہ ڪاميءَ (زاني) جون ٻارنهن چوڏهن پيڙهيون نرڳ (دوزخ) ۾ وينديون.

ٻارنهن تالو / تيرنهن تال ڄاڻيندڙ/حرفتي/انڪلي مڪار. مثال:

**ٻارهن يا تيرهن تالو ؛ انڪلي**

**تيرهن - چوڏهن (13-14):**

**چوڏهن تالو:** چوڏهن انڪلون ڄاڻندڙ يعني انڪلي

تيرنهن تالي کي پُڇي چوڏهن تالو!
تيرنهن تالي کي پُڇي چوڏهن تالي! (١٢٣)

**تيرنهن - سورنهن (13-16):**

تڪڙ جا تيرنهن، سانت جا سورنهن،

اٻهرائي /تڪڙ کان سانت / صبر جو فائدو وڌيڪ آهي.

**ويهہ (ڪوڙي) - سو (20-100):**

مٿي اُتي مهجي، جي ڪوڙين هون ڪپار،
تہ وارئو وارئو وڍيان، سِسيءَ کي سَو وار،
تہ پڻ تند تَوار، موهان متاهون، مڱڻا!

(شاهہ - سورٺ) (١٢٤)

سو - هزار (1000-100)، گهڻا سارا، مثال؛

مُڙدي تي جهڙي سو مڻ مٿي تهڙي هزار مڻ. (١٢٩)

يار اوهان ڏي ڪئي مَڪاسي، قاصد سو هزار

(سچل سرمست - ڪافي) (١٣٠)

سو - لک (100 - 100000)

(١) ٻانهو سي ٻڌيم اڳيون انهن جي، زاري سو لک زاري

(سچل سرمست - ڪافي) (١٣١)

(٢) رهبر عاشق کي وڃي، سَو لک ڏيج سلام

(سچل سرمست - ڪافي) (١٣٢)

(٣) يار تو سان منهنجي زاري، آهي سو لک واري، ميان!

(سچل سرمست - سسئي) (١٣٣)

(٤) ڳالهه اهائي ناهي سلڻ جي، خرچين سو لک هزار

(سچل وحدت- ڪافي) (١٣٤)

(٥) ڪري قدمن تي پئي، سو لک ڏيج سلام

(سچل سرمست - بيت؛ مالڪوس) (١٣٥)

(٦) عاشق عجيبن جو توکي سَو لک آهي سلام.

(سچل سرمست) (١٣٦)

(٧) ڪانهي ڳالهه سَون جي، پر هُو ٽيون لک لهن

(مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ) (١٣٧)

(٨) خان جا کيسا آهن خالي، مگر ڪپڙا اڇا،

ڊاڙ سو جي، لوڏ لک جي تہ هئي هو بي حجاب

(علامہ رضوان) (١٣٨)

ڪجليون ڪاريون ڪيفن واريون، هڻن ڀالا ٻنهيون ڪناريون

سوين مشتاق لک ماريون، ترسَ تِلُ ڪونہ ڏارين ٽيون

(منٺار فقير راڄڙ) (١٣٩)

سنڌي لوڪ شاعري جي صنف "ڏهس" ۾ هڪ شيء لاء ڏهه ناالا ڏنل هوندا آهن. ڪتاب "سڳند" مان هي مثال:

هـڪڙا پـٺـن پـيا قَـن ڪـيان تـلـيهر الـيهر
ارگ سـسيل راجـلا سـسـيـهـر وسـيهر،
اوکي وات عشق جي، جت واسينگ وجهن ور،
اتي منجهه ڏونگر، سسئيء رکج "صديق" جوي (۱۴۶)

نانگ - (۱) پٺن (۲) قَن (۳) تليهر (۴) اليهر (۵) ارگ (٦) سسيل (۷) راجلا (۸) سسيهر (۹) وسيهر (۱۰) واسينگ.

24-18-12

واڙيء پارهه، هَٽِ اٺارهَ، گهر ويئي چوويهه! (چوڻي) (۱۴۷)

ايراضي جنهن ۾ واڱڻ پوکيل هجن ان کي "واڙي" چئبو آهي. دڪٽن / واڍن / ڪارپينٽرس کي "واڱڻ" جي چڙ هوندي آهي. انهيء تان چوندا آهن:

ڊکڻ ڊاڙي، ڪاٺن واڱڻن جي واڙيا

واڱڻ خريد ڪرڻ لاء جيڪڏهن "واڙيء" تي هلي وڃبو ته ڪجهه رعايت ٿيندي ۽ واڱڻ سستا پوندا. مثال طور: واڙيء تي وڃبو ته اتي جيڪڏهن ۱۲ روپين ۾ واڱڻ جو پريل ڪارو / ٽوڪرو ملي (اڳئين زماني ۾ سستائي هوندي هئي) هاڻي هڪ ڪلو گرام جي قيمت ۱۲ روپيا يا گهٽ وڌ ٿي سگهي ٿي. ته اوترا واڱڻ ڀاجيء جي هٽ / دڪان / پڙيء تي ۱۸ روپيا جڏهن ته گهورڙيا در در تي هلي وڃي ڀاجي وڪڻن ته اتي ۲۴ روپيا اگهه وصول ڪندا.

لاڳيتو انگن جو گڏيل استعمال:

ٽن چئن لاڳيتن/ڪن ۽ ٽن انگن يا تعدادن جو گڏيل استعمال انگ جڏهن لڳو لڳ، هڪ ٻئي پٺيان، سلسليوار هوندا آهن ته هڪ قسم جي لفظن جي لانڍ يا مالها ٺهي پوندي آهي. ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

چار چنيسر هلن چلن، چار چنيسر مٺي ڪائي،
ٻه چنيسر سُڪي ڪائي هڪ چنيسر اولي ڳهولي
(ڳجهارت ؛ پيڇي، ڳڻون) (۱۴۸)

(۲) ٻه - ٽي - نو (09-03-02)

ٻه ٽي نو پوڻ، ڪوٺ هيٺ اڇڻ / پاڳ ڪسجڻ / هار جو داءُ پوڻ.

(۴) ڇهه - ٽي - نو (09-03-06)

ڇهه ٽي نوَ پوڻ، ڪوٺ هيٺ اڇڻ/ڇڪي راند ۾ هار جو داءُ/پاڳ ڪسجڻ

نو - ڏهه - پندرهن / پنوڻهن (09-10-15)

(۵) نونيٺر، ڏهه ڏاوڻيون پنره پڻند پياس

(نير؛ لوهي ڏاوڻ / زنجيرون - ڏاوڻيون؛ زنجيرون - پڻند؛ نوڙ / پنجوڙ)

(٦) ٻارهن - ارڙهن - چوويهه (12-18-24)

واڙيءَ ٻارهه، هٺ اٺارهه، گهر وڻي چويهه (پهاڪو)

(۷) سورنهن - سٺ- نو (16-60-09)

سوڍو سورنهن پير، مومل سٺ هٿن جي،
نوَ سَريون هُيون نار ڪي، جنهن ڦند جلايا ڦير،
بيت ڍيرون ڍير، پر هي ٽي جنگ جلال چوي. (۱۴۹)

مٿئين بيت ۾ ١٦- ٦٠ ۽ ۹ جا انگ آهن

چئن انگن جو گڏيل استعمال،

(۱) هڪ ٻه ٽي چار (04,03,02,01)

هڪ ٻه ٽي چار،
چا ٿا سمجهو منهنجا يارا (۱۵۰)

(گرامو فون رڪارڊ ۾ پريل مزاحيه ٽڪبندي)

# حوالا

**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(١) (مهتمر) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد (سر: ڪلياڻ)- ص ٨٣
**"گرامي" غلام محمد**
(٢) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ شاعر نمبر ١٩٦٩ع" - سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٦٩ع (شاعر: حافظ محمد احسن) - ص ٢٥٩
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٣) (مهتمر) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڪميٽي، حيدرآباد- ڇاپو ٻيو- ١٣٩٩هه/١٩٧٩ع (سر: مومل راڻو)- ص ٥٣٦
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(۴) (مؤلف) "رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاهه جو رسالو" ڇپائيندڙ: آر - ايڇ احمد اينڊ برادرس، بوڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار حيدرآباد - ڇاپو ٻيو ٦٠ - ١٩٦١ع - (سُر: رامڪلي) ص ١١٣٩
(۵) ايضاً - (سُر : سريراڳ) - ص ٢٢٦
(٦) ايضاً - (سر: حسيني) ص - ٦٣٨
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٧) (مهتمر "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڪميٽي، حيدرآباد ڇپو ٻيو ١٣٩٩هه / ١٩٧٩ع - (سر: سهڻي) ص - ٢٧٨
(٨) ايضاً - ص ٢٧٨
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٩) (تحقيق ۽ تصنيف)، "سنڌي سينگار شاعري"- سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/ حيدرآباد-پهريون ڇاپو ١۴٠٦هه /١٩٨٦ع- (شاعر: جلال ڪني)- ص ١٠٨

**لاشاري، رشيد احمد**
(١٠) (مصنف) "لطيف باغ جو سير" - ڇپائيندڙ: آر ايڇ احمد اينڊ برادرس شاهي بازار، حيدرآباد- ڇاپو ٻيون - ١٩٦٥ع - ص ١١
**"احسن" محمد، حافظ**
(١١) "ديوان احسن سنڌي" - ڇپائيندڙ: ويڙهو مل ڪنڌ مل، پبلشر بڪ سيلر، لاڙڪاڻو سنڌ - ١٩٣٣ع - ص ١٠
**آڏواڻي، ڀيرو مل مهر چند**
(١٢) "گلقند" (ڀاڱو پهريون)- ڇپائيندڙ: ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي - ڇاپو ٻيون ١٩٤٠ع- ص ٩٤
**گرامي، غلام محمد**
(١٣) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ شاعر نمبر ١٩٦٩ع"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٩ع (شاعر: محمد اسماعيل عرساڻي فدا)-ص ١٣٠
(١٤) ايضاً - (شاعر: ولي محمد "وفا") - ص ٦٨٧
(١٥) ايضاً - (شاعر: امداد حسيني) ص- ٥١٨
**غلام اصغر**
(١٦) "سنڌي ڪتمنڙا حرف اصطلاحات اصغر"؛ - آر - ايڇ - احمد اينڊ برادرس، بڪ سيلرس، شاهي بازار، حيدرآباد، سنڌ- دفعو پهريون ٥٥- ١٩٥٦ع - ص ٥٥٦
(١٧) ايضاً - ص ٥٥٧
(١٨) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل
**عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، پروفيسر**
(١٩) "سنڌي ورجيسي ٻولي" - روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو - ڇاپو پهريون ١٩٧٧ع - ص ٤٢
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٢٠) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد- پهريون ڇاپو ١٤٠٥هه/ ١٩٨٥ع - (شاعر: صوفي شهاب الدين) - ص ٥٠٥

**RochiRam Gajumal**
(21) A Hand Book of Sindhi Proverbs _ Hindostan Printing Works Nicol Road, Karachi- Publisher: Khemchand Shewakram Advani -Fourth Edition-P-82
(22) Ibid - P 81
(23) Ibid - P 12
(24) Ibid - P82
(25) Ibid - P 82
(26) Ibid -P 81
(27) Ibid -P 81

**"سودائي"، غلام رسول، سومرو**
(٢٨) "جُهنڊريون" - مسلم ڪتب خانو، نيو چوڪ، دادو- ١٩٧۴-٧۵ع - ص-٩

**دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، شمس العلماء**
(٢٩) (مؤلف ۽ ناشر) "ڪلام گرهوڙي" - سنڌي ادبي سوسائٽي جي مطبوعات جو ٻيو عدد، ڪراچي- ڏفعو پهريون ١٣٧٦هه/١٩٥٦ع - ص- ١٩٣

**"ٻيوس"، تاجل**
(٣٠) "سنڌ منهنجي امان" - سنگم پبليڪيشن پوسٽ باڪس نمبر ١٢٠٧١هه ڪراچي - ٨ - ڇاپو پهريون - ١٩٨٩ع - ص ١٢٢

**آڏواڻي، ڪيولرام سلامت راء، ديوان**
(٣١) "گل شڪر"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ستون ١٩٧٨ع - ص ١٣٦

**پٺي، مقبول احمد**
(٣٢) "ڪليات مصري شاهه" - مصري شاهه ميموريل ڪوآپريٽو ڪائونسل، نصرپور ١٩٦١ع- ص ١۴٢

**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٣٣) (مهتمر) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد- ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه/١٩٧٩ع (سر، مارئي)- ص ٥٦١

**تکڙائي، "اسد" اسدالله شاهہ**
(٣٤) "تذکره شعراءِ ٺکڙ" - سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي - حيدرآباد
چاپو پهريون ١٩٥٩ع - ص ٤٠
**RochiRam Gujnmal**
(35) A Hand Book of Sindhi Proverbs _ Hindostan Printing Works Nicol Road, Karachi- Publisher: Khemchand Shewakram Advani -Fourth Edition-P-10
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر**
(٣٦) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد - ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هہ/ ١٩٧٩ع (سر، ڪوهياري) ص- ٣٥٠
**"مسافر" محمد صديق**
(٣٧) "منازل مسافر بمع ڪليات مسافر": آر-ايچ- احمد اينڊ برادرس پبلشرس، بڪ سيلرس، شاهي بازار حيدرآباد- ڇاپو ٻيو ١٩٦٥ع - ص ٢١٨
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(٣٨) (مؤلف) "رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاهہ جو رسالو"-آر- ايچ احمد اينڊ برادرس، بڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار حيدرآباد ڇاپو ٻيو- ٦٠-١٩٦١ع (سُر رامڪلي) ص-١١٢٢
**"گرامي" غلام محمد**
(٣٩) (ايڊيٽر) "ٽماهي مهراڻ شاعر نمبر ١٩٦٩ع" - سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٩ع - (شاعر، شيخ عبدالرزاق "راز") -ص ١٢٢
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٤٠) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جُلدن ۾) - شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڪميٽي، حيدرآباد - ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هہ / ١٩٧٩ع - (سر سهڻي) ص- ٢٧٤
**غلام اصغر**
(٤١) "سنڌي ڪتمنڙا عرف اصطلاحات اصغر"- آر - ايچ - احمد اينڊ برادرس بڪ سيلرس، شاهي بازار حيدرآباد. دفعو پهريون ٥٥-١٩٥٦ع - ص ٥٦٠

**غلام شاهہ**

(۴۲) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل

**سنڌي، محمد صالح**

(۴۳) "نڙ ۽ بيت" - نويد بڪ ڊيپو، گاڏي کاتو، حيدرآباد - ۱۹۸۸ع - ص ۲۴

**غلام اصغر**

(۴۴) "سنڌي ڪتمنڙا عُرف اصطلاحات اصغر" - آر - ايچ - احمد ائنڊ برادرس، بڪ سيلرس شاهي بازار، حيدرآباد سنڌ- دفعو پهريون ۱۹۵٦-۵۵ع - ص ۵۵۸

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(۴۵) (مرتب) "تماهي مهراڻ سوانح نمبر ۱۹۵۷ع" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (شخصيت / شاعر، محمد عرس ميمڻ) ص - ٦٠١

**علي**

(۴٦) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.

**لاشاري، رشيد احمد**

(۴۷) (مصنف) "لطيف باغ جو سير" - ڇپائيندڙ، آر- ايچ - احمد ائنڊ برادرس، شاهي بازار حيدرآباد - ڇاپو ٻيون - ۱۹٦۵ع - ص ۵

**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**

(۴۸) (مؤلف) "رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاهہ جو رسالو"- آر- ايچ احمد ائنڊ برادرس، بڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ ڇاپو ٻيو ٦٠-۱۹٦۱ع (سر: ڪارايل)- ص ۱۲۲۰

**سنڌي محمد صالح**

(۴۹) "نڙ ۽ بيت"- نويد بڪ ڊيپو، گاڏي کاتو، حيدرآباد-۱۹۸۸ع -ص ۴۸

**"ذاڪر"، سردار علي شاهہ، سيد**

(۵۰) "واردات عشق عرف زاد ذاڪر"- (نعتيہ ڪلام)- سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد ڇاپو پهرين ۱۹۸۳ع- ص ٦۹

**غلام اصغر**
(٥١) "سنڌي ڪتمنڙا عرف اصطلاحات اصغر" - آر - ايچ احمد برادرس، بڪ سيلرس، شاهي بازار، حيدرآباد سنڌ - دفعو پهريون ٥٥-١٩٥٦ع- ص ٥٥٨
(٥٢) ايضاً - ص - ٥٥٦
(٥٣) ايضاً - ص - ٥٥٥
(٥٤) ايضاً - ص - ٥٥٥
**"گرامي" غلام محمد**
(٥٥) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ شاعر نمبر ١٩٦٩ع"-سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٩ع - (شاعر؛ لطف الله بدوي)- ص ٣١١
(٥٦) ايضاً - (شاعر؛ اظهر گيلاني)- ص ١٧٠
**آڏواڻي، پيرومل مهر چند**
(٥٧) "گلقند" (ٻاگو پهريون) ڀاڱا - ڇپائيندڙ؛ پيرومل مهر چند آڏواڻي، ڇاپو ٻيون ١٩٤٠ع - ص - ٣٠
**RochiRam Gajumal**
(58) A Hand Book of Sindhi Proverbs _ Hindostan Printing Works Nicol Road, Karachi- Publisher: Khemchand Shewakram Advani -Fourth Edition-P-10
**"ٻيوس" تاجل**
(٥٩) جڏهن پونءِ ٻٽي" - انڊس ويلي ڪلچر انسوسيئيشن ڪراچي - ڇاپو پهريون ١٩٨٢ع - ص ١٦٢
**لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر**
(٦٠) (مرتب) "ڪشتي منجهه ڪٺا؛ ڪلام عارف المولي"- ڇپائيندڙ؛ درگاهه پير حسن بخش شاهه جيلاني دنڙو شريف / زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سال ١٩٩٤ع - ص ٢٦٧
**هالائي "گل". گل محمد خليفو**
(٦١) "ديوان گل" - سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد سال ١٩٣٣ع جو ڪتاب ٩- ايڊيشن : ١ ص - ١٣٣

غلام اصغر
(٦٢) "سنڌي ڪتملٽا عرف اصطلاحات اصغر" - آر - ايچ- احمد اينڊ برادرس، بڪ سيلرس، شاهي بازار، حيدرآباد دفعو پهريون ٥٥-١٩٥٦ع - ص ٥٥٥
(٦٣) ايضاً - ص ٥٦٠
(٦٤) ايضاً - ص ٥٥٤
بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر
(٦٥) (مرتب) "پروليون، ڏئون، معمائون، ۽ پول" - سنڌي ادب بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد- ڇاپو ٻيون ١٩٨٣ع - ص ١٩
لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر
(٦٦) (مرتب) "ڪشتي منجهه ڪٿا: ڪلام عارف المولي" - ڇپائيندڙ: درگاهه پير حسن بخش شاهه جيلاني ڏنڙو شريف/ زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد- سنڌ - سال ١٩٩٤ع ص - ٣٠٢
Rochiram Gajumal
(67) A Hand Book of Sindhi Proverbs _ Hindostan Printing Works Nicol Road, Karachi- Publisher: Khemchand Shewakram Advani -Fourth Edition-P-82
لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر
(٦٨) (مرتب) "ڪشتي منجهه ڪٿا: ڪلام عارف المولي"- ڇپائيندڙ: درگاهه پير حسن بخش شاهه جيلاني، ڏنڙو شريف / زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سنڌ- سال ١٩٩٤ع - ص ٢٤٨
گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر
(٦٩) (مهتمر)" شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ - ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه/١٩٧٩ع - ص ٨٥
"گرامي"، غلام محمد
(٧٠) (ايڊيٽر) "ٽماهي مهراڻ شاعر نمبر ١٩٦٩ع" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٩ع (شاعر: سر وپچ سجاولي) - ص ٥٥٨

**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٧١) (مهتمر) "شاھ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد-ڇاپو ٻيو: ١٣٩٩ھ / ١٩٧٩ع (سر: يمن ڪلياڻ) ص ١٠٣
(٧٢) ايضاً - (سر : مارئي)- ص ٥٦٥
**"احسن"، محمد، حافظ**
(٧٣) "ديوان احسن سنڌي" - ڇپائيندڙ: ويڙهو مل ڪتب مل، پبلشر بڪ سيلر، لاڙڪاڻو سنڌ ١٩٣٣ع - ص ٨٩
**منشي، محمد ابراهيم**
(٧٤) "گوندر ويندا گذري" - پريم نگر پبليڪيشن حيدرآباد - ڇاپو پهريون ١٩٨٥ع - ص ٣٦
(٧٥) ايضاً - ص - ١٢٩
**اياز گل**
(٧٦) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل
**"پرڪاش"، موتي**
(٧٧) "آءٌ تہ ڇوريون ڇنگ"- ڇپائيندڙ: جيون ڪلا پبليڪيشن ٦ ماڈويون - بمبئي - ص ٣٦
**لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر**
(٧٨) (مرتب) "ڪشن منجهہ ڪٺا: ڪلام عاف المولي"- ڇپائيندڙ: درگاھ پير حسن بخش جيلاني، ڏنڙو شريف / زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد- ١٩٩٤ع- ص ٥٦
**گدائي، عبدالڪريم**
(٧٩) "پنماني تي پنمانو" سورٺ اشاعت گهر، جيڪب آباد١٩٧٤ع- ص ٣٦
**"بيوس تاجل"**
(٨٠) "جڏهن پونءِ ٻٽبي" - انڊس ويلي ڪلچر ائسوسيئيشن ڪراچي - ڇاپو پهريون ١٩٨٢ع - ص ١٧١

**سمون، محمد قاسم**
(٨١) (مرتب) "راضي فقير رلد جو رسالو" (حصو پيو) - ڇپائيندڙ: ماستر محمد قاسم سمون - پرفيڪٽ پرنٽرس، حيدرآباد ١٩٨٣ع - ص ٢٣
**لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر**
(٨٢) (مرتب) "ڪشتي منجهه ڪٺا: ڪلام عارف المولىٰ" - ڇپائيندڙ: درگاهه پير حسن بخش جيلاني، ڏنڙو شريف/ زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٩٣ع - ص ٥
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٨٣) (مهتمم) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد - ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه /١٩٩٩ع ص - ٣٦٨
**مرزا، ممتاز**
(٨٤) (مرتب) "مين عيسىٰ جا سنڌي بيت" - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/ حيدرآباد - پهريون ڇاپو ١٤١٤هه/١٩٩٣ع - ص ٤١
**"فهيم"، محمد امين، مخدوم**
(٨٥) "پيغام" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد/ڄامشورو، ڇاپو پهريون ١٤١١هه/١٩٩٠ع - ص
**راڄڙ، فقير، منٺار**
(٨٦) "ڪلام منٺار فقير راڄڙ: رسالو خدائي (١)- ناشر: سجاده نشين درگاهه منٺار فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ، تعلقو کپرو، ضلع سانگهڙ، سنڌ - ٻيو ڇاپو ١٩٩٩ع - ص ١١٢
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٨٧) (مهتمم) "شاهه جو رسالو" (ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه/١٩٧٩ع - ص ١١١

"ذاڪر" سردار علي شاهہ، سيد
(٨٨) "واردات عشق عرف زاد ذاڪر" (نعتيہ ڪلام) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/ حيدرآباد ڇاپو پهريون ١٩٨٣ع -ص ٨٨
"ٻيوس"، ڪشنچند
(٨٩) "شيرين شعر"-سندر ساهتيہ گاڏي کاتو، ڪراچي ١٩٣٧ع-ص ٢۴
سنڌي، "بردو"، محمد رمضان
(٩٠) "ٻوندون ٻس نہ ڪن"- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي، آف سنڌ، ڄامشورو - ڇاپو پهريون ١٩٨٨ع - ص ١١٧
(٩١) "شعر جي سوکڙي" ص- ٣٦
"طالب المولي"، محمد زمان مخدوم
(٩٢) "ڇپر ۾ ڇڙيون"- مرڪزي بزم طالب المولي جو اشاعتي سلسلو - (مرتب: ڊاڪٽر اسدالله شاهہ "بيخود" حسيني) ڇاپو پهريون ١٣٩١هہ/١٩٧١ع - ص ١٦
بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر
(٩٣) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو/حيدرآباد - پهريون ڇاپو ١۴٠۴هہ/١٩٨٥ع- (شاعر: پير علي گوهر شاهہ "اصغر")- ص ١٢٥
(٩۴) (مرتب) "ڪليات حمل" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ پهريون ايڊيشن - ص ١٩٧
"جهانگير" عبدالحي
(٩٥) ماهوار "اديب سنڌ" لاڙڪاڻو- جون ١٩٥١ع - ص ٣۴
"گرامي"، غلام محمد
(٩٦) (ايڊيٽر) "ٽماهي مهراڻ شاعر نمبر ١٩٦٩ع"- سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٩ع (شاعر: ميوو خان "موج" لغاري) - ص ٣٣٩
(٩٧) ايضاً -(شاعر: عبدالڪريم پلي) - ص ٥٦۴

**لڪڙائي، "بسمل"، عبدالله حافظ**
(٩٨) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.
**لغاري، اڪبر علي، ڊاڪٽر**
(٩٩) (مرتب) "ڪشتي منجهه ڪٺا؛ ڪلام عارف المولي" - ڇپائيندڙ؛ درگاهه پير حسن بخش شاهه جيلاني، ڏنڙو شريف / زيب ادبي مرڪز حيدرآباد-١٩٩٤ع - ص ٢٣٩
**"بيوس"، تاجل**
(١٠٠) "سنڌ منهنجي امان" - سنگم پبليڪيشن، پوسٽ باڪس نمبر ١٣٠٧١ ڪراچي- 8، ڇاپو پهريون ١٩٨٩ع - ص ٨٠
**سنڌي، محمد صالح**
(١٠١) "نثر ۽ بيت" - نويد بُڪ ڊيپو گاڏي کاتو، حيدرآباد ١٩٨٨ع-ص ٢٨
**راڄڙ، فقير منٺار**
(١٠٢) "ڪلام منٺار فقير راڄڙ؛ رسالو خدائي (١)" - ناشر؛ سجاده نشين، درگاهه منٺار فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ، تعلقو کپرو، ضلع سانگهڙ سنڌ- ٻيو ڇاپو ١٩٩٩ع - ص ٤٢٧
**Rochiram Gajumal**
(103) A Hand Book of Sindhi Proverbs _ Hindostan Printing Works Nicol Road, Karachi- Publisher: Khemchand Shewakram Advani -Fourth Edition 1935 P-123
**(١٠٣) گمنام سگهڙ**
**موسوي، عبدالحسين شاهه ۽ عباسي، محمد ابراهيم**
(١٠٥) (گلچين) "سرهاڻ"- شفقت حسين شاهه موسوي-روهڙي- ص ٨٩
**هالائي، محمد قاسم خليفو**
(١٠٦) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل
**"مسافر" محمد صديق**
(١٠٧) "منازل مسافر - بمع ڪليات مسافر"- ڇپائيندڙ؛ آر-ايچ- ائنڊ

برادرس پبلشرس، بڪ سيلرس شاهي بازار، حيدرآباد ڇاپو ٻيو ١٩٦٥ع- ص ١٣٣

**"احسن"، محمد، حافظ**

(١٠٨) "ديوان احسن سنڌي" - ڇپائيندڙ؛ ويڙهو مل ڪنڻ مل، پبلشر بڪ سيلر، لاڙڪاڻه سنڌ ١٩٣٣ع - ص ٤٢

**Rochiram Gajumal**

(109) A Hand Book Of Sindhi Proverbs-Hindostan Printing Works, Nicol Road, Karachi- Publisher: Khemchand Shewakram Advani- Fourth Edition- 1935- P-110

**"گرامي" غلام محمد**

(١١٠) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ؛ شاعر نمبر ١٩٦٩ع"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٩ع - (شاعر؛ عمرالدين بيدار)-ص ٢٠٣

(١١١) "ديوان بلبل" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڏفمو ڇپريون ١٩٦٩ع - ص ١١٨

(١١٢) ايضاً - ص ١٢٠

**موسوي، عبدالحسين شاهه ۽ عباسي، محمد ابراهيم**

(١١٣) (گلچين) "سرهاڻ" - شفقت حسين شاهه موسوي، ايڊووڪيٽ، روهڙي - ص ٢٣

(١١٤) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.

**عباسي، الطاف**

(١١٥) "جاڙا چنڊ" (شاعري)- سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، لميٽيڊ، حيدرآباد سنڌ ١٩٧٩ع

**آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند**

(١١٦) "گلقند" (ٻاگو ڇپريون) : ڀاڱا - ڇپائيندڙ ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي- ڇاپو ٽيون ١٩٤٠ع - ص ١٢٦

**شيخ، محمد سومار**

(١١٧) "ڪچين جا قول" - سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد- ڇاپو ڇپريون ١٩٧٧ع (شاعر؛ سمنگ چارڻ) - ص ١٣١

**موسوي، عبدالحسين شاهہ ۽ عباسي، محمد ابراهيم**

(١١٨) (گلچين) "سڳنڌ" - تاج محل پريس، حيدرآباد ڇاپو؛ ستون ١٩٥٩ع-ص ٩٠

(١١٩) "سرهاڻ" - شفقت حسين موسوي روهڙي - ص ٩١

**سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر**

(١٢٠) "ڀهاڪن جي ڀاڙ" - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، نئين ڇاپي جو ٻيو ايڊيشن ١٩٩٧ع - ص ٨٥

**اڏواڻي، پيرو مل مهر چند**

(١٢١) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.

**آڏواڻي، ڪيول رام سلامت راءِ، ديوان**

(١٢٢) "گل شڪر" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - ڇاپو ستون ١٩٧٨ع - ص ٢٨

(١٢٣) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.

**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**

(١٢٤) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد، ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هہ / ١٩٧٩ع - (سُر، سورٺ)- ص ٥٩٣

**Rochiram Gajumal**

(125) A Hand Book Of Sindhi Proverbs -Hindostan Printing Works, Nicol Road, Karachi. Publisher: Khemchand Shewakram, Advani-Fourth Edition-1935- P-89

**سمون، محمد عرس**

(١٢٦) "ڪوهستاني شادي"، ماهوار نئين زندگي، ڪراچي- آگسٽ ١٩٥١ع - ص

(١٢٧) ذاتي مواد تان ورتل

(١٢٨) ايضاً

**هرسالي، شمس الدين، ڊاڪٽر، پروفيسر**
(١٢٩) "سنڌي ورجيسي ٻولي- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو- ڇاپو پهريون- ١٩٧٧ع - ص ٨١
**انصاري، عثمان علي**
(١٣٠) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام"-سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد / ڄامشورو- ٻيو ڇاپو ١٤٠١هه/١٩٨٢ع - ص ٣٨٠
(١٣١) ايضاً - ص- ٤١٨
(١٣٢) ايضاً - ص- ٤٢٤
(١٣٣) ايضاً - ص -٩٢
(١٣٤) ايضاً - ص- ٦١
(١٣٥) ايضاً - ص- ٣٦٦
(١٣٦) ايضاً - ص- ٤٠٣
**"طالب المولي" محمد زمان، مخدوم**
(١٢٧) "ڇپر ۾ ڇڙيون" (شاعري) - مرڪزي بزم طالب المولي جو اشاعتي سلسلو (مرتب؛ سيد اسدالله شاهه "بيخود" حسيني) ڇاپو پهريون ١٣٩١هه/١٩٧١ع - ص ١٥٥
**"رضوان" علامه (انجم هالائي)**
(١٣٨) "ماهوار" رهنما، نواب شاهه- جنوري ١٩٥٧ع - ص ٢٦
**راڄڙ، فقير، منار**
(١٣٩) "ڪلام منار فقير راڄڙ؛ رسالو خدائي"- سجاده نشين، درگاهه منار فقير راڄڙ، ڪاڻي راڄڙ، تعلقو ڪپرو- ضلع سانگهڙ سنڌ- ٻيون ڇاپو ١٩٩٩ع ص - ٢٧٧
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(١٤٠) (مرتب) "سوانح نمبر تماهي مهراڻ ١٩٥٧ع"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (شاعر؛ حاجي پير بخش فاروقي )- ص ٤٧٦
**شيخ، محمد سومار**
(١٤١) "ڪڇين جا قول"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ - ڇاپو پهريون ١٩٧٧ع-(شاعر؛ڪڇي شاعر ميان ڦل ڪوراڙ)-ص ٢٩٠

بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر
(۱۴۲) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون)-سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/ حيدرآباد پهريون ڇاپو ۱۴۰۴هہ / ۱۹۸۵ع - (شاعر: اميد علي شاهہ) - ص ۶۰۳
"گرامي"، غلام محمد
(۱۴۳) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ شاعر نمبر ۱۹۶۹ع" - سنڌي ادبي بورڊ- ۱۹۶۹ع - (شاعر: علي بخش رضا) ص- ۷۴۴
دائود پوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر، شمس العلماء
(۱۴۴) "سرها گل ۱۹۳۰ع" (شاعر: روحل فقير ڪنڊڙيءَ وارو) ص-۲۹
راڄڙ، فقير، منٺار
(۱۴۵) "ڪلام منٺار فقير راڄڙ: رسالو خدائي (۱)" ناشر: سجاده نشين، درگاهہ منٺار فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ تعلقو ڪپرو، ضلع سانگهڙ سنڌ- نئون ڇاپو ۱۹۹۹ع - ص ۳۱۲
موسوي، عبدالحسين شاهہ ۽ عباسي، محمد ابراهيم
(۱۴۶) (گلچين) "سڳنڌ" (سنڌي ڏوهيڙا)- تاج محل پريس شاهي بازار حيرآباد - ڇاپو ستون - ۱۹۵۹ع - ص ۱۵۵

**Rochiram Gajumal**
(147) A Hand Book Of Sindhi Proverbs- Hindostan Printing Works Nicol Road, Karachi. Publisher: Khemchand Shewakram, Advani-Fourth Edition 1935- P-125

موسوي، عبدالحسين شاهہ ۽ عباسي، محمد ابراهيم
(۱۴۸) (گلچين) "سڳنڌ" (سنڌي ڏوهيڙا) - تاج محل پريس شاهي بازار، حيدرآباد - ڇاپو ۷ - ۱۹۵۹ع - ص ۹۲
سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر
(۱۴۹) (سوڏيندڙ ۽ سنواريندڙ) "وينجهار"- ڇپائيندڙ: شاهہ محمد الله بخش عباسي، لاڙڪاڻو - ڇاپو چوٿون ۱۹۶۰ع - ص ۱۲۹
(۱۵۰) گراموفون رڪارڊ تي پريل مزاحيہ تڪبندي تان ورتل.

(ب) متان کان هيٺ واري ترتيب موجب In descending order
متان کان هيٺ واري ترتيب ۾، انگن جو استعمال ليکڪن خاص ڪري سنڌي شاعرن ڀرپور انداز ۾ ڪيو آهي. انگن جي اهڙي لاهونديءَ / لاهيءَ جا ڪي مثال نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

ٻـ - هڪ / هيڪ هڪڙو / هيڪڙو: (01-02)

(١) ڇانئي ڪين ٻئو، سُر سکيوئي هيڪڙو
(شاهہ : سُر پرڀاتي) (١)

چارڻ چنگ چوري رڳو هڪ سر ٻيو وڄائي ۽ اهو سر راءِ ڏياچ جي "سِر" جي صدا پيو هڻي، روحاني مطلب هي آهي تہ نيڪ ٻانهي جي زبان تي رڳو هيڪڙو نالو "الله" جو هوندو آهي.

(٢) ٻي سڀ لوڪ لباسُ، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو
- لوڪ لباس: ظاهري ڏيک - (شاهہ: سُر بروو سنڌي) (٢)

(٣) ٻہ گدرا مٺ ۾ نہ اچن. (مُٺ : هڪ مُٺ)

(۴) ٻہ ڪَڙتا برابر هڪ پهراڻ.
سڀ درياهہ برابر هڪ مهراڻ.
(ادل سومرو) (٣)

(۵) ٻہ ترارِيون هڪ ڪپ ۾ نہ ماپنديون.
(قليچ: پهاڪن جي حڪمت) (۴)

(٦) ٻئي نر، ناني هڪڙي،
جهان ۾ هڪڙو سئيدن جا ٻہ
ابراهيم حجام ڪيچي: (ڳجهارت : ٻيڄي: ڍڳي جو ٻَت) (۵)
سنڌ ۾ لاڙ" جي پاسي " سيد " جو اچار "سئيد " ڪندا آهن.

(٢) ٻہ ترارِيون هڪ مياڻ ۾ نہ ماپن! (٦)

(٣) انڌو ۽ اٿسونهون، ٻئي هڪ اچار (٧)

ٽي - هڪ (01-03)

ٽي بيت برابر هڪ وائي
سڀ شاعر برابر هڪ پٽائي

(ادل سومرو) (٨)

چار-هڪ (01-04) چريا ڏيئي چار واڃان وڃي مڪڙي (پهاڪو) (٩)

چار - ٽي (03-04)

دوا جو وزن پيچس ۽ ڳهمران لاءِ:

پيچ ۾ بادام جي ڳل ڏي ڪتي،
مکڻ سان آغا ته رتيون چار - ٽي

(آغا صوفي) (١٠)

- پيچس - ڳهمرن / سوريه لاءِ آغا صوفي جو نسخو / دوا

پنج - هڪ (01-05)

پنج ڳهڪيون برابر هڪ مٽڪو،
سڀ ٽوپيون برابر هڪ پٽڪو، (ادل سومرو) (١١)

پنج - چار (04-05)

دل ڏٿارڻ لاءِ وجهن ٿا، دام پهرين پيار جو
پنج ڏينهن سو پيار هلندو ۽ محبت چار ڏينهن

(نياز علي نياز) (١٢)

ڇهه - هڪ (01-06)

ڇهه جهرڪ برابر هڪ ڳيرو
سڀ ڪوڙ برابر هڪ وڏيرو

(ادل سومرو) (١٣)

ڇهه - ٻه (02-06)

اچو ته ننڍڙي ريل هلايون...
ڪوڪ ڪندي ٽي چٽي پچايون
ڇهه ڇهه پيسا، ٻه ٻه پايون

(ڪشنچند بيوس) (١٤)

ڇهہ - چار (04-06)

توڙي نِت ڇٽي، ڇهہ چار، اٿارهہ مک سان
تپَ تيرٿ ساڌن ڪري، غفا منجهہ رهي،
بنا ساڌ سنگت جي، وهڻ منجهہ واهي،
"سامي" ڪٿن لهي، پٽي ڏيٺي پاڻ کي!

تپ؛ تپشيا (چئنراء سامي) (١٥)

ڇهہ - پنج (05-06)

ڇهہ پنج ڪرڻ؛ واٺڙو ٿيڻ / حيران ٿيڻ / اچرج ۾ پوڻ

ڏهہ - ٽي (03-10)

هامڙ هوهڙ هي،
ڏهہ ڄنگهون مٿيون ٽي!

(ڪجهارت؛ پيٽي؛ هاري ڏاندن جي جوڙي، پاڃاري سَميت) (١٦)

چوڏهن - چار (04-14)

جوڌپور ۾ جنگ لڳي، نَر سين وڙهي نار
نار ڏک هنيان پٽي نر کي، چوڏهن ويهون چار
مون ڏٺو، تون ڪر اعتبار،
تہ نر سين وڙهي پئي نارَ
تہ نرسين وڙهي پئي نار.

(ماستر محمد عرس سمون؛ ڪوهستاني ڪچهري) (١٧)

سورنهن - ٻارنهن (12-16)

سورنهن ٻارنهن ڪٿون سرس هٿا. منهنجي سهڻل کي سينگار

(راڄن شاهہ) (١٨)

ڪوڙي/ ويهہ - هڪ / هيڪ؛ هيڪڙو (01-20)

تهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پريَ جو
کهڙي ڪاتب! ڪرين، مٿي ٻٺ ٻيهہ
جي ورق وارين ويهہ، تہ اکر اهوئي هيڪڙو.

(شاهہ؛ سر يمن ڪلياڻ) (١٩)

(۱) محبتي مُڪتو ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو!
مُڪتو : آزاد / ڇتل (مُڪتي: آزادي) (چنراءِ سامي) (۲۰)
(۲) ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، سمجهي سڪُ سَچيت
سَچيت: هوشيار (چنراءِ سامي) (۲۱)
(۳) ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، سامي سڪ لهي!
(چنرام سامي) (۲۲)
(۴) ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، آتم رس چکي!
(چنراءِ سامي) (۲۳)
(۵) جاڳيو جگياسي، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
جگياسي: ايشور جو طالبو - (چنراءِ سامي) (۲۴)
(٦) آتم پد واسيُ، ڪوڙين منجهه ڪو هڪڙو
آتم پد: روح جي درجي جي جاءِ رکندڙ واسي (چنراءِ سامي) (۲۵)
(۷) گيات وان گياني، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
گيات: سمجهه / پروڙ (چنراءِ سامي) (۲٦)
(۸) مومن ۽ مسلمان، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
(چنراءِ سامي) (۲۷)
(۹) ڪرَمڪ نر گياني، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
(چنراءِ سامي) (۲۸)
(۱۰) نيهي نَرَ نِهڪامَ، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
نيهي: نيهه / نينهن وارو / پريمي (چنراءِ سامي) (۲۹)
(۱۱) سرجهيو سنياسي، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
سر جهو: آزاد / سمجهه (چنراءِ سامي) (۳۰)
(۱۲) ڪوڙين مان هن ڪاتَ تي
ڪو هڪ پريندو هام، ميان!
(گهرام فقير جتوئي) (۳۱)

سٹ - ويھہ (60-20)
جهڙيءَ سٹ، تهڙيون ئي ويهون (ساڳي ڳالهہ)
ڪوڙي (ويهہ) - هڪ /هيڪڙو
سو- هڪ: هيڪ: هيڪڙو / هيڪڙو (100-01)
(١) سوناري جو سؤ ڌڪن، لوهرجو هڪڙو ڌڪ (پهاڪو) (٣٢)
(٢) طوفان سو طرح جا، هڪ ٿو لهي، ٻيو اُيري
ديدن سندو دو آبو، ڪٿ موج مُستقل تي!
(شمس الدين بلبل) (٣٣)
(٣) هو تہ سَــوَ آهن سڄڻ، آءٌ آهيان هڪڙو ڄڻو
(گل محمد قلبي) (٣٤)
(۴) سو ڌڪ سونار جا، هڪ ڌڪ لوهار جو. (پهاڪو) (٣۵)
(۵) سوناري جا سوَ ڌڪ، لهر جو هڪڙو (پهاڪو)
(٦) هُجي سوناري جو سوَ ڌڪ، تہ لوهر ٿو هٿي هڪڙو
(شمس الدين بلبل) (٣٦)
صد: سؤ / هڪ سو - هڪ/هڪڙو (100-01)
(١) صد حيف اي پرين نہ سَندہ ڳالهہ هڪ پڙي،
وعدو غلط، وفا بہ غلط، سڀ سخن غلط.
(شمس الدين بلبل) (٣٧)
(٢) سهٹل تولئي سَوَ سڪن ٿا مشتاقن کي مارين ٿو،
هتي هيٺي آءٌ هيڪل آهيان!
هيڪل / هيڪلي: هڪڙي ڄڻي (عثمان فقير سانگي) (٣٨)
سؤ- بارهن (100-12)
سؤسنات بارنهن ذات
ٻارنهن مکيہ ذاتين مان سؤ (انيڪ/ مختلف) سناتون/ ننڍيون ذاتيون/نياتون جوڙيل هونديون آهن، گهڻيون نياتون Communities هڪ هنڌ اچي گڏ ٿين/ميڙاڪو ڪن، تہ مٿيون پهاڪو ڏنو ويندو آهي.
اڪيچار / ڪوڙ ساريون نياتون/ قبيلا وغيره، مختلف نياتن،

عمرين رنگن وارن ماڻهن جو ميڙاڪو/هڪ هنڌ مڙڻ ۾ گڏ ٿيڻ.

**سو - پنجاهه (50-100)**

چرچي طور چئبو آهي يا جڏهن گهربل رقم ناهي ڏيڻي هوندي ته هيئن چيو ويندو آهي.

پرواهه نه ڪر، سو ڏئي پنجاهه ڪٺي وڃ!

**هزار- هڪ (01-1000)**

(١) هزارن جي هڪ ڳالهه ٻڌائي ستڪرو

(چنٽراءِ "سامي) (٣٩)

(٢) هزارن جي هڪ؛ وزندار گفتگو/سچي ڳالهه/مثالي گفتگو/ ٻول الموٺ

(٣) هزار حسن انهيءَ هڪ حسين جي آڏو هيچ!

رهي ٿو شمس به شيدا، رکي قمر، اخلاص.

(شمس الدين بلبل) (٤٠)

(٤) هزارن ۾ هڪڙا هئاسين،

گهڻن جا پيارا هئاسين.

(امداد حسيني) (٤١)

(٥) رنگ رنگيءَ جي آهه رتي ڪا، هزارن ۾ هڪڙي

(پير رشيد الدين جهنڊي وارو) (٤٢)

**لک / هڪ سو هزار- هڪڙو / هڪڙي**

(٦) صفتون سو هزار، ذات آهي هڪڙي

(مخدوم محمد زمان طالب المولي) (٤٣)

(٧) طالب تياڳي لکن ۾ ڪو هيڪڙو

(سچل سرمست) (٤٤)

**ٻارنهن سو / سا - ٻائتاليهه (42-1200)**

طورَ ٻارنهن سا ٻئتاليهه ۾ طيار هو،

چوڏهين رمضان جي هادي ٻون هسوار هو.

سچل سرمست جي وفات ١۴ رمضان ١٢۴٢هه/١٨٢٩ع هو. (قادر بخش بيدل) (۴٥)

لکـ - ويھہ / ڪوڙي (100000- 20)

(١) تنھن لالڻ تان لک لک ٿيان، ڪوڙئين دفعا قربان (٤٦)

(٢) لوڙھيا لک لطيف جي، ڪوڙيين ڪارونيار

(شاھہ ؛ سُر سھڻي) (٤٧)

لکـ - چوراسي (100000-84)

پيرا لک چوراسي، جوڙي ٿيو پياسي

أداسي سناسي بڻي آيو اولي (تارو) (٤٨)

لکـ - ھزار (100000- 1000)

لکـ ھزار؛ اڻگڻ / ڪوڙ سارا، مثال؛

ڪوڙين ڪايائون تنھن جون لِکن لک ھزار

ڪايائون؛ شڪليون / صورتون - (شاھہ؛ سر ڪلياڻ) (٤٩)

(١) ماٺھو شھر ڀنڀور جا، سھڻا لک ھزار سڄڻ

- مون کي ڏيھہ کون ڏيارن ٿا

(سچل سرمست؛ سر سسئي) (٥٠)

(٢) آءُ تان ھڪڙو ناھيان، تنھن جا عاشق لک ھزار

(سچل سرمست سُر جوڳ) (٥١)

(٣) مرلي مستانا ڪيا، جنھن جي لک ھزار

سچل سرمست؛ ھير رانجھو) (٥٢)

(٤) يارڙن يار لک ھزار، مون کي ميھڻا ڏين

(سچل؛ سر سسئي ڪافي) (٥٣)

(٥) ڪوڙين لک ھزار ھن اونداھي انڌ ڪيا

(شاھہ ؛ سر- رامڪلي) (٥٤)

(٦) محبت ڳڏي نہ ليي، خرچين لک ھزار

(سچل سرمست- سر؛ سسئي ڪافي) (٥٥)

(٧) "طالب" ھاريا طلب ۾ لڙڪن لک ھزار

(مخدوم محمد زمان طالب المولي) (٥٦)

(٨) ڳجهہ اندر جون ڳالهڙيون هينئڙي ۾ آهن لک هزار
(مخدوم علي احمد) (٥٧)
(٩) لاڦون اڳيان لوڪ جي، توهئين لک هزار.
(مراد فقير) (٥٨)
(١٠) سيد آهہ سمونڊ سراسر، لهرن لک هزار چوان
(پير ڪمال سائين) (٥٩)
(١١) ڳڏ ٿيا ڪيئن لک هزار
هاري هر تي ڳڏي زميندار
(پانڌي آريسر) (٦٠)
(١٢) ناز انداز نينهن نهوڙيا، نہ تہ حسن لک هزار هئا
(محمد صادق) (٦١)
(١٣) ڇيڻو ڇنڊ وليون ڪيتريون، ٻوڙيون لک هزار
(حيدر خان چانڊيو) (٦٢)
فصل تي حملو ڪندڙ جهار / زيان ڪندڙ پکي.
(١٤) ڳهڻو هوس ڳچيءَ ۾ جنهن تي لعلون لک هزار.
(فقير علي بخش جمالي) (٦٣)
(١٥) ڇڙين ڇيها ڇندن وليون، ٻيون ليلهيون لک هزار
(حيدر ٻروچ) (٦٤)
(١٦) تنهن جي منهنجي منزل ساڳي، واٽون لک هزار، الو ميان!
واٽون لک هزار!
(نظير تکڙائي) (٦٥)
(١٧) دل ۾ ڏکڙا لک هزار،
ڪير لهي ٿو ڪنهن جي سار؟
(عمر الدين بيدار) (٦٦)
(١٨) عشق هن زماني جو، سچو ٿي آزار،
ڪئين لک هزار، انهيءَ قرب قرضي ڪيا.
(ڪيهر فقير جمالي) (٦٧)

**ٽي لک - ٽيھہ ھزار:**

ٽي لک ٽيھہ ھزار ھَس ھيٺ آمرَ احڪام شاھہ محمد ديدڙ - جنھن جي حڪم ھيٺ وڏو لشڪر ھو (٦٨)

**پنجاھہ لک - ھڪ (01-50,00000)**

جدوجھد براءِ حُب وطن ھجي ھا،
پنجاھہ لک تي غالب ھرگز نہ "ون" ھجي ھا!

(عبدالله خواب حيدرآباد) (٦٩)

ون: ون يونٽ / وحدت جي نالي ۾، ملڪ جي خودمختياري ۽ حيثيت ختم ڪري ون يونٽ مڙھيو ويو سنڌي عوام خاص ڪري سنڌ اُٿئي ون يونٽ تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. سنڌي شاگرد پاڻ ملھايو ۽ ون يونٽ ختم ٿيو. صوبا بحال ٿيا.

**ڪروڙ- ھزار (1000-1-0000000)**

چپ ڏندَ ذوق زبان جو جا بر، جن روپ ڪروڙ ھزار
آھن سائنس ساز سرود ھيا سنگتي

(منٺار فقير راڄڙ) (٧٠)

# حوالا


**شاهواڻي، غلام محمد، محمد ابراهيم**

(١) مؤلف) "رسالو شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو عرف شاھ جو رسالو" - ڇپائيندڙ: آر - ايچ - احمد اينڊ برادرس، بوڪ سيلرس ۽ پبلشرس، شاهي بازار، حيدرآباد (سُر: پرڀاتي) ص- ١٢٣٣

(٢) ايضاً - (سُر : بروو سنڌي) - ص ١٠٩٩

**سومرو، ادل**

(٣) "چنڊ ڀشمر گولو" - سنڌ گرئجوئيٽس ائسوسيئيشن سکر - ڇاپو پهريون ١٩٧٩ع - (عنوان: جديد دور جي جدول) صفحو ناهي ڏنل

**"بيدار"، عمر الدين**

(٤) "ايڊيٽر) تعليمي اخبار" ڪراچي - مارچ ١٩٦٢ع - (ليکڪ: مرزا قليچ بيگ: پهاڪن جي حڪمت تان ڪنيل - ص ٦٣)

**شيخ، محمد سومار**

(٥) "ڪيچين جا قول" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- ڇاپو پهريون ١٩٧٧ع - ص ٢٥٩

**آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند**

(٦) "گلقند" (ٻاگو پهريون)؛ پهاڪا- ڇپائيندڙ: ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، ڇاپو ٽيون ١٩٤٠ع - ص ٤٢

**RochiRam Gajumal**

(7) A Hand Book Of Sindhi Proverbs-Publishers: Khemchand Mevaram Advani, Hindostan Printing Works, Nicol Road, Karachi- Fourth Edition 1935 P-87

**سومرو، ادل**

(٨) "چنڊ ڀشمر گولو" - سنڌ گرئجوئيٽس ائسوسيئيشن سکر - ڇاپو پهريون: ١٩٧٩ع (عنوان نئين دور جي نئين جدول)- صفحو ناهي ڏنل)

**RochiRam Gajumal**

(9) A Hand Book Of Sindhi Proverbs-Publishers Khemchand Mevaram Advani- Hindostan Printing Works, Nicol Road, Karachi- fourth Edition -1935 P-100

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(١٠) "تماهي مهراڻ - سوانح نمبر، ١٩٥٧ع" - سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد (شخصيت/شاعر، آغا صوفي) - ص ٣٤٥
**سومرو، ادل**
(١١) "چنڊ پشم ڪولو" - سنڌ گرئجوئيٽ ائسوسيئيشن سکر- ڇاپو پهريون ١٩٧٩ع - صفحو ناهي ڏنل
(١٢) (مرتب، شعر جي سوکڙي (شاعر : نواز علي نياز) - ص ٦٦
**سومرو، ادل**
(١٣) چنڊ پشم ڪولو" - سنڌ گرئجوئيٽس ائسوسيئيشن سکر - ڇاپو پهريون-١٩٧٩ع - (صفحو ناهي ڏنل)
**بخاري "استاد"**
(١٤) باراڻا گيت"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڇاپو ١٩٨١ع-ص ٢٠
**ڪوڙومل چندن مل، راء بهادر، سرگواسي**
(١٥) (اصل گڏ ڪيل) "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ"- ڪوڙومل چندن مل سنڌي ساهتيه منڊل سڌار سڀا. ڪاهي رستو- ١٩٣٦ع-ص ١٧٠
(١٦) لوڪ ادب تان ورتل
**سمون، محمد عرس، ماستر**
(١٧) "ڪوهستاني ڪچهري"- ذاتي ميڙ چونڊ تان ورتل.
**بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر**
(١٨) (تحقيق ۽ تصنيف) "سنڌي سينگار شاعري" - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد - (شاعر راڄن شاهه)- پهريون ڇاپو ١٤٠٦هه/١٩٨٦ع- ص- ٢١٦
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(١٩) (مهتمم) "شاهه جو رسالو(ٽن جلدن ۾) - شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد - ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هه/١٩٧٩ع - ص ١٠٢

**ڪوڙومل چندن مل، راءِ بهادر، سرڳواسي**
(٢٠) (اصل ڪڏ ڪيل) "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ"-ڪوڙومل چندن مل، سنڌي ساهتيه منڊل سڏار سيا، ڪاهي رستو ١٩٤٨ع- ص ١٩١
(٢١) ايضاً - ص ١٣٦
(٢٢) ايضاً - ص ١٧٢
(٢٣) ايضاً - ص ١٥٧
(٢٤) ايضاً - ص ١٤٣
(٢٥) ايضاً - ص ٢٠٤
(٢٦) ايضاً - ص ٢٠٠
(٢٧) ايضاً - ص ٢٠٦
(٢٨) ايضاً - ص ٢٠١
(٢٩) ايضاً - ص ١٨٦
(٣٠) ايضاً - ص ٢٠٢
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٣١) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو/ حيدرآباد - پهريون ڇاپو ١٤٠٥هه / ١٩٨٥ع (شاعر : گهرام فقير جتوئي) ص- ٢٤٢
**آڏواڻي، ڪيولرام سلامت راءِ، ديوان**
(٣٢) "گل شڪر"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- ڇاپو ستون ١٩٧٨ع-ص ١٣٠
**گرامي، غلام محمد**
(٣٣) (مرتب) "ديوانِ بلبل" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد دفعو پهريون ١٩٦٩ع - ص ١٢٦
**قلبي، گل محمد**
(٣٤) (مصنف) "واس وڻن وينجهار (شاعري) - ايچ احمد اينڊ سنس، پبلشرس بڪ سيلرس، اينڊ اسٽيشنرس، شاهي بازار حيدرآباد-دفعو پهريون ١٩٧٧ع - ص ٣٢

(٣٥) ڀاڪو، ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل

**"خليل" محمد ابراهيم، شيخ، ڊاڪٽر**

(٣٦) (مؤلف) "بلبل سنڌ" - سلسلهٔ جميعت الشعراء سنڌ - ص ١٤٤

**"گرامي"، غلام محمد**

(٣٧) (مرتب) "ديوان بلبل" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڏفعو ڀهريون ١٩٦٩ع - ص ٩٧

**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**

(٣٨) (مُرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/ حيدرآباد - پهريون ڇاپو ١٤٠٥هه /١٩٨٥ع - ص ٤٣٢

**ڪوڙومل چندن مل، راءِ بهادر، سرڳواسي**

(٣٩) ·اصل گڏ ڪيل) "ساميءَ جا چونڊ سلوڪ"- ڪوڙومل چندن مل، سنڌي ساهتيہ منڊل سڌار سڀا، ڪاهي رستو، حيدرآباد سنڌ - ١٩٤٦ع - ص ١٧٦

**"گرامي"، غلام محمد**

(٤٠) (مرتب) "ديوانِ بلبل" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد-ڏفعو پهريون ١٩٦٩ع - ص ٩٦

(٤١) (ايڊيٽر) "٣ - تماهي مهراڻ شاعر نمبر ١٩٦٩ع" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٩ع - (شاعر، امداد حسيني) ص- ٥١٨

**جهنڊي وارو، رشيد الدين، پير**

(٤٢) ماهوار "اديب سنڌ"، جولاءِ ١٩٥١ع - ص ٢٢

**طالب المولى، محمد زمان، مخدوم**

(٤٣) "ڇپر ۾ ڇڙيون" - مرڪزي بزم طالب المولى جو اشاعتي سلسلو- ڇاپو پهريون ١٣٩١هه / ١٩٧١ع - ص -٣

**انصاري عثمان علي**

(٤٤) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بــورڊ، حيدرآباد / ڄامشورو - ڇاپو ٻيون ١٤٠١هه / ١٩٨٢ع - ص ٣١٧

**موسوي، عبدالحسين شاهہ**
(٤٥) (مؤلف) "ديوان بيدل" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- ٻيو
ايڊيشن ١٩٦١ع - ص١٣٧
(٤٦) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل
**گربخشاڻي هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٤٧) (مهتمر) "شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهہ عبداللطيف
ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد - ڇاپو ٻيو ١٣٩٩هہ/
١٩٧٩ع - (سر: سهڻي) ص ٢٧٥
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٤٨) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ،
ڄام شورو/ حيدرآباد - پهريون ڇاپو ١٤٠٥هہ/١٩٨٥ع
(شاعر: تارو) - ص ٣٧٢
**گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر**
(٤٩) (مهتمر) شاهہ جو رسالو" (ٽن جلدن ۾)- شاهہ عبداللطيف
ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد - ڇاپو ٻيو
١٣٩٩هہ/١٩٧٩ع - (سر: ڪلياڻ) ص ٨٥
**انصاري، عثمان علي**
(٥٠) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد /ڄام شورو- ٻيو ڇاپو ١٤٠١هہ /١٩٨٢ع (هير
رانجها) ص-١١٥
(٥١) ايضاً - ص - ٣٢١
(٥٢) ايضاً - ص ٣١٤
(٥٣) ايضاً - ص ١٧١
**شاهواڻي، غلام محمد محمد ابراهيم**
(٥٤) (مؤلف) "رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عرف شاهہ جو
رسالو" آر - ايچ - احمد اينڊ برادرس بڪ سيلرس ۽ پبلشرس،
شاهي بازار، حيدرآباد سنڌ - ڇاپو ٻيو ٦٠-١٩٦١ع - ص ١١٧٥

انصاري، عثمان علي
(٥٥) (مرتب) "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" - سنڌي ادبي بورڊ،
حيدرآباد/ڄام شورو - ٻيو ڇاپو - ١٤٠١هه/١٩٨٢ع-ص ١١٤
طالب المولي، محمد زمان، مخدوم،
(٥٦) "ڇپر ۾ ڇڙيون" - مرڪزي بزم طالب المولي جو اشاعتي سلسلو
- ڇاپو پهريون ١٣٩١هه - ١٩٧١ع - ص ١٢٣
بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر
(٥٧) (مرتب) "ڪافيون" (جلد پهريون) - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
/ حيدرآباد - پهريون ڇاپو ١٤٠٥هه / ١٩٨٥ع (شاعر: مخدوم
علي احمد) ص - ٣٥٣
بدوي، لطف الله
(٥٨) "تذڪره لطفي" (ڀاڱو ٻيو) - ڇپائيندڙ - آر - ايچ - احمد اينڊ
برادرس، بوڪ سيلرس شاهي بازار حيدرآباد - (دفعو ٻيو
٦٧-١٩٦٨ع (شاعر: مراد فقير)- ص ٢٩٤
گيلاني، اظهر
(٥٩) "ڪليات ڪمال" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڇاپو ٻيو ١٩٩٩ع - ص ١٨٤
آريسر پانڌي
(٦٠) ذاتي مواد تان ورتل.
محمد صادق
(٦١) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.
چانڊيو حيدر خان
(٦٢) ذاتي سهيڙيل مواد تان ورتل.
جمالي، علي بخش، فقير
(٦٣) (مرتب) "درد علي شاهه" - آر - ايچ احمد اينڊ برادرس،
پبلشرس، بڪ سيلرس، شاهي بازار حيدرآبا سنڌ - دفعو پهريون
٦١-١٩٦٠ع - ص ٢

**پروچ حيدر**
(٦٤) ذاتي سھيڙيل مواد تان ورتل
**"گرامي"، غلام محمد**
(٦٥) (ايڊيٽر) "تماهي مهراڻ؛ شاعر نمبر ١٩٦٩ع"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - ١٩٦٩ع (شاعر، نظير تکڙائي) - ص ٦٩١
(٦٦) ايضاً - (شاعر ؛ عمر الدين بيدار) ص ٢٠٤
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٦٧) (مرتب) "تماهي - مهراڻ - سوانح نمبر ١٩٥٧ع"-سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (شاعر، ڪيهر فقير جمالي) ص ٣٦٢
**سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر**
(٦٨) "ڪليات شاهه محمد ديدڙ" سنڌي ادبي برڊ، حيدرآباد - پهريون ڇاپو ١٩٧٧ع - ص ٣٠
**بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر**
(٦٩) (مرتب) "تماهي - مهراڻ؛ سوانح نمبر ١٩٥٧ع" - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (شاعر، عبدالله خواب حيدرآبادي) - ص ٥٦١
**راڄڙ، فقير منثار**
(٧٠) "ڪلام منثار فقير راڄڙ؛ رسالو خدائي (١)" ناشر، سجاده نشين، درگاهه منثار فقير راڄڙ، ڪاٺي راڄڙ، تعلقو ڪپرو، سانگهڙ سنڌ- ٻيون ڇاپو- ١٩٩٩ع - ص ١٥١

# باب ثيون

# اٽپورا انگ

**اٽپورا انگ FRACTIONS**

ڪنهن به "اوڻي" يا "ڪٽل" انگ کي اٽپورو انگ چيو ويندو آهي. ان تان چوندا آهن چوٿو نه اوڻو ۱ (شل! رزق گهٽ نه ٿئي!) اڏيڪو انگ "اٽپورو انگ" چوائيندو آهي. چئمبرس، لغت ۾ اٽپور (FRACTION) جي معنيٰ، "ڪو ٽڪر يا ننڍڙو حصو، ڪنهن ايڪي يا بنيادي عدد جو ڀاڱو (انکي حساب Arithmetic)". (۱)

بنيادي طرح "انگ" مان مراد سڄو سارو / مڪمل انگ آهي؛ جيئن ته هڪ ڏينهن جي معنيٰ سڄو ڏينهن، مثال طور؛

ڪينجهر ۾ هت ڪالهه، سڄو ڏينهن شڪار هو.

(سُر: ڪنڌري - پير علي گوهر شاهه "اصغر") (۲)

**تقسيمي انگ؛**

ڪنهن به سڄي/ مڪمل شيءِ کي ڀاڱن ۾ ڀتين / حصن ۾ ورهايو ويندو آهي. مثال؛

**چوٿائي :** چوٿون حصو- "چوٿاڙ". اسم تڪبير "وڏو حصو"- مثال؛ مانيءَ جو چوٿاڙ

**چاڙڪي؛** ۱/۴؛ وال يا ميٽر ڪپڙي جو چوٿون حصو One Fourth.

**الــوڪ؛** ۱/۸ ؛ اٺون حصو/ اٺين پتي One-Eighth

**سوائي؛** $\frac{۱}{۴}$ سڄي جو چوٿون حصو/چوٿين پتي One-Fourth

**ٽيون حصو؛** ۱/۳؛ One Third

**اڌ؛** ۱/۲ ؛ هڪ ونڊيان ٻه / سڄي جو اڌ a half. (اڌ جو اسم تڪبير؛ "اڌڙ" يعني وڏو اڌ a big half)، مثال؛

مانيءَ جو اڌ، ملڪيت جو اڌ، پنڌ جو اڌ (اڌ مُفاصلو) وغيره.

**ڀاڪا، چوڻيون ۽ عاقلاڻا قول؛**

سنڌ جي تاريخ سان لاڳاپيل منظوم ڀاڪا

سڄو ڦِسي ڀڳا سومرا، اڌ ڦسي پيو لوڪ

جهيڻي ٻارڻ جهوڪ، نہ تہ ٻيئي، ليڙ ٻيائي لاٽون ڪري

(سُمنگ چارڻ) (٩)

**سمن حاڪمن** جو مداح/مڱڻهار، سُمنگ چارڻ، سومرن سردارن جي "پڪائيءَ" ڪي ڪنجوسائي سڏيندي، سندن ڪَوار / گلا ڪئي آهي. مٿيون بيت هڪ "ڪَوار" آهي.

**مروج سنڌي ڀاڪا**

ڀاڪا صدين جو سفر ڪندي، اسان تائين پهتا آهن. اهي ايترو ئي قديم آهن، جيترو اسان جي سنڌي ٻولي آهي. (موهن جي دڙي) جي حوالي سان، سنڌي پنج هزار سال آڳاٽي زبان آهي.

سنڌيءَ ۾ اڌورن انگن Fractions تي آڌاريل ڀاڪا ۽ چوڻيون ملن ٿيون جن ۾ انگن جو ڀرپور رنگ موجود آهي. ڪي مثال هن ريت آهن؛

**ساهتي؛** "ساهتي هڪ قديم پرڳڻو آهي جيڪو هن وقت گهڻو تڻو نوشهري فيروز ضلعي تي مشتمل آهي. ڪنهن زماني ۾، هڪ سهتو سردار نالي ڄام آهيو حڪومت ڪندو هو جنهن لاءِ چوندا هئا/ آهن؛

اڌ ۾ سڄي ساهتي، اڌ ۾ ڄام آهيو (چوڻي) (١٠)

**ڀاڪا ۽ چوڻيون**

(١) اڌ ڪي ڇڏي، جو سڄيءَ ڏي ڊوڙي، تنهن جو اڌ بہ وڃي تہ سڄي بہ (١١)

(٢) واٽ اڌ حڪيم آهي، ١٢- (علاج سان پرهيز ضروري آهي) (١٢)

(٣) اڌ خبر قاصد ڪي بہ هوندي آهي.

(٤) پراڻيون تواريخي جايون اڄ بہ اڌ - سلامت آهن (جملو)

(٥) خط اڌ ملاقات آهي (مثالي جملو)

(٦) ابو بہ ڍائو، ادو بہ ڍائو - اڌ ڪيم هيٺ، اڌ ڪيم مٿي! (١٣)

پني پني منگل ڇائو، تنهن ۾ بہ آڌ پرائو. (١۴)

اٿپوري مليل شيءِ تان ۽ جڏهن پنهنجي شيءِ ۾ ٻيو بہ دعوي ڪري تہ ٽوڪَ ڪندي ائين چئبو آهي.

- پيرن فقيرن ۽ درويشن جي دعائن سان پُٽ (نالو منگل) ڄائو. ان ۾ بہ اڌ حصي جي دعوي ٻيا ڪن. پيرن کان پني لڌو، تنهن ۾ بہ ٻين جو اَڌ! گهڻين سارين تڪليفن Supplications کان پوءِ ڪا شيءِ ملي ۽ پوءِ بہ انهيءَ ۾ ٻين جو "اڌ" حصو هجي تہ باقي ڇا بچيو؟!

سِڪ ٻَڌندي شيءِ تہ ملي پر ان ۾ ڪنهن نہ ڪنهن جي دعوي ٿئي تہ ائين چوندا آهن.

(۴) چورن مٿان مورَ پيا، اڌ ورهائي ڪٺي ويا (١۵)

(۵) جوا هارائڻ واري جو آڌ منهن ڪارو،

ڪٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو. (١٦)

جوا خراب عادتن مان آهي. انهيءَ تان چوندا آهن تہ "جواريءَ جي جوءِ بہ پرائي!" جواري هارائيندي پنهنجي زال کي گروي رکي بہ داءَ تي هڻندو آهي.

(٦) اڌ کي ڇڏي جو سڄيءَ پنيان ڊَڪي

تنهن کي سڄي تہ نہ ملي پر اڌ ڪاڻ سڪي (١٧)

(٧) اڌ کي ڇڏي جو سڄيءَ لئہ ڏوڙي،

سو اڌ تہ وڃائي پر سَڄي لئہ روئي (١٨)

- ڏوڙي، ڳولي

(٨) اڌ رات ٿي ڪڏ ۾ (١٩)

ڪم ڪوس مزدورن کان پڇيو ويو تہ جواب ۾ چيائون: اڌ رات تائين ڪڏ کوٽڻ جو ڪم پيا ڪريون، پر اصل ايترو ڪم ڪن ٿي نہ پيا- مالڪ ڪاوڙ ۾ چيو: اوهان جي تہ اڌ رات ٿي ڪڏ ۾َ (ناپسنديدگي جو اظهار لاءِ چوڻ) يعني وڃي ڪڏ ۾ پئو!

هجي / چورو چنو، مثال:
"اهو ٻار جنهن جو ٻيءُ مري ويو هجي ۽ ماءُ جيئري هجي؛ ٻيءُ مئي اڌ ڇورو، ماءُ مئي سڄو ڇورو" (٢۴)

**اڌ دم:** اڌ يا اڻپورو ساهه / لکڻ ۾ ڪم ايندڙ بيهڪ جي نشانين (Signs of punctuations) مان هڪ نشاني (؛) : سيمي ڪولن (Semicolon

**اڌ ڏڙ :** ڪانڇ / سلوار يا سٿڻ جو هڪ حصو / سلوار جي طاق جو اڌ، مثال: ٻه - ڏري (ٻن ڏرن واري) سلوار يا سٿڻ / ڪيس يا اجرڪ جو اڌ. "ملهه" (سنڌي راند مَلهه) جا پهلوان جن کي پڻ "ملهه" چئبو آهي سي قد بت آهر ڇٽن ڏرن جو سلوارون پائيندا آهن .

**اڌ رات:** منجهه رات/اڃا رات باقي هجي Odd Hours /Midnight اڃا رات پيئي هجي / بيگاهه بنگاهه مثال:
(١) اڌ رات گذري رهي آهي پر اڃا تائين نه آيو آهي. (جملو)
(٢) ايندو هُئين اڌ رات جو، ڪاهي ڪُره سوار
(سچل سرمست) (٢۵)
(٣) نِت ڏسان روز، رند ۾ راهون
اٿي اڌ رات جو، ڪيان آهُون
(شمس الدين "بلبل") (٢٦)

**اڌ رنگ:** اڌ رنگو / بيماري جنهن ۾ بدن جو اڌ حصو سُڪي پوندو آهي. فالج Palsy paralysis

**اڌ سير:** سير جو اڌ - پائونڊ جي برابر وزن

**اڌ طبيب:** ٽوٽڪائي حڪيم / ڪاٻڙوٽي حڪيم/ ڪوڙڄ / نيم حڪيم، عطائي ڊاڪٽر Quack

**اڌ ڪاٺ- اڌ لوهه:**
اڌ ڪاٺ جو، اڌ لوهه جو، جيڪو نه مڃي، سو پُٽ ڳوهه جو
(ڳجهارت پيٽي : ڏانتو) (٢٧)

**آڏ ڪَپال:** ڪپال: ڪپار / متو - اڏ مٿي جو سور
**اڏ ڪچو:** اڏ پڪل / اڌورو پڪل
**اڏ ڪوهه:** هڪ ميل جو پنڌ / ٿورو مفاصلو/ سَڏَ پند جو (جيستائين سَڏَ / آواز ٻُڌي سگهجي)، مثال:

نڪو ڪوهه نه اڏ ڪوهه، نڪو پير پري

(چنُنراءِ سامي) (٢٨)

**اڏ ڪوهي:** اڏ ڪوهه يعني هڪ ميل جو مفاصلو. مثال:

اڳيان اڏ ڪوهي تي، هڪ ڳوٺ ايندو جتي اوهان جي منزل آهي. (جملو)

**آڏ ڪي پتي:** ڪو حصو يا ڀاڱو واٽو (واٽڻ/ورهائڻ/حصا ڪرڻ)، مثال: ڪنهن جو اڏ ڪي پتي؟ (ٻئي جو هن ۾ ڇا؟)

**اڏ ڪڙ:** ڪنهن پتَ جو هڪ حصو يا پاسو.

**اڏ ڪَتي:** ڇڇري / دالان.

**اڏ گهڙي: گهڙي اڏ گهڙي:** ٿورڙو وقت / ساعت. مثال:

دنيا جا ڇهڇٽا ڇشڪا، ڇري هي اڏ گهڙي آهن.
مري آخر فنا ٿيندين، نه هوندو هت نشان تنهنجو !

(شاعر: مولوي عبدالمجيد) (٢٩)

**اڏ لک:** پنجاهه هزار/ڪورين (Weavers) جي ڪمار ۾ ڪم ايندڙ هڪ اوزار

**اڏ لکي:** چمڙي جي پتي جنهن تي حجام پاڪي لائي/گسائي، ان جي تيز ڌار (Blade) کي مانو ڪندا آهن.

**اڏ مانهو:** انساني معيار کان اڏ جيترو گهٽ / ماڻهپي کان نڪتل Sadly lacking in ettiquate (٢) بيماري يا وڏي عمر سبب ڪمزور/ نبل ٿيل/ لانجهو / پنگلو.

**اڏ ۾:** اڏ واٽ ۾/ منزل ڏانهن ويندي/ اڌوري مفاصلي تي/ اڏ مفاصلي تي، مثال:

(١) ٻڌي ايمان کي آخر، دوائن کي پيو پيٽو.
مگر اڏ ۾ ڇڏي حاذق به بيمارن کي رولي ويا.

(نثار بزمي) (٣٠)

